جيءُ جِياريو جِن
(شخصيتون)
ڊاڪٽر غلام رسول سومرو
پبليڪيشن

جيءُ جياريو جن

(شخصيتون)

ڊاڪٽر غلام رسول سومرو

2022ع

ڊجيٽل ايڊيشن

2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

Book No:141

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب :	جيءُ جياريو جِن
ليکڪ :	ڊاڪٽر غلام رسول سومرو
ڪمپوزنگ :	سعيد مرتضيٰ
لي آئوٽ :	ارشد سولنگي
ٽائيٽل :	زين ڪمپيوٽرس ڪراچي
ڳاڻيٽو :	پنج سئو
ڇاپو :	پهريون
مهينو، سال :	جنوري 2022ع
ڇپائيندڙ :	مرڪ پبلڪيشن ڪراچي
مُلهه :	450 رپيا

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com
2023

Published By: Murk Publication Karachi
Room No:305 /320 3rd Floor Sabir Manzil
Behind Gul Plaza, Marston Road Karachi
murk.publication@gmail.com
murtazalaghari64@gmail.com
Phone: 021-32772494
cell:03005182494

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:
مرڪ پبليڪيشن ڪراچي، ڪانياواڙ بڪ شاپ اردو بازار ڪراچي
ٿامس ڪتاب گهر ڪراچي، سمبارا ڪتاب گهر حيدرآباد،
دانيال ۽ رومي ڪتاب حيدرآباد، ڪنول ڪتاب گهر حيدرآباد
سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر، سنڌيڪا ڪتاب گهر لاڙڪاڻو،
رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، تهذيب بڪ اسٽور خيرپورميرس،
ٿر ڪتاب گهر مٺي، سليمان ڪتاب گهر نواب شاهه، عاجز منگي سانگهڙ

ارپنا

بي حد خلوص منجهان

پياري پروفيسر

ڊاڪٽر احسان ”دانش“ جي نانءِ

جيڪو نہ رڳو

منهنجي لکڻين کي

ڏيان سان پڙهندو آهي

پر پنهنجي ڏاهپ سان

انهن جي مقصد ۽ روح کي

سمجهندو بہ آهي.

پنهنجي تخليقن جي اشاعت

يا ٻين مختلف مرحلن ۾

جڏهن آئون ساڻس

مشورو ڪندو آهيان تہ

هو مون کي سهڻيون صلاحون ڏيندو آهي

هر قسم جو سهڪار ڪندو رهندو آهي.

سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناميارِي ليکڪ ڊاڪٽر غلام رسول سومرو جو لکيل ڪتاب ”جيءُ جياريو جن“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون.

ڊاڪٽر غلام رسول سومري زندگيءَ جي سفر ۾ جن به ماڻهن کان ڪجهه سِکيو آهي، متاثر ٿيو آهي يا جيڪي سندس مددگار رهيا آهن، انهن ماڻهن جي ڪٿا، تاريخ، ڳالهيون، سوانح، يادون، خاڪا، مضمون ۽ لکڻيون هن ڪتاب ۾ سمايل آهن. هن ڪتاب ۾ سندس عزيز، سندس دوست، سندس پرائمري کان يونيورسٽيءَ جا استاد، سندس رهنما، ادبي استاد ۽ ساٿي، ۽ مختلف سياسي يا سماجي شخصيتون تي لکيل مضمون شامل آهن. ڪتاب ۾ شامل شخصيتن سان گڏ انهن جي سياسي، سماجي، علمي،ادبي پسمنظر ۽ ڳالهيون به شامل آهن ته جدوجهد جا داستان به.

هي ڪتاب مُرڪ پبليڪيشن، ڪراچيءَ پاران 2022ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون غلام رسول سومري ۽ مرتضيٰ لغاريءَ جا جن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فهرست

- پبلشر نوٽ: مرتضيٰ لغاري 08
- مهاڳ:
  آنءُ نہ جيئندي اُن ريءَ: پروفيسر غلام حسين ڪٽپر 10
- ليکڪ پاران: ڊاڪٽر غلام رسول سومرو 31

جيءُ جياريو جِن

1. محمد برادي 38
2. وفا جو پيڪر، مامو بروهي 45
3. اسان جا محترم استاد 51
4. مولوي عبدالرشيد پيرزادو 56
5. استاد فيض محمد سيال 59
6. علم دوست، سوپراج گيانچنداڻي 63
7. پروفيسر غلام الله شيخ 67
8. پروفيسر عبدالمنان چانديو 76
9. پروفيسر عبدالله ”جاويد“ 79
10. پروفيسر ڊاڪٽر اياز حسين قادري 84
11. حاجي محمد عمر سومرو 95
12. ڊاڪٽر عبدالڪريم ٽنيو 104
13. پروفيسر ڊاڪٽر بشير احمد ”شاد“ 109
14. پروفيسر محمد يوسف شيخ 153
15. پروفيسر حسن اڪبر ڪمال 162
16. فضل الله ٽنيو 174
17. پروفيسر مولابخش پٿو 178
18. پروفيسر منور علي چانگ 185

19.	پروفيسر ڊاڪٽر محمد صالح سومرو	193
20.	مارڪسوادي سليم احمد خوجو	197
21.	مزدور رهنما صاحب خان شيخ	203
22.	پيارو دوست غلام مصطفيٰ بولاٽي	207
23.	دلبر دوست محمد يوسف لغاري	213
24.	خوابن جو صورتگر	219
25.	سماجي شخصيت لياقت علي راڄپر	221
26.	جمعي فقير جي مختصر جيون ڪٿا	227
27.	ڀڳڙن ڀوڄو ۽ دادا گجراتي	236
28.	محبت جا رشتا	230
29.	محمد حسن سولنگي (روندو)	246
30.	لاڙڪاڻي جي سماجي تاريخ جا امُلهه ڪردار: فجر علي ۽ بشير مسيحي	249
31.	هڪ دلبر ماڻهو خوشي محمد	252
32.	تعليم، تربيت، خيال ۽ تجربا	255

پبلشر نوٽ:

سنڌ روشن خيال ماڻهن جي ڌرتي آهي، سنڌ باشعور ماڻهن جي ڌرتي آهي، سنڌ عالمن، اڪابرن، اديبن ۽ دانشورن جي ڌرتي آهي، سنڌي ادب ۾ اڄ تائين اهڙا سوين نالا پيدا ٿيا، جن سنڌ ڌرتي جو ڪنڌ مٿاهون ڪيو، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي بقا لاءِ پاڻ پتوڙيو، اهڙن سينيئر دوستن منجهان، ڊاڪٽر غلام رسول سومرو هڪ آهي.

ڊاڪٽر غلام رسول سومرو ڪلٽو ملٽو، ڪڇهريءَ جو ڪوڏيو، اوطاقي، دوستن توڙي آيل مهمانن جو خود خدمتگار ۽ مانجهي مڙس آهي. لاڙڪاڻي کان ڪراچي، ڪراچيءَ کان ڪئناڊا تائين سندس سفر سنڌيت جو مثال آهي، توڙي جو هر ماڻهو مَشيني ۽ دنيا تڪڙي ٿي وئي آهي، ماڻهو ماڻهوءَ تائين پهچڻ کان وڌيڪ موبائيل ميسيج کي ترجيح ڏئي ٿو، پر اهڙا ماڻهو اڄ تائين دنيا جي جنهن بہ ڪُنڊ ۾ هجن، اُتي اوطاقون آباد رهن ٿيون، دوستن کي مانُ، مرتبو ملي ٿو، استادن کي عزت ۽ احترام ملي ٿو. ڊاڪٽر غلام رسول سومري جو ڪتاب: ”جيءُ جياريو جِن“ هڪ مثال آهي.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ جن جن ماڻهن کان ڪجهہ سکيو، اُنهن کي پنهنجي زندگيءَ جي ڪاميابين ۾ ڀاڱي ڀائيوار سمجهيو، (سندس چواڻي تہ مان اُنهن مانوارن دوستن ۽ رهبرن کي ڪڏهن بہ وساري نہ ٿو سگهان، جن مون کي ماڻهپو ڏنو) هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر غلام رسول سومري جا اُنهن اديبن دانشورن ۽ استادن تي لکيل خاڪا ۽ مضمون آهن، جن نہ رڳو ڊاڪٽر غلام رسول سومري کي اتساهہ ڏئي سگهارو بڻايو پر سنڌ ۾ علمي ادبي ادارن جي بقا لاءِ پڻ جدوجهد ڪئي.

ڊاڪٽر صاحب علمي ادبي شخصيتن تي نہ رڳو لکيو آهي، پر هڪڙا پوئٽريٽ ٺاهيا آهن. سندس لکڻي ۾ سُني رواني آهي، هن جو اسلوب نرالو آهي، هن نہ رڳو شخصيتن تي لکيو پر هن لکڻين

۾ اُن وقت جون حالتون ڇٽيون آهن ۽ منظر نگاري پيش ڪئي آهي. مان سمجهان ٿو هي هڪڙي تاريخ آهي، جيڪا ڊاڪٽر غلام رسول سومري سهيڙي، ۽ اداري پڙهندڙن تائين پهچائي آهي.

مهاڳ

آنءُ نہ جيئندي ان ريءَ

ستي سيج هياس، مون کي آهہ اتاريو،
جنين جاڳياس، آنءُ نہ جيئندي ان ري.

انسان ڪائنات ۾ واحد مخلوق آهي، جيڪو پنهنجي جيون کي سڦل بڻائڻ لاءِ هميشہ فطرت سان ڪڏهين جنگاڻ ۾ تہ ڪڏهين هم آهنگ رهيو آهي. هو پنهنجي عقل، تجربي ۽ مشاهدي جي بنياد تي پنهنجي حياتيءَ کي آسان ۽ ڪارگر بڻائڻ لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو آهي. ان جي نتيجي ۾ هو سائنسي عمل جنهن کي ارتقا جو نالو ڏنو ويو آهي، سندس ساٿ ۾ رهيو آهي. انسان اونداهي جهنگلي دور کان اڳتي وڌندو جبلن ۽ غارن واري حياتيءَ کي ڪراس ڪندو ڳوٺن ۽ شهري زندگيءَ ڏانهن پنهنجو سفر جاري رکيو آهي ۽ اهو سفر اڃا بہ جاري آهي. انسان پنهنجي ڄاڻ ۽ جستجو واري جبلت سبب ڪائنات ۾ موجود ٻين وجودن جهڙوڪ سج، چنڊ، ستارن، سيارن، طوفانن، زلزلن، سمونڊن جي تسخير جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. جهنگي جيوت واري دور ۾ وحشي جانورن جو ڀالي کان وٺي بندوق جي ايجاد تائين مقابلو ڪندو رهيو آهي. گذريل ڪجهہ صدين کان وٺي انسان ڪوجنائن جي ذريعي ڌرتيءَ کان تسخير ڪائنات ڏانهن وڌندو رهيو آهي.

انسان جي اهم ضرورت هئي تہ انسان پنهنجي عقلي ڪاوشن ۽ پنهنجي ڪوجنائن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري تہ جيئن هو پنهنجي عقلي ڄاڻ ۽ جدوجهد مان حاصل مطلب ڪو لاڀ حاصل ڪندو رهي. ان لاءِ هن لکت جو هنر ايجاد ڪيو. اها لکت ڀهريائين جانورن جي کلن، پٿرن ۽ وڻن جي پنن ۽ مٽيءَ جي ڦرهين تي ڪئي ويندي هئي. اڄ ڪلهہ جي ترقي يافتہ دور ۾ پنو لفظ جنهن

ڪي اسان ڪاغذ بہ چئون ٿا سو ان جي پنن جي باقيات آهي. اڄ ڪلھ جي ترقي بہ ڪتاب ۽ ڪتب خانن جي مرھون منت رھي آھي. ڏنو وڃي تہ سنڌو تهذيب، واديءِ نيل، دجلہ ۽ فرات جي سميري تهذيبن مان هٿ آيل مهرون ۽ باھہ ۾ پڪل مٽيءَ جون ڦرهيون بہ ڪتاب جي ابتدائي شڪل هيون. سنڌو تهذيب جي ماڳن موهن جو دڙو، هڙپا ۽ مهرڳڙهہ مان لڌل پٿر تي اڪريل تصويرون، لکت ۽ مهرون شروعاتي ڪتاب جي شڪل جا اهڃاڻ آهن. وادي دجلہ ۽ فرات جا رهواسي سميري نسل جا هئا، جن وٽان لکت واريون جيڪي مٽيءَ جو ڦرهيون مليون آهن اهي اوڀر وارن علائقن مان لڏپلاڻ ڪري اتي اچي آباد ٿيا، اهو اوڀر وارو علائقو سنڌو تهذيب وارو علائقو هيو ڇاڪاڻ تہ انهن جي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ واديءِ سنڌ جا واضح اهڃاڻ ملن ٿا. هو جنهن علائقي ۾ رهندا هئا، انهن جي ٻاڙن ڪي قدوم چوندا هئا جيڪو لفظ ڪڙم جو بگڙيل اچار آهي. وادي سنڌ جا ماڻهو ان (اناج) جي پوڄا ڪندا هئا يعني انو ديوتا جي پوڄا ڪندا هئا تنهن ڪري انهن لاءِ لفظ ”انس“ استعمال ڪيو ويندو هيو، يعني ان يا انو ديوتا جي پوڄا ڪندڙ. اڳتي هلي عربي ٻوليءَ ۾ اهو لفظ ”انس“ سڌريل انسان لاءِ ڪتب اچڻ لڳو. ”ار“ لفظ ”هر“ لفظ جو تبديل ٿيل اچار آهي، ڇو تہ سميري لوڪ ڪپڙو اُڻڻ ۽ زراعت کان واقف هئا، سميري لوڪن جي زوال کان پوءِ عڪادي نسل جي سامي باشندن انهن جي جاءِ والاري. تحقيق ۽ مطالعي جي روشني ۾ هن ڳالھ جي آڳهي ملي ٿي تہ باھہ ۾ پڪل لکت واريون ڦرهيون، ڪتاب جي منڍ واري شڪل سنڌو تهذيب جي پراڻن لوڪن سميرين جي ايجاد آهي.

هن وقت منهنجي سامهون ڊاڪٽر غلام رسول سومري صاحب جو ڪتاب ”جيءُ جياريو جن“ آهي، جنهن جو مهاڳ مان ڪتاب جي نالي جي مناسبت سان ”آنءُ نہ جيئندي ان ريءُ“ عنوان هيٺ لکيو آهي. ڊاڪٽر سومرو صاحب ”ليڪڪ پاران“ واري

پنهنجي عنوان ۾ لکي ٿو تہ ”سماج ۾ رهندي هر ذي شعور پنهنجي پر ۾ ڪنهن نہ ڪنهن انسان کان ضرور متاثر ٿئي ٿو، مان پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي سماج جي ڪيترين ئي شخصيتن ۽ ڪردارن کان متاثر رهيو آهيان. خاص طور تي جن زندگيءَ جي اوکي ٿوڙي سوکي ويل ۾ مون کي ڪنهن سڦلي دڳ لائي منهنجي حياتيءَ کي سنواريو آهي. زندگيءَ جي ڏکھي سفر ۾ ڪي اهڙا بہ سماجي ڪردار مون سان گڏيا جن پنهنجي چڱائي، ڀلائي ۽ بي عرضي جي مطلب سارو مون منجهہ سهڻا گڻ پيدا ڪري پنهنجو ڀاڳ نڀايو.“ ڊاڪٽر غلام رسول جي ڪتاب ”جيءُ جياريو جن“ جي ورقن کي اهڙن ڪردارن سونهن بخشي آهي. اهي ڪردار زندگيءَ جي هر پهلوءَ ۾ شامل هجڻ ڪري سندس لاءِ ضروري هو تہ انهن جي جيون جي سونهري پلن کي هن ڪتاب جي زينت بڻائي، ضروري ناهي تہ اهي ڪنهن سماج جي مٿاهين ڪلاس جا ماڻهو هجن.

هن ڪتاب ۾ سندس هم ڪلاسي، سندس استاد، دوست ۽ مختلف سماجي ڪردار شامل آهن، سندس ڪتاب جي فهرست ۾ پروفيسر عبدالمنان چانڊيو، پروفيسر غلام الله شيخ، پروفيسر ڊاڪٽر بشير احمد ”شاد“ کان ويندي مارڪس وادي دانشور سليم احمد خوجا، سوڀي گيانچندڻاڻي، مزدور اڳواڻ صاحب خان شيخ ۽ جمعو فقير ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن جن جي ساٿ ۾ سندس جيون جا پل گذريل آهن. ”جيءُ جياريو جن“ ڪتاب جي شخصيتن جي فهرست ۾ ڪافي اهڙا بہ محسن دوست آهن، جن سان مون پڻ حياتيءَ جون قيمتي گهڙيون گهاريون آهن. پروفيسر بشير احمد ”شاد“ ۽ پروفيسر غلام الله شيخ صاحب منهنجا ڪاليج جا ساٿي ۽ محسن رهيا آهن جن سان منهنجون ڄاڻ ۽ قرب ڀريون ڪچهريون رهيون آهن. پروفيسر غلام الله شيخ صاحب مون کي عمر خيام جي رباعين تي مشتمل ڪتاب گفٽ ڪيو هو جنهن ۾ رباعين جو اردو ۽ هندي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيل هو، پروفيسر محمد يوسف شيخ

صاحب سان لاڙڪاڻي جي ڪيڊٽ ڪاليج جي پرنسيپل شپ واري دور ۾ ملاقاتون ٿينديون هيون، بعد ۾ ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي جي گڏجاڻين ۾ ساٿ ۾ رهيا سون، هو سخت ڊسيپلين جو قائل هيو. هسٽاريڪل سوسائٽي جا سڀ ميمبر سندس احترام ڪندا هيا.

”جيءُ جياريو جن“ جي فهرست ۾ ڏنل ڪردارن مان ڪافي سارن دوستن سان ته منهنجو سڌي طرح ڄاڻ سڃاڻ ۽ دوستيءَ وارو ناتو هيو ۽ ڪن جي ڄاڻ سندن علمي حوالي سان ڪتابن مان ملي. پروفيسر مولا بخش پيٽو ۽ پروفيسر ڊاڪٽر محمد صالح سومري سان به منهنجي ڪافي شناسائي رهي. صاحب خان شيخ منهنجو ڳوٺاڻو نئين ديري جو رهواسي مزدور اڳواڻ آهي جيڪو نئين ديري جي شگر مل مزدور يونين جو عهديدار ۽ اڳواڻ رهي چڪو آهي، هو هن وقت رٽايرڊ لائيف پيو گذاري، پر ورچي ڪڏهين نه وينو آهي، هو نئين ديري جي ادبي، سياسي ۽ سماجي پليٽ فارمن تي پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهي ٿو. سموري زندگي مزدور يونين ۾ گذارڻ ڪري مزدور دوستي سندس جيون تي حاوي رهي آهي. هو هر سال مزدورن جو عالمي ڏينهن ”پهرين مئي“ باقاعدگيءَ سان تقريب جي صورت ۾ ملهائيندو رهي ٿو. پروفيسر عبدالمنان چانڊيو ڪافي وقت ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻي جو پرنسيپل رهيو، بعد ۾ پبلڪ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ پرنسپل جا فرائض انجام ڏنائين. هو نهايت عالم شخص هيو. پروفيسر اياز حسين قادري سنڌي ادبي سنگت جي شروعاتي لائق اڳواڻن مان هيو. سوڀو گيانچنداڻي پهريون سنڌي ماڻهو هيو جيڪو رابندر ناٿ ٽيگور طرفان قائم ڪيل ”شانتي نڪيتن“ ۾ تعليم پرائڻ ويو. اتي جڏهن سندس ملاقات ٽيگور سان ٿي ته ٽيگور ڪيس ميار ڏني ته توهان سنڌين اسان جي بنگالي آرڪيالاجسٽ اين ڪي معجمدار جا قاتل آهيو، ياد رهي ته معجمدار کي ڪاڇي جي ڪوهستاني ڦورن ان

علائقي ۾ تحقيق دوران ڦر جي خيال سان قتل ڪيو هو. بعد ۾ جڏهين ٽيگور سوپي گيانچنداڻيءَ سان وڏيڪ ڪچهريون ڪيون ته هو سوپي ڪان گهڻو متاثر ٿيو ۽ ڪيس "مين فرام موهن جو دڙو" سڏڻ لڳو.

ادب جي ڪيتر ۾ شخصيتن ۽ ڪردارن تي مشتمل تمام گهڻا ڪتاب لکيا ويا آهن، جن مان مائيڪل هارٽ جو ڪتاب "دنيا جا هڪ سو عظيم ماڻهو" جڳ مشهور آهي. ان ڪتاب ۾ پيغمبر اسلام حضرت محمد صلعم کي سرفهرست رکيو ويو آهي. ڪردارن ۽ شخصيتن تي مشتمل هڪ ٻيو ڪتاب "علم و دانش کے معمار" جيڪو احمد عقيل روبيءَ جو لکيل آهي، جنهن ۾ يوناني فلاسافرن، شاعرن هومر، سقراط، افلاطون، ارسطو، وربل، مائيڪل اينجلو، شيڪسپيئر، ميڪسم گورڪي، دوستيو فسڪي، لارڊ بائڊن، شيلي، جان ڪيٽس، وليم ورڊ ورٿ سميت ڪوڙ سارن عظيم ڪردارن جو ذڪر آهي..... هومر نالي ڇيو ويندو آهي هومر يونان آهي ۽ يونان هومر آهي. اهڙي طرح سارتر لاءِ به چيو ويندو آهي ته سارتر فرانس آهي ۽ فرانس سارتر آهي پر ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته سهڻو لطيف سنڌ آهي ۽ سنڌ لطيف آهي. شخصيتن ۽ ڪردارن جي حوالي سان محترم رسول بخش پليجي صاحب "تارخ تراشيندڙ (شخصيتون)" نالي سان ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ هن پڻ حضرت محمد صلعم کي پهرين نمبر تي رکيو آهي. ان سان گڏ ٻيون شخصيتون آهن چندر گپت موريا، ڪوٽليه چانڪيه، سنڌ جو سورهيه جينو واٽيو، مائوزي تنگ، ڪامريڊ عزيز سلام بخاري، فاضل راهو (صدين جي جدوجهد جونچوڙ)، مير علي بخش ٽالپر، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ ٻيا ڪافي ساڄاهه وند ڪردار آهن جيڪي ادب جي ميدان جا شهسوار آهن جن جي واڪاڻ سان ادبي داستان ڀريا پيا آهن.

جيتري تائين مون کي ياد پوي ٿو ته ڊاڪٽر غلام رسول سومري صاحب جو ”ضلعي لاڙڪاڻي جي ادبي تاريخ ورهاڱي کان اڳ“ پهريون ڇپيل ڪتاب هو، جيڪو سندس پي ايچ ڊي جي ڊگري لاءِ لکيل مقالو آهي. جيئن مشهور آهي ته انگليند کي سمجهڻ لاءِ شيڪسپيئر کي پڙهو، هندستان کي سمجهڻ لاءِ ڪاليداس کي پڙهو ۽ سنڌ کي سمجهڻ لاءِ لطيف سرڪار کي پڙهو، تيئن چئي سگهجي ٿو ته لاڙڪاڻي کي سمجهڻ لاءِ ڊاڪٽر غلام رسول سومرو جو ڪتاب ”ضلعي لاڙڪاڻي جي ادبي تاريخ ورهاڱي کان اڳ“ پڙهڻ گهرجي.

ڊاڪٽر غلام رسول سومري صاحب جو ڪتاب ”سنڌوءَ جي ڪناري ساروڻيون“ سندس ساروڻين تي مشتمل ڪتاب آهي. اها حقيقت آهي ته زرخيز ذهنن ۽ تهذيبن درياهن جي ڪنارن تي ئي جنم ورتو آهي. لاڙڪاڻي سان ته اها حقيقت بلڪل نهڪي ٿي اچي، ڇوته لاڙڪاڻي مٺان تهذيب جو سج تابناڪ ٿي رهيو آهي. موهن جو دڙو ان تهذيب جو سرواڻ رهيو آهي. ڊاڪٽر صاحب جي ڪتاب جو نالو ”سنڌوءَ ڪناري ساروڻيون“ جڏهين اسان جي ذهن ۾ اچي ٿو ته اسان جي تصور ۾ وادي ڪيلاش کان وٺي مانسرور ڍنڍ کان وٺي ڪاروڇاڻ تائين سنڌوءَ جون جنت الفردوس جهڙيون ٻئي ڪنڌيون اچي ٿيون وڃن. ڪتاب ”سنڌوءَ جي ڪناري ساروڻيون“ سنڌوءَ جي ساراهه سان ٿمٿار آ. ابن حنيف پنهنجي ڪتاب ”سات دريائون کي سرزمين“ ۾ ٻڌائي ٿو ته سنڌو تهذيب پنج لک چورس ميلن ۾ پکڙيل هئي. افغانستان ۾ بدخشان جي پرسان هڪ اهڙو قديمي ماڳ لڌو ويو آهي جيڪو سنڌو تهذيب جو آئنه دار آهي. ان ماڳ جي ليجڻ کان پوءِ سنڌو تهذيب جون حدون اجا گهڻو وڌي ويون آهن. ڪتاب ”سنڌوءَ ڪناري ساروڻيون“ ۾ سنڌوءَ جي ساراهه ۾ ڇيل رگ ويد جا شلوڪ ٻه ڏنل آهن. مذهبي ڪتاب رگ ويد ۾ سنڌوءَ جي ساراهه ۾ ٻٽيهه دفعا ذڪر آيو آهي جڏهن ته گنگا جو نالو صرف

هڪ دفعو آيو آهي. سومري صاحب پنهنجي ڪتاب ”سنڌوءَ ڪناري ساروڻيون“ ۾ لاڙڪاڻي جي سماجي تاريخ سان گڏ جڙ ته جاگرافيائي وضاحت به پيش ڪئي آهي. هن ڪتاب ڪي سومري صاحب جي آتم ڪٿا پلي ڪڻي نه چئجي پر سندس جيون ڪٿا ضرور آهي.سندس لکڻ جو انداز ڪٿي به اڻ ڇتو ۽ جهڪو نظر نه ٿو اچي، سندس ساروڻين ۾ سنڌو درياهه ۽ گهاڙ واهه چانيل نظر ٿو اچي. ڪيس سنڌوءَ ۽ گهاڙ واهه سان بي انداز محبت ٿي ڏيکارجي. حافظ شيرازيءَ کي عراق، عرب ۽ هندستان جي حڪمرانن سندن دربار ۾ اچڻ جي آڇ ڪئي، جنهن تي حافظ شيرازي جواب ڏنو ته پنهنجي ڳوٺ جي فرحت بخش هوا ۽ رڪناباد جي پاڻيءَ جون دلفريب لهرون مون کي پنهنجو وطن ڇڏڻ جي اجازت نه ٿيون ڏين. سومري صاحب جو سنڌوءَ جي مست ڇولين ۽ گهاڙ واهه جي ڪنارن تي آباد باغن سان ساڳيو انس نظر ٿو اچي.

ڊاڪٽر غلام رسول سومري صاحب جو هڪ ٻيو ڪتاب ”ڳالهيون ڪئناڊا جي وڻ وٽڪار جون“ جي عنوان هيٺ 2021ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هي ڪتاب ڊاڪٽر سومري جو ڪئناڊا جو سفرنامو آهي. سفرناما دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۽ وسيع معلومات جو ذريعي رهيا آهن، ڇوته پيشيور سياح جتي به پنهنجي وک رکندا آهن اتان جي سموري معلومات قلم بند ڪندا آهن. دنيا ۾ جن ماڻهن جا سفر ناما مشهور ٿيا، اهي آهن فاهيان، يانگ سوانگ، ابن وضلان، ابن بطوطا، البيروني، مارڪو پولو، هيرو ڊولٽس وغيره جن پنهنجي سفرنامن کي ڪتابي شڪل ڏني ۽ انهن سفرنامن جي صورت ۾ دنيا جي ملڪن، بادشاهن، ريتن رسمن ۽ تعليمي ادارن جي ڄاڻ پڙهندڙن ڏانهن اماڻي. سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻي ۾ گهڻا سفرناما الطاف شيخ صاحب جا آهن، شايد ڪنهين به ٻوليءَ ۾ هڪڙي ماڻهوءَ جا ايترا سفرناما نه ملندا جيترا الطاف شيخ صاحب جا آهن. ڊاڪٽر

سومري جي هن ڪتاب ۾ ڏنل ۽ فهرست جي عنوانن جي ذريعي ڇڻ ته پڙهندڙن کي ڪئناڊا جو مشاهدو ڪرايو آهي.

انسان جو جيون ٻه جهد البقا جو هڪ عجيب پليٽ فارم رهيو آهي. هو ماضيءَ تي نظر رکندي، حال مان گذرندي مستقبل ڏانهن روان دوان رهيو آهي. ان صورتحال ۾ انسان جا ساٿي ۽ مددگار حال ۽ ماضيءَ جا ڪردار رهيا آهن. انسان نه صرف پنهنجي پر سنگت ساٿ جي تجربن ۽ يادگيرين مان گهڻو ڪجهه پرائيندو رهيو آهي. انسان جو ذهن تجربن ۽ يادگيرين جو پندار رهيو آهي جتي انسان وٽ لکيت ۽ ڪتاب جي سهوليت موجود نه هئي، اتي ڪردارن ۽ يادگيرين جي ڄاڻ جو ذريعو پِٽَ، پان ۽ چارڻ هوندا هيا. سنڌ ۾ ٻه آڳاٽي دورن ۾ ڪردارن جي ڄاڻ، ڏاهپ، بهادري ۽ پيار پريل قصن جو ذريعو اهي پٽ، پان ۽ چارڻ ئي هيا. اڄوڪي ترقي پذير دور ۾ ڪوڙ سارا ماڻهو اهڙا آهن جن پنهنجي ساٿ ۾ رهندڙ ڪردارن جي جيون ڪٿا قلمبند ڪري ايندڙ نسل جي ڄاڻ لاءِ ڇڏي آهي. ان لاءِ گهڻ ۾ گهڻ سائين جي ايم سيد جي ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“ جو مثال ڏيڻ ڪافي آهي. منهنجي سامهون اهڙو ئي ڪردارن جي يادگيرين تي مشتمل ڪتاب ”جيءُ جياريو جن“ آهي، جنهن جو ليکڪ ڊاڪٽر غلام رسول سومرو صاحب آهي. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر غلام رسول سومري صاحب جن ماڻهن سان پنهنجو جنب گذاريو آ، جن مان ڪي پنهنجي زندگي جو سفر پورو ڪري پنهنجي مالڪ سان وڃي مليا آهن ۽ ڪي اڃا پنهنجي حياتيءَ جو سفر جاري رکيو پيا اچن، انهن سيني جون يادگيريون ۽ انهن شخصيتن جا احوال هن ڪتاب ۾ ڪنا ڪيل آهن. ڊاڪٽر سومري صاحب جو ”جيءُ جياريو جن“ چوٿون ڪتاب آهي. جيئن ته منهنجي نظر مان سندس سڀ ڪتابَ گذريا آهن، جن جو آئون مختصر طور مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان، ان ڪري مان چئي سگهان ٿو ته ڊاڪٽر سومري صاحب جي زندگي سنڌو درياءَ ۽ ان مان نڪرندڙ هڪ

قدرتي ڦات ”گهاڙواه“ جي هنج ۾ گذري آهي ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي حياتي درياهن جي ڪنارن تي گذاريندا آهن، انهن جا ذهن فطرت جي ويجهون هوندا آهن.

اهو ئي سبب آهي جو ڊاڪٽر غلام رسول سومري جي سيني ڪتابن ۾ ٻولي ۽ لهجو فطرت جي قريب، سادو ۽ رسيلو استعمال ٿيل آهي، جنهن ۾ ڪا به بناوت نہ آهي ۽ سندس لکڻين جي لفظن ۽ جملن مان سنڌي ٻوليءَ جو حسن پيو بکي ٿو. هن جي ٻوليءَ ۾ ڀهراڙيءَ واري لهجي جي خوشبو بہ محسوس ٿئي ٿي. ڀهراڙيءَ جي ٻوليءَ ۾ نجپڻو ۽ اصليت هوندي آهي ۽ شهرن جي ٻولي ملاوت ۽ بگاڙ جو شڪار هوندي آهي.

ڊاڪٽر غلام رسول صاحب سان پل تہ منهنجي ڪا روبرو ڪچهري نہ بہ ٿيل هجي، پر سندس لکڻين جي اسلوب مان سندس شخصيت جي جهلڪ پسجي ٿي وڃي. انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي تہ: A man is known from his company يعني ”ماڻهوءَ کي ان جي سنگت مان سڃاتو ويندو آهي.“

فارسيءَ ۾ بہ چوڻي آهي تہ:

کند هم جنس باهم جنس پرواز،
کبوتر با کبوتر باز با باز.

يعني ”ماڻهو پنهنجي ڪردار سان مطابقت رکندڙ ماڻهن سان ئي گڏ رهي سگهندو آهي.“

ڊاڪٽر غلام رسول سومرو ڪتاب ”جيءُ جياريو جن“ ۾ پنهنجي صحبت ۽ سات ۾ رهندڙ ماڻهن جو ذڪر ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر سومري صاحب مختلف طبقن جي ماڻهن جو ذڪر ڪيو آهي. جيئن تہ هو پاڻ استاد پيشي سان لاڳاپيل هيو، تنهن ڪري ڪتاب جي فهرست ۾ گهڻو تعداد استاد پيشي سان لاڳاپيل ماڻهن جو تذڪرو آهي. انهن کان سواءِ سندس حلقي ۾ هاري، مزدور، حجم، ڌوٻي، موچي پڻ رهيا آهن. ڪتاب ”جيءُ جياريو جن“

۾ ليکڪ جن ڪردار جو ذڪر ڪيو آهي انهن جي سماجي حيثيت کي نظرانداز ڪندي هن صرف انهن ڪردارن جي انساني گڻن ۽ سٺن لڇڻن کي ساراهيو آهي. ان جو مقصد به اهو ئي آهي ته سماج جا هي ڏتڙيل طبقي جا ماڻهو به پنهنجي ڪرت، فن ۽ ڏاهپ سان سماج کي ڪيتري نه سگهه بخشين ٿا. ڪتاب ”جيءُ جياري جن“ جي فهرست ۾ لڳ ڀڳ ٻٽيهن ڪردارن جو ذڪر ٿيل آهي.

فهرست ۾ هڪ ڪردار ماما بروهي آهي جيڪو هڪ محنت ڪش، پيرين اگهاڙو گهمڻ وارو سخت جان ماڻهو آهي، ڪنهن کي مجال ناهي جو سندس پير ۾ چيچي سگهي. ٻيو ڪردار آهي محمد برادي جيڪو لطيف سائينءَ جو شيدائي آهي. ان جي باري ۾ سومرو صاحب لکي ٿو ته مان ڪانئس لطيف سائينءَ جي بيتن جي تشريح ۽ ڄاڻ حاصل ڪندو هيس. اهڙي طرح هن ڪتاب ۾ تمام گهڻن اهڙن ڪردار جو به ذڪر آهي، جيڪي عالمانه صلاحيتن جي ڪري سٺي شهرت جا مالڪ رهيا آهن. ڊاڪٽر غلام رسول سومري صاحب پنهنجي استادن کي به هن ڪتاب جي سونهن بڻايو آهي. سائين عبدالمنان چانڊيو، سائين ولي محمد پيٽي ۽ سائين غلام الله شيخ متعلق لکي ٿو ته هو ڦهرياڻين ميونسپل هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ ٽيچر هيا، جيڪي اڳتي هلي ڪاليجن ۾ پروفيسر جي عهدي تي فائز ٿيا. سائين ولي محمد پيٽي آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو استاد مقرر ٿيو. هو ڪاليج ۾ پنهنجي ڪوٽ جي کيسي جي مٿان گلاب جو گل لڳائيندو هيو، جيڪا ڳالهه سندس سڃاڻ بڻجي وئي هئي. هو 1969ع ڌاري ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ انگريزيءَ جو ليڪچرار هيو، ان وقت به پنهنجي ڪوٽ جي کيسي مٿان گلاب جو گل لڳائي ايندو هيو، سندس انگريزيءَ جو لهجو سنڌيءَ وارو هيو. پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ مٿس فالج جو حملو ٿيو جنهن ڪري سندس هڪ ڄنگهه ۽ ٻانهن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو بعد ۾

هو معذوريءَ واري حياتي گذارڻ لڳو، پنهنجي صحتمنديءَ واري دور ۾ هو انگريزي جو مشهور استاد ليکيو ويندو هيو.

ڊاڪٽر غلام رسول صاحب پنهنجي ٻئي استاد سائين غلام الله شيخ جو به مانائتو ذڪر ڪيو آهي. هو ڊاڪٽر بشير احمد شاد، محمد يوسف شيخ صاحب ۽ پاڻ متعلق لکي ٿو ته اسان سائين غلام الله شيخ کان وقت وٺي، ان وٽ وڃي ڪانئس ڪجهه نه ڪجهه پرائي ايندا هئاسون. هو لکي ٿو ته "فطرت سان پيار جي سمجهه اسان کي سائين غلام الله شيخ صاحب جن ڏني." شيخ صاحب ڪجهه وقت ڪامرس ڪاليج ۾ به انگريزيءَ جو استاد رهيو، هو سُر سنگيت جو ماهر، اسٽيج ڊرامن جو فنڪار ۽ بهترين ڳائڻو به هيو. هو آخر ۾ ڊگري بوائز ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ به انگريزيءَ جو استاد رهيو. هو انگريزي، عربي، فارسي ٻولين جو به ڄاڻو هيو، هو اصل ۾ قمبر جي ڪنهن ڀهراڙيءَ جي ڳوٺ جو رهائشي هيو ۽ لاڙڪاڻي پنهنجي والدين سان لڏي آيو هو. رٽائر ٿيڻ کانپوءِ هو گهڻي وقت کان ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهي. ڊاڪٽر سومري صاحب سندس خاڪو نهايت دلپزير انداز ۾ لکيو آهي.

ڊاڪٽر غلام رسول سومري صاحب پنهنجي ڪتاب "جيءُ جيارو جِن ۾" ڪاليج ۽ هاءِ اسڪول جي استادن سان گڏ پرائمري اسڪول جي استادن جو به ذڪر ڪيو آهي. سندس هڪ پرائمري اسڪول جو استاد مولوي عبدالرشيد پيرزادو هيو، جنهن جو اصل ڳوٺ دودو سنهڙي هيو. هو 1953ع ڌاري علي گوهر آباد واري مسلم پرائمري اسڪول جو هيڊ ماستر هيو. هو سياست ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ وارا خيال رکندو هيو ۽ جميعت علماءِ هند ديوبند وارو نظريو رکندو هيو. ڊاڪٽر غلام رسول چوي ٿو ته "1965ع ڌاري معمول مطابق سائين غلام الله شيخ، بشير احمد پناڻ، محمد يوسف شيخ ۽ مان ڪيفي المدينه تي شام جو چانهه پيئڻ ويندا هياسون ته اتي سائين عبدالرشيد سان به ملاقات ٿيندي رهندي هئي."

پنهنجي هڪ ٻئي استاد فيض محمد سيال متعلق هو لکي ٿو ته ”سائين فيض محمد سيال سان گڏ ان وقت جا ٻيا به استاد اهڙا ئي هيا، جيڪي پنهنجي شاگردن جي ڪردار سازي ڪندا هيا. فيض محمد سيال جي سياست ۾ وڏي دلچسپي هوندي هئي. هو جمعيت علماءِ هند جي سياسي تحريڪن ۽ سرگرمين سان سلهاڙيل هيو ۽ ان سان گڏ هو سماجي ڪمن ۾ به حصو وٺندو هيو. اسان ڪيس شهر ۾ جتي به ڏسندا هياسيون ته ڪيس پيرن تي هٿ رکي ملندا هياسيون.“ هي پنهنجي دور جا مثالي استاد هيا جيڪي نه صرف ٻارن جي ڪورس جي ڪمن ۾ رهبري ڪندا هيا پر شاگردن جي اخلاق سازيءَ تي توجهه ڏيندا هيا، جنهن ڪري سندن جيڪي شاگرد هيا اهي سڀ استادن جي تربيت جي ڪري سلجهيل ۽ با ڪردار بڻجي ويندا هيا. ان ڪري اڄ به اسان ڪي اهي استاد ياد رهندا آهن. اڄ ڪلهه اسان ڪي اهڙا استاد ڳولهيا به نه ٿا ملن ان ڪري ئي والٽيئر جو قول ياد پوندو آهي ته:

“Give me a teacher, I shall given you a nation”

يعني ”مون کي بهتر استاد ڏيو مان توهان کي بهتر قوم ڏيندس“.

ڊاڪٽر غلام رسول سومرو هن ڪتاب ۾ هڪ جاءِ تي لکي ٿو ته ”سندس زندگيءَ کي چئن ماڻهن جي صحبت سنواريو ۽ علمي ادبي شعور بخشيو، سي هئا پروفيسر غلام الله شيخ، پروفيسر اياز حسين قادري، پروفيسر عبدالله جاويد ۽ پروفيسر عبدالمنان چانديو. انهن ماڻهن جي صحبت مون کي ايترو ته متاثر ڪيو جو اڌ صدي گذرڻ باوجود ڪين وساري نه سگهيو آهيان.“ ڊاڪٽر صاحب ٻڌائي ٿو ته پروفيسر عبدالمنان چانديو 1960ع ڌاري لاڙڪاڻي ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ اسان کي انگريزي پڙهائيندو هيو، سندس انگريزي ادب ۽ اڪانامڪس ۾ پوسٽ گريجوئيشن ٿيل هئي. منان صاحب جو مطالعو ايترو ته وسيع هيو جو سڄو وقت فلسفيانه

گفتگو ڪندو هيو. ڊاڪٽر سومرو صاحب لکي ٿو ”جڏهين اسان جي اسٽڊي سرڪل جون گڏجاڻيون جناح باغ ۾ ٿينديون هيون جن ۾ سائين غلام الله شيخ سان ملڻ لاءِ سائين عبدالمنان چانڊيو به شريڪ ٿيندو هيو ۽ اسان سان پنهنجي ڄاڻ ۽ ويچار ونڊيندو هيو. اڳتي هلي عبدالمنان صاحب آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻي جو پرنسيپال ٿيو، ان وقت به محمد يوسف شيخ، بشير احمد شاد ۽ مان گڏجي وٽانئس ڪجهه سکڻ لاءِ ويندا هئاسون، سندس ڄاڻ جو ذخيرو گهڻو وسيع هوندو هيو، ڪيس انگريزي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ وڏي مهارت حاصل هيس. هو گهڻ پاسائي صلاحيتن جو مالڪ هيو، سندس شمار بهترين استاد بهترين منتظم ۽ عالمن ۾ رهندو پيو اچي. رٽائر ٿيڻ کان بعد ۾ هن پبلڪ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ پرنسيپل طور خدمتون سرانجام ڏنائين.“

ڊاڪٽر غلام رسول سومرو، پروفيسر اياز حسين قادريءَ بابت لکندي ٻڌائي ٿو ته ”مان جڏهين ڪراچيءَ پهتس ته منهنجي علمي، ادبي ۽ اخلاقي استداد وڌائڻ ۾ پروفيسر اياز حسين قادري صاحب وڏي مدد ڪئي. ان دوران دهلي ڪاليج جي پروفيسر حسن اڪبر جي معرفت مان پاڪستان رائٽرز گلڊ جو ميمبر ٿيس، جنهن دوران جميل الدين عالي، جناب سرشار صديقي، نسيم دراني ۽ مسٽر طارق امرائو اميد فاصليءَ سان ملاقاتون ٿيون. سنڌي اديب ۽ عالم اياز قادري، نواز علي شوق ۽ فهميده ميمڻ پڻ رائٽرز گلڊ جا ميمبر هيا. ڊاڪٽر سومرو لکي ٿو ته مان ايم فل جي موضوع تي لاڙڪاڻي جي تاريخ تي پنهنجو ڪم مڪمل ڪيو ۽ مان ساڳئي موضوع کي سائين اياز قادريءَ جي مشوري سان پي ايچ ڊيءَ لاءِ رجسٽرڊ ڪرائي ڇڏيو، جنهن لاءِ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سينڊيڪيٽ کان منظوري ورتي.“ قادري صاحب ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ سٽت ئي شاهه عبداللطيف چيئر جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو.

ڊاڪٽر غلام رسول سومري پنهنجي هن ڪتاب ۾ انهن شخصيتن جو ذڪر بہ آندو آهي، جن جي صحبت جا مٿس گهرا اثر پيا. هو ٻڌائي ٿو تہ زندگيءَ ۾ جن ماڻهن مون ڪي گهڻو متاثر ڪيو انهن مان هڪ اردوءَ جو ترقي پسند شاعر پروفيسر عبدالله جاويد بہ هيو. هو ذهني لحاظ کان جيترو بلند هيو، اوترو پاڻ کي ظاهر نہ ڪندو هيو. هندستان ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران هو ڪميونسٽ خيالن جي حلقي ۾ شامل رهيو. هو لاڙڪاڻي جي ترقي پسند دانشور جمال الدين بخاريءَ جي گهڻي تعريف ڪندو هيو. لاڙڪاڻي وارو ڊاڪٽر امان الله سومرو سندس سنڌو هيو جو سندس شادي ڊاڪٽر امان الله سومري جي ساليءَ سان ٿيل هيس. هو هيو تہ ڪميونسٽ اڳواڻ پر رٽائرمينٽ کان پوءِ گهڻو تبديل ٿي ويو هيو. اسان جا پوءِ بہ ساڻس لاڳاپا برقرار رهيا، سندس گهر واري ڊاڪٽر شهناز هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر هئي، هوءَ اسان جي فيملي ڊاڪٽر هئي هو اڄ ڪلهہ پنهنجي ڪٽنب سميت ڪئناڊا ۾ رهي ٿو، پر خبر ناهي تہ حال حيات بہ آهي يا نہ؟

ڊاڪٽر غلام رسول جتي پنهنجي استادن ۽ ڪليگ پروفيسر صاحبان جو ذڪر ڪيو آهي، اتي هن پنهنجي پورهيت اڳواڻ دوست صاحب خان شيخ کي بہ اهم حيثيت ڏئي ياد ڪيو آهي. صاحب خان شيخ سان زندگيءَ جي سفر جون ڳالهيون ٻڌائيندي چوي ٿو تہ ”صاحب خان شيخ سان مزدور اڳواڻ جي حيثيت ۾ مختلف ماڻهن کي مختلف ٽيڪسٽائل ملز ۾ روزگار سان لڳايو.“ ڊاڪٽر سومرو صاحب ٻڌائي ٿو تہ لاڙڪاڻي سمال انڊسٽري جي ڪپڙي جي ڪارخانن ۾ صاحب خان شيخ ۽ اسان يونائيٽيڊ ليبر يونين جو بنياد وڌو. ان مزدور يونين ۾ صاحب خان شيخ سندس شاگرد ٿي ڪم ڪيو. صاحب خان شيخ صرف بہ چار درجا سنڌي مس پڙهيل هيو، ٿوري گهڻي انگريزي سکڻ لاءِ مان کيس بہ ڪتاب ريڊر ۽ پرائيم وٺي ڏنا، کيس پڙهڻ سيکاريو.

ڊاڪٽر غلام رسول ٻڌائي ٿو ته ڪيس جڏهين خبر پئي ته صاحب خان شيخ لاڙڪاڻي شگر ملز مزدور يونين جي صدارت سنڀائي آهي ته مان خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نه ٿي ماپيس. هو ٻڌائي ٿو ته مان جڏهن ليڪچرار ٿيس ته مزدور يونين کي صاحب خان شيخ ئي سنڀاليو، صاحب خان شيخ بهترين مقرر به آهي ۽ هو راولپنڊيءَ جي لياقت باغ ۾ جوش خطابت جو مظاهرو ڪري آيو آهي. صاحب خان شيخ هن وقت رٽائرمينٽ واري زندگي نئين ديري ۾ گذاري رهيو آهي، سندس ذهن ۾ پورهيت اڄ به زنده ۽ سلامت آهي.

ڊاڪٽر غلام رسول سومري لاڙڪاڻي جي ڪردارن جو ذڪر ڪندي شهر جي مشهور ڪردار ڏاهي جمعي فقير جو به ذڪر ڪيو آهي، سندس ڏاهپ ڀري گفتگوءَ جي ڪري ڪيس لاڙڪاڻي جو ”وتايو فقير“ سڏيو ويندو آهي. هو سدائين گڏهه تي سوار ٿي گهمندو هو. اهو گڏهه ڄڻ سندس زندگيءَ جو حصو بڻجي ويو هو. گڏهه جي سواريءَ وقت هو پنهنجا پير هٽراڏو نهيل رڪاب تي رکندو هيو، سندس پويان ڪتن جي لوڏ به ڪڍ هوندي هيس جن کي هو گوشت مارڪيٽ مان ڇيڇڙا هٿ ڪري کارائيندو هيو تنهن ڪري ڪتا به کاڌي جي لالچ ڪري سندس پچر نه ڇڏيندا هئا. هو اکين ۾ سرمو ايترو ته گهڻو پائيندو هيو جو لڳندو هو ته ڄڻ ڏوڙن سان سرمو پائيندو هجي. جمعو فقير جوانيءَ ۾ حجامڪو ڪم ڪندو هيو تنهن ڪري اڪثر ماڻهو ڪيس حجم ئي سمجهندا هئا، پر ذات جو سومرو هيو ۽ قمبر جو وينل هيو، جتان لڏي اچي لاڙڪاڻي ۾ وينو. مسٽر ذوالفقار علي قادري (قمبر وارو) هن جون ڪافي ڏاهپ ڀريون ڳالهيون قلمبند ڪيون آهن، جمعو فقير سندس ڳوٺائي هيو. سندس گفتا معنيٰ ۽ رمز ڀريل هوندا هئا. ڊاڪٽر سومرو صاحب پنهنجي هن ڪتاب ۾ لکي ٿو ”جمن فقير پنهنجي مزاج ۾ هڪ حسن پرست جيئڙو هيو، لڳي ٿو ته جوانيءَ ۾ ڪنهن جي مٽان دل هاري ڪا چوٽ کائي چڪو هيو.“ اڳتي لکي ٿو ته:

”1965-70ع واري زماني ۾ جنهن وقت اسان جي بہ ڦوهہ جواني هئي، مون جمعي فقير کي ٻيجل واري سريلي ساز واري انداز ۾ سهڻن، خوبرو جوانن اڳيان جادوگري سان پريل گفتن ۾ کين چوندي ٻڌو تہ: ”رب ڏسئي تو..... مٺان بينو اٿئي... بس خيال ڪري هل.“

جناب ذوالفقار علي ڀٽو صاحب بہ جمعي فقير سان سنگت رکڻ جي خواهش ظاهر ڪئي، ڀٽي صاحب کي ڪنهن ماڻهو ٻڌايو تہ شهر ۾ گڏهہ تي گهمندڙ هڪ فقير جا گفتا ٻڌڻ وٽان آهن. ڀٽي صاحب چيو تہ ان کي المرتضيٰ هائوس گهرايو. جڏهن ماڻهن جمعي فقير کي ٻڌايو تہ توکي ڀٽي صاحب گهرايو آهي تہ چڙ ۾ چيائين تہ ”مان ڪو ڀٽي صاحب جو نوڪر آهيان ڇا؟ وڃي چئوس تہ مان نہ ايندس.“ اها ڳالهہ ٻڌي ڀٽو صاحب پاڻ وٽس ڪئنيڊي مارڪيٽ وٽ ملڻ آيو، ڀٽي صاحب کيس چيو تہ ”مان تو وٽ حاضري ڀرڻ لاءِ آيو آهيان،“ تنهن تي جمعي فقير کيس چيو تہ ”ابا مان ڪهڙو ماستر آهيان جو مان وٽ حاضري ڀرڻ آيو آهين.“ ڀٽي کيس چيو تہ ”ڀلا دوستي رکئون،“ جمعي فقير کيس چيو تہ ”دوستي رکڻ سولي آ پر نڀائڻ ڏاڍي ڏکي آ.“ ان کان پوءِ ڀٽي صاحب ۽ جمعي فقير جي پاڻ ۾ دوستي جُڙي.

ڀٽو صاحب وزيراعظم ٿيڻ کانپوءِ جمعي فقير سان مليو ۽ کيس چيو تہ ”جمعا فقير دعا ڪر“، تنهن تي جمعي فقير کيس چيو تہ ”وزيراعظم ٿيڻ کانپوءِ بہ جي خوش ناهين تہ ڀلا هڪڙو ڪم ڪيون تون مان وارو گڏهہ سنڀالي جمعو تي وڃ ۽ مان وري ڀٽو ٿو بڻجان.“ ڀٽي صاحب چيس ”منظور آ مون کي ڏي پنهنجو گڏهہ.“ ان وقت ڀٽي صاحب سان ڪافي وزير، مشير ۽ اعليٰ سرڪاري عملدار موجود هئا. جمعي فقير انهن ڏي نهاري چيس ”نہ ابا مان پنهنجو گڏهہ ڪونہ ڏيندس. ڀٽا صاحب! هن جهڙا تہ تو وٽ اڳي ئي جام بيٺا آهن، تون ڀهريائين انهن کي سنڀال.“ ان تي ڀٽي صاحب کلي ڏنو ۽

وزيرن، ڪامورن جا منهن لهي ويا. چون ٿا ته جمعي فقير پنهنجي حياتيءَ جا آخري ڏينهن هڪ قبرستان ۾ گذاريا ۽ پنهنجي زندگيءَ جا باقي ڏهاڙا هن اتي ئي پورا ڪيا.

ڊاڪٽر غلام رسول سومري پنهنجي ڪتاب ”جيءُ جياريو جن“ ۾ لاڙڪاڻي جي مهان ڪردار سوڀي گيانچنداڻي جو به احوال لکيو آهي. سوڀي گيانچنداڻيءَ جو عملي رول هن ننڍي ڪنڊ جي ورهاڱي کان ٿورو اڳ ۽ ٿورو بعد ۾ وڏي اهميت وارو رهيو آهي. سوڀو گيانچنداڻي ان ڪميونسٽ پارٽيءَ جي يونٽ بيورو جو ميمبر هيو جنهن کي ڪامريڊ سجاد ظهير پاڪستان ۾ اچي آرگنائز ڪيو. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو ته ”جيئن ته سوڀي گيانچنداڻيءَ جي لائبريري ۾ انهن اديبن عالمن ۽ شاعرن جو علمي ادبي سرمايو موجود آ، جيڪي ورهاڱي وقت سنڌ مان لڏپلاڻ ڪري ڀارت هليا ويا ۽ ڪافي علمي سرمايو پاڻ سان گڏ کڻي ويا. ان مان مستفيض ٿيڻ لاءِ مان پنهنجي دوست ڊاڪٽر بشير احمد شاد کي گذارش ڪئي ته مونکي سوڀي گيانچنداڻي سان ملاقات ڪرڻي آ، پروگرام ٺاهيو ته ساڍس ملئون، ٻئي ڏينهن تي اسان ٻئي سوڀي گيانچنداڻيءَ جي گهر پهتاسين. اسان جڏهين سوڀي صاحب جي گهر پهتاسين تي اتي اسان جي سوڀي گيانچنداڻيءَ جي پاءُ آڌرڀاءُ ڪئي، اسان کيس اچڻ جو سبب ٻڌايو، سوڀو گيانچنداڻي به ايتري ۾ اسان وٽ آيو جنهن اسان کي صبحاڻي شام جو اچڻ جو وقت ڏنو. ٻئي ڏينهن اسان پروگرام موجب سندس گهر پهتاسين، هو پنهنجي لائبريريءَ مان ڀارت لڏي ويل سنڌي اديبن، عالمن ۽ شاعرن جا ڪتاب ڪڍي ڏيکاريندو ڪٽ تي رکندو ويو. گنگارام سمراٽ جو ”قديم سنڌ جي تاريخ“ منهنجي هٿ ۾ ڏيندي چيائين، هي ڪتاب لاڙڪاڻي جي اوائلي تاريخ لکڻ ۾ توهان جو مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. مون کي احساس آهي ته گيانچنداڻيءَ صاحب ڪيڏو نه وڏو عالم، مفڪر، مقرر ۽ اديب آهي هو سخاوت جو مظاهرو ڪري مون کي فيض پيو

پهچائي. هن ويهارو کن ڪتاب منهنجي هٿ ۾ ڏنا، جيڪي سمورا منهنجي ڪم جا هئا. مون سوڀي صاحب کي چيو ته مون کي هنن ڪتابن جا ڪجھ حصا فوٽو اسٽيٽ ڪرائڻا پوندا، هن فراخدليءَ جو مظاهرو ڪندي مونکي اها اجازت ڏني.“

ڊاڪٽر غلام رسول سومرو ٻڌائي ٿو ته سوڀو گيانچنداڻي لاڙڪاڻي جي علمي، ادبي آسمان جو وهائو تارو هيو، سندس قدر و منزلت جا قائل پوري پارت ۾ پاڪستان ۾ موجود آهن. هو ٻڌائي ٿو ته هڪ ڀيري پارت کان ڪيفي اعظمي ۽ ٻيا ڪميونسٽ مڪتبہ فڪر جا عالم، اديب ۽ شاعر پاڪستان ۾ آيل هئا، ڪراچي پريس ڪلب جي سامهون واري عمارت جي ٻئي فلور تي ترقي پسند سوچ رکندڙ اديبن جو هڪ مذاڪراتي پروگرام رکيل هو، ڊاڪٽر سومرو ٻڌائي ٿو ته هو پڻ اُتي موجود هيو، جتي سندس ملاقات پروفيسر مسلم شميم سان ٿي. ان تقريب ۾ سوڀي گيانچنداڻيءَ جي شرڪت هڪ مقرر جي حيثيت سان ٿي هئي. ڊاڪٽر سومرو ٻڌائي ٿو ته مان گهڻن عالمن، اديبن کي ٻڌو آ پر هن تقريب ۾ ننڍي ڪنڊ جي ريڊيڪل خيالن جي عالمن جي سامهون سوڀي گيانچنداڻي صاحب جي خيالن جو اظهار ٻڌي منهنجي خوشيءَ جي حد نہ رهي ۽ فخر محسوس ڪيو ته لاڙڪاڻي واسي سنڌ جي ننڍي ڳوٺ ”ٻنديءَ“ ڄائو ڪيڏن نہ وڏن خيالن جو مالڪ آ.

ڊاڪٽر غلام رسول سومري جي ڪتاب ”جيءُ جياريو جن“ ۾ جن ٻہ ڪردارن جو ذڪر آهي، سي سڀ ئي واقعي جيءُ جياريندڙ آهن، پر پوءِ بہ جي ڪڏهين ڪتاب جي ڪردارن تي پيٽائتي نظر وجهبي تہ ان ڪتاب جي فهرست ۾ اسان کي هڪ اهڙو ڪردار ملندو جيڪو ادبي ۽ علمي لحاظ کان اسان کي سيني کان مٿانهين جڳهہ تي بيٺل نظر ايندو ۽ اهو ڪردار آهي ”ڊاڪٽر بشير احمد شاد“. جيڪڏهين ڏسجي تہ جيءَ کي جيارڻ لاءِ اهو هڪڙو ئي

ڪردار بہ ڪافي لڳندو. ڪتاب جي ليکڪ ڊاڪٽر بشير احمد شاد جو ذڪر هنن لفظن سان شروع ڪيو آهي:

”ڊاڪٽر بشير احمد شاد ٻين دوستن جو پلي دوست هجي پر منهنجو پيارو ڀاءُ آهي.“ سومرو صاحب ٻڌائي ٿو تہ بشير احمد شاد جو اباڻو ڳوٺ شڪارپور آهي، جتان لڏي اچي هو لاڙڪاڻي ۾ وينا. ڊاڪٽر غلام رسول جي سنگت شاد صاحب سان ٻالڪپڻي کان ئي شروع ٿي. سومرو صاحب چوي ٿو تہ روايت جي ابتڙ مان بشير احمد شاد صاحب کي سندس زندگيءَ ۾ ئي مڃتا ۽ خراج تحسين پيش ڪيو آهي. سومرو صاحب لکي ٿو تہ بشير احمد شاد سان دوستيءَ کان اڳ مان ڪيس پنهنجي پاڙي ۾ ايندي ويندي ڏسندو هيس، ساڻس پهرين ملاقات ميونسپل هاءِ اسڪول جي ڊرائنگ هال ۾ ٿي، اسڪول ۾ پڙهڻ واري عمر جي دوران اسان يعني مان، بشير احمد شاد ۽ محمد يوسف شيخ، سائين غلام الله شيخ جي رهنمائيءَ ۾ اسٽڊي سرڪل قائم ڪيو هو. 68-1970ع واري زماني ۾ بشير احمد شاد هڪ پڪي پختي شاعر، مضمون نگار ۽ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ گهڻو متحرڪ هو. هو سنڌي ۽ اردو اخبارن ۾ پنهنجا مقالا، مضمون ۽ شاعري شايع ڪرائيندو رهندو هو. 1970ع واري زماني ۾ جڏهين هو ايم اي پاس ڪري چڪو هو تہ مون کي ٻڌائيندو هيو تہ اردو ۽ سنڌيءَ ۾ منهنجا پنج سئو کن مضمون شايع ٿي چڪا آهن، شعرو شاعري ان کان الڳ هئي. سچل ادبي مرڪز جي قيام بعد بشير احمد شاد سڄي سنڌ ۾ هڪ اديب ۽ شاعر جي حيثيت سان مشهور ٿي چڪو هو. لاڙڪاڻي ۾ سچل ادبي مرڪز جي قيام کان پوءِ اٽڪل 30 سال جي عرصي ۾ بشير احمد شاد پنهنجي شهر لاڙڪاڻي کي هڪ شاندار ادبي ماحول فراهم ڪيو آهي.

ڊاڪٽر بشير احمد شاد جي جاکوڙي ۽ محنتي سڀاءَ جي نتيجي ۾ هن جي ساٿين ۽ اولاد کان ادب جي کيتر ۾ قابل فخر

ڪم ٿيا آهن. 1985ع ۾ ريلوي ريسٽ هائوس جي باغيچي ۾ سندس نگراني ۾ منعقد ٿيل ”ڪل سنڌ ادبي ڪانفرنس“ جمعيت الشعراءِ لاڙڪاڻي جي ڪانفرنسن جون سڪون پئي لاٿيون. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت جي سفر ۾ منهنجو بشير احمد شاد سان پراڻو ساٿ رهيو آهي. هن وقت ٻاهٺ سالن جي اسان جي دوستي اهڙي ڊارا ۾ وڃي داخل ٿي آهي جو اسان سيئي ٻارين ٻچين هڪ ٻئي جي گهر جا ڀاتي ٿي ويا آهيون. رب سائين کيس انيڪ نعمتن سان گڏ پاڻ جهڙي اولاد سان نوازيو آهي. سندس پٽ ڊاڪٽر احسان دانش جي ڪمري ۾ وڃڻ ٿيندو آهي ته اها ڳالهه سمجهه ۾ ايندي آهي ته هڪ عالم جي پوک ۽ فصل ڇا ٿيندو آهي. ڪمري جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪتاب ئي ڪتاب ڏسڻ ۾ ايندا آهن. بشير احمد شاد جو گهر ڄڻ ته هڪ باغيچو لڳندو آهي جنهن ۾ سندس اولاد مان هر قسم جي گلن جو واس ايندو آهي. ڊاڪٽر احسان دانش ۽ رضوان گل پنهنجي والد محترم جيان ڪاليج ۾ پروفيسر آهن ۽ اهي ٻه هن وقت سڄي سنڌ ۾ پنهنجي علمي ۽ ادبي حيثيت ڃاهي چڪا آهن. شاد فيمليءَ جهڙيون سنواريل فيمليون سنڌ ۾ ورلي ئي ملنديون. ڊاڪٽر بشير احمد شاد جي اولاد ٻه سندس نقش قدم تي پوريءَ ريت عمل پيرا آهي. اهڙو مثال گهٽ ملندو جو گهر جو وڏو ٻه پروفيسر سندس اولاد مان پٽ ٻه اديب، عالم، شاعر ۽ جج مطلب ته سڄو ڪٽنب علمي، ادبي، ماحول ۾ رنگيل هجي.

ڊاڪٽر بشير احمد شاد سنڌي ادب ۾ هڪ وڏي حيثيت جو مالڪ آهي. هن جو خاص طور سنڌي تحقيقي اب ۽ لطيفيات ۾ وڏو ڪم آهي. هن جي ڇپيل ڪتابن جو انگ 20 آهي. خاص طور تي شاهه عبداللطيف جي مختلف سُرن تي سندس مختلف ڪتابن ۾ لاتعداد مقالا ۽ مضمون ڇپيل آهن. ڊاڪٽر شاد خاڪا نگاريءَ ۾ ٻه طبع آزمائي ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ هڪ ڪتاب ”منجهان منهنجي روح“ ڇپائي واري مرحلي ۾ آهي. بشير احمد شاد پنهنجي جيون

ڪتا ”جيون ساگر“ جي عنوان سان لکي رهيو آهي. سندس ٻيا ٻه ڪتاب، ”اقباليات جا سو سال“ ۽ ”اورنگزيب عالمگير جي حياتيءَ جا نوان رخ“ جيڪي سندس ترجمو ٿيل آهن ڇپائيءَ جا منتظر آهن. ڊاڪٽر غلام رسول سومري جي ڪتاب ”جيءُ جياريو جن“ ۾ ڊاڪٽر بشير احمد شاد تي سڄا سرا چاليهه صفحا لکيل آهن، منهنجي نظر ۾ سڄي ڪتاب تي ڊاڪٽر بشير احمد شاد جي زندگيءَ ۽ حاصلات تي ڊاڪٽر غلام رسول گهڻي عرق ريزي ڪئي آهي ۽ پنهنجي ميجتا جو اظهار ڪيو آهي. جنهن مان لڳي ٿو ته ڊاڪٽر غلام رسول سومري صاحب ڇڻ ته ڊاڪٽر شاد جي مختصر ادبي جيون ڪتا ئي لکي آهي. ان جي باوجود شاد صاحب جي ادبي جيون ڪتا ڪي رڳو ايترن صفحن ۾ نه ٿو لکي سگهجي.

هن ڪتاب ”جيءُ جياريو جن“ جا ڪوڙ سارا اهڙا اُملهه ڪردار به آهن جيڪي منهنجي زير قلم نه اچي سگهيا آهن ۽ اهي منهنجي قلم جا محتاج به نه ٿا ٿي سگهن ڇو ته اهي ڪردار به پنهنجي فيلڊ ۾ ڪونه ڪو مقام رکن ٿا. مان ڊاڪٽر غلام رسول سومري صاحب کي هن اهم ڪتاب لکڻ تي دلي طور مبارڪون پيش ڪريان ٿو ۽ اميد ڪريان ٿو ته سندس هي ڪتاب خاڪانگاري جي سلسلي ۾سنڌي ادب جي اهم ڪتابن ۾ جاءِ والاريندو.

پروفيسر غلام حسين ڪٽپر

نئون ديرو

ليڪ پاران

سماج ۾ رهندي هر ذي شعور پنهنجي پر ۾ ڪنهن نہ ڪنهن انسان ڪان ضرور متاثر ٿئي ٿو، مان پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي سماج جي ڪيترين ئي شخصيتن ۽ ڪردارن کان متاثر رهيو آهيان. خاص طور تي جن زندگيءَ جي اوکي توڙي سوکي ويل ۾ مون کي ڪنهن سڦلي ڏڳ لائي منهنجي حياتيءَ کي سنواريو آهي. زندگيءَ جي ڏگهي سفر ۾ ڪي اهڙا بہ سماجي ڪردار مون سان گڏيا جن پنهنجي چڱائي، ڀلائي ۽ بي عرضي جي ملطب سارو مون منجهہ سهڻا گڻ پيدا ڪري پنهنجو ڀاڱ نڀايو. اها منهنجي خوش نصيبي جو اهڙا سماجي ڪردار مون کي زندگيءَ جي هر حصي ۽ هر موڙ تي مليا.

ٻالڪپڻي جا دوست، پاڙي واسي، الله راسي، پنهنجا ۽ پراوا سڀ ڀلا ماڻهو ان سٽ ۾ شامل آهن، سماج ۾ ساهہ کڻندي جيئن جيئن منهنجي ڄمار وڌندي وئي تيئن تيئن اهڙي سماج سڌارڪ ماڻهن ۾ ويو اضافو ٿيندو. ماءُ پيءُ جو عملي زندگيءَ ۾ جيڪو عمل دخل رهي ٿو ان ۾ بي مثال محبت سان گڏ ڪردار سازي ۽ شخصيت سازي جي معاملي ۾ عملي وديت، لدني ۽ روحاني فيضيابي پڻ مون سان شامل حال رهي. اهڙي فيضيابي هر خوشنصيب ٻار کي قدرتي طور حصي ۾ ملي ٿي، ماءُ ۽ پيءُ کان پوءِ اسڪول کان ويندي يونيورسٽي تائين اهڙي قسم جي نظر ڪرم دوستن ۽ استادن کان پڻ ملي ٿي. ٻار جڏهن شاگرد جي حيثيت سان مڪتب يا اسڪول ۾ داخل ٿئي ٿو تہ ڪتابي علم جي حصول سان گڏ هن جو تربيتي ۽ عملي سکيا جو دور بہ جاري رهي ٿو. زندگيءَ جي اهڙي موڙ تي اهڙي سموري عمل ۾ جنهن کي آئون شخصيت سازي ۽ ڪردار سازي جي زمري ۾ ليکيان ٿو،

تنهن ۾ استادن جو ڪردار بجا طور نمايان ۽ اهميت جو حامل رهي ٿو. مان پاڻ ڪي اهڙن ڀاڳوندن شاگردن ۾ تصور ڪريان ٿو جن ڪي اسڪول کان وٺندي يونيورسٽيءَ جي سطح جي تعليم تائين اهڙن استادن جو ساٿ مليو جن وٽان ڪتابي عملي ۽ سکيا سان گڏ مون کي سماجي ۽ روحاني رمزن جي پڻ آگاهي ملي.

ماءُ پيءُ، دوستن، استادن ۽ معاشري ۾ ٻين ماڻڪ مٽيادار ماڻهن کان مون کي محبت ۽ علم جيڪو حاصل ٿيو تنهن جو ذڪر خير مون پنهنجي ڪتاب ”جيءُ جياريو جن“ ۾ ڪيو آهي. مذڪوره ڪتاب ۾ علم، ادب جي لحاظ کان مون جن شخصيتن جي ڪردار کي عنوانن هيٺ آندو آهي. تنهن مان ڪي ڪردار سماجي زندگي جي اهم شعبن سان تعلق ۾ رهيا آهن. پنهنجي رت جي رشتن، دوستن ۽ استادن کان سواءِ زماني جي عام رواجي ڪردارن کي پڻ ڪتاب جي عنوانن ۾ شامل ڪيو آهي، جيڪي ٻنهه اڻ پڙهيل آهن پر بحيثيت انسان جي انهن جا قدم حب انسان ۽ انسانيت جي معراج جي ڏاڪن تي ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

منهنجي هن ڪتاب ”جيءُ جياريو جِن“ جي ورقن ۾ هڪ ڪردار ”وفا جو پيڪر مامو بروهي“ آهي جنهن جي زندگي جي ڪيترن ئي پاسن کي پسي ڏسي مون هن کي پٿر جي دور جو انسان تصور ڪيو آهي. پٿر جي دور جي انهن آڳاٽن انسانن ۾ اظهار، انساني انس، محبت ۽ وفا شعاري جا ڳڻ ڪيتري قدر مربوط هئا تنهن جي باري ۾ وثوق سان ڪجهه چئي نٿو سگهجي پر منهنجي هن سڳن مامن جهڙي مامي بروهي جي من ۾ انساني محبت ۽ وفا شعاري جا لڇڻ مٽن منهن پريل هئا. هو پنهنجي انهن ارفع گڻن مان روزانو اسان گهر جي ڀاتين کي نوازيندو رهندو هو. مامي بروهي کي مون پنهنجي ڪتاب ۾ پٿر جي دور جو انسان ان ڪري ڄاڻايو آهي جو هن ۾ ڪي خاصيتون انهن جهڙيون موجود هيون، جيئن ڪي هن پيرن ۾ ڪڏهن به بوٽ ڪونه پاتو، سندس

پيرن ۾ رڳو ڪنديءَ ۽ ٻٻر جا ڪنڊا چڀي سگهندا هئا پر ڪانديرن جا ڪنڊا ۽ هلڪيون سلڪيون چيتيون، پٽر جهڙن سخت پيرن جي اڳيان غير موثر هونديون هيون، ٻيو وري گهر ۾ پڪل ٻوڙ جي جاءِ تي گهر ۾ ٻچيل گوشت ۽ مڇي جا ڪنڊا ۽ هڏا شوق سان رڙڪي ويندو هو. ٽيون وري هو پنهنجي زندگيءَ ۾ بس يا ريل تي ڪڏهن نه چڙهيو، پنهنجي پيرن سان ملڻ شهداد ڪوٽ ۽ قمبر ويندو هو يا پنهنجي پاءُ سان باقراڻي لڳ ڳوٺ حيدر بروهي ۾ گڏجاڻيون ڪرڻ ويندو هو ته پاڻ سان رڳو رڪا ڊوڙا پچرائي انگوڇي ۾ ٻڌي پنڌ روانو ٿي ويندو هو، چوٿون وري هن وٽ قسمين قسمين جي ڊزائين جون ڪهاڙيون هڙ ۾ ٻڌل هونديون هيون جيڪي اسان جي گهر جي هڪ ڇپٽي تي رکندو هو. ڪهو جي ڳنن جي هڪ ڀري به پاڻ سان سنڀالي رکندو هو. دراصل هو هئو ڪهاڙين جو واپاري، مون کي هن جا اهي سمورا پرڪار پٿر جي دور جي اهڃاڻ مثل لڳندا هئا.

هن ڪتاب ۾ مون پنهنجي سماج جي اهڙن ڪردارن کي نمايان طور سامهون آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جن جا روزي روٽي جي حصول ۾ هٿ پير ميرا مٽي هٽان تي پون ٿا، جيئن ڪيتي سر سيتي وارو پورهيو ڪندڙ ڪامي ڪڙمي، ڇهڙا چمار، ماشڪي، ڌوٻي ۽ حجام وغيره جن کي اسان جي سماج جا ڪي ماڻهو ڪلائي نگاهه سان ڏسن ٿا. پنهنجي ڪٽن روين جي ڪري وري ڪي ماڻهو انهن کي پنهنجي پر ۾ ويهارڻ به پسند نه ڪندا آهن. سماج جي اهڙن منفي روين جي ابتڙ اهڙن ماڻهن جي ڪم ڪرت کي هڪ پاسي رکي مون پنهنجي سوچ پٽاندر اهڙن ڪردارن منجهه موجود انسانيت وارن گڻن ۽ سٺن لڇڻن کي پسي نه رڳو انهن کي ساراهيو آهي پر انهن ۾ موجود انسانيت وارن خوبين کي پڻ پڌري پانت اجاگر ڪيو آهي.

اسان پنهنجيون اکيون کولي ڏسون ته سماج جا اهي ڏتڙيل طبقي جا ماڻهو پنهنجي محنت، ڪِرت، فن، اداڪاري ۽ ڏاهپ سان نه رڳو سماج کي جياپي جي سگهه بخشين ٿا پر اهي املهه انسان اسان کي وندر، خوشي ۽ دلي آسودگي جهڙو خزانو بخشين ٿا. منهنجي نظر ۾ هڪ ليکڪ کي ان سماج ۾ جنهن ۾ هو ساهه پساهه کڻي ٿو، تنهن جي سماجي زندگي ۽ سماجي روين کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پنهنجي قلم ۽ قرطاس ذريعي آگاهي ڏيڻ کپي.

لکڻ جي لحاظ کان منهنجو پهريون ڪتاب ”لاڙڪاڻي جي ادبي تاريخ، ورهاڱي کان اڳ“ آهي جيڪو علم، ادب ۽ ان سان لاڳاپيل ادبي ۽ سماجي شخصيتن جو هڪ ڊگهو اڀياس پيش ڪري ٿو. منهنجو ٻيو ڪتاب ”سنڌوءَ ڪناري ساروڻيون“ آهي جنهن ۾ مون پنهنجي جيون ڪٿا ۾ سماج جي ڪيترن ئي اهم عنوانن ۽ انهن ۾ پيش ڪيل مثالي ڪردارن سان گڏوگڏ سماجي ۽ ثقافتي تاريخ جي ڪن جهتن ۽ پاسن کي نروار ڪرڻ جي هڪ نماڻي ڪوشش ڪئي آهي. مون پنهنجي نئين ڪتاب ”ڳالهيون ڪئناڊا جي ون وڻڪار جون“ ۾ ڪئناڊا جي تفريحي هنڌن ۽ دل وندرائڻ وارين ڳالهين سان گڏ ڪئناڊا جي باشندن جي سماجي زندگي ۽ انهن جي سماجي روين کي ڪيترن عنوانن ۾ پيش ڪيو آهي. احقر جو هي چوٿون ڪتاب ”جيءُ جياريو جن“ آهي، جيڪو اوهان جي مطالعي هيٺ آهي، تنهن ۾ مون پنهنجي سماج جي ڪن اهم شخيتن جي اهم ڪردارن کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ پنهنجي زندگيءَ ۾ ويجهو ايندڙ شخصيتن جن سان منهنجو رت جو رشتو پڻ رهيو آهي، ان سان گڏ ٻيا اهي شخص شامل آهن جن سان منهنجا ويجها سماجي ٻنڌڻ به آهن، سي منهنجي زندگيءَ کي سنوارڻ ۽ ان کي ڪارآمد بڻائڻ ۾ منهنجا ساٿي ۽ مددگار رهيا آهن تن کي مون هن ڪتاب جي عنوانن جي ڪينواس تي آڻيندي انهن جي لازوال ڪردار کي سماج جي ساڃاهه وندن جي مطالعي لاءِ پيش ڪيو آهي.

هنن سِٽن هيٺ آئون ڪتاب ”جيءُ جياريو جن“ جي هڪ ڳوڻاٽي ڪردار جي واکاڻ ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو جيڪو سنه 1893ع ڏاري ڳوٺ وارث ڳنڀير خيرپور رياست ۾ ڄائو هو، هي مڙس مٿير پنهنجي چئن ٻارن سان زمين تي ڪڙمت ڪري پنهنجي پريوار جي پالنا ڪندو هو. سندس زندگيءَ جا پڇاڙي وارا ڏينهن سکر ۾ گذريا. هن کي پنهنجي جواني واري زماني ۾ شاهه عبداللطيف ۽ سرڪار لطيف جي بيتن سان عشق هو. هو منهنجو نانو محمد برادي هو. مان جڏهن ٻه سکر ويندو هوس تڏهن ساڻس منهنجيون جيڪي رهاڻيون ٿينديون هيون تن ۾ هو مون کي سرڪار لطيف سائين جي بيتن انهن جي معنائن ۽ انهن جي ارفع ۽ روحاني رمزن جي آگاهي سان نوازيندو رهندو هو، مرڻ گهڙيءَ تائين هو مون سان اهڙا وڙ ڪندو رهيو. اڄ ٻه اسان جي سماج ۾ اهڙا مٿيادار ڪردار موجود آهن جن جي صحبت ۾ رهي اسان هنن کان پنهنجي زندگي کي سڦل بڻائڻ لاءِ گهڻو ڪجهه پرائي سگهون ٿا.

تحرير جي سلسلي ۾ ڪاغذ ۽ قلم جو ڪم وجي ٿو گهٽبو، پنهنجي يادگيري جي بنياد تي مون جيڪي ڪتاب تحرير ڪيا آهن، سي سمارٽ فون ۽ ٽيبليٽ تي لکيا آهن. انهن تحرين جا پرنٽ آئوٽ ڪڍي ڏيڻ ۾ مون سان پٽن جو ساٿ رهيو آهي، پرنٽس جي مواد کي ڪتابي شڪل ڏيڻ ۾ عنوانن توڙي ادبي، علمي خيالن جي سوڌ سنوار، ڪتاب جي ٽائيٽل ۽ بيڪ ٽائيٽل ڪور جي سلسلي ۾ تجويزن جي سمورن مرحلن ۾ لاڙڪاڻي جي معروف ادبي ۽ علمي اداري سچل ادبي مرڪز جي روح روان لطيف ايوارڊ ماٽيندڙ ڊاڪٽر بشير احمد ”شاد“ ۽ سچل ادبي مرڪز جي مانواري اديب، عالم ۽ لطيف شناس ڊاڪٽر احسان ”دانش“ جو وک وک تي مون ساٿ رهيو آهي. ان ڏس ۾ خاص طور ٿورائتو آهيان پياري دوست پروفيسر غلام حسين ڪٿپر صاحب جو جنهن پنهنجو قميتي وقت

ڏئي هن ڪتاب جو مهاڳ لکي نظر ڪرم ڪيو آهي. ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل ڪور تحرير ڪري ڏيڻ ۾ مانواري شاعر، اديب ۽ محقق ڊاڪٽر رياضت برڙي جو پڻ احسان مند آهيان، جنهن پنهنجي سهڻن لفظن سان ان کي سينگاريو آهي. ٿورا ياد رهندا محترم نوجوان دوست، مرڪ پبليڪيشن جي روح رواڻ محترم مرتضيٰ لغاريءَ جا جنهن خاص ڌيان ڏئي هن ڪتاب کي سهڻي نموني شايع ڪيو آهي.

ڊاڪٽر غلام رسول سومرو

جيءَ
جياريو
جن

محمد برادي

1910ع ڌاري ڳوٺ وارث ڳنڀير ۾ مختلف ذاتين جي ماڻهن جا ڪچا پڪا ٽيهارو ڪن گهر هئا، وچ ڳوٺ ۾ مائي ڪوڙي سندس مڙس محمد برادي ۽ پنج ٻار رهندا هئا. ڀهراڙي جي هن گهراڻي جو گذر سفر زمين جي چئن ٻارن جي اپت ۽ آمدني تي ٿيندو هو پر ڳوٺ ۾ اسڪول نه هجڻ ڪري محمد برادي ۽ مائي ڪوڙي کي پنهنجي ٻارن جي تعليم جو گهڻو اونو رهندو هو، تنهنڪري هي گهراڻو ڳوٺ وارث ڳنڀير مان لڏي پهريون اچي پير ڳوٺ ۾ رهيو جتان ستت ئي وري لڏي غريب آباد سکر ۾ رهيو، سکر جي هن پاڙي ۾ محمد برادي جا ٽي پٽ اسڪول وڃڻ لڳا هئا، جنهن ڪري مائي ڪوڙي ۽ گهر جا سڀ ڀاتي مطمئن ٿي پرسڪون زندگي گذارڻ لڳا. محمد برادي ڳوٺ جي مدرسي مان قرآن ناظران پڙهيل هو مائي ڪوڙي به ساجاهه وند ۽ نهٺي مزاج جي مائي هئي. زال مڙس جو نيم هوندو هو ته هر سال سائين لطيف جي چوگان تان چڪر لڳائي چانٺ چمي ايندا هئا. ڳوٺ واري زمين جي چئن ٻارن مان جيڪو ان ايندو هو ان تي هو مطمئن ۽ قانع رهندا هئا. مرشد جي در جو ڪارو وڳو، ڪاري پڳ، ڪجهه سڳا ڌاڳا وٽن موجود هوندا هئا ۽ گنج جا ڪجهه چڱا بيت ڪين ياد هوندا هئا، جنهن جو فجر جي وقت ورد ڪري هنن جو من شانت رهندو هو. لطيف سائين جا بيت، هن جهوني جوڙي جي فڪر جي ڪل ڦرهي هوندي هئي. محمد برادي ۽ مائي ڪوڙي فجر جي آذان کان به اڳ ان وقت اٿندا هئا جڏهن آسمان تي اجا ڪاراڻ ڇانيل هوندي هئي ۽ تارن ۾ رمق باقي هوندي هئي. ان سمي هو وضو ساري منهن مونن ۾ وجهي الله هو جي ذڪر ۾ ايئن محو ٿي ويندا هئا جو ڪين پنهنجي وجود جي به ڪا خبر باقي نه رهندي هئي.

محمد برادي ۽ مائي ڪوڙي سان منهنجي پهرين ملاقات 1947ع جي شروع واري مهيني ۾ ٿي هئي، جڏهن اڃا پاڪستان ڪو نہ ٺهيو هو. ساڻن ٻي ملاقات لاڑڪاڻي واري گهر علي گوهرآباد ۾ 1952ع ۾ ٿي جڏهن هو پنهنجي پٽ ۽ ڌيءُ جي شاديءَ جي موقعي تي منهنجي والد محترم ۽ والده کي شادي جو سڏ ڏيڻ آيا هئا. اسان جي گهر ۾ هو ٽي ڏينهن ٽڪيا هئا. انهن ڏينهن مون کي ڀرپور پيرو ادراڪ ٿيو هو تہ هو فجر جو سوير اُٿي گڏجي ”هُو هُو“ جو ذڪر ڪن ٿا. مائي ڪوڙي کي انهن ڏينهن کان پوءِ مان ناني مٺي سڏڻ لڳس ۽ ميان محمد برادي کي نانا برادي. منهنجي واتان اهڙن نالن ونڻ تي هو ڏاڍو خوش ٿيا ها.

اسان جڏهن بہ سڪ لاهڻ سڪر ويندا هئاسين تڏهن ڀڦي ۽ ڀڦاڻن جي کهول کان وڌيڪ انهن جي گهر ۾ وقت گذاريندا هئاسين. مون کي خاص طور هنن جي الستي گفتن، پرسڪون لهجي ۽ مطمئن قسم جي زندگي گذارڻ تي رشڪ ايندو هو. جڏهن گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ مان هنن سان ملاقات لاءِ سڪر ويو هئس تہ مون ٻنهي کي عمر جي هيٺي دور ۾ ڏٺو. ان زماني ۾ هنن جي نياڻن ۽ ٽنهي پٽن جون شاديون ٿي چڪيون هيون. سندن بہ وڏا پٽ چڙي هڪ ياڳ ناڙي ۽ ٻيو خيرپور ميرس وڃي وڻنو هو. هنن جي گرد ضعيفي ۽ غريبي پنهنجو گهيرو تنگ ڪري چڪي هئي. ان زماني ڳوٺ وارث ڳنيير واري زمين جا چار ٻارا بہ سندن ٻچن جي شادين مرادين ۾ وڪامجي چڪا هئا. ٻي مهاياري جنگ تنهن سان گڏوگڏ هيضي ۽ سلهہ جي وبا، هند سنڌ جي سماجي حالتن کي صفا نهوڙي ڇڏيو هو. ملڪان ملڪ ڏُڪر جهڙيون حالتون پيدا ٿي چڪون هيون، غريب اڳ کان ويتر غريبي ۽ مسڪيني وارين حالتن کي پهچي چڪا هئا. اهڙي زماني ۽ اهڙي حال ۾ جڏهن مون ناني مٺي ۽ ناني برادي کي ڏٺو تہ دل ۾ هڪ درد محسوس ٿيو. مان هفتو کن هنن سان گڏ رهيس. انهن ڏينهن ۾ هنن عظيم آدرش

جي مالڪ جوڙي جو پنهنجي رب سان لڳاءُ، پنهنجي مزاج ۾ سياءَ تي ضابطو، صبر ۾ شڪر سان گڏ انسانذات سان محبت وارا گڻ ڏسي مان محو حيرت رهندو هئس ۽ دل ۾ خيال ٿيندو هو ته اهڙي غريبي ۾ اهڙي مسڪيني ۾ اهڙا اعليٰ آدرشن وار گڻ انسان پاڻ ۾ ڪيئن پيدا ڪري ٿو.

هڪ ڏينهن وجهه وٺي ناني براديءَ کان معلوم ڪيم ته اوهان جي صبر ۾ شڪر ۾ سڪون واري زندگي گذارڻ پنيان ڪهڙو راز آهي؟ هن مسڪرائيندي فرمايو ته: مرشد لطيف فرمايو آهي ته ”صبر جنين جي سير، تير نه گسي تن جو.“ مون چيونانا سائين صبر جي طاقت جو آئون قائل آهيان ته جيترو صبر ۾ شڪر کان انسان ڪم وٺندو، اوترو منو قل پائيندو پر نانا سائين تير نه گسي تن جو. اها ڳالهه مون ڪي سمجهايو. منهنجي سوال جو جواب ڏيندي ناني برادي فرمايو ته ابا لطيف سائين جي بيتن جو اڀياس ڪندو ڪر، زندگيءَ جا مڙئي راز توتي کلي پوندا. پوءِ توکي هر ڳالهه سمجهه ۾ ايندي ۽ سهنجي لڳندي، مطلب ته جيئڻ به سهنجو ته مرڻ به سهنجو لڳندو. نانا سائين تير واري ڳالهه... مون ڪيس مُدي ڏانهن آڻيندي چيو، ٿورو ساهه پٽي وڏي اطمينان سان چوڻ لڳو، ابا تير آهي نشاني ڏانهن اشارو ۽ نشانو وري آهي زندگي جو مقصد... منهنجي ڪجهه چوڻ کان اڳ ۾ چوڻ لڳو بابا اهو تير ته آهي جيڪو مقصد تي پهچائيندو آهي مون چيو برابر. تنهن تي وري چوڻ لڳو بابا اهو صبرئي تير آهي. جنهن جي لاءِ مرشد لطيف فرمائي ٿو ته اهو گسندو ئي ناهي ۽ انسان کي پنهنجي مقصد تي پهچائيندو آهي. نانا محمد برادي آخر ۾ فرمايو ته مقصد ماڻهو جا هزارين آهن، ماڻهوءَ کي پنهنجي مقصد جو تعين سنڀالي ڪرڻ کپي ۽ پنهنجي زندگي لاءِ وکر اهڙو ڪنو ڪرڻ گهرجي جو پئي پراڻو نه ٿئي. مون به نانا محمد برادي کان آخري سوال ڪندي چيو ته نانا سائين زندگي ۾

کهڙي قسم جو وکر گڏ کيان؟ مسڪرائيندي نهايت ٻاجهاري انداز سان چيائين بابا ايمان ٻيو وري کهڙو وکر وهائيندين.
سال کان پوءِ جڏهن مان اسلاميہ ڪاليج سکر ۾ ايم. اي سال پهرين جو امتحان ڏيڻ ويس تہ ميان محمد برادي سان سنيون ڪچهريون ٿيون. صبح جي ذڪر فڪر کان پوءِ ناني مٺي پنهنجي معمول موجب ناشتي لاءِ چانهہ جا پيالا ۽ ٽوسٽ ڪٽي اچي ناني سائينءَ ۽ منهنجي اڳيان رکيا. چانهن پاڻي کان پوءِ منهنجي ۽ ناني سائينءَ جي وچ ۾ گفتگو جو دور شروع ٿيو. مون پهريون سوال ڪانئس پڇيو، نانا سائين توهان ڳوٺ واري زمين بہ وڪٽي ڇڏي، هاڻي گذر سفر ڪيئن پيو ٿئي؟ ڏاڍي پيار سان وراڻيو تہ بابا مالڪ تہ آهي نہ، ٿورو ترسي پنهجي چهري تي مسڪراهٽ آڻيندي چيائين پٽ توکي هڪ راز جي ڳالهہ ٿو ٻڌايانءِ. مون تجسس سان سندس ڏاڙهي جي اڇن وارن ڏانهن ڏسندي چيو، نانا سائين کهڙي راز جي ڳالهہ؟ وري ڪو لطيف سرڪار جو بيت ياد آيو آهي ڇا؟ جي، جي سرڪار جا بيت انسان جي حياتي جا سهڻا گس آهن. نانا سائين پلا ڪيئن ٻڌايو؟ وراڻيائين بابا تنيءَ ٿڏيءَ ڪاهہ واري مام ڪم آئي. نانا محمد براديءَ جي گفتن پويان بہ ڪي راز جون ڳالهيون، ڪي قصا ڪي داستان هوندا هئا، جن تي سوالن پٺيان سوال ڪري سمجهڻو پوندو هو. هو بہ گفتن ۾ مام ڪجهہ اهڙي رکندو هو جو ڳالهہ جي تري تائين پهچڻ ۾ ڪانئس سوال پٺيان سوال هلندو رهي. نانا سائين تني ٿڏي ڪاهہ، ناهي ويل ويهڻ جي. جي بابا هاڻي ڳالهہ ڪي ويجهو پهتو آهين. مون چيو پر نانا سائين ڳالهہ تہ سربستي ڪيو. چوڻ لڳو بابا 1932ع کان اڳ اسان بيراج جي پر ۾ اچي ويناسين. ان سانگي تہ بيراج تي ڪم گهڻو هو. نانا سائين، بيراج ٺهيو پئي ڪم گهڻو هو تہ پوءِ توهان ڇا ڪيو؟ مسڪرائيندي وراڻيائين مان، ٻچل ۽ گلڻ سيني گڏجي مزدوري ڪئي سين. نانا انهيءَ ڳالهہ کي پنجاهہ سال ٿيا آهن. وراڻيائين تہ ڳالهہ تہ ٻڌ بابا....،

جي فرمايو. نانا سائين وڏي اطمينان ۽ فخر سان چوڻ لڳو، پٽ گنيون جمع ڪيون سين گنيون جيڪي اڄ ڏينهن تائين وينا ڪائون. مون سوال ڪيو نانا سائين ڇا انگريز سرڪار مزدوريءَ ۾ سون ڏيندي هئي ڇا؟ مشڪندي چيائين بابا نياءُ هو نياءُ. مون ناني سائين کي ٿورو کوليندي چيو، ڪهڙو انصاف هو انگريز سرڪار وٽ؟ نانا سائين فرمائڻ لڳو، بابا ماني ٽِڪي ملندي هئي، ٽڪا ٻه ڪرا... نانا سائين پوءِ ڇا ٿيو؟ بابا ڳالهه سمجهه... جي فرمايو، پٽ ماني اسان هضم ڪندا هئاسين ۽ پئسا ڪوڙي ويندي هئي جمع ڪندي. جنهن مان اسان گنيون خريد ڪري ويندا هئاسين رکندا... جنهن تي مون چيو واهه نانا ڇئبو مال جمع ڪيو اٿو.

سال گذرڻ ڪان پوءِ مان ايم. اي فائنل جو امتحان ڏيڻ سکر ويس، امتحان ڪان واندو ٿيس ته اچي وينس ناني محمد برادي جو مٿو ڪائڻ. نانا سائين پوڙها ٿي ويا آهيو. مرشد جي در تي به نتا وجو، ڪيئن مزو اچيو ٿو؟ ٿڏو ساهه پريندي نانا صاحب وراڻيو. پيهي پاڻ پروڙيم ته پنهون آءٌ پاڻ. ڳالهه سمجهئي؟ نانا ڳالهه سمجهائيندا ته سمجهه ۾ ايندي، باقي مون کي ايتري ساڄاهه ڪانهي. بابا لطيف سائين جي بيت جو سنيهو مون کي وڃي پيريءَ ۾ سمجهه ۾ آيو آهي. ٿوري ساهي پٽي وري نانا سائين ڳالهه جاري رکندي فرمايو، وحدهٗ لا شريڪ لهٗ، جان ٿو چئين ايءُ. تان تون وڃي ڪيءُ نائين سر بين ڪي...، ڳالهه کي پٽ پڌرو ڪرڻ لاءِ مون نانا محمد برادي کي چيو نانا سائين ڪڏهن ڪڏهن توهان ايتريون ڏکيون ڳالهيون ڪندا آهيو جو منهنجيون وايون بتال ٿي وينديون آهن. بابا تڏهن ته چوندو آهيان ته لطيف سائين جا بيت پڙهه. ٿوري ساهي پري وري چوڻ لڳو، سڀ ڪجهه انهن بيتن ۾ اٿئي. مون چيو چڱو نانا سائين، هاڻي ٻڌايو ته درگاهه جو ڦيرو ڇو نٿا ڪيو. چوڻ لڳو اڄا توکي ڳالهه سڻائي ڪري ڏيان... مون چيو جي، نانا سائين تنهن تي چوڻ لڳو، بابا سرڪار پاڻ ئي جهلي ڇڏيو ته درگاهن جي

چائنٺ تي سر نوائڻ ڇڏيو. مان سمجهي ويس تہ مرشد مون کي سر نوائڻ واري هڪڙي چائنٺ باقي وڃي بچائي. نانا سائين کهڙي؟ بابا اها وحده لا شريڪ لڪ واري. مون سوال ڪيو پوءِ نانا سائين هاڻي مرشد جو در ويو. جي پٽ جڏهن مرشد ٻڌايو تہ درن تي چا رکيو آهي تہ پوءِ هاڻي چا ڪيون؟ ٿورو ٽَرسي وري نانا سائين فرمائڻ لڳو. ايڪ قصر در لک، ڪوڙين ڪَٽِس ڳڙکيون، جيڏانهن ڪريان پرک. تيڏانهن صاحب سامهون. وري مسڪرائيندي نانا سائين چوڻ لڳو بابا سائين مون کي منهنجي مرشد هڪڙي صاحب جي سامهون اچي بيهاري ڇڏيو آ. هاڻي تون ئي ٻڌاءِ مان ڪلهي ڪيترو ڇو پايان. ان ڏينهن کان پوءِ مون نانا سائين کي پنهنجو مرشد ڪري ورتم. هڪ ڏينهن رمز ۾ وينو هو. مون ڪائنس سوال ڪيو تہ نانا سائين هاڻي اهي لطيف سرڪار جي درگاهہ وارا ڏاڍا سڳا مون کي پارايو ڇو تہ هاڻي اهي توهان جي کهڙي ڪم جا؟ ٿورو سوچي چوڻ لڳو. بابا مرشد جا ڏاڍا سڳا ۽ ڪنٺا مالا سڀ هڪ وسيلو هوندا آهن ۽ ميهار سان ملڻ لاءِ انهن وسيلن جي ضرورت ڪونہ تي پوي؟ ٿوري ساهي پري وري نانا سائين فرمائڻ لڳو. مرشد لطيف فرمائي ٿو تہ: ”پاڻ ۾ ڪٺج پاڻ سين، وسيلا سڀ وڃاءِ“.

مون نانا سائين محمد برادي کي عرض ڪيو تہ پلا هاڻي چا ڪرڻ گهرجي؟ فورن فرمايائين تہ... وٺ ڪنجڪ ڪريم جي جڳ جو والي جو. مون ڇيو معنيٰ وحده لا شريڪ لڪ. اهو ٻڌي چيائين. بابا هاڻي تہ ڏوهہ ٿا ڏڪن، ان کان سواءِ مون وٽ ڪو ٻيو چارو ڪونهي. ڇو تہ پاٺان ڏوهہ چڙهن جيئن جيئن ورق ورائيان. مون عرض ڪيو نانا سائين هاڻي توهان لاءِ تہ ورق ورائڻ بہ ڏوهہ برابر. معنيٰ مطالعوسڀ ختم، تنهن تي فرمائڻ لڳو، نہ بابا، مطالعو تہ هاڻي شروع ٿيندو پر سبق رڳو هڪ سٽ جو هوندو. مون تجسس وچان سوال ڪيو. نانا سائين کهڙي سٽ؟ پنهنجي روشن اکين ۽ روشن چهري تي مسڪراهٽ آڻيندي چيائين، مون مطالعو سپرين.

جنهن تي مون پڇيومانس تہ توهان ساري اها سٽ هڪڙي، پر مان چا ڪيان؟ ٿورو ترسي چوڻ لڳو تہ تون بہ پنا پڙهندين ڪيترا؟ جڏهن طرف سڀ تم ٿيندئي ۽ ڪا ٻي واٽ نظر نہ ايندئي تہ توکي بہ ان هڪ سٽ جو مطالعو ڪرڻو پوندو. وڌيڪ چوڻ لڳو تہ جيڪڏهن منهنجي ڪنن مالهن ۽ ڪولابن ۾ نظر اٿئي تہ ٻئي سال اچي ڪٽي وڃجانءِ.

سال گذرڻ ڪان پوءِ سکر مان خبر آئي تہ نانا محمد برادي هي جهان ڇڏي پنهنجي مالڪ حقيقي سان وڃي مليو. جڏهن اسان هن جي ڪفن دفن مان واندا ٿياسين تہ سندس وڏي پٽ گل محمد منهنجي اڳيان هڪ ڳنڍڙي آڏورڪندي چيو تہ بابا سائين تنهنجي لاءِ رکي ويو آهي. مون اها ڳنڍڙي کولي ڏٺي تہ ان ۾ نانا محمد برادي جو فقرائي اثاثو ڪننا، مالائون، ڪولابا ۽ سڳا ڌاڳا پيا هئا، جن کي ڏسي مون دل ۾ چيو، وسيلا سڀ وسار تہ ميهار ملئي.

**

وفا جو پيڪر، مامو بروهي

منهنجي وڏي چاچي وٽ هڪ ٻر منهن ٽيل محمد جمعو بروهي رهندو هو، جيڪو چاچا سائين جي وفات کان پوءِ منهنجي سوٽ محمد عمر وٽ علي گوهرآباد واري گهر ۾ رهيو پيو هو. جڏهن اسان گجڻ پور کان لڏي علي گوهر آباد ۾ سوٽ محمد عمر جي گهر اچي رهياسين ته اسان جي به ان وفا جي پيڪر جمعي خان سان ملاقات ٿي ۽ اسان کيس مامو سڏڻ لڳاسين.

مامو بروهي اسان جي گهر جا سڀ ڪم ڪندو هو، مثلن گهر جون ڪانيون ڏارڻ، ڪٽڪ جو ٽين ٻهاؤالدين شيخ جي ان پيهڻ واري مشين تان پيهائي اچڻ. بابي کي يا ادا عمر کي بازار مان خريد ڪيل ڳرو سيڌو سامان ڪٽائي اچڻ وغيره. هڪ پيري اسان مينهن ڏاري سين ته مينهن جو گهربل چارو وغيره به مامو بروهي تيار ڪندو هو. مطلب ته سواءِ کير ڏهڻ ۽ مينهن کي چارڻ جي سڀ ڪم اهو سرانجام ڏيندو هو.

هن اڻ پڙهي انسان ۾ اڻ ڳڻيا گڻ موجود هئا، هن جو نيم هو ته هو ماني گهٽي ڪونه کائيندو هو. جيڪو گهر ۾ پچندو هو سو کائيندو هو. سڄي عمر کنهن من پسند ۽ سٺي طعام جي طلب کا نه ڪيائين. سندس هڪ عجيب عادت هوندي هئي، جڏهن به اسان جي گهر ۾ ڪا تقريب ٿيندي هئي ۽ پلاءَ جي ديڳ لهندي هئي ته سمورا ڪم ڪاريون انجام ڏيندو هو پر جڏهن ماني کڻڻ ۽ کائڻ جو وقت ايندو هو ته مامو بروهي غائب ٿي ويندو هو، سڄو گهر اوڙو پاڙو ڳوليندا هئاسين پر هو ڪٿي به ليندو نه هو ۽ اها ڪار مرندي گهڙي تائين ڪيائين. بس ڇا چئجي خدا جو پراسرار ٻانهو هو.

سياري ۾ اسان اندر ڪوٺين ۾ سمهندا هئاسين، هو دالان ۾ هڪ پاسي زمين تي پنهنجو بسترو پٽ تي وڇائي آرامي ٿيندو هو. اسان وٽ ورهين جا ورهيه رهيو، ڪڏهن ڪٿ تي نه ستو ۽ نه ڪڏهن ڪٿ طلبيائين. سياري جي رات جو ڪجهه دير پرو سمهندو هو. پاڻ کي مصروف رکڻ جي هڪ عجيب ڪرت هوندي هئس. رات جو بورچي خاني ۾ باهه تي ويهي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪو منڙو گيت جهونگاريندو رهندو هو ۽ گهر ۾ ڏاکڻ جي چيٽي تي رکيل پنهنجا کهوءَ جا ڳن ڪٽي پنهنجي پرسان رکندو هو ۽ انهن مان هڪ هڪ ڪٽي ان کي سرهن جو تيل مکي باهه تي سيڪيندو ويندو هو ۽ انهن جا ڏنگ ۽ ڦڏ ڪڍندو رهندو هو. تنهن کان پوءِ پنهنجي کهاڙين جي ڳنڍ کوليندو هو ۽ ان ۾ رکيل مختلف قسم ۽ مختلف سائيز جي کهاڙين ۾ اهي ڳن فٽ ڪري پنهنجا اندازا لڳائي وري انهن کهاڙين ۽ ڳنن کي وجي چيٽي تي رکي ايندو هو، تنهن کان پوءِ وجي سمهندو هو، هن جي اها ڪرت به سڄي عمر جاري رهي.

مامي بروهي جو وڏو ڀاءُ هنڙي جي پرسان حيدر بروهي ڳوٺ ۾ پنهنجي ٻارن ٻچن سان رهندو هو ۽ سندس هڪ پيڻ قمبر ۾ پنهنجي مڙس ۽ ٻارن سان گڏ رهندي هئي، جڏهن قمبر پنهنجي پيڻ ڏي پيرو ڪرڻ ويندو هو ته هڪ ٻه ڏينهن گهر ۾ هر هڪ ڀاتي کي جهيڻي ٽون ۾ پنهنجي من جي مراد يعني وڃڻ جو پروگرام ٻڌائيندو رهندو هو. سندس مطلب هوندو هو ته هن جو زاد راهه تيار ڪرڻ جو بندو بست ڪيو وڃي. نيٺ آخري ڏينهن بابي کي ڪليو ڪلايو چئي ڏيندو هو ته سمائل مان صبح جو ڪونه هوندس. بابو پڇندو هو ڪاڏي ويندين؟ وراڻيندو هو قمبر پيڻ ڏي. پروگرام جو پڪو هوندو هو. صبح جو سوير اٿي امڙ مامي بروهي لاءِ ماني جا ٽي چار ڊڳڙ گهڙي ونندي هئي. امان چوندي هئس پٽاٽا. آنا يا ٻوڙ تيار ڪري ڏياءِ پر هو سفر ۾ اهڙي ڪا به شيءِ پاڻ سان کڻي وڃڻ پسند نه ڪندو هو.

هن جي لاءِ گهر ۾ هڪ وڏو پيالو چانهن جي پيئڻ لاءِ مخصوص هوندو هو، جنهن کي هو جرمن چوندو هو، بس صبح جي نيرن تي اهو چانهن جو جمن ڪٽڪ جي ماني سان نوش ڪري مٿي تي کهاڙين ۽ کهو جي ڳنن جي ڀري ڪٽي موڪلائي پنڌ قمبر ڏانهن اڏار ڪندو هو. رستي ۾ جاتي ٿڪ لاهٺو هوندو هئس ته ويهي ٿڪ پڇندو هو، باقي ڪنهن به جاءِ تي ويهي ماني ڪونه کائيندو هو، ماني پنهنجي انگوڇي ۾ ٻڌي رکندو هو ۽ ان مان ئي کولي ڪدي پنهنجو پنڌ به جاري رکندو هو ۽ پيٽ جو سهارو به ڪندو ويندو هو. مان سمجهان ٿو ته هو اقبال جي شاهين کان چڙهيل هو. اسان جو هي شاهين سٺ سال جي ڄمار تائين ڪڏهن به بس يا ريل تي ڪونه چڙهيو. هڪ ڏينهن اسان ناناڻي سڪر تياري ڪري رهيا هئاسين ته امان صلاح ڪيس ته هل ته سڪر گهمائي اچانءِ. وراڻيائين ته توهان وڃو مان سمائل سان پنڌ ويندس.

قمبر پهچڻ کان اڳ ٻيڙي چانديي ۾ پنهنجي هڪ دوست دڪاندار وٽ راتڙي گذاريندو هو. دراصل هو کهاڙين جو هلڪو واپاري هو، ان دڪاندار وٽ کهاڙيون ۽ ڳن پڻ امانتو يا ڏيتي ليتي ۽ واپار وڙي سانگي رکندو هو، پوءِ هو جيڪي کپائيندو هو تن جو حساب ڪتاب ڪري وري پنهنجي پنڌ کي چڪيندو هو.

قمبر پنهنجي پيڻ وٽ تقريبن هفتو ڪن لڳائيندو هو ۽ اتي به کهاڙين ۽ ڳنن جو وڪرو ڪندو هو ۽ پنهنجي گراهڪن سان مٺ سٺ ۽ ڏي وٺ ڪري چار ڏوڪڙ ڪمائيندو هو. جڏهن واپس ورندو هو ته پنهنجي پيڻ ۽ ان جي ٻارن کي خرچيون وغيره ڏئي پوءِ لاڙڪاڻي اسهندو هو. جڏهن گهر ايندو هو ته اسان پيڻ ڀاءُ کي اهو چئي ته شيءِ وننديں چا؟ ٻياني ٻياني ڏيندو هو. ان کان سواءِ جڏهن ڏسندو هو ته مان امڙ کان خرچي وٺڻ ۾ ناڪام ٿيو آهيان ته گهر کان ٻاهر اچي پنهنجي انگوڇي جي ڪنڊ مان پئسا ڇوڙي مون کي آنڪ ڪدي ڏيندو هو ۽ چوندو هو وڃي شيءِ وٺ.

لاڙڪاڻي ۾ ٻه چار مهينا گذاري وري پنهنجي ياءُ جي گهر حيدر بروهي ڳوٺ جو چڪر لڳائيندو هو. جڏهن اوڏانهن اسهندو هو ته پاڻ سان ڳَن ۽ کهاڙيون مٽي تي ڳنڍِ جي صورت ۾ کنيو ويندو هو ۽ ٻاقراڻي ۾ ڦهريون پنهنجن پراڻن گراهڪن سان واپاري ڪرت ڪري ڏيتي ليتي لاهي پنهنجن پائرن وٽ هڪ ٻه ڏهاڙا گهاري انهن جي ٻارن ٻچن کي خرچيون ڏئي پوءِ لاڙڪاڻي جي راهه وٺندو هو. سندس پائر ۽ ڀينرون سو وس ڪندا هئس ته ڪاڏي ٿو وڃين اسان کي ڇڏي؟ ڪين اهو چئي لاڙڪاڻي هليو ايندو هو ته وري ايندس.

1964ع ۾ منهنجي والد صاحب جي گرمين واري مند ۾ طبيعت ڪجهه وڌيڪ ناساز ٿي پئي، مامو بروهي ڪنهن پاسي ويل هو، عين ان ڏينهن صبح جو هو گهر پهتو هو، جنهن ڏينهن ٻا ٻا سائين جي طبيعت معمول جي ڏهاڙن کان وڌيڪ خراب هئي. تنهن ڏينهن شام جي وقت ۾ اسان گهر ڀاتين سان گڏ هو به بيقراري ۾ هو.

بابي سائين جون ڏکيون گهڙيون ڏسي اسان سيرانديءَ کان قرآن شريف جي تلاوت ڪري رهيا هئاسين ته هو به پيراندي کان پنهنجي مٽي کي هٿ ڏيو غمگين حالت ۾ وينو هو. سج لهڻ وقت جڏهن بابي سائين جا پساهه پورا ٿيا تڏهن مان تلاوت پوري ڪري مٽي ڪوني تي هليو ويس ته مامو بروهي منهنجي پنيان آيو ۽ مون سان مخاطب ٿيندي پڇيائين ته پلا سمائل مري ويو ڇا جو ماڻهو سڀ روئن ٿا؟ مون وراڻيومانس ته ها ماما، بابا سائين اسان کان هميشه لاءِ موڪلائي ويو. موٽ ۾ بس ايترو چيائين ته اسان کي به هلڻو آهي. ان موقعي تي به ايئن ئي ٿيو، بابي سائين جو ڪانڌپو ٿيو ته سڄو ڏينهن ڪم ڪيائين، ماني رڌڻ ڪرڻ وقت ساڻ هو پر جڏهن ماني کائڻ ۽ کارائڻ جو وقت ٿيو ته مامو بروهي ليي نه جڙي.

مامو بروهي خدا جو عجيب ٻانهو هو، بابي، امان ۽ ادا محمد عمر وس ڪيا ته هو پهنجي پيرن ۾ جوتو يا بوٽ پائي پر سڄي عمر اگهاڙي پيرين پنڌ هلندو رهيو. توڙي جو ڪٽي پيرن ۾ ڪنڊا لڳندا هئس تڏهن به ڪا پرواهه نه ڪندو هو. مان اڪثر سندس پيرن مان ڪنڊا ڪوتي ڪڍندو هئس. سٺ سال جي عمر ۾ پهچي سندس پير سخت ٿي ويا هئا ۽ سنها ڪنڊا مٿس اثر ڪونه ڪندا هئا. ان زماني ۾ ادا محمد عمر قاضي عبدالمنان وڪيل وٽ اردلي هو ۽ سڄو ڏينهن ان جي بنگلي تي گذاريندو هو، منهنجي پيڻ سان شادي کان اڳ اڪثر رات جو عبدالمنان صاحب جي بنگلي تي ٽڪي پوندو هو.

مامو بروهي به ساڻس ملڻ اتي ويندو هو. عبدالمنان صاحب جو بورچي جنهن کي اسان چاچو الله بخش سڏيندا هئاسين سو مامي بروهيءَ جي کاڌي پيتي جو خيال رکندو هو. هڪ ڏينهن مون ڏٺو ته مامي بروهي عبدالمنان صاحب جي بنگلي تي به پنهنجي کهاڙين ۽ کهوءَ جي ڳنن رکڻ جي جاءِ ٺاهي هئي، کيس کهاڙين رکڻ جو وڏو خبط هوندو هئس. عبدالمنان صاحب وزير به ٿيو هو. وڪيل به هو ۽ هلڪو زميندار به هو پر طبعن سادو سودو ۽ فقير منش ماڻهو هو. دل چوندي هئس ته مامي بروهي سان به ڪچهري ڪندو هو ۽ هن جا قصا ۽ کهاڻيون ٻڌندو هو. هو چاچي الله بخش کي مامي بروهي جي ماني ٽڪي جي پارت ڪندو رهندو هو. اسان 1969ع ۾ علي گوهر آباد واري جاءِ ڇڏي اچي لاهوري محلي ۾ رهياسين، انهن ڏينهن ۾ مامو بروهي پنهنجي ياءُ وٽ حيدر بروهي گهمڻ لاءِ هليو ويو هو.

اسان کي پڪ هئي ته هو اسان وٽ لاهوري محلي ضرور ايندو پر هڪ سال گذرڻ کان پوءِ سندس وڏو ياءُ اسان جي پڇا ڪندو لاهوري محلي اچي پهتو ۽ اها ڏک جي خبر ڏنائين ته جمعو هاڻي دنيا ۾ ناهي رهيو.

ڏينهن ٻن ڪان پوءِ ادا عمر ۽ مان حيدر بروهي ڳوٺ وڃي سندس قبر تي قل پڙهياسين ۽ سندس گهر وارن سان رضا الله جي ڪئي سين. سندس ياءُ چوڻ لڳو ته جمعو شيءِ توهان جي هوء بس رڳو اسان جي عزت رکڻ لاءِ اسان جي در تي اچي دم ڏنائين.

اِنالله وَ اِنا عِليہِ راجِعُونِ.

**

اسان جا محترم استاد

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ لاڙڪاڻو شهر قدرت جو هڪ حسين تحفو ۽ فطرت جو هڪ بينظير شاهڪار آهي. اهڙي شهر ۽ ان جي فطرتي ماحول سان پيار ڪرڻ جو اتساهہ اسان ۾ لاڙڪاڻي جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ درسگاهن ۾ تعليم ڏيندڙ استادن پيدا ڪيو. انهن مان ميونسپل هاءِ اسڪول جي استادن مان استاد عبدالمنان چانڊيو، سائين غلام الله شيخ ۽ ولي محمد پٽي جيڪي نيٺ ڪاليجن ۾ پروفيسر جي عهدن تي فائز ٿيا، جن ڪان اسان اسڪول ڪان ڪاليجن تائين درسي علم سان گڏ فطرت ۽ ان جي حسن بابت سمجهہ پرائيندا رهياسين. مذڪوره استادن ڪان سواءِ بہ ڪيترن استادن اسان جي علمي سکيا ۽ ڪردار سازي ۾ وڏي مدد ڪئي.

استاد ولي محمد پٽي آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج ۾ اسان کي انگريزي شاعري پڙهائيندو هو. هو طبعن فطرت جو شيدائي هو. ايتري قدر جو ڪاليج ۾ پيريڊ وٺڻ وقت ريٽ ڳاڙهو گلاب جو گل پنهنجي ڪوٽ جي ڪالر ۾ لڳائي ايندو هو ۽ تعريف وري ڊيفوڊل گلن جي ڪندي پيريڊ پورو ڪري ڇڏيندو هو ۽ اسان شاگردن جي ذهنن ۾ ان ڳالهہ کي اوتڻ جي ڪوشش ڪندو هو تہ اسان زندگي ۾ ٻيو ڪجهہ ڪيون نہ ڪيون پر فطرت سان پيار ضرور ڪيون. استاد عبدالمنان چانڊيو بہ اسڪول واري زماني ۾ اسان کي انگريزي پڙهائيندو هو.

هو فطرت سان لڳاءُ رکڻ ڪان وڌيڪ اسان جي ڪردارسازيءَ تي وڌيڪ ڌيان ڏيندي فڪر انگيز گفتگو ۽ فقرن ڪان ڪم وٺندو هو. اسان شاگردن مان محمد يوسف شيخ، بشير احمد شاد ۽ مان مرڻ

گهڙيءَ تائين سائين عبدالمنان چانديي صاحب کان علمي سکيا وٺي حذ حاصل ڪندا رهياسين.

اسان جي اسڪول جو استاد سائين غلام الله شيخ انهن استادن مان آهي جن اڌ صدي کان وڌيڪ عرصي تائين اسان جي تعليم سان گڏ تربيت ۽ ڪردار سازي ڪئي ۽ اڄ تائين بشير احمد شاهه، محمد يوسف شيخ ۽ مون کي اهو شرف حاصل آهي جو اسان هاڻي به وقت ڪڍي وٽس وڃي ڪجهه نه ڪجهه پرائي ايندا آهيون. حقيقي معنيٰ ۾ قدرت ۽ فطرت سان پيار ڪرڻ جي جيڪا سمجهه اسان کي سائين غلام الله ڏني، ان جو ڪو مثال پيش ڪري نٿو سگهجي. جيئن پيءُ ماءُ هٿ سان وٺي ڪو ڪم سيکاريندا آهن، اهڙي طرح استاد محترم فطرت جي حسن ۽ ان جي رازن سان اسان جي وجود کي پنهنجي هٿ سان وٺي همڪنار ڪيو. اهڙي قسم جي تربيت ڪرڻ جو هو پاڻ وڏو ماهر آهي. دراصل اهو ڪم رڳو اهو ماڻهو سرانجام ڏئي سگهي ٿو جيڪو اول پاڻ فطرت ڏانهن لاڙو ۽ روحاني لڳاءُ رکندڙ هجي. سائين غلام الله هڪ تصوراتي ۽ تخليقي ذهن جو مالڪ هجڻ سان گڏ هڪ پريڪٽيڪل ذهن جو مالڪ پڻ رهيو آهي. تنهن ڪري هن اسان جو فطرت سان تعلق ۽ محبت جوڙڻ ۾ تصوراتي خيالن سان گڏ عملي تربيت کان سوايو ڪم ورتو. اهڙي عملي مظاهري جي مد ۾ هو اسان کي لاڙڪاڻي شهر جنهن کي انسائڪلوپيڊيا آف برٽانيڪا ۾ (شايد 1911ع واري ايڊيشن ۾) خوبصورت باغن جو شهر سڏيو ويو آهي ۽ جنهن کي بين ڪتابي حوالن ۾ باغ عدن سان پڻ تشبيهه ڏنل آهي. تنهنجي باغن بستانن ۾ سنڌوءَ جي ڪنارن، گهاڙواهه جي ڪپن ۽ رائيس ڪئنال جي تفريح گاهن تي وٺي ويندو هو. جتي اسان شاگردن پنهنجي جٿي سان پڪنڪ پارٽيون ڪري هڪ پاسي لطف اندوز ٿيندا هئاسين ته ٻئي پاسي پنهنجي استاد کان علمي ادبي فقره ۽ ليڪچر ٻڌي فطرت سان پنهنجو پيار وڌائيندا هئاسين. ايئن راهه

ويندي فطرت سان پيار ڪرڻ جي ڳالھ نڪتي آهي تہ انهن ماڳن مڪانن تي جن سان فطري حسن جو تعلق هو، تنهن ۾ اسان جي ٽوليءَ سان گڏ هڪ ٻيو جيئڙو فطرت ۽ فطرتي ماحول سان پيار ڪندڙ لاڙڪاڻي جو افسانہ نگار، اديب ۽ ڏاهو ماڻهو محترم الله بخش انيس انصاري صاحب بہ ڪڏهن ڪڏهن نظر ايندو هو. جنهن جون لاڙڪاڻي گهاڙ واهہ جون نڪتل ڪجھ تصويرون سندس برخوردار اشفاق انصاري صاحب فيس بڪ تي پنهنجي پيج تي رکيون هيون. محترم انيس انصاري جي لاڙڪاڻي ۽ گهاڙ واهہ جي محبت ۾ لکيل مضمونن ۽ مقالي مان اسان شاگردن گهڻو استفادو ڪيو آهي. لاڙڪاڻي جي باغن بستانن ۽ واهڻ وستين سان پيار ڪندڙ انيس انصاري سان اڪثر سندس پٽ مشتاق انصاري شام واري واڪ ۾ گڏ نظر ايندو هو. اسان ايئن وسهندا هئاسين تہ شايد اهو نوجوان سندس ننڍو ڀاءُ آهي پر بعد ۾ ڄاڻ پئي تہ اهو شهزادو سندس فرزند ارجمند آهي. هڪ ڀيري ستر واري ڏهاڪي جي شروع وارن سالن جي ڳالھ ياد ٿي پويم تہ اسان سائين غلام الله سان رائيس ڪئنال تي پراڻي گهاڙ واهہ جي پيٽي جي لڳ پنج پلي ۾ گيدوڙي واري وڻ جي اڳيان ڪناري تي ترڳي ترڳي واپس گهر پئي موٽياسين تہ انيس انصاري صاحب پنهنجي پٽ سان واڪ دوران گفتگو ڪندو ۽ سير تفريح ڪندو پنج پلي جي دروازن پرسان اڪيلي مڪئي ٻير جي وڻ وٽان آبڙي واهہ جو ڪپ ڏئي وليدن جي رخ وجي رهيو هو. مون کي پڪ آهي تہ ان زماني ۾ محترم انيس انصاري بہ پنهنجي اولاد جي دلين ۾ لاڙڪاڻي شهر جي فطري ماحول ۽ فطرت سان پيار جاڳائڻ ۾ مسلسل ڪوشش وٺي رهيو هو.

سائين غلام الله شيخ واحد استاد هو جيڪو اسان سان گهڻو فرينڊلي هو. سندس اصل تعلق پڻ قمبر شهر ۽ ان جي بہ ڪنهن نڪ ڀراڙي جي ڳوٺڙي سان هو، جنهن جي فطري ماحول، واهڻ،

واهڻن، پکن پکڙن ۽ ٻنين سان هو ۽ هو پنهنجي ڳوٺ جي موسمن ۽ مندن جا اسان کي دلچسپ قصا ۽ ڳالهيون ٻڌائيندو رهندو هو. لاڙڪاڻي جي فطري رعنائين ۽ قدرتي دريائي ماحول کي پسڻ جو هڪ واقعو ذهن تي تري اچي ٿو ته هڪ ڀيري سنگت کي ريچڪ چڙهيو ته رات جي سهائي رات ۾ هلي سنڌوءَ جا حسين ۽ دلڪش نظارا پسون. اسان جي دل گهري دلبر دوست مولابخش پٽي مراد واهڻ کان ڦلن جي ڳوٺ ۾ سنڌوءَ جي ڪنڌين تي پڪنڪ پارٽي جو پروگرام رٿيو. ان زماني ۾ مولابخش پٽي جي پرائمري استاد جي حيثيت ۾ ڦلن جي ڳوٺ ۾ تعيناتي هئي. سو هن چانڊوڪيءَ رات ۾ پوري سنگت جي رهڻ جو بندوبست ڳوٺ ڦلن ۾ ڪري ڇڏيو هو. اسان سنگت جو جٿو سائين غلام الله سميت شام ڏاري وڃي ڦلن ۾ نڪتو، شام جو ڳوٺ جي باغن جي خوبصورت ماحول ۾ ڳوناين سان روح رهاڻيون ۽ ڪچريون ڪيونسين تنهن بعد رات جي ماني کائي وڃي درياهه شاهه جي ڪپ ڀيڙا ٿياسين. مسٽر مولا بخش پنهنجي ڳوناڻي دوست مسٽر محمد علي ڦل جي مدد سان جيڪو ڳوٺ جي وڏيرن مان هو، اڳواٽ ئي درياهه ۾ سير ڪرڻ لاءِ ٻيڙي تيار ڪرائي رکي هئي. همراهن کير جون چونريون پري ٻيڙي ۾ رکيون هيون ته جيئن تفريح دوران کير نوش ڪري سگهجي، ٻيڙي ۾ ملاحن رنگ برنگي اکين کي کيرو ڪنڌڙ رليون وڇايون هيون. ماحول کي سر سنگيت سان خوشگوار بڻائڻ لاءِ دوستن ريڊيي جو پڻ انتظام ڪري رکيو هو. چوڏهين جو چنڊ اڀري چڱو مٿي آيو ۽ پنهنجي سهائي سان درياهه شاهه جي چوڏس ماحول کي پنهنجي حسن جو پرتو چاڙهڻ لڳو ته اسان جي ملاح به ٻيڙي ڇوڙي ويرن ۾ وڌي. اهو زمانو ريڊيي جو زمانو هو، اڃا ٽيپ رڪارڊر اسان وٽ هيائي ڪونه. آل انڊيا ريڊيي تان بناڪا مالا نالي پروگرام ۾ پراڻن هندي فلمن جا سحر انگيز گانا نشر ٿيندا هئا. ٻيڙي لهرن ۾ هئي. اسان جي به جوانيءَ جا ڏينهن هئا، چانڊوڪي به پنهجي جوڀن تي

هئي. اهڙي سائت ۾ ريڊيي تان ”جب جب پھول کھلے“ فلم جو لتا مگيشڪر جو ڳايل گانو فضائن ۾ هن سر سان گونجڻ لڳو. ”یہ سماں، سماں ہے پیار کا. کسی کے انتظار کا. دل ناچرالے کھیں میرا، موسم بہار کا، بسنے لگے آنکھوں میں کچھ ایسے سپنے، کوئی بلائے جیسے نیئوں سے اپنے۔ یہ سماں ہے دیدار کا، کسی کے انتظار کا۔“ سائين غلام الله سر سنگيت ۽ راڳڻين جو ماهر ۽ پاڻ به سريلو تربيت يافته ڳايڪ هو، تنهن هڪ دم چيو ته اهو گانو ڦلاڻي سر ۾ ڪمپوز ڪيل آهي (شايد سر پيم) چوڻ لڳو ته موسيقي ۾ اهو سر انتهائي مٺن سرن ۾ ليکجي ٿو.

سانوڻ جا ڏينهن هئا رات نري چڪي هئي، ٿڌڙي هير روح ڪي راحت بخشي رهي هئي. ٻيڙي چڱيرو اڳتي هلي ته ڪن دوستن کي درياهه ۾ وهنجڻ جو شوق جاڳيو، پر سواءِ مولا بخش پٽي ۽ منهنجي ڪنهن ٻئي کي درياهه ۾ لهڻ جي همت ڪانه ٿي. ملاح ۽ ڳوناٽن دوستن به اسان جي ارادن اڳيان ماٺ ۾ رهيا. مولا بخش ۽ مون ٻيڙي جي پڳهه تان درياهه ۾ گهتون هيون، درياهه جي ويرن جي تک جڏهن مون کي تڏ ڏئي پاڻ سان ڪنيو تڏهن سچ پچ منهنجيون وايون ولڙيون ٿي ويون. ٻيڙي کان چڱو پلو پري هيٺ وهڪري ۾ وجي ڪناري تي پهتس. اهي منٺا ڏينهن ۽ انهن منٺن ڏينهن جون ياگيريون اڄ صدي گذرڻ کان پوءِ به دل ۽ دماغ ۾ سهيڙيل پيون آهن.

**

مولوي عبدالرشيد پيرزادو

1953ع ڌاري اسان جي علي گوهر آباد واري مسلم پرائمري اسڪول جو هيڊ ماستر مولوي عبدالرشيد پيرزادو هوندو هئو. نهايت خوش اخلاق، سنجيده ۽ فهم و فراست وارو انسان هو. مسلڪ جي لحاظ کان علماءِ هند ديوبند وارو نظريو رکندو هو. ذهني طور تي هند ۽ سنڌ جي سياست ۽ مذهبي تحريڪن سان دلچسپي رهي هئس. ڏسجي ٿو تہ جواني واري زماني ۾ هو عبيد الله سنڌي جي خيالن تي هلندو هو ۽ ريشمي رومال تحريڪ ۽ خلافت تحريڪ جو حامي رهيو هو. سائين عبدارشيد پيرزادي جو شمار بهترين استادن ۾ ٿيندو هو. عملن ۽ طبعن سخت محنتي انسان هو پر ديني و مذهبي معاملات ۾ نرم دل و نرمخو هوندو هئو. پاڙي جي اڇي مسجد عرف عام ۾ سائين وڏي واري مسجد سڏبي هئي. پاڻ هن مسجد جو پيش امام ۽ مدرس اعليٰ هوندو هو. ان زماني ۾ آئون اسڪول ۾ بہ سندس شاگرد هوندو هئس. مسجد ۾ منهنجي قرآن شريف ناظران جي شروعات سائين جن جي هٿان ٿي. استاد فيض محمد سيال بہ ان وقت اڇي مسجد ۾ سائين عبدالرشيد جو معاون هوندو هو. بعد ۾ جڏهن هو پنهنجي گهر جي پرسان گادن جي املاڪ مٿان تعمير ڪيل مسجد ۾ پيش امام و مدرس مقرر ٿيو تڏهن ڪي شاگرد گهر جي ويجهي هجڻ ڪري سائين فيض محمد واري مسجد ڏانهن پڙهڻ هليا ويا.

مولوي عبدالرشيد صاحب ڀهراڙي جو ماڻهو هو، سندس ڳوٺ دودو سنهڙي هو، جيڪو سنڌو نديءَ جي ويجهو مشهور ڳوٺ عاقل خالد جي پرسان هو. سندس وڏا مالوند ۽ ديني خدمتگار هوندا هئا. جڏهن شهر ۾ آيو تہ ڍور ڍڳي پالڻ جو شوق جاري رکندو آيو. خاص ڪري ڳئون پاليندو هو. سندس گهر اسڪول جي بلڪل آمهون سامهون هوندو هو پر گهر جي گهٽي سوڙهي هجڻ ڪري ڳئن کي

اسڪول جي پڊر تي ڪلاس پهرين جي دري جي لوهين شيخن سان ٻڌندو هو. ڳئن ڪي چارو ۽ گاهه پنو پنهنجي هٿ سان تيار ڪري ڪارائيندو هو. جيتوڻيڪ سندس پٽ مشتاق احمد ۽ بشير احمد جوان هئا پر هو پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ کي ترجيح ڏيندو هو. سندس عمر عزيز سٺ جي قريب پهچي چڪي هئي پر تڏهن به ڦڙت لڳندو هو.

استاد محترم عبدالرشيد هڪ با شعور ديني ۽ علمي گهراڻي جو چشم و چراغ هو. سندس وڏو ڀاءُ به عالم فاضل هو ۽ علي گوهر آباد جي هڪ مسجد ۾ نماز پڙهائيدو هو. سندس هڪ ڀاءُ جو شمار لاڙڪاڻي جي معروف ماڻهن ۾ ٿيندو هو. جنهن جو ذڪر علي محمد راشدي ۽ حسام الدين راشدي صاحبان پنهنجن تذڪرن ۾ ڪيو آهي. آئون سيؤ بازار ۾ سٽي ريلوي بڪنگ آفيس جي سامهون قاضي عبدالمنان وڪيل جي بنگلي تي پنهنجي سوٽ محمد عمر سان ملڻ ويندو هئس جيڪو ان وقت قاضي عبدالمنان وڪيل جو منشي هوندو هو. مان شهر جي مشهور درزي حاجي درزي پيرزادي سان جهڪي سلام ڪرڻ جو موقعو هٿان نه وڃائندو هئس.

قاضي عبدالمنان جي بنگلي جي در جي لڳولڳ سندس دڪان هو. حاجي درزي پيرزادو حاجي هو الائي نه ان جي سڌ ڪانه هيم پر هو هڪ باڪمال شخصيت جو مالڪ هو. مون ڪيس درزڪي هنر ۽ ڪم جي باري ۾ ڳالهائندي گهٽ ڏٺو پر مون هن کي پهرين ۽ ٻئين مهاڀاري جنگ، علماءِ هند جون تحريڪون. مارڪسي نظريا، هندوستان جو ورهاڱو ۽ ان جي اثرن تي گفتگو ڪندي ڏٺو. منهنجي نظر ۾ هو فهم ۽ فڪر سان گڏوگڏ سماجي آدرشن جو مالڪ پڻ هو. هڪ لحاظ کان مون کي اهو شرف حاصل آهي ته مون پنهنجو پهريون زين جو سوٽ (پتلون) ڪانئس سبرايو هو. تنهن بعد سندس ڀائٽي سان عليڪ سليڪ ۽ ڪپڙن سبرائڻ جو

سلسلو جاري رهيو. حاجي درزي پنهنجي دڪان تي رڳو ڪپڙن جي ڪٽائي ڪندوهو. ان وقت مون کي اها خبر ڪا نه هئي ته حاجي صاحب مولوي عبدالرشيد پرزادي جو سڳو ڀاءُ آهي.

حاجي درزي صاحب مون کان منهنجي پڙهائي جي باري ۾ پڇندو رهندو هو ۽ همٿائيندو رهندو هو ته مان پنهنجي تعليمي استعداد کي وڌايان پر سندس ٻين خيال جن جو هو پرچار ڪندو هو ۽ نوجوانن جي ذهنن ۾ انهن کي منتقل ڪرڻ چاهيندو هو تن جي معاملي ۾ مان کانئس ٿوري ٿهندو هئس. ڇاڪاڻ ته هو مارڪسي خيالن جو پرچارڪ هو. منهنجو سوٽ محمد عمر مون کي چوندو هو ته حاجي صاحب وٽ گهڻو نه ويندو ڪر ته هو توکي ڌهريو نه ڪري ڇڏيندو.

سائين مولوي عبدالرشيد جي مسجد ۾ سندس دعوت تي مسجد جي شاگردن جي ديني و مذهبي ڄاڻ ۽ اسلامي خيالن جو استعداد وڌائڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن مولوي عبدالرشيد صاحب محترم مولانا جان محمد عباسي کي گهرائيندو هو. مولانا جان محمد عباسي صاحب نهايت عمدگي ۽ احسن طريقي سان مسجد جي ٻارڙن ۽ نمازن جي آڏو پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندو هو ۽ نمازي ۽ طالب علم کانئس گهڻو متاثر ٿيندا هئا.

1965ع ڌاري پنهنجي معمول مطابق سائين غلام الله شيخ ۽ پنهجن ڪالج جي دوستن بشير احمد پناهڻ، محمد يوسف شيخ ۽ غلام سرور شيخ سان پاڪستان چوڪ جي معروف ڪيفي المدينه تي شام جو چانهن پيئڻ ويندو هئس ته ان هوٽل تي سائين عبدالرشيد سان به ملاقات ٿيندي رهندي هئي. مولوي عبدالرشيد صاحب جو اهو معمول هو ته هو رڳو کير پتي واري پوٽيان چانهن جو ڪپ گهرائيندو هو ۽ نهايت مزي ۽ اطمينان سان چانهن جون چسڪيون ڀريندي پاڻ سان گڏ آندل اخبار جو مطالعو ڪندو رهندو هو.

استاد فيض محمد سيال

1951ع ڌاري علي گوهر آباد ۾ قائم ملا مسلم اسڪول ۾ منهنجي داخلا پهرين ڪچي پرائمري ۾ ٿي، اسان جي ڪچي پهرين جا ڪلاس اسڪول جي مين بلڊنگ کان جدا سامتيا روڊ تي جوکين واري گهٽي ۾ ٿيندا هئا. جنهن عمارت جي دڪانن ۾ منهنجو ڪلاس روم هو تنهن جي اڳ واري حصي ۾ استاد ابوالخير فيض محمد سيال جو گهر هوندو هو. جڏهن مان پڪي پهرين ۾ آيس تڏهن ڪلاس جي مڙني شاگردن کي اتان شفٽ ڪري اسڪول جي مين بلڊنگ ۾ آندو ويو. اتي اسان جي پڪي پهرين جو استاد سائين فيض محمد سيال هوندو هو. ان زماني ۾ اسان جي گهر جي پرسان سامتيا روڊ جي پچاڙي ۾ هڪ وڏو خالي گرائونڊ هوندو هو جنهن ۾ ڪجين جو هڪ جهڳٽو هوندو هو. جنهن جي سامهون هندن جو ڇڏيل ان ڇڙڻ ۽ پيهڻ جو ڪارخانو برباد حالت ۾ پيو هوندو هو. جنهن جي چوڌاري اوڏڪي پٽ جي چوديواري ڏنل هوندي هئي. سڙڪ جي پاسي کان هڪ ڪمري ۾ ڊيزل انجن جو ڍانچو پيو هوندو هو. ان خالي املاڪ تي سرائي ناري وارن پنهنجو قبضو ڄمايو ۽ ڪجھ وقت پڄاڻا هنن ان ۾ دڪان قائم ڪيا. جنهن وڏي پلاٽ ۾ ڪجن جو جهڳٽو بينو هو تنهن ۾ شام ڌاري شر قوم جا ماڻهو پنهنجي ٻڪرين کي جهنگ چاري اچي ميدان ۾ ويهاريندا هئا. صبح جو جڏهن ٻڪريون جهنگ چرڻ وينديون هيون. اسان ڏسندا هئاسين ته ميدان ۾ هر طرف ڪارڪن جون ڪڪڙين ڏسڻ ۾ اينديون هيون.

ميدان کان جيڪا سڙڪ اسڪول ڏانهن ويندي هئي، تنهن تي سائين فيض محمد اسان جو هڪ اوپن ايئر ڪلاس وٺندو هو.

شاگردن کي لائن ۾ بيهاري سائين بلند آواز سان چوندو هو ٻارو ميدان مان وڃي ککڙيون کڻي اچو. شاگردن کي پنهنجا پنهنجا پاسنگ شو سگريٽ وارا يا ڪي اهڙا ٻيا دٻا هوندا هئا، جن ۾ ککڙيون چونڊي کڻي ايندا هئا. جڏهن اکرن سکڻ ۽ انهن کي سهڻو ڪري لکڻ وارو ڪلاس شروع ٿيندو هو ته سائين پنهنجي ڏکهي لکڻ سان حاضر ٿي بلند آواز سان چوندو هو لکو الف، لکو ب، لکو ت، لکو ث، ا، ب، ت ۽ ث لکي جڏهن اسان واندا ٿيندا هئاسين ته استاد محترم شاگردن جي ٻڌل صف جي اڳياڙي کان اکرن کي چيڪ ڪندو پنهنجي لکڻ سان انهن جا ڏنگ ڦڏ درست ڪندو وڃي لائين جي آخري شاگرد وٽ بيهندو هو، جڏهن اکرن جي درستي ٿي ويندي هئي تڏهن بلند آواز سان پاڻ اکرن جا درست آواز ۽ مخرج ڪڍي شاگردن کي پڙ ڪندو هو.

پرائمري ايجوڪيشن واري زماني ۾ اسان شاگرد سائين فيض محمد سيال کان شام جو مسجد ۾ قرآن شريف ناظران پڙهندا هئاسين، جنهن مسجد ۾ قرآن شريف جي تعليم ڏيندو هو. اها سامٽيا روڊ تي اسان جي گهرن جي پرسان جوکين واري گهٽي ۾ هوندي هئي. پاڻ ان مسجد جو پيش امام هوندو هو. اسان منجهان ڪو غريب جو ٻار قرآن پڙهي پڇائيندو هو ته سائين ان کان ڳڙ واري مٺائي جي پريل بسي گهرائي ٻارن ۾ ورهائيندو هو ۽ جيڪڏهن ڪو سرندي وارن جو ٻار ناظران پڙهي پورو ڪندو هو ته ان کان ولائتي کنڊ جي بسي گهرائيندو هو.

ان زماني جا استاد پنهنجي شاگردن جو هر طرح خيال رکندي انهن جي سکيا، تربيت، ڪردار سازي ۽ شخصيت سازي تي گهڻو ڌيان ڏيندا هئا. سائين فيض محمد پنهنجي جواني واري وقت ۾ مذهبي ۽ تحريڪي ماڻهو رهيو هو، تنهن ڪري اسان جي اخلاقن کي درست ڪرڻ، روزي رکڻ ۽ نماز پڙهڻ تي گهڻو زور ڏيندو هو.

اسان جي پاڙي سامٽيا روڊ تي مجلس ميلاد جو انعقاد سندس ڪوشش سان ٿيڻ لڳو، جنهن ۾ سراج احمد سامٽيو، عبدالقيوم صديقي، ان جو ننڍو ڀاءُ عبدالحي صديقي، خوش محمد کهڙو، غلام عباس سومرو، عبدالغني سومرو، عبدالغفور سومرو، سراج احمد مان ۽ ٻيا پاڙي جا شاگرد ميلاد ۽ نعت جي ڪمن يا اسٽيج ٺاهڻ ۽ سوارڻ ۾ استاد محترم جو ساٿ ڏيندا هئاسين. سندس حڪم تي مان مسجد ۾ آذان به ڏيندو هئس. جواني واري زماني ۾ يونيورسٽي مان پوسٽ گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ به استاد فيض محمد جي وسيع ديني. سماجي ۽ تحريڪي مطالعي مان فيضياب ٿيڻ لاءِ مسجد جي آڳر ۾ ويهي ڪائئس گهڻو ڪجھ سکندا هئاسين.

هڪ اسڪول ٽيچر هئڻ کان سواءِ جيڪڏهن استاد محترم فيض محمد جي شخصيت جو مطالعي ڪبو ته اسان کي هن جي شخصيت گهڻ پاسائين نظر ايندي. استاد محترم جي ملڪي سياست ۾ وڏي دلچسپي هوندي هئي. باخبر ماڻهو هو. هٿ ۾ همشھ عبرت اخبار هوندي هئس. ان زماني ۾ سندس شخصيت جو جيترو مطالعو ۽ ادراڪ مون کي ٿيو، تنهن مان معلوم اهو ٿيو ته هو پنهنجي جواني واري زماني ۾ علما هند جي سياسي تحريڪن ۾ سرگرمين سان سلهاڙيل رهيو هوندو.

سلطنت عثمانيہ جي خاتمي ۽ زوال پذير ٿيڻ ڪانپوءِ ان جي ملي همدردي جي نتيجي ۾ جيڪي هند سنڌ ۾ تحريڪون هليون تن جو استاد محترم وڏو حامي رهيو هو.

جنهن زماني ۾ اسان استاد فيض محمد جي ويجهو هئاسين تنهن زماني ۾ استاد محترم کي پاڙي جا ماڻهو هن جي سماجي. فلاحي ۽ چڱ ڀلائي جي ڪمن کي ڏسي ڪيس ابوالخير سڏيندا هئا. مون کي ياد آهي جڏهن اسان ننڍا هوندا هئاسي ته هو رمضان شريف جي روزن ۾ روزيدارن کي روزي جي ٽائم کان اڳوات جاڳائيندي

گهٽي گهٽي ۾ اسڪول وارو گهنٽ وڄائي چوندو هو. ”اٿو مومنو روزو رکو“.

زماني جي بدلجڻ ڪري جڏهن نيون ايجادو ٿيون ۽ ماڻهن جي گهرن ۾ ٽيليويزن آئي ته روزيدارن کي جاڳائڻ وارا قديم طريقا ويا ختم ٿيندا. ان زماني ۾ استاد محترم فيض محمد سيال به پنهنجي نوڪري تان رٽائر ڪري پنهنجي گهر واري مسجد تائين محدود ٿي چڪو هو.

هڪ پيري گرمين جي مند ۾ لاڙڪاڻي ويس سندس گهر واري گهٽي مان منهنجو لنگهه ٿيو، استاد محترم پنهنجي گهر جي پرسان دڪان مان ڪجهه وٺي موٽيو پئي ته مٿس منهنجي نظر پئي. ان وقت سائين کي اڇي رنگ جي شلوار ۽ پهرياڻ زيب تن هو. پاڻ واڪنگ اسٽڪ جي سهاري آهستي آهستي پئي هليو. مان وڃي سائين جي پيرن تي هٿ رکيا.

حال احوال ورتائين. سندس طبيعت معلوم ڪري موٽيس ته منهنجو خيال استاد محترم جي پيري واري حالت ڏانهن ڪڇي ويو. مون پئي ويچاريو ته سائين جي ڪنهن زماني ۾ تکي چال ۽ ڪڙڪيدار آواز هوندو هو هاڻي اهو سڀ ڪجهه جهيٽي آواز ۽ جهڪي چال ۾ بدلجي چڪو آهي. في زماني سندس اولاد جوان ٿي نوڪرين سان لڳي چڪي هئي ۽ پاڻ زندگي جا باقي ڏينهن گهر ۾ ويٺي مطالعو ڪندي گذاريندو هو. ستر واري ڏهاڪي ۾ مان ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ملڻ ڪري هميشه لاءِ ڪراچي شفٽ ٿي ويس.

استاد محترم فيض محمد جي وفات جي خبر مون کي ڪراچي ۾ پئي ساڻس ادب، احترام ۽ محبت جو رشتو هو. هن جي وفات جو ٻڌي اکيون آليون ٿي ويون. اِنا لِلّه وَ اِنا عِليهِ رَاجِعُون. هاڻي هلندڙ زماني ۾ پنتي نگاهه ڊوڙائجي ٿي ته اسان کي پوئين زماني وارن استادن جهڙا انسان ڳوليا نٿا لڀن.

علم دوست، سوڀراج گيانچنداڻي

جون ۽ جولاءِ وارين موڪلن ۾ مون کي لاڙڪاڻي جي اديبن، شاعرن ۽ عالمن تي تحقيق جو ڪم ڪرڻو هو. ٿيسز لاءِ پنهنجي سر مون چڱو ادبي مواد جمع ڪيو هو. منهنجو موضوع ڇاڪاڻ ته ورهاڱي کان اڳي جو هو تنهن ڪري ڪيترن ناليوارن هندو سنڌي اديب ۽ شاعر جيڪي ادبي ڪيتر ۾ پاڻ مڃائي چڪا هئا سي 1947ع کان پوءِ ڀارت لڏي هليا ويا ۽ ويندي ويندي پنهنجو ۽ پنهنجي وڏن جو علمي ادبي سرمايو پاڻ سان گڏ کڻي ويا. ان ڏس ۾ مون کي ڀاڀور پئي ته هندستان جي سنڌي اديبن ڪيترا نوان سنڌي رسالا، اخبارون ۽ ڪتاب ڇاپڻ شروع ڪيا آهن.

ان ڪان سواءِ لاڙڪاڻي جا ڪي عالم جهڙوڪ رامچندر پنجواڻي، بمبئي يونيورسٽي مان ۽ جوڌپور واري علائقي مان هريرام درياڻي دل گير ڪاليج سائيڊ تي سنڌي ادب ۽ ٻولي جي ميدان ۾ اورچائي سان ڪم ڪندي نثر توڙي نظم ۾ رسالا، ميگزين ۽ ڪتاب شايع ڪري رهيا آهن.

مذڪوره لاڙڪاڻي واسين ڪان سواءِ گهڻا نام ڪنيا عالم ۽ اديب جهڙوڪ تيرٿ سڀاڻي، ديو سڀاڻي، هوندا راج دکايل، پرڀو وفا ڇڳاڻي، چندو لعل جئيه سنگهاڻي ۽ ارجن سنگ بجلاڻي ورهاڱي کان اڳ ۽ ورهاڱي کان پوءِ جي ادب تي پنهنجين لکڻي ۾ روشني وجهي رهيا آهن. جنهن سبب ادب جي ڪيتر ۾ جيڪي رسالا ڪتاب ۽ ساليانه جامع معلوماتي شمارا جيڪي منظرعام تي اچن ٿا تن مان ڳچ حصو لاڙڪاڻي جي ڏاهي سوڀراج گيانچنداڻي جي لائبريري جي زينت بڻجي ٿو تنهن ڪري مون پنهنجي دوست يارغار بشير احمد شاد کي عرض ڪيو ته يار مون کي مسٽر سوڀي گيانچنداڻي سان ملاقات ڪرڻي آهي. پروگرام ٺاهيو ته هلي ساڻس ملئون. شام جو

ڏينهن ناري اسان ٻئي ڏينهن سوڀي گيانچنداڻي صاحب جي گهر پهتاسين. سوڀراج گيانچنداڻي جي باري ۾ ٻڌائيندو هلان ته هي صاحب لاڙڪاڻي جي علمي ادبي آسمان جو روشن وهائو تارو هو. فڪري و علمي لحاظ کان سندس قدر ۽ منزلت جا قائل ماڻهو پوري پاڪستان ۽ ڀارت ۾ موجود آهن.

هڪ ڀيري ڀارت کان ڪيفي اعظمي ۽ ٻيا ڪمونسٽ لابي جا عالمِ اديب ۽ شاعر پاڪستان ۾ آيل هئا. ڪراچي پريس ڪلب جي بلڪل سامهون واري عمارت جي ٻئي فلور تي ڪراچي جي لبرل سوچ رکندڙ اديبن جو هڪ مذاڪراتي پروگرام رکيل هو. پنهجي دوست فري لانسر افضل شيراني صاحب سان مان به ان تقريب ۾ مدعو هئس. ان تقريب ۾ اتفاق سان منهنجي ملاقات لاڙڪاڻه ۽ آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج جي اڳوڻي پروفيسر مسلم شميم سان ٿي جيڪو منهنجي نشست جي ڀرسان تشريف فرما هو. ان تقريب ۾ مسٽر سوڀي گيانچنداڻي جي شرڪت هڪ مقرر جي حيثيت ۾ هئي.

مون زندگي ۾ گهڻن عالمن اديبن کي ٻڌو هو پر هن تقريب ۾ پنهنجي نندي ڪنڌ جي ريڊيڪل خيالن جي عالمن اديبن جي سامهون گيانچنداڻي صاحب جي خيالن جو اظهار ۽ بيان ٻڌي منهنجي خوشي جي حد نه رهي ۽ فخر محسوس ٿيو ته هي لاڙڪاڻي واسي سنڌ جي هڪ نندي ڳوٺ ٻگي جو ڄائو ڪيڏن وڏن خيالن جو مالڪ آهي.

بشير احمد شاد ۽ مان پنهنجي مطلب سارو جڏهن گيانچنداڻي هائوس پهتاسين ته اسان جي ملاقات سوڀي صاحب جي وڏي ڀاءُ سان ٿي جنهن اسان جو جو آڌر ڀاءُ ڪندي اوطاق ۾ ويهاريو. ڏهن پندرهن منٽن کان پوءِ سوڀراج صاحب اچي اسان سان گڏيو حال احوال جاري هئا ته سندس وڏو ڀاءُ ڪيڪ ۽ چانهن کڻي آيو. مون سوڀراج صاحب کي پنهنجي اچڻ جو مدو بيان ڪيو. جواب ۾

چيائين تون سياڻي شام جو پنجين وڳي مون وٽ اچجانءِ ته مان توکي پنهنجي لائبريري ڏيکاريندس.

ٻئي ڏينهن مقرر وقت تي آئون سندس گهر پهچي ويس. گيانچنداڻي کي تن تي رڳو گنجي ۽ گوڏ هئي. هو مون کي گهر جي پهرين منزل تي وٺي ويو، جتي سندس هڪ عاليشان لائبريري هئي.

لائبريري ۾ ٻه ڪٿون پيل هيون، هڪ پاسي رائيٽنگ ٽيبل ۽ ٻئي ڪرسيون پڻ رکيل هيون. مون کي ڪتابن جي ڪيٽيگرائيزيشن جي باري ۾ ٻڌائيندي چيائين ته تنهنجي موضوع ۽ مطلب جي لحاظ کان پارٽ لڏي ويل اديبن ۽ شاعرن جا ڪتاب هن پاسي رکيل آهن.

صاحب موصوف پاڻ ٻه ڪتاب ڪيندو ڪٽ تي رکندو ويو. مسٽر گنگارام سمراٽ جي روائز ڪيل تخليق قديم سنڌ جي تاريخ ڪڍي منهنجي هٿ ۾ ڏيندي چيائين هي ڪتاب لاڙڪاڻي جي اوائلي تاريخ جو پسمنظر لکڻ ۾ تنهنجو مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. ان بعد پنهنجي گهر جي سامهون اشارو ڪندي چوڻ لڳو. هو سامهون وارو گهر ديو سياڻي وارن جو هو. وري چيائين پارٽ وڃي هن سنڌي ادب تي ڪافي ڪم ڪري ڪتاب ڇپايا آهن. تو وٽ آهي ڪجھ سياڻي جو. سندس سوال جي جواب ۾ مون وراڻيو: ٿورو گهڻو آهي پر توهان ڏيکاريو جيڪو ڪم هن پارٽ ۾ ڪيو آهي. مون کي ان ڳالھ جو احساس هو ته گيانچنداڻي صاحب ڪيڏو وڏو عالم، مفڪر، اديب ۽ مقرر آهي پر علمي ادبي معاملي ۾ هن گرمي جي مند ۾ مون کي ايڏو فيض پيو پهچائي. هن صاحب فهم و فراست ويهارو کن چونڊ ڪتاب منهنجي هٿن ۾ ڏنا جيڪي سمورا جا سمورا منهنجي ڪم جا هئا.

مون انهن ڪتابن جي ورق گرداني پئي ڪئي ته سندس نوڪر جڳ ۾ شربت کڻي آيو، جيڪو گيانچنداڻي صاحب پنهنجي

هٿن سان مون کي سرو ڪيو. مون چيومانس سائين مون کي هنن ڪتابن جا ڪجھ حصا فوٽو اسٽيٽ ڪرائڻا پوندا. وراڻيائين تہ ڪا ڳالھ ناهي پلي، مون چيومانس ڪو پنو يا ڪاپي جو پيج ڏيو تہ مان هنن ڪتابن جي فهرست ٺاهي اوهان کي ڏيان. موٽ ۾ چيائين تہ ان جي ڪا ضرورت ناهي، تون پلي ڪٽي وڃ پر ڪٽي ڪيئن ويندين؟ پنهجي نوڪر کي سڏيائين جيڪو نہ رڳو ڪتاب هيٺ اوطاق ۾ ڪٽي آيو پر مون سان گڏ سيئو بازار فوٽو اسٽيٽ جي دڪان تائين ڪتاب ڪڻائي هليو. ايڏي علمي ادبي سخاوت، ايڏي خدمت ۽ ايڏو اعتبار سو بہ پهرين واري ۾. در حقيقت اهي آهن اسان جا سنڌي محبوب ۽ محسن ماڻهو جن جو جيترو مان مريادو ڪجي اوترو ٿورو آهي.

**

پروفيسر غلام الله شيخ

سائين غلام الله شيخ سان منهنجي پهرين ملاقات ان وقت ٿي جڏهن 1958ع ۾ مان ميونسپل هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ ٽئين انگريزي اسٽينڊرڊ ۾ پهتس. ٽئين درجي ۾ اسان جو جاگرافي جو پيرڊ هوندو هو. اسڪول جي هيڊ ماستر بشيرالدين سائين غلام الله شيخ کي هن پيرڊ پڙهائڻ جون ذميواريون ڏنيون هيون. اسڪول ۾ سائين غلام الله شيخ جو شمار انهن استادن ۾ ٿيندو هو جيڪي پنهنجي وسيع مطالعي جي بنياد تي مختلف موضعن تي بخوبي ليڪچر ڏيڻ جي صلاحيت رکندا هئا. سائين غلام الله وڏي سليقي ۽ فني طريقي سان پڙهائيندو هو. ليڪچر دوران هر ڳالهه کي سهنجو ڪري سمجهائڻ مهل تمثيلون ۽ مثالن کان ڪم وٺندو هو. پيرڊ جي پوري ٿيڻ کان پوءِ جي ڪجهه وقت باقي بچندو هو تنهن ۾ سماجيات ۽ اخلاقيات تي ليڪچر ڏئي اسان جي دماغن ۾ ڪجهه نہ ڪجهه اوتي ويندو هو. پنهنجي ڪلاس جنهن جو هو انچارج هوندو هو، تنهن کي انگريزي پڙهائيندو هو. جنهن ۾ کيس وڏي مهارت حاصل هوندي هئي، سندس انگريزي ۾ ماسٽرس ٿيل هئي. انگريزي ادب ۽ فلسفي تي سائين جن کي خاص دسترس حاصل هو. جڏهن اسڪول جي تعليم پوري ڪري تعليم جي ميدان ۾اڳتي قدم وڌاياسين تڏهن اسڪول واري زماني جي انهن شاگردن جن کي هو هوشيار ۽ ذهين ڄاڻندي خاص ڌيان ڏيندو هو، تن جي تنظيم سازي ڪري لڳاتار پيو رهنمائي ڪندو هو.

سائين غلام الله شيخ ڀهڳٽي شخصيت جو مالڪ هو، اسڪول واري زماني ۾ پڙهائي ۽ زائد نصابي سرگرمين لاءِ شاگردن کي تيار ڪرڻ جي سلسلي ۾ اسڪول ۾ جيڪي معروف

استاد هوندا هئا تن ۾ سائين جو شمار ٿيندو هو. اهڙين صلاحيتن جي بنياد تي اسڪول ۾ ٿيندڙ تقريري مقابلا، نعت، ميلاد پڙهڻ توڙي ڊرامن ۾ حصو وٺڻ دوران شاگردن جي نه رڳو هو رهنمائي ڪندو ۽ ڊائريڪشن ڏيندو هو پر گهڻن ڊرامن جو موسيقي جي مرحلن ۾ ڊرامي جي انچارج استاد عبدالله مڪاني جو منچ تي اڇي پرپور ساٿ ڏيندي نظر ايندو هو. استاد محترم پنهنجي پر ۾ هڪ بهترين ۽ سريلو ڳائڻو پڻ هو. اسان هن جي اهڙي گڻ ڪي اسڪول جي منچ ۽ لاڙڪاڻي جي ٽيڪنيڪل ڪاليج جي افتتاح جي تقريب واري ڏينهن اسٽيج تي ڳائيندي ٻڌوسين. سائين غلام الله ۽ اسان جي سٽ جو ساٿ عمر ڀر قائم رهندو آيو اهي. اسان سندس منڙي ۽ سريلي جهونگار سڄي عمر ٻڌندا رهيا آهيون.

سائين غلام الله اسڪول جي لائبريري جو انچارج هوندو هو، سڄي لائبريري اڪيلي سر سنڀاليندو هو. اسان شاگردن ۾ نصاب جي ڪتاب ڪي پڙهڻ ڪان سواءِ ٻين ڪتابن جي مطالعي ڪرڻ جو شوق جاڳايو هئائين. مان جڏهن چوٿين درجي ۾ آيس ته فري پيرڊ ۾ لائبريري ۾ وچي دنيا جي عالمي تاريخ جو ڪتاب سائين جن ڪان اشو ڪرايو. ڪتاب منهنجي هٿ ۾ ڏئي چوڻ لڳو پڙهي سگهندين؟ مون ڪيس وراڻيو سائين ڪوشش ڪندس.

اسڪول واري زماني جون سائين جن جون گهڻئي ڳالهيون ذهن تي تري اڇن ٿيون. سائين غلام الله رومي، شاهه ولي الله، امام غزالي، ابن خلدون، شيخ سعدي، علامه اقبال، حافظ شيرازي، عطار، عمر خيام ۽ ٻين ڪيترن ئي اوير ۽ وچ اوير جي مذهبي ۽ مستشرقين شاعرن، فلسفين ۽ ڏانهن جي ادب ۽ علم جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو هو. سائين انهن جا اثر به قبول ڪندو هو، جيڪي هن جي لب ۽ لهجي ۽ سندس عملي زندگيءَ مان ظاهر ٿيندا هئا. هڪ ڀيري سائين اسلامي حيات زندگي تي ڪنهن ڪتاب جو مطالبو ڪيو، جنهن جو مٿس گهرو اثر ٿيو. هڪ ڏينهن سائين ٿيون پيرڊ

ونڻ لاءِ ڪلاس ۾ داخل ٿيو ته سائين جن جو نئون روپ ڏسي اسان شاگرد دنگ رهجي وياسين. ڇا ڏسون ته استاد محترم ڪي هڪ اڇي رنگ جو ڍگهو جامو زيب تن آهي، مٿي تي اڇو پٽڪو اٽس، هڪ هٿ ۾ ڍگهي عصا ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪو ديني ڪتاب. سائين سلام ڪري ڪرسي تي براجمان ٿيو. عصا ڪي پٺ سان ٽيڪي رکيائين ۽ ڪتاب ڪي ميز تي رکيائين. ڪلاس جا مڙئي شاگرد سائين جن جي نئين گيٽ اپ تي محو حيرت هئا. اهري صورتحال تي ٻن شاگردن ڏند شيڪ ڪئي پر سائين جن وڏي بي نيازيءَ سان پنهنجو ڪلاس ونڻ شروع ڪري ڏنو. ڏينهن ٻن گذرڻ ڪان پوءِ اسٽاف روم جي ٻاهران سائين غلام الله پنهنجي ناراضگي جو اظهار ڪندي ڪاريڊور مان گذريو ۽ اهو پئي چوندو ويو ته مون سان چرچو ڪرڻ وارو خوش رهي نه سگهندو. هن منهنجي هڪ عصا لڪائي آهي، مان سياڻي ٻي ڪٺي ايندس، جي منهنجي ٻي عصا به چورائيندا ته مان ٽين ڪٺي ايندس. مون ڪي پنهنجي ارادي ڪان ڪوئي موڙي نٿو سگهي. قصو ڪوتاهه ٿورڙي عرصي بعد هڪ ڏينهن ڏٺوسين ته استاد محترم ڪلين شيو لڳو پيو هو ۽ پينٽ شرٽ پايو هٿ ۾ ڪتاب ڪنيو اڇي ڪلاس روم ۾ وينو ۽ پنهنجو ڪلاس ونڻ شروع ڪيائين.

اسان جو چوٿين درجي جو ڪلاس ڊرائنگ هال جي پويان لائبريري جي پرسا هو. رسيس مليل هئي، شاگرد شيون ونڻ لاءِ جيئن ڪلاس روم ڪان ٻاهر نڪتاسين ته سائين غلام الله هندا ففٽي تي چڙهيو وڏي واڪ چوندو پي آيو”پري ٿيو چورا پري ٿيو، موٽر سائيڪل ڪي بريڪ نٿي لڳي.“ سائين جي اهڙي پريشان ڪن حالت ڏسي اسان رستو ڇڏي پڄي پري ٿياسين. جهٽ پلڪ ۾ ڏٺوسين ته سائين جي موٽر سائيڪل وڃي ڊرائنگ هال جي آخري پلر ۾ لڳي، سائين ڪپڙا ڇنڊي اٿي ڪڙو ٿيو پر موٽر سائيڪل اڃا به اسٽارٽ لڳي پئي هئي. ڏينهن ٻن ڪان پوءِ خبر پئي ته سائين

پنهنجي وڏي ڀاءُ حسن الله شيخ جي موٽر سائيڪل ڪٽي آيو هو ۽ ڪيس ان کي هلائڻ جي اجا ڪا خاص پريڪٽس ڪانه هئي.

1967ع جي گرمين جا ڏينهن هئا، اسان سڀئي دوست گريجوايشن ڪري چڪا هئاسين. سائين غلام الله جي مرضي ۽ سهڪار سان قائم ڪيل سنڌي سجڻن سٿ جي ساٿين سائين جي صلاح تي لاهوري محلي ۾ ريگيوليٽر وٽ پڪنڪ جو پروگرام رکيو. اسان رائيس ڪئنال ڪان پرينءَ پر پنج پل جي اوڀارين پڪ وٽ ڦٽل گهاڙ واهه جي پرسان گيدوڙي جي وڻ لڳ وڃي پڙاءُ وڌوسين. پاڻ سان آندل ڦراسيون وڇائي ان جي وٽ تي پاٽيءَ جو دلو پري رکيوسين. زمين ۾ چڱي پلي کڏ کوٽي ان ۾ انب ۽ ڏنگ ڏوڪا ۽ آلو بخارا رکي مٿان برف وجهي ڳوڻ سان ڍڪي ڇڏيوسين. پاٽي ۾ تڙڳي جڏهن ٿڪياسين، تڏهن ماني ۽ فروٽ کائڻ لاءِ وقفو ڪيوسين. مون کي هن وقت تائين سائين جي اها ڳالهه ياد رهي آهي ته ان موقعي تي هن مون کي دلي مان پاٽي پرڻ لاءِ چيو، مون کيس پاٽي پري ڏنو، ان کان پوءِ مون پنهنجي لاءِ پاٽي پرڻ وقت پنهنجا ٻئي گوڏا زمين تي جهڪائي دلي مان پريل پاٽي جو وٽو ساڳيءَ جهڪيل پوزيشن ۾ ويٺي پيتو ته سائين کي اهو منهنجو پاٽي پيئڻ وارو انداز اهڙو وڻيو جو سڀني دوستن جي سامهون چيائين ته جڏهن آئون پنهنجو ناول لکندس ته توکي ان جو هيرو بڻائيندس.

محترم سائين غلام الله شيخ وڏين صلاحيت جو مالڪ هو. حققتن هو وڏو مضمون نگار هو، بي اي جي امتحان ۾ سنڌي ۾ هڪ مضمون لکيو هئائين. ان مضمون ۾ کيس سنڌ يونيورسٽي، سڄي سنڌ ۾ مڃتا طور کيس خصوصي انعام سان نوازيو هو. خطابت ۽ تقرير جي معاملي ۾ پڻ پڙ هو. اسٽيج تي ڪمپيئرنگ ڪرڻ به سندس ڏائي هٿ جو کيل هو. سندس لکيل ڪجهه مضمون اخبارن ۽ رسالن جي زينت بڻبا هئا پر لکڻ پڙهڻ ۾ سائين جا ويرا

هوندا هئا ۽ لکڻ جي معاملي ۾ سست واقعي هو. منهنجي خيال موجب ان جو سبب سندس بدلجندڙ خيال ۽ نظريا هئا. بي شمار موضوعن تي هڪ ئي وقت مطالعي جي ڪري سندس خيالن ۾ مونجهارو جنم وٺندو هو. اولانهين ملڪن جي فڪر ۽ فلسفي جي اونهي مطالعي سبب سندس فڪر ۽ نظر ۾ ڦيرڦار ايندي هئي. سائين جي اهڙي ڪيفيت وقت جڏهن اسان پنج ڳاڻ پڙهندا هئاسين ته سائين چوندو هو، توهان نمازون ته پڙهو ٿا پر اهي عادتن پيا ٿا پڙهو، جنهن ۾ ايمان، عقيدي ۽ روحانيت واري شڪتي ڪانهي. چوندو هو نماز پڙهڻ جو حقيقي فائدو تڏهن ملندو جڏهن ان ۾ محض عادت جو دخل نه هجي. سائين غلام الله کي مطالعي جي عادت ايتري هقدر هوندي هئي جو هڪ نه هڪ ڪتاب هميشه هن جي هٿ ۾ هوندو هو. پاڪستان چوڪ تي ڪيفي المدينه (پراڻو) تي شام جي پهر اچي ويهندو هو. محمد يوسف شيخ، بشير احمد شاد، محمد يوسف لغاري، غلام سرور شيخ، محمد ايوب سولنگي ۽ مان ساڻس اچي ملندا هئاسين ته اسان سائين کي ڪتاب جي مطالعي ۾ محو ڏسندا هئاسين. جڏهن سنگت جي ڪچهري ٿيندي هئي تڏهن محترم وجي ڪتاب کي نپيندو هو. ان زماني ۾ سائين جن کي ويسورو به گهڻو هوندو هو. پاڻ سان آندل ڪيترائي ڪتاب ڪٿي نه ڪٿي وساري ايندو هو، ڪڏهن ڪڏهن ته پنهنجيون قيمتي قراقلي ٽوپيون به ان ويسوري جي ور چڙهي ويندڻون هيون.

1960ع واري ڏهاڪي جي وچ واري عرصي ۾ ملڪ جون واڳون زبردستي ڪسي چيف آف آرمي اسٽاف محمد ايوب پنهنجي قبضي ۾ ڪيون. هن پنهنجي اقتدارکي ڊيگهه ڏيڻ لاءِ ملڪ ۾ بنيادي جمهوريت جو ڊرامون رچائيندي ملڪ ۾ نئين اليڪشن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو. اهڙي اعلان ڪان پوءِ ملڪ ۾ اليڪشن جون تياريون شروع ٿي ويون. اليڪشن ڪرائڻ واري عملي کي تربيت ڏيڻ جي سلسلي ۾ ملڪ ۾ مختلف جاين تي تربيتي مرڪز

قائم ڪيا ويا. انهن مرڪزن ۾ بنيادي جمهوريت تي ليڪچر ڏيڻ لاءِ لائق ۽ قابل استادن کي ليڪچر ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو. ڪراچي واري مرڪز تي سائين غلام الله شيخ جي مقرري ٿي. سائين سٽ جي مڙني دوستن اڳيان ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو ۽ اها به صلاح ڪئي ته آهي ڪو توهان مان جيڪو ٽن ڏينهن لاءِ ڪراچي ڳڌجي مون سان هلي. سنگت مان ڪنهن به حامي ڪانه ڀري. تنهن هوندي به سائين مون کي پاڻ سان هلڻ لاءِ چيو، مون سندس حڪم جي تعميل ڪئي. تڪڙ ۾ سنبرندي مون پنهنجي گهروارن کان ۽ ڪارخاني مان موڪل ورتي.

ٻئي ڏينهن رات جي ماني ڪائي آئون سائين سان وجي جناح باغ ۾ مليس جتي اسان جي سٿ جي روزانو ڪچهري ٿيندي هئي. بولان ميل تي ڪراچي وڃڻ لاءِ مسافرن کي سوير بولان ميل سان لاڙڪاڻي مان لڳندڙ گاڏن ۾ ويهڻ لاءِ سيٽون هٿ ڪرڻ لاءِ اڳواڻ وڃي ويهڻو پوندو هو.

رات جو اڍائي وڳي ڌاران اسان جو ڪراچي ڏانهن سفر شروع ٿيو. ريل جڏهن مانجهند ٽپي اڳتي هلي ته سائين پاڻ سان آندل ٿامس هارڊي جي ناول ٽيس آف دي ڊي اربير وليز جو مطالعو ڪرڻ شروع ڪيو. ريل جي بوگي جي درين مان ٿڌڙي هوا جا تيز جهونڪا اچي رهيا هئا، منهنجي به ان وقت اک ڪلي هئي. بوگي ۾ گهڻا مسافر گهور ننڊ ۾ پيا هئا، ڪنهن سمي دري مان هڪ اهڙو زبردست هوا جو جهوٽو آيو جنهن سان سائين غلام الله جي مٿي تي رکيل نماز واري ٽوپي دري کان ٻاهر نڪري وئي.

سائين مون ڏانهن ڏسندي چيو ڏٺئي هي ڇا ٿيو؟ مون وراڻيو، سائين اهو هوا جو ڪمال آ. هيڏي هوڏي ڏسي سائين ماٺ ڪري پنهنجي مطالعي واري ڪرت کي لڳي ويو. بولان ميل تکي رفتار جي ريل هئي. سا صبح جو يارهين وڳي ڪينٽ اسٽيشن تي پهتي. سائين کي بريف ڪيس هو ۽ مون کي هٿ ۾ ڳنڙي هئي.

جنهن ۾ ڪپڙن جو هڪ وڳو ۽ ڏندن کي صاف ڪرڻ لاءِ نم جا ٻه ٽي ڏندڻ ۽ پڙهڻ لاءِ هڪ ٻه نصابي ڪتاب رکيل هئا. ٽيڪسي ۾ صدر پهچي سلاطين هوٽل جي سامهون واري روڊ تي انٽرنيشنل هوٽل ۾ ڪمرو بڪ ڪرايوسين. ٻه ٽي ڪلاڪ آرامي ٽي شام واري پهر ۾ بوهري بازار ۽ ويجهڙ وارين صدر جي بازارين ۾ چڪر ڏناسين، سائين غلام الله جو شوق گهڻو تڻو ڪتابن سان هوندو هو، سو ريگل سينيما وٽ ٿامس اينڊ ٿامس ڪتاب گهر تي ڪلاڪ ڪن ڪتاب چڪاس ڪيائين. جيڪي وٽيس انهن مان ٻه ڪتاب خريد ڪيائين، اتان وري ايلفنسٽن اسٽريٽ ۾ رستي تي لڳل ڪتابن جي شيلفن ۾ پئي ڪتابن کي ڦولهيائين. اتان مشهور انگريزي ليکڪ چارلس ڊڪن جو ناول ڊيوڊ ڪاپر فيلڊ هٿ آيس، جيڪو سني ڊسڪائونٽ تي خريد ڪيائين. رات جي ماني کائي سائين اچي ڪتابن جي ورق گرداني شروع ڪئي، مون کي ننڊ پئي آئي سو مان سمهي پيس.

ٻئي ڏينهن سائين سوير اٿي نهي سنيري وينو ۽ بيري کي ناشتي جو آرڊر ڪندي مون کي اٿاريائين. ناشتو پاڻي ڪري سائين پاڻ سان آندل جمهوريت تي ليڪچر ڏيڻ لاءِ ڪتاب کڻي ڪمشنر آفيس روانو ٿي ويو. ٻاهر ويندي چيائين ڪاڏي پري نڪري نه وڃجان، شيڊيول موجب سائين جا ٽي ڏينهن ليڪچر رکيل هئا جيڪي ڪنهن سبب ڪٽ ڪري ٻن ڏينهن ۾ پورا ڪرايا ويا. اسان موقعي جو فائدو وٺندي هڪ ڏينهن چڙيا گهر گهمياسين ۽ گهر جي لاءِ شي شڪل ورتيسين، ايئن گهمي ڦري ساڳئي بولان ميل تي لاڙڪاڻي موٽي آياسين.

سائين غلام الله شيخ سان گڏ سفر ڪرڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ ۾ سائين جي مزاج، سياءَ ۽ روين جي اسٽڊي ٿي. لاڙڪاڻي ۾ رهندي ورهين جا ورهيه سائين جي صحبت ۾ رهي اسان دوستن زندگي جي اونچ نيچ ۽ ڏک سک وارن پاسن کان چڱيءَ طرح واقفيت

حاصل ڪئي. سائين اسان مڙني دوستن جا اخلاق سنواري اسان جي ڪردارسازي ۽ شخصيت سازي ڪئي. تعليم جي حصول لاءِ نصابي ڪتابن جي مطالعي جو ڏانءُ ڏنو ۽ عادت وڌي. هن زندگيءَ ۾ سنيون عادتون ۽ سهڻا رويا اختيار ڪرڻ ڏانهن اسان جو ڌيان ڇڪايو، مطلب ته زندگيءَ ۾ پنهنجي حقن جي ويڙهه وڙهڻ جي اسان ۾ صلاحيت پيدا ڪئي. اها هڪ حقيقت آهي ته هن جي علم، ادب، دين، فلسفي ۽ سماجي زندگي جي گهڻن پاسن تي ڏنل معلومات مان اسان گهڻي پاڳي پنهنجي زندگي کي سنوارڻ ۾ ڪامياب ٿياسين.

سائين غلام الله شيخ اسڪول سيڪشن مان ترقي ماڻي ڪاليج سيڪشن ۾ آيو. سندس پوسٽنگ پنهنجي اباڻي ڳوٺ قمبر ۾ ٿي. قمبر ۾ ان وقت گورنمينٽ جو نئون ڪاليج کليو هو. ڪاليج وڃڻ لاءِ پهريون روزانو اچ وڃ ڪندو هو پر ستت ئي قمبر ۾ رهڻ جو فيصلو ڪري اوڏانهن شفٽ ٿي ويو. اسان کي سڪ لڳندي هئي ته بشير احمد شاهه محمد يوسف شيخ ۽ مان قمبر وڃي وٽس مهمان ٿيندا هئاسين. رٽائرمينٽ کان اڳ ۾ سندس لاڙڪاڻي ڊگري ڪاليج ۾ بدلي ٿي ۽ اتان ئي سائين جن رٽائر ٿيا. سندس پٽ جڏهن جوان ٿيا ۽ انهن کي ڪراچي ۾ نوڪرين سانگي وڃڻو پيو ته سائين غلام الله به ڪراچي لڏي آيو. قدرت جو ڪيو جو ڪراچيءَ ۾ اسان هڪ ئي بلڊنگ صائمه پرائيڊ ۾ رهنداهئاسين. جتي اسان جون ملاقاتون ۽ ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون. ان عرصي ۾ به اسان جا تعلقات هميشه مٽن مائٽن ۽ پائرن جهڙا رهيا. سائين 1975ع ۾ منهنجي شادي ۾ سنگت سٿ سميت ڪراچي اچي شريڪ ٿيو هو.

حقيقت ۾ اها منهنجي وڏي خوش نصيبي هئي. هاڻي اسان هتي هڪ ٻئي جي ڌيئرن ۽ پٽن جي شادي مرادي جي موقعن تي ساٿ ڏيندا آهيون، ڪراچيءَ ۾ رهندي ڪجهه وقت اڳ سائين کي

ڪمزوري جي شڪايت رهي هئي. رمضان شريف جي مهيني ۾ مان سائين جي گهر افطاري ڪٽي ويندو هوس. هڪ ڏينهن زوريءَ ويهاري چيائين ته ويهه ته روزو گڏجي ٽا ڪوليون.

سائين جي حڪم جي تڪميل ڪندي ساٽس گڏجي روزو ڪوليو، سج لٿي جي نماز لاءِ لائونج ۾ جاءِ نمازون وڇايون ويون. وضو ساري جڏهن نماز لاءِ صف ٻڌي سين تڏهن مون کي سائين چيو ته غلام رسول نماز تون پڙهاءِ. مون سائين جي حڪم جي بجا آوري ڪندي نماز پڙهائي. سائين جو ڏنل امامت وارو اهو اعزا مون کي مرڻ گهڙيءَ تائين ياد رهندو.

پروفيسر عبدالمنان چانڊيو

منهنجي زندگيءَ ۾ ايندڙ ٽي وڏي مان ۽ مريادي واريون شخصيتون جن جي صحبت منهنجي زندگي کي سنواريو، سينگاريو ۽ علمي ادبي شعور بخشيو سي هئا پروفيسر اياز حسين قادري، پروفيسر عبدالمنان چانڊيو ۽ پروفيسر عبدالله جاويد. هي ٽئي شخصيتون تعليمي شعبن ۾ باڪمال ۽ باڪردار استاد هئا، جن جي شخصيت علمي، ادبي ۽ سماجي لحاظ کان مون کي ايترو متاثر ڪيو جو آئون انهن کي اڄ صدي گذرڻ کان پوءِ به وساري نه سگهيو آهيان.

پروفيسر عبدالمنان چانڊيو لاڙڪاڻي ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ 1960ع ڌاري اسان جو انگريزي گرامر ۽ ڪمپوزيشن جا ڪلاس وٺندو هو. سندس ڊيک ۽ ڏاهه، منهن مهانڊو، شڪل شبيهه ۽ اسٽائل نهايت متاثرڪن هوندي هئي.

جڏهن سردين جي سيزن ۾ سوٽ بوٽ سان گڏ اوورڪوٽ ۽ انگلش هيٽ پائي اسڪول ايندو هو ته ڄڻ ايف بي آءِ جو سيڪريٽ ايجينٽ يا جيمس بانڊ سيريز جو ايڪسيلنٽ ڪلاس جاسوس لڳندو هو. سندس اهڙو روپ اسان کي ان وقت نظر ايندو هو جڏهن صبح جو اسڪول جي اسمبليءَ کان پوءِ هو دير سان ايندڙ شاگردن کي سزا ڏيڻ لاءِ ڊرائنگ هال پرسان پپر جي وڏي وڻ جي هيٺان انگلش هيٽ ۽ اوورڪوٽ پائي هٿ ۾ سوٽي کنيون دير سان آيل شاگرد کي چوندو هو، هيلو ايڊي ائٽ ڪم هيئر... او باسٽرڊ ڪم هيئر واءِ يو آر ليٽ... وغيره وغيره. جيڪي شاگرد دير سان ايندا هئا تن کي هڪ اڌ ڏنڊي وهائي ڪڍندو هو.

اسڪول ۾ انگريزي ضرور پڙهائيندو هو پر ان سان گڏ شاگردن جو سماجي شعور وڌائڻ جي غرض سان اصلاحي ڳالهون

پڻ ڪندو هو. انگريزي ادب ۽ اڪنامڪس ۾ ماسٽرس ڪيل هئس پر مطالعو ايڏو وسيع هئس جو سڄو وقت فلسفياڻو گفتگو فرمائيندو هو. سائين عبدالمنان سچو کرو ۽ بي لوث انسان هو، بهترين مضمون نگار ۽ مبصر هو. سندس تحريري مواد ”لاڙڪاڻي ضلعي جي ٽي سو سالا تاريخي پس منظر“ مان مون تمام گهڻو فائدو حاصل ڪيو. اسان جي اسٽڊي سرڪل جون بيٺڪون جيڪي جناح باغ ۾ ٿينديون هيون تن ۾ سائين غلام الله شيخ سان ملڻ جي غرض سان ڪڏهن ڪڏهن تشريف فرما ٿيندو هو ته پنهنجي سهڻي سليقي واري گفتگو ۽ جنرل ناليج مان گهڻو ڪجهه اسان کي وندي ويندو هو.

سائين عبدالمنان چانڊيو جڏهن آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج جو پرنسيپال مقرر ٿيو، تڏهن محمد يوسف شيخ، بشير احمد شاد ۽ مان گڏجي وٽائنس ڪجهه سکڻ لاءِ ويندا رهندا هئاسين. سائين جن چانهن بسڪيٽ سان اسان جي تواضع ڪندا هئا. محمد يوسف ڪانئس هڪ اڌ سوال ڪنهن ملڪ جي سنگين معاشي، سياسي ۽ سماجي مسئلي تي ڪندو هو.

بس پوءِ سائين جن شروع ٿي ويندا هئا ۽ سماجي، معاشي ۽ ملڪي مسئلن تي انيڪ معلومات ڏئي ويندا هئا. آخر ايئن به چئي ويندا ها ته هن ملڪ ۾ تبديلي جي ڪا اميد نه رکجو. اسان چوندا هئاسين ته سائين اهو وري ڇو؟ ته چوندو هو... پنهنجي اسڪول وڃو ۽ وڃي ڏسو ته اڄ به اهائي ڪپڙي ۽ اهوئي مٽ پيو آهي نه؟ جي ويهه سال گذرڻ کان پوءِ به تعليم گاهه ۾ ڪا تبديلي ڪانه آئي آهي ته سماج ۾ تبديلي ڪيئن ايندي؟

سائين عبدالمنان چانڊيو جڏهن موسيٰ آرٽس ڪاليج لاڙڪاڻي جو پرنسيپال مقرر ٿيو ته مون کي بشير احمد ۽ مولابخش پيٽي کي پنهجي ڪاليج ۾ سنڌي ليگويج ۽ لٽريچر جا ڪلاس پڙهائڻ لاءِ مشورو ڏنائين ته جيئن اسان جو پڙهائڻ لاءِ اعتماد بحال ٿي ۽

تجربو حاصل ٿي. اسان ٿنهي کي ڪاليج ليڪچررز جي خالي آسامين جي لاءِ معلومات پڻ فراهم ڪندو هو. سندس ئي ڏنل ڄاڻ تي اسان سنڌ گورنمينٽ جي مقابلي جي امتحان ۾ شرڪت ڪري ٿئي دوست هن جي صلاح مشوري، تربيت ۽ حاصل ڪيل تجربي جي بنياد تي ليڪررشپ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿياسين. سائين عبدالمنان انهن پارس شخصيتن مان هڪ هئو، جنهن پنهنجي هزارين شاگردن جون زندگيون سينگاري، سنواري انهن کي سون ورنو بڻائي ڇڏيو.

پروفيسر عبدالله ”جاويد“

اڳ مون عرض ڪيو هو ته منهنجي زندگي ۾ ايندڙ ٽي عاليشان ڪردار وڏي مان مريادي وارا استاد پروفيسر عبدالمنان چانڊيو، پروفيسر اياز حسين قادري ۽ پروفيسر عبدالله جاويد اهڙيون شخصيتون هئا جن پنهنجي سماجي علمي ۽ ادبي ڏاهپ جي لحاظ کان مون کي ايترو متاثر ڪيو جو اڄ صدي گذرڻ تائين آئون ڪين وساري نه سگهيو آهيان. بشير احمد ”شاد“ جڏهن ليڪچرار جي حيثيت سان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج سانگهڙ جوائن ڪيو هو تڏهن فراقي ڏک کي گهٽ ڪرڻ لاءِ خط ذريعي مهيني اڌ ۾ پنهنجو حال احوال مون کي ڪراچيءَ موڪليندو هو. ان ۾ انگريزي جي پروفيسر عبدالله جاويد جو ذڪر خير شامل هوندو هو ته هو اردو جو ترقي پسند شاعر آهي ۽ ان سان گڏ هو ملنسار، مهمان نواز ۽ هڪ مهربان شخص آهي. هو ايترو به لکندو هو ته اسان رات جي ماني اڪثر گڏ تيار ڪندا آهيون يا گڏجي هوٽل ۾ به کائڻ ويندا آهيون.

بشير احمد شاد ايترو به ٻڌايو هو ته عبد الله جاويد جي شاعري جو مجموعو شايع ٿي چڪو آهي، جنهن جي ڪاپي هن مون کي ڏني آهي وغيره وغيره.

1974ع ڌاري پروفيسر عبدالله جي بدلي ڪراچي ۾ ٿي هئي ۽ ڪنهن ڪاليج ۾ ڊيوٽي رزيوم ڪرڻ لاءِ ڊائريڪٽوريٽ جي چڪرن ۾ هو. آئون بولٽن مارڪيٽ کان ڪينٽ اسٽيشن ويندڙ ٽرام ۾ سفر ڪري رهيو هئس ته ماما پارسي اسڪول وٽان ڪو مسافر ٽرام ۾ چڙهيو ۽ اتفاق سان سرندو سرندو مون سان لڳي بيٺو سندس منهن مهانڊي تي نظر پئي ته مون کي شڪ جاڳيو ته هن همراهه کي مون ڪٿي ڏٺو آهي. مون اردو ۾ مخاطب ٿيندي

پڇيومانس تہ ڪاڏي پيو وڃين؟ وراڻيائين تہ بمبينو سنيما... وري پڇيومانس ڇا توهان ٻاهران آيا آهيو؟ چيائين جيءَ، ڪٿان؟ مون ڪي جوابن چيائين سانگهڙ ڪان، اتي مون پڪ سمجهيو تہ هي ماڻهو عبد الله جاويد آهي. مون شڪ دور ڪندي چيو توهان جو نالو عبدالله جاويد آهي؟ حيران ٿي پڇڻ لڳو تہ ڪراچي ۾ مون ڪي تہ ڪو سڃاڻندو بہ ڪونهي، تو مون ڪي ڪيئن سڃاتو؟ مان چيومانس منهنجو دوست بشير احمد شاد سانگهڙ ڊگري ڪاليج ۾ ليڪچرار آهي، ان جيڪي تصويرون مون کي موڪليون آهن انهن ۾ اوهان بہ هن سان گڏ بيٺل آهيو. ڏاڍو خوش ٿيو. سندس اسٽاپ ويجهو هو مون پڇيو مانس تہ رهائش ڪٿي اٿو؟ ٻڌايائين فيڊرل بي ايريا. ايئن چئي همراهہ لٿو هليو ويو. هڪ اڌ سال ڪان پوءِ ٻيهر هن سان ان وقت اوچتو ملاقات ٿي جڏهن مان لياري ڪاليج ۾ پرنسپال محمد يوسف ڪوڪڙا صاحب جي آفيس ۾ وينو هئس تہ هو سلام ڪندي اندر داخل ٿي پرنسپال سان پنهنجو تعارف ڪندي پنهنجو نالو ٻڌايو. جيئن ئي مون تي نظر پيس تہ همراهہ خوشي وچان ٻهہ ٻهہ ٿيڻ لڳو. مون بہ ڪيس قرب سان ڀاڪر پاتو. هن ڀيري پنشمينٽ طور هن جي لياري ڪاليج ۾ بدلي ڪئي وئي هئي. همراهہ جيترو محبتي هو اوترو ارڏو بہ هو، تنهن ڪري لاڙڪاڻي ڪان شڪارپور، شڪارپور ڪان سانگهڙ، سانگهڙ ڪان ڪراچي ناظم آباد ۽ ناظم آباد ڪان لياري اچي پهتو هو.

لياري ڪاليج ڪيس راس آيو جو هتي سندس سنن ماڻهن سان واسطو پيو. سال اڌ ۾ هن جي دوستي مڙني اسٽاف ميمبرس سان ٿي. مونسان روزانو گڏ اچڻ وڃڻ ٿيندو هئس، چاڪاڻ جو هو واٽر پمپ جي ويجهو عزيز آباد ۾ رهندو هو جيڪو منهنجي گهر ڪان بلڪل ويجهو هو. سندس گهر واري لاڙڪاڻي جي مشهور ڊاڪٽر امان الله سومري جي گهر واري جي ڀيڻ هئي. تنهن ڪري ان ناطي سان اسان جي گهري دوستي ٿي وئي.

عبد الله جاويد جون جيڪي خوبيون بشير احمد شاد خط ۾ بيان ڪيون هيون سي برابر منجهس هيون ئي هيون پر ان کان به ڪجھ وڌيڪ خوبيون هن مرد مجاهد ۾ موجود هيون. پاڙيسري هجڻ ڪري ۽ ڪاليج ۾ ڪني هجڻ ڪري اسان جون روز ملاقاتون ٿيندون هيون.

ڪاليج ۾ سروس جي لحاظ کان پرنسيپال کان پوءِ سينيئر هو جنهن ڪري دفتري ڪمن ۾ پرنسيپال هن جي صلاح مشوري ۽ سهڪار جو محتاج رهندو هو. انگريزي جو پروفيسر هو. ڳالهائڻ ڪرڻ توڙي ڊرافٽنگ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. تنهن ڪري ڪاليج ۾ اهميت حاصل ڪري ويو. عبدالعزيز ڪوڪڙا جي ڊائريڪٽر جي پوسٽ تي اپگريڊيشن ٿي ته عبدالله صاحب ڪاليج جي پرنسيپال جي حيثيت سان چارج سنڀالي. مون هن صاحب جون جيڪي خوبيون بيان ڪيون آهن انهن جو مون کي هر گهڙي هر وقت فائدو ملندو هو. دل جو درياهه ۽ سخي مرد هو. منهنجي گهٽي روڪڻ باوجود منهنجي شادي جي ڪيترن ڪمن ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺو رهيو، ايتري قدر جو پنهجي ڪار کي تين هٽي تان هارن گلن سان سينگاري پنهنجي نندي ڀاءُ جي ڊيوٽي لڳائيندي منهنجي گهر موڪلي ڏني هئي ۽ پاڻ ٻارين ٻچين شادي ۾ شريڪ ٿيو هو. شادي بعد جيئن عزيز عقارب گهوٽ ڪنوار جي آجيان ۽ دعوتون ڪندا آهن تيئن هن صاحب اسان جون دعوتون ڪيون. ڪارائڻ پيئڻ جو به وڏو شوقين هو.

اڪثر بوهري بازار صدر وجي فرزند علي جي قلفي ڪائيندا هئاسين ۽ صدر جي مشهور هوٽلن تي ڪايا پيا ڪري موج مزا ڪندا هئاسين.

ذهني و فڪري لحاظ کان جيترو سوچ جو بلند هو اوترو پاڻ کي ظاهر نه ڪندو هو. هندوستان ۾ تعليم حاصل ڪرڻ وقت ڪميونسٽ ۽ لبرل خيالن جي لابيز کان گهڻو متاثر هو ۽ نوجواني

۾ اهڙن گروپن ۽ گروهن سان تنظيمي ۽ فڪري ڪمن ۾ ساٿ ڏئي چڪو هو. لاڙڪاڻي واري مشهور ڏاهي جمال الدين بخاري جون گهڻيون تعريفون ڪندو هو. دراصل هو هئو ڪميونسٽ رهنما پر لاڙڪاڻي ۾ رهڻ ۽ شادي ڪرڻ کان پوءِ گهڻو تبديل ٿي چڪو هو. ڪاليج جي غريب عملي جي ڳجهي طريقي امداد ڪندو رهندو هو. ان معاملي ۾ به مون کي اڳيان رکي منهنجو ڪلهو استعمال ڪندو هو. اخلاق و ايثار جو نج مجسم هو. ڪاليج جي هيٺين اسٽاف جي مڪرانين، غريب شيدين ۽ سنڌين جي شادين مرادن ۾ پڻ خوشي سان شرڪت ڪندو هو ۽ کين مالي امداد سان گڏ تحفا تحائف پيش ڪندو هو. رٽائرمينٽ کان ڪجهه وقت پهريون پنهنجي گهر واري هوميو پيٿڪ ڊاڪٽر شهناز سان گڏجي پريڪٽس ڪندو هو. هٿ ۾ ڏاڍي شفا هئس.

غريب غربي جو مفت علاج ڪندو هو. اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ جي دفتر جا گهڻا ملازم وٽس علاج لاءِ ايندا هئا انهن جو ۽ ڪاليج جي ماڻهن جو علاج بنا پئسي ڪندو هو. جي ڪو پئسو ڏيندو هو ته وٺڻ کان بنهه انڪار ڪندو هو.

ڪاليج ۾ جيڪي اسائنمينٽ ملنديون هيون انهن جي ڳنڀيرتا ۽ ڏکيائين ۾ منهنجو ڀرپور ساٿ ڏيندو هو. سروس جي پوئين حصي ۾ ڪجهه سال هن جي لاءِ زندگي ڏاڍي ڏکي ٿي پئي هئي. ڪاليج ۾ پروفيسر قلب حيدر پرنسپال ٿي آيو جيڪو سروس ۾ ڪانئس سينيئر هو تنهن کي چارج ڏيڻي پيس. پر چاڪاڻ جو ٻئي شاعر هئا سي به اردو جا، هي شاعر به دراصل شينهن ٿيندا آهن، هڪ ٻيلي ۾ گڏ رهڻ سندن مزاج جي خلاف هوندو آهي سو هر معاملي ۾ هر ڳالهه تي هڪ ٻئي خلاف ترارون اڀيون ڪرڻ ۾ دير نه ڪندا هئا. عبد الله صاحب لاءِ زندگي جي هن حصي ۾ هڪ ٻي قدرتي ڪمزوري سامهون اچي وئي جو پهريون هڪ اک ۾ ڪيٽرڪ ڪري نظر صفا جهڪي ٿي وئي هئي ۽ جلدئي ٻي اک

سان بہ ساڳي واردات ٿي پيس. تقريبن ڏسي ڪو نہ سگهندو هو. مان پنهنجي گهران سوير نڪري سندس گهر ويندو هئس ڪڏهن پنهنجي ڪار ۽ ڪڏهن ٽيڪسي ۾ ڪيس گڏ وٺي ڪاليج ايندو ۽ نيندو هئس.

اهڙين حالتن ۾ هن پنهنجا مڙئي هٿيار مياڻ ۾ رکي ڇڏيا پر قلب حيدر ۽ هن جي شاعراڻا رقابت ڪا پراڻي هئي جيڪا شخصي پسند ۽ ناپسند جي حدن کي ڇهندي هئي. منهنجا لاڳاپا ڪلب حيدر سان سٺا هئا، ڇاڪاڻ تہ پروفيسر منور علي بلوچ ۽ مان ڪاليج جي امتحانن، داخلائن، دفتري ڊرافٽنگ، ٽائپنگ جي ڪمن سان گڏ ڊائريڪٽوريٽ، سيڪريٽريٽ، اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ ۽ بورڊ آف انٽر ميڊيئيٽ جي ڪمن ۾ گهڻو حصو وٺندا هئاسين، تنهن ڪري مان عبد الله جاويد جو دفاع ڪرڻ جي پوزيشن ۾ هوندو هئس. اسان جي سهڪار سان ڪيس گهڻو سک پهتو. جنهن جو هو جيتري زندگي ڪراچي ۾ رهيو پنهجي محبت ۽ اخلاص سان ان جو اظهار ڪندو رهندو هو. رٽائرمينٽ کان پوءِ بہ ڪيترن سالن تائين هن جي صلاحيتن، اخلاق ۽ ايثار مان اسان استفادو ڪندا رهندا هئاسين. منهنجا ساڻس گهرو تعلقات قائم ٿي ويا هئا سندس گهر واري ڊاڪٽر شهناز اسان جي ٻارن ٻچن جو علاج معالجو ڪندي رهندي هئي. اڄ ڪلهہ پنهنجي پٽن ۽ فيملي سان ڪيناڊا جي ڪنهن شهر ۾ مقيم آهي پر اها خبر ناهي تہ هو حال حيات بہ آهي يا نہ؟

**

پروفيسر ڊاڪٽر اياز حسين قادري

منهنجي ادبي اخلاقي ۽ علمي تربيت لاڙڪاڻي ۾ سائين غلام الله شيخ ڪئي هئي، ان سلسلي ۾ وڏي ڀاءُ بشير احمد شاد ۽ محمد يوسف شيخ جي پڻ سهڻون صلاحون شامل رهنديون هيون.مگر ڪراچي ۾ محترم اياز حسين قادري صاحب پنهنجي فڪري. فقيري ۽ صوفيانا سڀاءَ سان ادبي، علمي، اخلاقي استعداد کي وڌائڻ ۾ منهنجي وڏي مدد ڪئي. سواءِ ازين هن صاحب مون کي سماجوادي نظرين جي روشني ۾ پڻ وڏي ناليج ڏني. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هو پنهجي رهنمائي هيٺ ڪم ڪندڙ ريسرچ فيلوز کي اڙانگن دڳن تي هلائيندي پنهنجي سخت مزاجي مان گذاريندو هو پر هر گهڙي هر وقت شاگردن کي پنهجي اولاد وانگر پڻ ڏسندو هو. هڪ سچي ڪري ۽ بي لوث انسان کان ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي اميد ڪري سگهجي ٿي.

اياز حسين قادري صاحب پنهنجي روين فڪر ۽ نظرين مطابق قائم ڪيل اصولن مطابق هلندو هو. سندس اهڙن روين جا اثر يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ شاگردن تي تہ مرتب ٿيندا هئا پر ريسرچ اسڪالرس انهن روين جي ڪهرائپ کي وڌيڪ محسوس ڪندا هئا. آءٌ پنهنجي استاد محترم جي ايثار و محبت کان 15، 20 سالن کان پلي پت واقف هئس. مسلسل رابطي ۾ رهڻ ڪري هن جي خاندان ۽ خانداني پس منظر متعلق ڄاڻ رکندي قادري صاحب جي شخصيت جي نفسياتي پهلو جو مطالعو ڪندو رهندو هئس. تنهن ڪري مون کي هن مان هر طرح ۽ هر لحاظ کان خير جي اميد رهندي هئي. مان پنهنجي سڀاءَ موجب قادري صاحب مان رڳو پنهنجو تعليمي ۽ علمي ادبي استعداد وڌائڻ جو خواهشمند ڪونہ هئس. هن جي اندر

۾ ويٺل معصوم، محبتي مخلص ۽ مخير انسان جيڪو ظاهري نظرن کان ڏور گهڻو ڏور ويٺل هو تنهنجي سڃاڻپ رکندو هئس. ان ڪري ڪراچي يونيورسٽي جي ٻين ريسرچ اسڪالر جي مقابلي ۾ مان هن جي نه رڳو ويجهو هئس پر قادري صاحب جي شخصيت سان محبت ڪرڻ جو پڻ قائل هئس.

دهلي ڪاليج ۾ پنهنجي ويجهو ايندڙ پروفيسر حسن اڪبر ڪمال جي خاص محبت ۽ نظر مهر جي ڪري منهنجي سڃاڻپ اردو ادب جي لبرل سوچ رکندڙ حلقي سان ٿي. هو محترم دوست اڪثر مون کي پنهنجي ويجهو رکندو هو. ادبي محفلن، آرٽس ڪائونسل جي گڏجاڻين، جاپان ڪائونسليٽ جي هائيڪو مشاعرن، ڪتابن جي نمائشن، پاڪستان ٽيليويزن جي پروگرامن، موسيقي جي ايونٽس، موسيقار الهه ڏِتي جي اسٽوڊيو وغيره تي پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو ۽ اردو ادب جي مقتدر حلقي جي احبابن سان پڻ ملائيندو ۽ متعارف ڪرائيندو هو. هن مون کي پاڪستان رائٽرس گلڊ جي پليٽ فارم تي متعارف ڪرائيندي هڪ سنڌي اديب جي حيثيت سان رائٽر گلڊ جي ميمبرشپ لاءِ پنهنجي حلقي جي حمايت سان گلڊ ۾ آندو ۽ ٻن سالن جي عرصي ۾ ورڪنگ ڪاميٽي جي ممبر جي حيثيت ۾ چونڊڻ ذريعي نه رڳو ممبر چونڊرايو بلڪ رائٽرس گلڊ جو خزانچي به چونڊايو. ان زماني ۾ جميل الدين عالي، سرشار صديقي، اميد فاضلي، سيپ ۽ الفاظ ماهنامه رسالي جي ايڊيٽر نسيم دراني ۽ ٻين ناليوارن اديبن ۽ شاعرن سان منهنجي ميل ملاقات رهندي هئي. سنڌي عالمن اديبن مان محترمه فهميده ميمڻ اياز حسين قادري ۽ ڊاڪٽر نواز علي شوق پڻ رائٽرس گلڊ جا ميمبر هئا. پنجن سالن بعد رائٽرس گلڊ جون ملڪي پئماني تي چونڊون ٿينديون هيون ۽ هر پنجين سال هڪ صوبي پنيان ٻي صوبي ۾ پاڪستان رائٽرس گلڊ جي عهديدارن جون چونڊون ٿيندون هيون. هڪ ٽينيوئر ۾ رائٽرس گلڊ جي چونڊن جو وارو

پنجاب صوبي جو هو تہ اسان کي مرڪزي ورڪنگ ڪاميٽي جي سيڪريٽري جنرل ۽ ٻين عهدن لاءِ ووٽ ڪرڻ لاءِ بذريعي پي آءِ اي لاهور وڃڻو هو. هي پهريون موقعو هو جڏهن مون اياز حسين قادري سان ڊگهو سفر ۽ ٽن چئن ڏيهن جي رفاقت جو لطف ورتو. چوندا آهن تہ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو جي شخصيت ۽ ان جي حقيقت کي سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ چاهيو ٿا تہ ان سان گڏ سفر ڪري ڏسو. لاهور ۾ پاڪستان رائٽرس گلڊ جي ميزبانن طرفان اسان جي ترسائڻ جا جوڳا انتظام ڪيل هئا. ڪراچي مان جيڪي ٻہ سنڌ صوبي جا ميمبر آيل هئا تن جي طعام قيام جو بندوبست هڪ ئي هوٽل ۾ ڪيو ويو هو. اياز حسين قادري مون کي چيو تہ هوٽل جي هڪ ڪمري ۾ ٻن ٻن ماڻهن جي رهائش جو بندوبست ڪيو ويو آهي، جي توکي وڻي تہ اسان ٻئي هڪ ڪمري ۾ رهون پر تو وٽ آپشن آهي جي تون چاهين تہ نوازعلي شوق سان گڏجي رهہ. مون کي قادري صاحب جي شخصيت ۽ نفسيات جو مطالعو گهربل هو تنهن ڪري مون ساڻس رهڻ جو ارادو ڏيکاريم ۽ گلڊ جي سيڪريٽري نسيم دراني کي چئي قادري صاحب ۽ پنهنجي لاءِ ڪارنر وارو هوادار ڪمرو حاصل ڪيو.

رائٽرس گلڊ جي پاڪستان جي مڙني صوبن جي ميمبرن جون گڏجاڻيون ۽ نشستون پئي هليون. گلڊ کي فنڊس ۽ آفيس جا مسئلا هئا. گلڊ جي لاهور ۾ برطانوي دور جي هڪ ملڪيت ۾ آيل هوٽل جي معاملي تي صوبن جي تحفظات تي گڏجاڻين ۽ بلوچستان جي گلڊ کي بنا ڊينيوئر جي گلڊ جي سربراهي سونپڻ جي مسئلي تي لابنگ ڪرڻ ۾ اسان اڪثر رڌل رهندا هئاسين پر قادري صاحب جي اها پئي پوندي هئي تہ سومرا ٽائيم ڪڍ تہ هلون. مان چيو سائين ڪيڏانهن هلون؟ يار گهٽين جاين تي هلڻو آهي. مون چيومانس سڀاڻي صبح جو ڪو ٻہ اسڪيجوئل ڪونهي پر مانجهاندي تي نقوش جي ايڊيٽر جي پاران دعوت طعام آهي. فجر

جي نماز پڙهي قادري صاحب دير تائين مسلي تي ويٺي وضائف پڙهندو رهيو. اشراق پڙهي چوڻ لڳو هل سومرا. هوٽل کان هيٺ آياسين قادري صاحب رڪشو ڪيو ٻئي گڏجي سڌو داتا دربار وجي نڪتاسين. مون رڪشي واري کي ڪرايو ڏيڻ جي سڌ ڪئي پر منهنجي هٿ کي پري ڪندي چيائين جي وڏا ساڻ هجن ته اهو ڪم ننڍن جو ناهي، اڳتي ايئن نه ڪجانءِ. گڏجي فاتحا ڪئي سين، تنهن کان پوءِ ٻه ٽي ڪلاڪ هو مزار جي احاطن ۾ ڪجھ پڙهندو رهيو. ٻن اڍائي ڪلاڪن کان پوءِ ساندا روڊ تي موٽي آياسين. منجهند جي ماني کان پوءِ شارٽ نوٽيس ذريعي اطلاع مليو ته لابنگ ڪامياب وئي آهي ته ايندڙ پنجن سالن جي گلڊ جي سربراهي صوبي بلوچستان کي ڏني ويندي. قادري صاحب کي خوشي ان ڳالھ تي ٿي ته شام جو وقت گهمڻ لاءِ ملي ويو. قادري صاحب ٻي پهري جي نماز هوٽل جي ڪمري ۾ ادا ڪري چوڻ لڳو سومرا بس هاڻي دير نه ڪر ٻڌ ٽيڙ ته هلون. هوٽل هيٺان رڪشا هر وقت تيار ملندا هئا سو نڪري وياسي لاهور جو عجائب گهر ڏسڻ ڪجھ دير کي خاص هنڌ ڏيکاري وري قادري صاحب مون کي پنجاب يونيورسٽي جي فارسي شعبي ۾ وٺي ويو. جيتري قدر ياد آهي ته قادري صاحب فارسي ۾ به ماسٽرس هئو. ان شعبي ۾ پنهجي دوست پروفيسر سان هلڪي ڪچهري ڪري وري اردو واري شعبي ۾ وٺي آيو، اتي به اسان جي سني آجيان ٿي، سج لٿي آڌي هوٽل ۾ ڪديائين.

ٻئي ڏينهن جي شيڊول ۾ ٽي پهري جو الودائي گڏجاڻي رکيل هئي. قادري صاحب حسب معمول فجر جي نماز وضيفا ڪري اشراق پڙهي تياري وٺندي اهائي ساڳي ڪار ڪئي. سومرا تيار ٿي ته نڪرئون. مان چيومانس سائين ڪاڏي؟ وراڻيائين وري ڏس پڇين ٿو نه! پاڻ ئي چوڻ لڳو پڇبو ناهي. اسان هيٺ هلي ڪو رلنداسين هلئون ٿا داتا دربار. مون دل ۾ چيو ابا مري وياسين.. مون کي ڪالهوڪي ڪار جي خبر هئي ته سائين اتي هلي مون سان

ڳالهائيندو ئي ڪونہ. سائين جون ڪچهريون رڳو داتا جي قبر سان هلنديون رهنديون. داتا دربار تي اچي گڏجي فاتحا ۽ دعا گهري سين تنهن بعد مون ڪيس ٻڌايو تہ مان دربار جي صحن ۾ ويهي توهان جي اچڻ جو انتظار ٿو ڪريان. دربار جي ڪشادي اڱڻ ۾ ويهي چئني پاسن کان ايندڙ زائرين ۽ فقراءَ کي پيو ڏسندو رهيس. دعائون گهرڻ ۾ قادري صاحب ايڏو مشغول و محو رهندو هو جو نہ ڏسندو هو ساڄي نہ کاٻي نہ اوپر نہ اولهہ. رات جي ماني کائڻ کان پوءِ سيني کي رائٽرس گلڊ جون گاڏيون ايئرپورٽ ڇڏي ويون، رات جو اڌ رات ڪراچي اچي لٿاسين، ٽيڪسي ۾ نواز علي شوق صاحب چوڻ لڳو توهان تہ جڻ اسان سان هلياڻي ڪو نہ هئا، ايئن ڪبو آ؟ ماڻهو گڏجي آيو آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ملڻ ڪرڻ تہ ٿيندو آ نہ!

ايم فل جي موضوع لاڙڪاڻي ضلعي جي ادبي تاريخ جي موضوع تي مون پنهنجو ڪم مڪمل ڪيو هو. ڊاڪٽر اياز حسين قادري جي صلاح مشوري ۽ سهڪار سان موضوع جي وسعت کي محسوس ڪندي ان کي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سينڊيڪيٽ کان هڪ عرضي ذريعي منظور ڪرائي پي ايچ ڊي ۾ رجسٽر ڪرائي ڇڏيو. هاڻي پي ايچ ڊي لاءِ مواد ۽ مٽيريل ڪني ڪرڻ لاءِ مون پنهنجون ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون. ساڳئي وقت منهنجا دوست جيڪي مون سان گڏ پي ايچ ڊي لاءِ ڪم ڪري رهيا هئا تن هڪ گڏيل مطالعي ۽ مٽيريل جمع ڪرڻ جو پروگرام تشڪيل ڏنو. منهنجن اهڙن اسڪالرس دوستن ۾ پروفيسر بشير احمد شاد، پروفيسر حافظ عبدالرزاق سومرو ۽ پروفيسر حافظ محمد ادريس سومرو شامل هئا. اسان هن سال جي گرمين جي ويڪيشن ۾ گڏ ٿي پنهجي ارادي کي تڪميل تي پهچائڻ لاءِ پنهنجي مطالعاتي دوري جي شروعات سنڌ يونيورسٽي جي مرڪزي لائبريري ۽ سنڌالاجي جي لائبريري کان ڪئي سين.

بشير احمد شاد ۽ محمد ادريس جو گائيڊ ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ صاحب هو ۽ عبدالرزاق سومري جو ڊائريڪٽر علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي هو. ان زماني ۾ سنڌيالاجي ۾ ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ ڊپٽي ڊائريڪٽر جي حيثيت سان پنهنجا فرائض انجام ڏئي رهيو هو. سندس رهائش بہ يونيورسٽي ڪيمپس ۾ هئي انهن ڏينهن ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ سنڌالاجي ۾ ڪن اهڙن پراجيڪٽس تي ڪم ڪري رهيو هو جنهن ۾ نئين ٽهي جي تخليقڪارن، ادب سهيڙيندڙن ۽ سرجيندڙن نوجوانن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ مقصود هو. خوش قسمتيءَ سان محترم درمحمد پٺاڻ ۽ اسان جي اسٽڊي سرڪل جا ريسرچ اسڪالر هڪ ئي شهر جا هئاسين ۽ تقريبن هڪ عمر جا پڻ. اسان جو پورو حلقو ڊاڪٽر درمحمد صاحب جي وڏي عزت ۽ احترام ڪندو هو ۽ هو مانوارو بہ اسان جي محبت ۽ احترام ۾ ڪا ڪثر نہ ڇڏيندو هو. ازانسواءِ هو دوستن جو دوست، هڏ ڏوڪي ۽ درياهہ دل ماڻهو هو. سو اسان مڙني کي پنهنجي ٽڏي تي نہ رڳو دل سان پليڪار ڪندو هو پر تحقيق ۽ مواد کي جمع ڪري وري ان کي ضبط تحرير ۾ آڻڻ جي سلسلي ۾ پڻ ڪارآمد صلاحون ڏيندو هو. وڏي ڳالهہ تہ هن وٽ جيڪا ذاتي لائبريري هئي تنهن ۾ جديد ۽ قديم سنڌي علم ادب جو هڪ قيمتي ۽ بيش بها خزانو جمع ٿيل هو. ازنسواءِ ورهاڱي کان اڳ جي سنڌي عالمن ۽ اديبن جي ڪتابن جو بہ وڏس ناياب ۽ اڻ لڀ ذخيرو موجود هئو. آئون ذاتي طور هن صاحب دل جا ٿورا ڪڏهن لاهي نہ سگهندس، ڇاڪاڻ جو هو مونسان خاص وڙ ڪري ڇڏيندو هو. جيئن پنهنجي گهر جا دروازا هميشہ اسان لاءِ کولي رکندو هو تيئن پنهنجي لائبريري جا دروازا اسان جي لاءِ کولي رکندو هو. مون کي ويڪ اينڊ تي گهر وڃڻو پوندو هو تہ دل کولي چوندو هو. سومرا جيترا ڪتاب گهرجني پاڻ سان کڻي ويندو ڪر. ويڪيشن دوران اسين جيڪي دوست ڊاڪٽر درمحمد جي دولت خاني تي ايندا

هئاسين تن جي ٿئي ويلا ماني ٽڪي جو جوڳو بندوبست ڪندو هو. نہ رڳو اسان دوستن جو خيال رکندو هو بلڪہ هر شاگرد ۽ اسڪالر کي بہ پنهنجي گهران ڪارائيندو هو. اسان جي گذارش تي هن صاحب سنڌ يونيورسٽي ۾ اسان جي گروپ جي رهائش ٽيچرس هاسٽل ۾ ڪرائي ڏني هئي پوءِ بہ هن جي آچ تي شام جي چانهن سندس بنگلي تي پيئندا هئاسين. سڄو ڏينهن جيڪا ادبي ميڙا چوندي ڪندا هئاسين تنهن جي باري ۾ شام جو اسان کان معلوم ڪندو هو ۽ وڌيڪ ڪم ڪرڻ ۽ سهيڙپ جي هنر جي باري ۾ بريف ڪندو هو. ٿورا مَ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا.

علمي ادبي ميڙا چوندي جي سلسلي ۾ ٻئي سال جي موڪلن ۾ سنگت جو خيال اچي بيٺو تہ جيڪي عالم اديب لاڙڪاڻي ضلعي جي تعلقن ۽ ڳوٺن ۾ رهن ٿا تن جا هلي انٽرويوز ڪجن. ان کان سواءِ ڳوٺن ۾ عالمن اديبن ۽ بزگن جون جيڪي قائم ڪيل لائبريريون آهن تن کي چڪاسي ڏسجي. مون وٽ پاڪيٽ سائز ٽيپ رڪارڊر هئو، دوست بہ پنهنجا ٽيپ رڪارڊرز کڻي هليا. تقريبن لاڙڪاڻي جا سمورا تعلقا ڇنڊي ڇاڻي ڏناسين ۽ ٻهراڙين ۾ جتي بہ اسان کي ٻاٻور پوندي هئي تہ ڦلاڻي جوءِ ۾ ڦلاڻو عالم يا اديب رهائش پذير آهي تہ اتي پهچي ويندا هئاسين. ان گشتي سهيڙپ (mobile collection) ۾ اسان کي سنڌ جي علمي شعور جو پڻ وڏو اپياس ٿيو تہ سنڌي جهونا يا نئين ٿهي جا ماڻهو علم ۽ علمي سخاوت جي باري ۾ ڪيڏا حساس ۽ مخلص آهن. ٻهراڙين جي عالمن اديبن اسان جي اڳيان ڪتابن جا خزانا کولي ڇڏيا. ۽ انهن اسان جيون خدمتون، مانيون ٽڪيون، عزتون، رهائشون مطلب تہ هر طرح جو خيال ۽ سهڪار ڪيو. ٻهراڙين ۾ رهندڙ علم دوست حضرات جي سلوڪ، روين ۽ علمي ادبي سخاوت کي ڏسي اسان کي صاف اندازو ٿيو تہ اسان جي ٻهراڙين ۾ علمي شعور اڃا زندهہ آهي. رتيديري جي قاضين، بنگل ديري جي پٺن، ميرو خان

جي سومرن، نصير آباد جي سولنگين، لاڙڪاڻي جي قادرين، لاهوري محلي جي تنين، ڏوڪري عاريجن جي پناڻن مطلب ڪنهن جو نالو ڳڻهي ڪنهنجو ڳڻهجي؟ سيني اسان تي وڏا وڙ ڪيا، اسان جي ڪاميابين پنيان جيڪڏهن اهڙي قسم جو سهڪار نہ هجي ها تہ اسان ڪنهن طرح بہ اهڙيون ڪاميابيون ماڻي نہ سگهون ها.

گرمين جون موڪلون هيون مان لاڙڪاڻي بشير احمد شاد وٽ ترسيل هئس. شام جو حسب معمول سچل ادبي مرڪز تي اديبن شاعرن دوستن سان ڪچهريون ڪرڻ لاءِ نڪتاسين. ميان جي ڳڙهي ڪان الحقيقت پرنٽنگ پريس وٽان گذري رهيا هئاسين تہ ڊاڪٽر اياز حسين صاحب تي نظر پئي، مون بشير احمد کي چيو تہ قادري صاحب جن آيل آهن، هل تہ هلي ملاقات ڪريونس. قادري صاحب سان ملاقات ۾ مون ڪيس واعدو ياد ڏياريو تہ اوهان چيو هو تہ لاڙڪاڻي اچ تہ مان توکي پنهجي لائبريري ڏيکاريندس. فورن چيائين سياڻي شام هليا اچو تہ مان اوهان کي پنهنجي لائبريري ڏيکاريندس. ٻئي ڏينهن مقرر ٽائيم تي بشير احمد شاد ۽ مان قادري صاحب جي اوطاق تي پهچي وياسين. سائين پنهجي وڏڙن جو علمي خزانو ۽ پنهنجي ڪتابن جي جمع پونجي ڏيکاري. مون ڪيس عرض ڪيو تہ ميان غلام سرور فقير جي قلمي پورهيي مان ڪجھ استفادو ڪرڻ چاهيان ٿو. وراڻيائين تہ تون ميان صاحب جو ڪلام پڙهي ڏس جيڪو توکي گهرجي تہ مان توکي ان جي فوٽو ڪاپي ڪرائي ڏيندس. هن ڀيري بہ قادري صاحب مون کي خالي هٿين نہ موٽايو. هن صاحب پنهنجي پاڙيسري دوست شاعرن پريو وفا چڳاڻي، رام پنجواڻي ۽ ديو سياڻي جا پارت ۾ ڇپيل شاعري جا مجموعا منهنجي حوالي ڪيا ۽ چيائين انهن ڪتابن جو ٻيون ڪاپيون مون وٽ ڪونهن تنهن ڪري مطالعو ڪري پنهنجي ڪم جي مواد جا فوٽو اسٽيٽ ڪري باقي ڪتاب ڪراچي پهچائي وڃجانءِ.

هڪ ڀيري اسان جي رائٽرس گلڊ جي هوٽل جيبيس ۾ هڪ وڏي گڏجاڻي ٿي، هن اجلاس ۾ هندستان مان لبرل خيالن جا ڪي عالم اديب ۽ شاعر حضرات اچي ڪنا ٿيا هئا. جن ۾ ندا فاضلي، جگن ناٿ آزاد ۽ ٻيا ناليوارا اديب ۽ شاعر شامل هئا، سنڌي عالمن ۾ ڊاڪٽر اياز حسين قادري تقرير ڪرڻ وارن ۾ شامل هئا. تقريب جي پڄاڻيءَ تي ريفريشمينٽ کان پوءِ اياز حسين قادري، محمد يوسف شيخ ۽ مان گڏجي هيٺ لٿاسين. اسان ٽئي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا ايمپريس مارڪيٽ وٽ پهتاسين ته قادري صاحب جي نظر هڪ چيڪو وڪڻڻ واري گهورڙئي تي پئي، قادري صاحب جي دل سٽ ڏني ته هو چيڪو خريد ڪري. اسين گاڏي واري جي چوڌاري اچي بيناسين، جڏهن نيلهي واري چيڪو توري شاپر ۾ وڌا ته مون استاد محترم کي تحفي طور ڏيڻ جي غرض سان پنهنجي کيسي مان پئسا ڪڍي گاڏي واري ڏي پئسا وڌايا. قادري صاحب کي اهڙي حميت ۽ غيرت هوندي هئي جو ڪن معاملن ۾ هو صفا ٻي ريا تي بيهندو هو. سائين جون ماشاءُالله اکيون اڳ ئي وڏيون ۽ خوبصورت هونديون هيون پر جڏهن ناگوار ڪيفيت ۾ ڪنهن ڏانهن ڏسندو هو ته انهن جا شترس ٿورو وڌيڪ کلي ويندا هئا، سو جڏهن مون پئسا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته هن مون کي جن نگاهن سان ڏٺو جو اهو ڏيک ڏسي مون کي سائين جن کان معافي وٺڻي پئي.

ڊاڪٽر اياز حسين قادري يونيورسٽي آف ڪراچي جي سنڌي شعبي تان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ سنت ئي شاهه عبداللطيف چيئر جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. مون کي ڦڦڙي جاڳي ته هاڻي منهنجي ريسرچ جو ڇا ٿيندو؟ ملڻ ۽ مبارڪ ڏيڻ ۽ واءُ سواءُ وٺڻ جي غرض سان ساڻس لطيف چيئر تي ملڻ ويس. مبارڪون ڪچهريون، محفلون ختم ٿيون ته مان سائين جن کي چيو ته هاڻي محترم فهميده ميمڻ ۽ منهنجي ريسرچ جو ڇا ٿيندو؟ اسان جي رجسٽريشن ته سنڌي

شعبي ۾ ٽيل آهي ۽ توهان هاڻي هتي لطيف چيئر تي براجمان آهيو. چيائين تون ويهه تڪڙ نه ڪر ګڏجي ٽا ګهر نڪرئون. ان ڏينهن مون اکين تي ويجهي نظر وارو نئون چشمون لڳايو هو، جڏهن ڊپارٽمينٽ ۾ اڪيلا ٽياسين ته قادري صاحب چيو چشمون ته ڏاڍو سهڻو پاتو اٿئي. مون ڪان ڏسڻ لاءِ گهريائين. چشمون لاهي هٿ ۾ ڏنومانس، ڏسي چوڻ لڳو هن جهڙو بلڪل هن جهڙو فريم بئي دفعي اچين ته منهنجي لاءِ وٺي اچجان، مون چيومانس حاضر سائين. ٻئي ڏينهن ڪاليج ڪان واپسي تي ڪريم آباد جي مارڪيٽ مان فريم خريد ڪري گهر ۾ رکي ڇڏيم. جڏهن هفتو ٻه رکي يونيورسٽي ويس، قادري صاحب سان ملاقات ٿي، ان وقت هو اڪيلو وينو هو ۽ ڪينو ڇلهي ويٺي ڪاڏائين. دراصل قادري صاحب جي اها عادت هوندي هئي ته يونيورسٽي ايندو هو ته پاڻ سان ڪو نه ڪو فروٽ شاپر ۾ ڪنيو ايندو هو ۽ پنهجي ڊپارٽمينٽ ۾ ويهي نوش فرمائيندو هو. ڪو ملڻ وارو يا مهمان ٽائي ايندو هو ته چولن جون پليٽون يا سموسه ۽ چانهن گهرائيندو هو. ڊاڪٽر نواز علي شوق جي به اها عادت هوندي هئي، آئي وئي جو آڌرڀاءُ ڪندو هو پر مهمانداري محبت ۽ خلوص جي ماڪي جيڪا اياز حسين صاحب جي انهن چولن واري ڊش ۾ هوندي هئي تنهن ڪي مان هن وقت به محسوس پيو ڪريان. پنهنجو هٿ ڊگهيڙيندي منهنجي اڳيان ڪينو رکندي چيائين هي تنهنجو نصيب. ڳالهه ٽي ڪيم عينڪ جي فريم جي، مون پاسي واري ڪيسي مان ڪيس سوڌو عينڪ ڪڍي سندس اڳيان رکي. کولي ڏٺائين، ساڳي شيءِ ڏسي دل خوش ٿيس پر ڪيس سوڌو فريم ڪي منهنجي اڳيان رکيائين. چوڻ لڳو سومرا گهٽي مليو؟ مون هن پيري اهو پڪو پهه ڪيو هو ته ڪهڙي به طرح اهو فريم ڪيس تحفي ۾ ڪٽڻ تي مجبور ڪندس. مون قيمت ٻڌائڻ جي بدران ڪيس ٻئي هٿ ٻڌا ۽ عرض ڪيو سائين خدارا هي منهنجي طرفان تحفو سمجهو. هونئن قادري صاحب، فريم ڪي اڌ

سوري رکيو هو، هاڻي پورو سوري منهنجي اڳيان رکيائين. وري عرض دهرايم، پر چوڻ لڳو بابا مان توکان تحفو ڪيئن وٺان؟ شاگردن کان استاد جي تحفا وٺندا ته اصلاح ۽ تنقيد جو حق وڃائي ويهندا. تنهن ڪري تنهنجي لاءِ اهو بهتر آهي ته ان جي قيمت جيڪا تو ڀري آ سا مون کان وٺ ته پوءِ مان ان کي هٿ لائيندس.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ خيرپورميرس مان هڪڙو اسڪالر جيڪو ايم فل ۾ داخلا وٺي چڪو هو ۽ پنهنجو ٿيل ڪم قادري صاحب کي ڏيکارڻ آيو هو. اچي سائين جي پيرين پيو ۽ ڪارڪن جو ٽوڪرو جيڪو ساڻ آندو هئائين سو سائين جي پاسي ۾ رکي چوڻ لڳو "سائين فصل لٿو آهي، هي توهان لاءِ تحفو" منهنجي سامهون قادري صاحب چيس "ڇا آهي؟" وراڻيو ته "قبلا ڪارڪون آهن." ٺپ چيائينس ته تون سمجهين ٿو ته توکي ڪارڪن تي مارڪون ملنديون؟ ان وقت قادري صاحب جي بي ريائي ڏسڻ وٽان هئي. ڪيس وري چوڻ لڳو ته مهرباني ڪري پهريان ڪارڪن جي ٽوڪري کي ڪمري مان ٻاهر ڪڍ. هن همراهه کي پگهر سڪائڻ ڏنائين ۽ نه وري ڪرسي تي ويهڻ جي صلاح ڪيائينس.

**

حاجي محمد عمر سومرو

محمد عمر سومرو ولد رسول بخش سومري 1928ع ڌاري ڳوٺ عاقل تعلقي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو، هن بنيادي تعليم پنهنجي ڳوٺ عاقل جي ٻاراڻي اسڪول ۽ مدرسي ۾ شروع ڪئي. جڏهن سندس وڏا لاڙڪاڻي شهر ۾ لڏي آيا تڏهن وڌيڪ تعليم پرائڻ لاءِ کيس ديني مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو، جتي هو ڇهين درجي سنڌي ورنيڪيولر تائين پڙهيو.

محمد عمر سومرو منهنجي وڏي چاچي جو پٽ هو ۽ مون کان عمر ۾ اٽڪل 17 يا 18 سال وڏو هو. وڏن جي هڪ شهر کان ٻئي شهر ۾ لڏپلاڻ ڪري اسان ننڍپڻ جي وستا جو ڪو وقت هڪ ٻئي کان پري رهياسين. ورهاڱي کان پوءِ جڏهن منهنجو والد صاحب سکر ڇڏي لاڙڪاڻي ۾ اچي رهيو تڏهن اسان جا خانداني ناطا وري ڳنڍيا ۽ اسان علي گوهرآباد سامتيا روڊ تي هڪ واڻڪي جاءِ ۾ گڏجي رهڻ لڳاسين. ڀانيان ٿو ته اهو زمانو 1951ع وارو هو. ادا محمد عمر جي مون سان گهڻي ميٺ ۽ محبت هئي ان جو سبب اهو هو ته هن جي والد صاحب جي وفات بعد سندس ويڳي ماءُ ۽ ڀائر لاڙڪاڻي کي خيرآباد چئي درياهه جي هن پار خيرپور ميرس ۾ وڃي وينا. منهنجو والد صاحب به پنهنجي ڀائٽي سان گڏ رهندي خانه بدوشي واري زندگي کان آجو ٿي ويو. ٻيو سبب اهو به هو ته بابا سائين کي پنهنجي وڏي ڀاءُ جو جوان اولاد پيري واري زماني ۾ هڪ ايل ٿي محسوس ٿيو. ان زماني ۾ منهنجي والد صاحب ۽ ادا محمد عمر ڪو وقت گڏجي روزگار ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ايئن زندگي جو گاڏو پئي گڙڪايائون. پر هڪ ڳالهه واضح طور تي مون کي نظر آئي ته چاچي ۽ ڀائٽي جي مزاج ۾ وڏو فرق هو. تنهن ڪري هلندي هلندي ٻنهي جي روزگار جا ذريعا جدا جدا ٿي ويا.

تنهن هوندي بہ اسان جي گهر ۾ هنديءِ هڪ ئي پچندي هئي. اڳتي هلي جڏهن آئون ڏهن ٻارهن سالن جو ٿيس تہ مان پنهنجي والد جي ڏنڊي ڏاڙي ۾ هٿ ونڊائڻ لڳس ۽ پنهنجي پيءُ سان اهو سلسلو مون مرڻ گهڙي تائين نڀايو.

ادا محمد عمر 1954ع ڌاري قاضي عبدالمنان وڪيل وٽ وڃي سندس منشي گيري ڪرڻ لڳو. ڪورٽن جي ڪمن ڪارين کان واندي ٿيڻ کان پوءِ بہ هو قاضي عبدالمنان جي بنگلي تي سندس خانگي ڪمڪار ۾ رڌل رهندو هو. رات جو دير سان گهر ايندو هو تہ پاڻ سان گهڻي ئي کاڌي پيتي جون شيون جهڙوڪ ڪيڪ، پدنگ، مگيرا ۽ لايون وغيره کڻي ايندو هو. هن جي اهڙي هلت ۽ سياءَ جي ڪري اسان کي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي.

1942ع واري زماني ۾ سنڌو جي اٿل پٿل ڪري وڏي ٻوڏ آئي هئي جنهن سنڌ ڏيهہ جا لاهہ ڪيئي چڙيا هئا. فصلن جي تباهي سان گڏ انساني زندگي پڻ تباهي ۽ بربادي جي ڪنڌي سان وڃي لڳي هئي ۽ سنڌ جي سڄي معيشت ۽ سماج ڏڪار جي گهيري ۾ اچي ويو هو. مٿان ٻي مهاڀاري جنهن جو خاتمو 1945ع ۾ ٿيو تنهن جي اڳرن نتيجن دنيا جي سماجي ۽ معاشي ڍانچي کي صفا ڊانوان ڊول ڪري ڇڏيو هو. مٿان هندستان جي ورهاڱي جو مامرو آيو تہ ان بہ اسان جي هند ۽ سنڌ ۾ انساني جانين جي ڪوس ۽ سماجي زندگي جي بربادين جا نوان رڪارڊ قائم ڪيا. لڳاتار اهڙي قسم جي بربادين سبب انهن ڏينهن ۾ دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ وبائن ۽ بيمارين منهن ڪڍيو. سڀ کان پهريون هند سنڌ ۾ موذي ڪالرا منهن ڪڍيو. تنهن کان پوءِ چئو طرف ڏڪار جو راڪاس گهمي ويو. ٻوڏ ۽ جنگ واري زماني ۾ ڏسندي ڏسندي سلهہ جي وبا بہ پکڙجي وئي. ان ظالم بيماريءَ 60-65ع واري ڏهاڪي تائين گهرن جا گهر ۽ ويڙهن جا ويڙها اگهي چٽ ڪري ڇڏيا. اسان جي پاڙي علي گوهر آباد ۾ اسان جي استاد مولوي عبدالرشيد جا بہ جوان پٽ،

مهيسرن جي گهر جي پر واري پيرزادن جو سڄو گهر ۽ سامٺين جي گهرن مان ڪجهه ماڻهو ۽ اسان جي گهر مان منهنجو والد صاحب ان واهڙ ۾ وهي وڃي ابوبڪر مقام ۾ ستا. انساني زندگي جي ان ڏولاون واري زماني ۾ جيئڻ ڪو سهنجو ڪم ڪونه هو. اهڙي ڏکي وقت ۾ جڏهن بابا سائين دنيا ڇڏي ويو تڏهن منهنجي والده هڪ وڏي ڀيڻ ۽ اسان ٻن ڀائري لاءِ ادا محمد عمر هڪ وڏو سهارو ثابت ٿيو.

ادا محمد عمر سان منهنجي وڏي ڀيڻ جي عقد بابي سائين جي حيات هجڻ واري زماني ۾ ٿي چڪو هو. هاڻي اسان جي گهر ۽ سماجي سيٽ اپ جو نقشو ڪافي مٽجي چڪو هو. منهنجي تعليم ۽ ڪردارسازي ۽ منهنجي شخصيت سازي تي ادا محمد عمر جي ڪڙي نظر هئي. توڙي جو ڪٽي اسانجا چاچا ۽ ماما حال حيات هئا. پر ادا محمد عمر پنهنجي محبت. مخلصي ۽ مٽي جي ڪري اسان سان ايترو نڀايو جو اسان کي ڪڏهن اهو محسوس نه ٿيو ته اسان جو گهر هڪ ناهي.

ان زماني ۾ علي گوهر آباد پاڙي جا ٻار جيترو پڙهڻ ڪرڻ ۾ تکا هئا اوترو ڏنگائپ ۾ به چوٽ چڙهيل هئا. قافلي سراءِ ۾ پڙهيل لکيل ۽ سڌريل ماڻهن جو ريشو سنو هو. قافلي سراءِ کان ڪڇين جي پاڙي تائين گهٽي ڀاڳي شيخن. هندن، قادرين ڪيهرن، سومرن، انصارين ۽ ٻين گهٽين ذاتين جي مخلوق رهائش پذير هئي، جن جي اولاد جو توجه تعليم حاصل ڪرڻ ڏانهن هو. ڪڇين جي پاڙي جي اڪثريت پڙهڻ لکڻ، وٽج واپار ۽ خاص طور سون جي ڌنڌي سان لڳل هئي. علي گوهر آباد وارو سامٽيا روڊ وارو پاسو پيرزادن ۽ سامٽين جي پڙهيل ۽ خوشحال طبقي سان تعلق رکڻ وارو علاقو هو پر سامٽيا روڊ کان پوءِ ٻنين تائين سولنگي، ماڇي، ميربحر، ميراٽي، ابڙا، انڙ، لاڙڪ، دايا، ڪنير ۽ هر قسم جي ڪامين ڪڙمين جي ججهي آبادي هئي. مطلب ته علي گوهر آباد جي ان

حصي ۾ وڻ وڻ جي ڪاني اچي ڪني تي هئي ۽ ويجهڙ واري گذريل زماني جي تباهين ۽ بربادين جي اثرن جي نتيجي ۾ اها مخلوق اڪثر لاڙڪاڻي جي پسگردائي وارن ڳوٺن مان لڏي اچي اتي ويني هئي جن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو رجحان گهٽ هو. اسان ڇاڪاڻ تہ علي گوهر آباد جي پچاڙي واري ڇيڙي تي مقيم هئاسين، تنهن ڪري منهنجو گهڻو تعلق انهن ٻارن سان رهيو جن جو شوق ڪتابن کان وڌيڪ ٻني ٻاري ۽ باغن بستانن ۾ رلڻ ڪرڻ سان هو. ان سبب ڪري منهنجي پڙهائي ۽ ڪيريڪٽر ٻئي متاثر پئي ٿيا. اهڙي وقت ۾ ادا محمد عمر مون کي صحيح دڳ تي آڻڻ لاءِ موچڙي ۾ ڳن وجهي منهنجي پنيان پيو.

هن دور ۾ ادا محمد عمر جو گهڻو ٿڻو رهڻ ڪرڻ ۽ واسطو قاضي عبدالمنان ۽ قاضي فضل الله سان هوندو هو. اهي شهر جا مشهور وڪيل بہ هئا. زميندار بہ هئا ۽ ساڃي ڏر جي سياست بہ ڪندا هئا. اسان جو سوٽ بہ مسلم ليگي خيالن جو هو. هو حساب ڪتاب توڙي پڙهڻ لکڻ ۾ هوشيار هوندو هو. ان سان گڏ مولوي گهراڻي جو هئڻ ڪري روزي نماز جو پڻ سخت پابند هو. مٿي ذڪر ڪيل قاضين مامي پاٽيجن سان لهہ وچڙ ۾ رهي ڪري ۽ زماني جي اونچ نيچ ۽ زماني جي لاهن چاڙهن مان گذرندي هو وڏو سماجي شعور حاصل ڪري چڪو هو. تنهن ڪري پنهنجي خاندان ۾ مون کي سڌارڻ لاءِ اهو هڪ ئي ڪافي هو پر پاڙي جي رولو ٻارن سان رهي مان تاپ جو ڏنگو ڇوڪرو ٿي پيو هئس. هڪ ڏينهن مون پنهنجي گهر ۾ ڪو نقصان ڪيو يا ڪا اهڙي ڏنگائپ ڪئي جو هو تلهڙ ڪٽي منهنجي پويان پيو. گهر ۾ پڪڙڻ جي ڪوشش ڪيائين پر وٺ ڪونہ ڏنومانس. مان ڇا ڪيو جو وڏي ڦڙتي سان ڏاڪڻ چڙهي ڇپٽي واري ڪاٺ جي جهنگلي مان نڪري گهر جي اڳر جي پٽ تان ٽپي گهر کان ٻاهر ڪلنڊڙ دري جي شيخن جي سهاري گسڪي روڊ تي ٽپو ڏئي ٻنين ڏانهن سڌ ڪيو. هو در کان

تڪڙو نڪري منهنجي پنيان تکو ڊوڙندو آيو ۽ جلد ئي منهنجي اچي ويجهو پڳو.

منهنجي سامهون گوهين ڏيڻ لاءِ ٻنين جا ٻارا ۽ ڪليل پيچرا هئا، سو رفتار تکي ڪري مان ادا عمر جي پهچ کان گهڻو پري نڪري ويس. نتيجتن همراهه سهڪندو موٽي وجي گهر پهتو، ان وقت منهنجي عمر 12، 13 سال هئي ۽ ادا عمر جي عمر ٻائيتاليهه سال کن هئي.

جڏهن مون چار درجا پرائمري پڙهي پورا ڪيا ته سال 1956ع ۾ ادا عمر مون کي انگريزي پڙهڻ لاءِ ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ داخل ڪرائي آيو. جڏهن مون ميٽرڪ پاس ڪئي تڏهن مون کي اڳتي پڙهائڻ ۽ روزگار سان لڳائڻ جو ڪيس اونو رهندو هو. 1964ع ۾ ادا عمر قاضي فضل الله وٽ هوندو هو. ان زماني ۾ هن قاضي صاحب جي دوست مظفر حسين صاحب کي منهنجي لاءِ روبرو سفارش ڪئي ته هو مون کي پنهنجي ڪپڙي جي ڪارخاني تي ڪنهن ڪم سان لڳائي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته منهنجي والد صاحب جي وفات کان پوءِ هو اسان جي گهر جي مڙني ڳالهين جو خاص خيال رکندو هو. 1965ع واري جنگ کان پوءِ ڪارخانا بند ٿي ويا ۽ روزگار جو مسئلو سامهون آيو ته ادا عمر پنهنجي پان ٻيڙي جي پڙي منهنجي حوالي ڪئي. پنهنجي اهڙي عمل سان هڪ لحاظ کان چڻ هن مون کي پنهنجي بزنس ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪيو.

اسان کي زندگي ۾ جڏهن ڏکيو وقت ايندو هو ته هو اسان جي گهر ۾ اسان جي دل و جان سان مدد ڪندو هو. 70ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن اسان کي پنهنجي گهر ٺاهڻ جي ضرورت پئي ته اسان ٻنهي گڏجي صلاح ڪري هڪ پلاٽ ورتوسين ۽ گڏجي علي گوهر آباد ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهيسين. ان زماني تائين رب تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان ادا عمر کي پنج ٻار ٿي چڪا هئا. 1973ع ۾ مان سرڪاري نوڪري ملڻ ڪري ڪراچي شفٽ ٿي ويس ته اسان جي گهر جو

سومرو خيال ادا عمر رکندو هو ۽ پنيان جو مون کي ڪنهن قسم جي فڪر ڪونہ رهندو هو. ان لحاظ کان هو منهنجو وڏو محسن ۽ مربي هو. ڏيڍ ٻن سالن کان پوءِ مان مڪمل طور ڪراچي شفٽ ٿي ويس تہ هو اسان جي غير موجودگي ڪري پاڻ کي ويڳاڻو سمجهندو هو. مهيني ماس ۽ عيد جي موقعي تي ڪڏهن ٻارن سوڌو ڪڏهن اڪيلو اسان وٽ ڪراچي هليو ايندو هو. اسان جي بہ ادا عمر جي گهر ۽ ٻارن کان سواءِ ڪا نہ سرندي هئي. گرمين جي موڪلن ۾ مان پنهنجي ٻارن سان بہ مهينا لاڙڪاڻي اچي رهندو هئس. اهڙي وقت هو منهنجو ۽ منهنجي ٻارن جو بي حد خيال رکندو هو. ان وچ ۾ منهنجا بہ ٻار لاڙڪاڻي ۾ ڄاوا، هن منهنجي اهل و عيال جي اهڙي پرگهور ڪئي جهڙي پنهنجن ٻچن جي ڪبي آهي. اهڙن روين ۽ اهڙي ميٺ محبت جي ڪري لاڙڪاڻي ۽ ڪراچي جا ماڻهو اسان کي هڪ خاندان ۽ هڪ گهر جا ڀاتي سمجهندا هئا.

1980ع واري ڏهاڪي ۾ رب سائين جي ڪرم ۽ فضل سان ادا محمد عمر کي حج جي سعادت نصيب ٿي تہ هو لاڙڪاڻي کان نهي سنيري اسان جي گهر انچولي سوسائٽي ڪراچي آيو. وڏي خوشي ۽ ڌام ڌوم سان اسان کيس ويسٽ وارپ ۾ بحري جهازن جي شپ يارڊ واري حصي ۾ وٺي وياسين. ان زماني اڪثر حاجي بحري جهاز ”عابد“ ۽ ”شمس“ تي سفر ڪري وڃي جدي پهچندا هئا. جڏهن خير سان حج ڪري ادا عمر موٽيو تہ اسان کيس ٽيڪسيون ڪري وڏي شان سان پنهنجي گهر وٺي آياسين ۽ سندس گهر ۾ آجياڻو ڪري خوشيون ملهايون سين. حج تي وڃڻ وقت ادا سائين مون کان پڇيو هئائين تہ تنهنجي لاءِ سعودي مان ڇا وٺي اچان مون کيس هڪ وال ڪلاڪ ۽ پنهنجي لاءِ هڪ پارڪر پين جي خواهش ڏيکاري هئي. اهو وال ڪلاڪ ۽ پارڪر پين سندس نشانيون اڄ سوڌو مون پاڻ وٽ سنڀالي رکيون آهن.

منهنجي پياري ڀاڻيجي رسول بخش سومري کي سرڪاري نوڪري ملي ۽ جڏهن سندس ڪراچي ۾ پوسٽنگ ٿي تڏهن جلدي ادا محمد عمر پنهنجي ٻچن سوڌو ڪراچي هليو آيو ۽ مون به سڄي کهول کي پنهنجي گهر ۾ رهايو. سنت ئي مون ساڳي پاڙي ۾ پنهنجو فليٽ خريد ڪيو ۽ مان ان ۾ وڃي رهيس تڏهن جيڪا جاءِ منهنجي استعمال هيٺ هئي، تنهن کي مالڪ کي اعتماد ۾ وٺي اها جاءِ ساڳي مسواڙ تي مون ادا محمد عمر جي حوالي ڪئي. انچولي سوسائٽي فيڊرل بي ايريا ۾ هن جي گهر ۽ منهنجي گهر جي وچ ۾ هڪ روڊ جي مفاصلي جو فرق هو پر تنهن هوندي اسان ٻئي گهر هڪ ٻئي سان ڳنڍيا پيا هئاسين ۽ ادا محمد عمر ۽ منهنجيون صبح توڙي شام ڪچهريون جاري رهنديون هيون. ڪجھ سالن بعد سندس وڏي پٽ رسول بخش ۽ مان گڏجي صلاح ڪري ابوالحسن اصفهاني روڊ گلشن اقبال ۾ هڪ ئي هنڌ پنهنجا فليٽ بڪ ڪراياسين. اتي به هن ۽ اسان جي وچ ۾ بس هڪ اسڪول ۽ هڪ به بلڊنگ هئي. جيڪي ادا محمد عمر ۽ اسان جي گهر ۾ ڪا وري يا دوري وجهي نه سگهيا. ان کان پوءِ جڏهن ادا محمد عمر جن پنهنجي جاءِ گلستان جوهر بلاڪ چوڏهين ۾ ٺاهي ان پاسي شفٽ ٿي ويا ته اسان به هڪ ٻن گهٽين جي فرق سان هنن جي وڃي پرسان ويٺاسين.

زندگي جي ايڏي وڏي سفر ڪرڻ ڪان پوءِ ادا محمد گهڻو عمر رسيده ٿي پيو هو. منهنجي سامهون هن جي سڄي عمر گذري هئي. هو منهنجو وڏو سوٽ ۽ پيٽيو هو. پاڻ ۾ زندگي جو وڏو حصو پيار، ميٺ محبت ۽ سهڻي سلوڪ سان گذاريو هئوسين. انهن سيني رشتن ۽ ڳالهين کي ڳنڍيندي ۽ ويچاريندي هن پنهنجن پٽن لاءِ مون ڪان نياڻين جا رشتا گهريا. جيڪي خوشي سان مون قبوليا. ان نئين ناطي جي ڪري اسان جي اچڻ وڃڻ جا پيرا وڏي ويا هئا. هونئن به هو جهانگشت ۽ هڪ جهانديده ماڻهو هو. قاضي فضل الله

۽ قاضي عبدالمنان جي وزارتن دوران انهن سان سلهاڙيل هجڻ ڪري سندس ملاقاتون اميرن، وزيرن ۽ اعليٰ درجي جي آفيسر سان رهنديون هيون. توڙي جو ڪٽي هن جي اسٽيٽس واري ليول سماج جي اهڙي طبقي جي ماڻهن سان ميل نه پئي کائي. تڏهن به هو وڏي اعتماد ۽ ايمانداري سان پنهنجي زندگي گذاري آيو هو. زندگي جي پوئين ڏهاڪي ۾ جڏهن مون کي پنهنجي خاندان جي هسٽري ڄاڻڻ جو شوق ڄاڳيو ته مان هن جي سماجي ۽ معاشرتي اپياس واري خزاني مان ڪجهه سکڻ لاءِ وٽس گهڻو اچڻ وڃڻ لڳس.

حقيقت ۾ زندگي ڀر هن جي قريب رهڻ ڪري هن جي مذهبي رجحان، پابند صوم ۽ صلاة وارين عادتن ۽ هڪ ايماندار ماڻهو هجڻ ڪري مان هن کي پنهنجو آئيڊيل سمجهندو هئس. حياتي جي پوين ڏينهن ۾ هڪ شام جو مان ساڻس ملڻ ويس. منهنجي پيءُ ۽ ڀاڻ گهر جي مٿين حصي ۾ رهندا هئا. ان وقت ادي گهر ۾ ڪا نه هئي، مون ڏٺو ته ادا محمد عمر انب جي وڻ جي ڇانو ۾ جنگهه جنگهه تي چاڙهي ڪاٺ جي صندل تي سنتو پيو هو پر وڏي گهرائي وچان ڪنهن ويسوري ۽ ڪنهن خيال ۾ گم هو. مان سندس مٿن ڪان وڃي بيٺس پر ان ڳالهه جي ڪيس سڌ ئي ڪانه پئي. مان ڀاڻ حيران هئس ته ادا سائين الائي جي ڪهڙن ويچارن ۾ گم آهي. جڏهن مون ٿورو پير جو کڙڪو ڪيو تڏهن ڇرڪ ڀري اٿيو. سندس چهري ۽ اکين ۾ خوف جي علامت صاف ظاهر هئي. مون پڇيومانس. ”ادا ڇو ڪهڙن ويچارن ۾ آهيو“. وراڻيو. ”نه ڪجهه به ناهي خير آ.“ ڪجهه ڏينهن تائين هن جي اهڙي خوف جي عالم ۾ غلطان رهڻ واري ڪيفيت تي مان سوچيندو رهيس. بس مان ان نتيجي تي پهتس ته هن جون هاڻي موت جي مارن سان ملاقاتون پيون هلن ٿيون. انهن ڏينهن ۾ زماني جا گهڻا حوال نه ڪندو هو. شوڪارو ڀريندي ڇوندو هو. بس گذري وئي. مام ۽ مامري کي ته مان سمجهي ويو هئس. پوءِ به هن جي پسند ۽ مطلب جون ڳالهيون

ڪرڻ ويندو هئس. پنهنجن هٿن ۾ هٿن جي آڱرين کي ڏسي انهن کي مهٽيندي گهٽين ڳالهين جو جواب رڳو هان هون ۾ ڏيندو هو. سردي جي موسم جي هڪ شام جو مان پنهنجي گهر وينو هئس ته گهر واري چيو. رابعه (منهنجي ڌيءُ) جي فون آئي آهي ته ادا عمر جي طبيعت ناساز آهي. اسان ٻئي زال مڙس ان ئي مهل کيس ملڻ لاءِ وڃي پهتاسين، پلنگ جي پرسان کٽ تي اکيون ٻوٽيون پرسڪون ستو پيو هو. منهنجيون ٻئي ڌيئرون سندس مٿن کان وينيون هيون، ٻه ٽي ڪلاڪ ترسي اسان ٻارن ۽ ادي کي دلجاءِ ڏئي گهر موٽي آياسين، ٿوري جهٽ گذري ته وري فون آئي ته هو پلو مانس راهه رباني وٺي پنهنجي سفر تي روانو ٿي ويو. اِنا لِلّٰه وَ اِنا عِليهِ راجِعون. سندس تاريخ وفات 27 نومبر 2011ع آهي، دعا آهي ته رب ستار منهنجي محسن ۽ مربي مرحوم محمد عمر جي مغفرت فرمائي کيس جت الفردوس ۾ جاءِ ڏي آمين.

**

ڊاڪٽر عبدالڪريم تنيو

سماج ۾ ميٺ محبت جي خوشبو پکيڙيندڙ ننھو ۽ پيارو انسان ڊاڪٽر عبدالڪريم تنيو اسان جو پاڙيسري ھو. قد بت جو پورو پنو ھو. اڪثر اڇي رنگ جي شلوار ۽ قميض زيب تن ڪندو ھو. پيرن ۾ ھميشہ پالش ڪيل بوٽ پائيندو ھو. جڏھن سھڻن قدمن ۽ سھڻي چال سان گھر کان نڪري ايمپائر سنيما ڏانھن رخ ڪندو ھو تہ ڏاڍو شاندار ماڻھو لڳندو ھو. ماڻھن سان ملڻ ڪرڻ وقت سندس منھن تي ھڪ پياري مسڪراھٽ ھوندي ھئي. توڙي جو ڪٽي اھا مسڪراھٽ نھايت خفيف ھوندي ھئي، تنھن ھوندي بہ مسڪراھٽ وقت سندس چمڪيلا سھڻا ڏند پوري طرح ظاھر ٿي پوندا ھئا.

ڊاڪٽر عبدالڪريم ننڍي توڙي وڏي سان نھايت پياري انداز سان گفتگو فرمائيندو ھو پر جھيڻو ٻڌندو ۽ جھيڻو ڳالھائيندو ھو. سندس پياري ۽ قربائتي شخصيت جي ڪري علي گوھر آباد جي پاڙي ۾ ڪيس ھر ڪو عزت جي نگاھہ سان ڏسندو ھو. سندس پيشو ڊاڪٽري ھو. منھنجي خيال ۾ ايم بي بي ايس ڪونہ ھو. ورھاڱي کان اڳ جو پڙھيل ڳڙھيل ھو ۽ ان زماني ۾ ٿي سگھي ٿو تہ ڊسپينسر وغيره جي ڪا سند ھجيس. پنھنجي جوانيءَ جي زماني ۾ سرڪاري اسپتالن ۾ بحيثيت ڊسپينسر رھيو. اسان ڪيس رٽائرمينٽ واري زماني ۾ پنھنجي گھر جي اوطاق ۾ ڪلينڪ ھلائيندي ڏٺو. 1960ع جي شروعات واري وقت عبدالڪريم تنيو صاحب اسان جي پاڙي جو محسن، مربي ۽ نرم لب لھجي رکڻ وارو ڊاڪٽر سڏبو ھو، صاحب ڪردار ھو ڪيس رب سائين ھٿ ۾ شفا رکي ھئي، تنھن ڪري اسان جي گھر سميت پاڙي جي سموري گھرن ۾ مريضن ڪي ڏسڻ ايندو ھو. ان زماني ۾ پاڙي جون دايون

گهرن ۾ ئي ويم ڪرائيندون هيون. جڏهن داين ڪي ٻار ڄڻائڻ ۾ ڪا ڏکيائي ٿيندي هئي ته اهي سور تکڙا ڪرائڻ لاءِ پچيوٽوري انجيڪشن ڪرائيندون هيون. ان ڏکي وقت ۾ اڪثر اوير سوير رات جي وڳڙي ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم جو وجي در کڙڪائبو هو ته هو ڪڏهن منهن نه گهنجائيندو هو، بلڪ جود جلد ڪري رستي ۾ ٻه وڏيون ٻرانگهون ڀري مريض وٽ پهچندو هو. جڻ ته ڪي مريض سندس گهر جو ڀاتي هجي. اهڙي وقت ۾ هو غريب غربي کان ڪا في ٻه طلب نه ڪندو هو. جيڪڏهن ڪو ڪيس في ڏيندو هو ته واهه نه ته نهيو.

ڊاڪٽر عبدالڪريم جي ڪلينڪ صبح کان رات تائين ڪليل هوندي هئي. پاڻ جي مريضن کي ڏسڻ ويندو هو. يا ڪنهن گهر جي ڪم سان ڪيڏاهن نڪري ويندو هو، تڏهن به ڪلينڪ جو در بند نه ڪري ويندو هو. اسان دوستن جا پنهنجي قربدار دوست بشير احمد ”شاد“ وٽ صبح شام ڦيرا هوندا هئا. خاص ڪري پياري دوست مرحوم پروفيسر مولابخش ڀٽي جي ادي بشير احمد سان ملاقات ڪرڻ کان سواءِ سرندي ڪا نه هئي. مهيسر گهٽي ۾ محمد نواز مهيسر جي اوطاق ٽپي بشير احمد جي گهر ڏانهن رخ ڪندا هئاسين ته پهريان منهن ۾ ڊاڪٽر صاحب جي ڪلينڪ پوندي هئي. اسان کي پنهنجي اڳيان لنگهندي ڏسندو هو ته ڪرسي تي اٿي بيهي رڙ ڪري سڏيندو هو. ”اڙي سائين ڪاڏي، ڪاڏي؟ ايئن ايڏي رکائي ته نهي ڪا نه ٿي. بشير احمد سان به ملجو پر پهريون مون سان ته ملو..“ سچ پڇو ايڏي ته اکير ۽ محبت سان ملندو هو جو اسان وٽس ٻه گهڙيون ڪچهري ڪرڻ لاءِ ويهي رهندا هئاسين. ڊاڪٽر صاحب جي ڳالهائڻ جو قرب ڀريو پيارو انداز دلين کي ڏاڍو موهيندڙ هوندو هو. اسان سندس وسيع سماجي ۽ گهري علمي معلومات مان گهڻو فيضياب ٿيندا هئاسين. هڪ ڏينهن مسٽر مولابخش ڀٽو جيڪو ان وقت شاهه محمد پرائمري اسڪول ۾ پرائمري ٽيچر هو،

صبح جي وقت منهنجي گهر آيو ۽ چوڻ لڳو ته هل ته هلي ڊاڪٽر صاحب سان ملاقات ڪيون. ٿوري جهٽ ۾ اسان ڊاڪٽر عبدالڪريم سان سندس ڪلينڪ تي ملڻ وياسين. وڏي مسڪان سان مرحبا مرحبا چوندي آجيان ڪندي چوڻ لڳو. ”اڄ ته وڏي ڀلائي ڪئي اٿو!“ مولابخش وراڻيس. ”سائين هتان لنگهئون پياءِ دل چيو ته اڳ ۾ اوهان جو سلام ڀريندا وڃون“. اڌ منو ڪلاڪ ڪچري ڪندي مس گذريو ته ڊاڪٽرصاحب پنهنجي ڪرسي تان اٿيو ۽ مسڪرائيندي چيائين ”مان ڀلا اندران ٿي اچان“ 15، 20 منٽ گذريا ته ڊاڪٽر صاحب گهٽي واري دروازي کان چانهه جي ڪيٽلي ۽ ڪوپ هٿ ۾ کنيو اندر داخل ٿيو. اسان اٿي بيٺاسين ۽ ڊاڪٽر صاحب کي چيوسين. ”سائين اوهان ويا ته گهر هئا پر هي هيڏانهن ڪيڏانهن چانهه کڻي آيا“ وراڻيو. ”پنهنجي يار سرائي وٽان ڪير پتي چانهه نهرائي آيو آهيان“. ٿورو مسڪرائيندي وري چوڻ لڳو. ”توهان جهڙن پيارن ماڻهن لاءِ ته ڪير پتي واري سٺي چانهن هجي نه!“ ڊاڪٽر صاحب اها چانهه ايمپائر سنيما تان سرائي جي هوٽل تان پنڌ وڃي نهرائي کڻي آيو هو. اسان کي ان ڏينهن اندازو ٿيو ته ڊاڪٽر صاحب اسان سان ڪيتري محبت ڪري ٿو ۽ اسان جي ڪيتري عزت ڪري ٿو.

اسان جو دوست ڊاڪٽر بشير احمد ”شاد“ سندس ئي گهر جي هڪ حصي ۾ پنهنجي والدين سان رهندو هو. اندازو آهي ته ڊاڪٽر عبدالڪريم ۽ ڀاءُ بشير احمد جي والد صاحب چاچا سائين در محمد جو پاڻ ۾ ڪو ويجهو مائٽاڻو تعلق هو. جو هڪ ئي جاءِ ۾ گڏ رهندا هئا.

ڊاڪٽر صاحب زماني جو تجربيڪار ۽ پختن خيالن جو ماڻهو هو. ڀانيان ٿو ته بشير احمد جي تعليم ۽ تربيت ۾ ٿورو کي گهڻو هن جو هٿ هو. مون کي ياد آهي ته جڏهن ڊاڪٽر صاحب وفات ڪئي هئي ته ڀائو بشير احمد گهڻو غمگين هو. ان موقعي تي ڏک

جو اظهار ڪندي بشير احمد منهنجي اڳيان هي لفظ چيا هئا. ”يار بس ڳالھ نہ پڇ مرحوم وڏو ڏک ڏئي ويو. هو منهنجو محسن ۽ مربي هو.“

ڊاڪٽر عبدالڪريم سان ذاتي طور منهنجي گهٽي لڳندي هئي، رات جو جڏهن منهنجي ڊيوٽي هوندي هئي تہ ڏينهن جو سوپو ننڊ ڪري منجهند جي ماني کائڻ کان پوءِ وقت گذاري لاءِ ڊاڪٽر صاحب جا سهڻا سخن ۽ نصيحتون ٻڌڻ لاءِ وٽس ويندو هئس. هو بہ گهڻو تڻو اڪيلو وينو هوندو هو، ڪچهري ڪندي ڊاڪٽر صاحب اڪثر پاڻ کي فقير چوندو هو ۽ هئو بہ واقعي فقير منش ماڻهو. منجهس ڪا لالچ يا ڪا لوڀ هوندو ئي ڪو نہ هئو. سٻاجهڙي ٻولي ڳالهائيندڙ، سٻاجهڙو انسان، سٻاجهڙي طبيعت جو مالڪ هو. جي مريض اچي تڏهن بہ خوش، جي نہ اچي تڏهن بہ چهري تي اهي ئي مسڪراهٽون. پاڻ ذات جو تنيو هو سندس تعلق ميروخان وارن تنين سان هو. هونئن بہ ذات جا تنيا پاڻ کي فقرائي لڏي ۾ شمار ڪندا آهن.

جنهن زماني ۾ اسان ڊاڪٽر عبدالڪريم سان محفلون ۽ ڪچهريون ڪندا هئاسين تنهن زماني ۾ هڪ ايف ٽي فقير جي شهرت جو ملڪ ۾ وڏو گوڙ ۽ چرچو هو. ڪمالات، ڪرامتون ۽ گهڻيون جادوگريون هن جي نالي پنيان مشهور هيون. اسان گريجوئيٽ نوجوان پاڻ ايف ٽي فقير جون ڳالهيون اخبارن ۾ پڙهڻ لاءِ آتا هوندا هئاسين. اسان کي ايف ٽي فقير ابن صفي جي ناولن جو ڪردار لڳندو هو. بهرحال اسان جا ڪن ان پاسي هوندائي هئا تہ هڪ ڏينهن ڪچهري ڪندي وڏي سنجيدگيءَ سان پر مسڪرائيندي ڊاڪٽر صاحب چوڻ لڳو ”ايف ٽي فقير ٿو چوي تہ هن هڪ اهڙو بم تيار ڪيو آهي، جنهن جي قوت تباهي ناگاساڪي ۽ هيروشيما جاپان ۾ ڪرندڙ آمريڪي بمن کان سو ڀيرا وڌيڪ طاقت رکي ٿي.“ ڊاڪٽرعبدالڪريم جي واتان اها مزيدار ڳالھ ٻڌي مان ڪرسي کي

ٿورڙو سوري اڳيرو ٿي وينس، ان اميد سان ته شايد ڊاڪٽر صاحب اجا وڌيڪ ايف ٽي فقير جا ڪي راز کولي. جڏهن ڊاڪٽر صاحب منهنجي چهري تي آيل حيرانگيءَ جا تاثر نوٽ ڪيا تڏهن هن خفيف انداز ۾ مسڪرائيندي مون کان سوال ڪيو. "خبر اٿئي جنهن ايف ٽي فقير ماڻهن ۽ ملڪن جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي آهي اهو ايف ٽي فقير آهي ڪير؟" مون چيومانس ان جي باري ۾ گهڻو ڪجھ ٻڌو آهي پر خبر ناهي ته ڪير آهي. مون ڊاڪٽر صاحب کان پڇيو. "يلا توهان ٻڌايو اهو فقير صاحب ڪير آهي؟" ٿورو ترسي پنهنجي مک تي ساڳوٽي مسڪراهٽ آڻيندي چوڻ لڳو ايف ٽي فقير جي باري اوهان کي ٻئي ڀيري ٻڌائينس.

ڊاڪٽر عبدالڪريم تنيي سان ڪيترين ئي ڪچهريون ٿيون پر اهو نه ٻڌائي نه ٻڌايائين ته ايف ٽي فقير آهي ڪير ۽ ڪٿي رهندو آهي البته اسان کي ان جا قصا ۽ حيرت ۾ وجهندڙ فقرا هر ڪچهري جي موقعي تي ٻڌائيندو رهندو هو. هڪ ڀيري ادا بشير احمد شاد کان مون پڇيو ته ڊاڪٽر صاحب ايف ٽي فقير جي باري ۾ گهڻو ڪجھ ڄاڻي ٿو. ۽ اهو به چوي ٿو ته ايف ٽي فقير هڪ طاقتور بم تيار ڪيو آهي، جيڪو هو آمريڪا تي اڇلائي آمريڪا جو وجود ختم ڪري ڇڏيندو. ادا سائين لبن تي مسڪراهٽ آڻيندي چيو. "يار توکي ڇا ٻڌايان؟" مون چيومانس "ادا ڪجھ ٻڌاءِ نه ته رات جو مون کي ننڊ ڪو نه ايندي ۽ فينو بار بيٺان ڪائڻي پوندي." نيٺ بشير احمد ايف ٽي فقير واري ڪوڊ کي ڊي ڪوڊ ڪندي چيو ايف معنيٰ فقير ٽي معنيٰ تنيو ۽ وري آخر ۾ پنهنجو لقب فقير رکندي پاڻ کي ئي ايف ٽي فقير ٿو سڏي.

**

پروفيسر ڊاڪٽر بشير احمد ”شاد“

بشير احمد ”شاد“ دوستن جو دوست پر منهنجو پيارو ڀاءُ آهي، منهنجو هي منڻو ڀاءُ محبت جو مجسمو آهي. منهنجي زندگيءَ جو اهو ڏينهن منهنجي لاءِ خوشنصيبيءَ جا خزانا ڪٺي آيو هو، جڏهن هن منهنجي طرفان ڏنل دوستيءَ جي دعوت کي قبول ڪيو هو.

لاڙڪاڻي جي علي گوهرآباد محلي ۾ سنڌي مسلم پرائمري اسڪول جيڪو سائين وڏي عبدالرشيد جي نالي سان مشهور هو تنهن جي اوپر پاسي مهيسر گهٽي ۾ هن دوست جو گهر هو. اسان جي ٻاروتڻ جو دوست محمد نواز مهيسر عرف قينچي باڪسر هن جو پاڙيسري هو. جيڪو باڪسنگ سان گڏ لکڻ پڙهڻ ۾ وڏو هوشيار هوندو هو. اسان جي پاڙي ۾ بشير احمد نئون آيل هو. سنيران ئو تہ هو شڪارپور مان 1956ع ڌاري پنهنجي والدين سان لڏي اسان جي پاڙي جي هردلعزيز ڊاڪٽر عبدالڪريم تنيي جي گهر ۾ اچي رهيو هو، جيڪو سندس ماسڙ هيو. بعد ۾ انهيءَ جي پرواريءَ جاءِ ۾ اچي رهيو.

بشير احمد شاد شڪارپور ۾ جيڪو زندگيءَ جو عرصو گذاريو ان ۾ قابلِ ذڪر هن جي تعليم جو مرحلو آهي. هونئن زندگيءَ جي گذر سفر جي ڪهاڻي ۾ پنهنجي پيءُ سان قدم تي ساٿ ڏيڻ بہ اسان جهڙي مسڪينن کي ورثي ۾ ملندو آهي. بشير احمد شاد بہ پنهنجي ننڍي وهيءَ واري زماني ۾ پنهنجي والد محترم درمحمد پناڻ سان ٻانهن ٻيلي ٿي هن جي ڪرت ۽ ڪم ۾ هٿ ونڊايو. پاڻ پناڻ قبيلي جا هئا. سندن پناڻ قبيلي سان ڳانڍاپو هجڻ جي تصديقي معاملن جي سلسلي ۾ مون کي کوجنا جو شوق اڌ صدي کن اڳ جاڳيو هو. آئون پنهنجي دوست عبدالعزيز سومري وٽ شڪارپور ايندو ويندو رهندو هئس جنهن سان منهنجي دوستي

بہ بشير احمد جي معرفت ٿي هئي. هو 1965ع جي زماني ۾ علي ٽيڪسٽائل مل سنڌ سمال انڊسٽري ۾ منهنجي صلاح ۽ ڪوٽ تي وارپ ٽتنگ جو ڪم سکڻ آيو هو تنهن کان پوءِ هن سان منهنجا فيملي ٽرمس شروع ٿيا، جيڪي اڄ تائين قائم آهن. بشير احمد جي ابتدائي زندگي جي ڄاڻ لاءِ شڪارپور ۾ عبدالعزيز سومري کان سواءِ ٿي ٻيا بہ دوست هئا، جن بشير احمد جي شڪارپور واري زندگيءَ تي روشني وڌي. عبدالعزيز سومري جي پاڙي نبي شاهہ محلي جو دوست عبدالستار سومرو هو جنهن سان پڻ 1965ع واري زماني ۾ منهنجيون ملاقاتون ۽ ڪچهريون رهيون. اهو دوست بہ هڪ بهترين ۽ نهني سڀاءَ جو انتهائي پيارو ماڻهو هو، جنهن سان زندگي وفا نہ ڪئي ۽ جواني ۾ ئي وفات ڪري ويو. تنهن سان بہ بشر احمد جا ٻالڪپڻي کان قرب ۽ محبت جا ڳانڍاپا هئا. اهو دوست تہ بشير احمد جي سهڻي سڀاءَ ۽ پيار پري ورتاءَ تي ٻلهار ٻلهار پيو ويندو هو ۽ بشير احمد ’شاد‘ جي ٻالڪپڻي، تعليمي سلسلي توڙي هن جي ابتدائي زندگي جي دوستي جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ بيان ڪندو هو.

شڪارپور جو منهنجو هڪ ٻيو دوست هو مير محمد پناڻ. شڪارپور ۾ جوانيءَ واري زماني ۾ جن سان دوستيون ٿيون، سي انتهائي درجي جا پيارا ماڻهو هئا. مير محمد پڻ انهن مان هڪ هو، اهو بہ سومرن جي پاڙي نبي شاهہ کان ڪجهہ پريرو صدر پاڙي ۾ رهندو هو. پيشي جي لحاظ کان ڪپڙي جو واپاري هو، سندس دڪان شڪارپور جي مشهور ڍڪ بازار ۾ هوندو هو. ان زماني ۾ جڏهن بہ اسان جو شڪارپور جو پيرو ٿيندو هو تہ هو اسان کي پاڻ وٽ رهائيندو هو ۽ هو جڏهن بہ پنهنجي سڪ لاهڻ لاءِ بشيراحمد وٽ لاڙڪاڻي ايندو هو تہ منهنجي آشياني تي پڻ قربَ جا پير پائيندو هو. بشير احمد جي شڪارپور واري زندگيءَ واري زماني بابت هو ٻڌائيندو هو تہ بشير احمد طبعاً نهنو، پيارو، پڙهڻ جو تکو

۽ محنتي هو. منهنجو اهو تجربو رهيو آهي ته شڪارپوري پنهنجي دوستن سان محبت ڪرڻ ۾ ڪا ڪثر نه ڇڏيندا آهن. مير محمد، بشير احمد ڪي عشق جي حد تائين چاهيندو هو، ڪو وقت اهڙو به هو جو هو بشير احمد ڪي ملڻ لاءِ لاڙڪاڻي جا مهيني ۾ ٻٽي ڀيرا ڪندو هو. اصل ۾ اها محبت ۽ اها ڪشش نندي هوندي جي سهڻن تعلقات جي مرهون منت هئي. جن ڪي هن وقت به اسان پنهنجي حال احوال جي اور ۾ دهرائيندا رهندا آهيون. بشير احمد جو هڪ ٻيو هم ڪلاسي نهايت گهڻ گهرو دوست قاضي محمد حيات آهي. جنهنجو تعلق شڪارپور جي قاضي محلي سان آهي. ذڪر ڪندو هلان ته انهن سمورن دوستن جو جن جو مون مٿي ذڪر خير ڪيو تن جو اڪثر قاضي محلي سان واسطو رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته قاضي محلو پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم جو اعليٰ مرڪز هوندو هو، جتان بشير احمد سميت منهنجن مذڪوره دوستن گڏجي ابتدائي تعليم پرائي.

اسڪول ۾ گڏ پڙهندڙ دوست اسان جي زندگيءَ جي ابتدائي زماني جي حقيقتن ڪان جيترو واقف ۽ روشناس هوندا آهن اوترو ٻيو ڪو به نه هوندو آهي. پائپي، دوستي ۽ تعلقات جي اڏ صديءَ جا اذڪار ۽ احوال قاضي محمد حيات ۽ اسان جي آڏو آهن. پنهنجي لڏي جي دوستن جي حياتيءَ جي باري ۾ اصل حقيقت ڄاڻڻ، سمجهڻ لاءِ اهو هڪ وڏو معتبر عرصو آهي. ان عرصي ۾ بشير احمد ۽ قاضي محمد حيات جي دوستيءَ ڪي مون پنهنجي اکين آڏو وڌنڌي ڏٺو آهي، سندن نندي هوندي جي سهڻن اخلاقن ۽ اخلاص جي بنيادن تي ڳنڍيل دوستي اڄ به اخلاص ۽ محبت جي مضبوط بنيادن ڪري قائم دائم آهي.

ڪجھ سال اڳ بشير احمد شاد، محمد يوسف شيخ ۽ مان قاضي محمد حيات جي پٽ جي شاديءَ جي موقعي تي شڪارپور ويا سين، اتفاق سان شادي جي وليمي جي تقريب ان اسڪول جي

ڪشادي ڪمپائونڊ ۾ رکيل هئي، جنهن ۾ منهنجي شڪاپوري دوستن سان گڏ بشير احمد پنهنجي ابتدائي تعليم جا مرحلا طئي ڪيا هئا. اسڪول جي ڪلاس رومن ڪي دوستن بند درين جي سيخن مان وڏي اتساهه سان نهاريو. دل جي آسيس لاتي ۽ پنهنجون يادگيريون تازيون ڪيون. شڪارپور جي هن پيري واري سفر ۾ بشير احمد جي ٻالڪپڻي جي ڪهاڻي ۽ سنن درسگاهن ۾ ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ مون ڪي پيرائتي معلومات ملي جنهن تي مون ڪي دلي خوشي ٿي هئي. منهنجي خيال ۾ پنهنجن عالمن، اديبن ۽ تخليقڪارن ڪي معتبر ترين مڃتا پيش ڪرڻ جو بهترين وقت ان جي حياتي ۾ ئي ڪين پيش ڪرڻ هوندو آهي، مگر اسان جي اها روايت رهي آهي ته پنهنجي تخليقڪارن، عالمن ۽ اديبن جي سنسار سڌارڻ کان پوءِ ڊرائنگ رومن ۾ ويهي مقالا ۽ مضمون تيار ڪري اُهي انهن جي ورهيارن ۽ ورسين تي پيش ڪندا آهيون. اصل ۾ ادبي لحاظ کان معتبر ڪم اهو آهي ته پنهنجي اهڙن قومي هيرن، موتين جهڙن املهه ماڻهن تي سندن حياتي ۾ ٽريبوٽ پيش ڪيون. اسان جي محققن لاءِ بهتر ايئن آهي ته هو تحقيق جو ڪم مڃتا ماڻيندڙ عالمن ۽ اديبن جي حياتيءَ ۾ انهن جا روبرو انٽرويو ڪري نج ۽ سچ پچ احوال قرطاس تي آڻي ان کي تاريخ جو حصو بڻائين. پنهنجي دوست لاڙڪاڻي جي ڏاهي عالم، اديب ۽ شاعر تي لکڻ وقت مان فخر محسوس ڪري رهيو آهيان ته مون هن کي سيڪنڊري اسڪول جي ڪچي عمر واري زماني کان ويجهو وجي مطالعو ڪيو آهي. جيتوڻيڪ لکڻ جي حد تائين هن جي حياتي جي ڪجهه پهلوئن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ اهو ڪجهه ڪافي هو. تنهن هوندي به بشير احمد جي زندگي تي پنهنجا ٻه ٽي اکر لکڻ لاءِ مون شڪارپور جون گهٽيون، گهر، ماڳ مڪان، باغ بازاريون، سنڌ واهه جا ڪنارا ۽ اتان جون موج مستيون،

اسڪول ۾ مدرسا وجي ووڙيا ۽ بشير احمد ’شاد‘ جي باري ۾ بنيادي معلومات حاصل ڪئي.

بشير احمد شاد جو ڏاڏو جنهن جو نالو آغا جان پناڻ هو، تنهن جا وڏا شڪارپور ۾ اچي ويٺا. هو انگريزن جي زماني ۾ شڪارپور ۾ ئي گهوڙي سوار جي نوڪري ڪندو هو. ان پيرمرد جي باري ۾ مون کي عبدالعزيز سومري ٻڌايو هو ته بشير احمد شاد جي وڏن سان اسان جي وڏن جا گهرو لاڳاپا هئا. عبدالعزيز، بشير احمد شاد کان ٻه سال وڏو آهي ۽ 1940ع جي پيدائش آهي. هن وڏي مان ۽ تصديق سان هن ڳالهه جو اظهار ڪيو ته بشير احمد شاد جو ڏاڏو ۽ ان جي گهر جا ڀاتي پاڻ ۾ ان وقت به سنڌي زبان ۾ ئي ڳالهائيندا هئا، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته سندس خاندان ۾ ڪيئي پيڙهين کان سنڌي ٻولي ڳالهائي وجي ٿي. منهنجِي پنهنجي پياري دوست بشير احمد شاد سان جڏهن به ان موضوع تي ڳالهه ٻولهه ٿي آهي ته هو صدين کان وٺي پنهنجي گهر ۾ سنڌي رائج هجڻ ۽ سنڌي ادب جو پروفيسر هجڻ تي خوشي ۽ فخر جو اظهار ڪندو رهيو آهي.

بشير احمد هميشه پنهنجي خاندان بابت ڪناڪيڙ ڪندو رهندو هو. ڪيس هڪ ڀيري شڪارپور جي ڪنهن ڪهني ماڻهوءَ هن جي مهاندن کي ڏسي سڃاتو ۽ ڪانئس پڇي پڪ ڪئي ته هو درمحمد جو پٽ آهي. تنهن تي ڪيس بشير احمد وراڻيو ته جي ها، مان در محمد جو پٽ آهيان. تنهن تي هن جهوني ٻڌايس ته تنهنجي ڏاڏي جي تصوير مون پَرينءَ پَر مهرن جي پاڙي ۾ مهرن وٽ ڏٺي آهي. اها خبر ٻڌي بشير احمد جي دل ۾ هڪ طوفان ڪڙو ٿيو. همراهه وڏي جستجو وڏي هڻ هٽان ڪري پنهنجي ان عزيز کي ڳولي لڌو ۽ وٽائنس اها تصوير حاصل ڪئي. ان وقت بشير احمد کي پنهنجن وڏن بابت تصديقي حال احوال مليو ته سندس وڏا نج شڪارپوري سنڌي ڳالهائيندڙ پناڻ هئا. هڪ ڀيري بشير احمد جي اوطاق تي پنهنجي گذريل زماني جون يادگيريون تازيون ڪندي پنهنجا ڪيل

فوٽا ۽ تصويرون ڏسي رهيا هئا سين ته بشير احمد مون کي پنهنجي ڏاڏي جي اها تصوير ڏيکاري، جيڪا کيس شڪارپور مان هٿ آئي هئي. تصوير ڏسڻ سان مون کيس چيو ته واقعي هي پريو مڙس ته شڪل شبيهه ۾ هوبهو تنهنجي والد در محمد جهڙو آهي ۽ پڪو پناڻ ٿو لڳي.

بشير احمد شاد سان دوستي ڪان اڳ مان کيس پنهنجي پاڙي ۾ ايندي ويندي ته ڏسندو رهندو هئس پر هن سان پهرين ملاقات ميونسپل هاءِ اسڪول جي ڊرائنگ هال ۾ ٿي. جتي هو اليمينٽري ڊرائنگ سبجيڪٽ جا ڪلاس اچي پڙهندو هو ۽ اسان ريگيولر ڊرائنگ جو ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ لاءِ اچي ڪلاس جي بئنچن تي ويهندا هئا سين. اسان جو اسڪول پراڻي ڪلاسيڪل دور جو هو. پروفيسر ڊاڪٽر سانگي جي تحقيق موجب اهو اسڪول اڳ ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول هوندو هو، جڏهن 1926ع ۾ لاڙڪاڻي جي مخير سياسي اڳواڻ امير علي لاهوري جي ڏنل زمين تي گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي نئين بلڊنگ ٺهي تيار ٿي، تڏهن اسڪول جي اها پراڻي عمارت ميونسپل جي حوالي ٿي ۽ ان تي ميونسپل جنهن جي اڳواڻي پڻ امير علي لاهوري، غلام عباس قادري جوش ۽ ٻيا سياسي اڳواڻ ڪندا هئا، تن جي فيصلي سان اتي ميونسپل هاءِ اسڪول قائم ڪيو ويو. ميونسپل هاءِ اسڪول جو ڊرائنگ هال وڏو ڪشادو هوندو هو، ان جي مرڪزي حصي جي پٽين تي اهڙيون ته بهترين تصويرون لڳل هونديون هيون جو اسان پارا ته پنهنجو سمورو پيرڊ انهن کي ڏسي ڄڻ خوابن ۾ گذاري ڇڏيندا هئا. اسان جو ڊرائنگ ٽيچر ناصر صاحب اردو اسپيڪنگ هو پر هڪ وڏو آرٽسٽ هجڻ سان گڏ انيڪ خوبين جو مالڪ هو. ديندار، پڪو نمازي، وڏي صبر سانت وارو پر نهايت سادو ۽ شاگردن سان اولاد جهڙو وهنوار رکندو هو. ان کان سواءِ کيس پهلواني جو شوق جدا هوندو هو. اليمينٽري ڊرائنگ جا ڪلاس

منجهند جي نماز تائين هلندا رهندا هئا. پاڻ سان گڏ هو سيني شاگردن کي نماز پڙهائيندو هو. محمد يوسف مان ۽ بشير احمد هن جي پنيان نماز پڙهندا هئا سين. بشير احمد اليمينٽري ڊرائنگ جو امتحان پاس ڪيو. ڊرائنگ هال جي ملاقات جون بہ ڪي ڳالهيون ياد نہ ٿيون پون البتہ اهو ياد اٿم تہ هو سياري جي مند ۾ اسڪول ۾ هڪ ڪيمل ڪلر جو ڪوٽ پائي ايندو هو. بشير احمد بچپن کان رنگ جو گورو هوندو هو، مٿان جو اهو ڪيمل ڪلر جو ڪوٽ پائيندو هو تہ سونهن ۾ سرس ۽ ڀهڳٽو ٿي پوندو هو، منهنجي دل تہ چوندي هئي تہ پنهنجي پاڙي مان آيل هن پاڙيسري سان سنگت ڳنڍيان پر ڊاڪٽر عبدالڪريم صاحب جي گهر ۾ رهائش ڪري مان کيس وڏي گهر جو سمجهندو هئس.

1962ع ۾ بشير احمد ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪري اسڪول ڇڏي ويو، ان وقت مان نائين جماعت ۾ هئس. پڙهڻ ڪرڻ ۾ منهنجا حال پورا هئا. نائين جماعت جي امتحان ۾ ڪن پيپرن جي سپلي آئي هئي، جن کي ڏهين جماعت سان ملائي امتحان پاس ڪرڻو هو. ان وقت شهر ۾ ٽيوشن سينٽر ڪو نہ هوندا هئا. تنهن ڪري اوڙي پاڙي جي هوشيار شاگردن کان مدد وٺڻي پوندي هئي. بشير احمد فرسٽ ڪلاس جو شاگرد هو، اڳ ۾ ئي سنڌي ۽ اردو فائينل جا امتحان پاس ڪيل هئس، انگريزي ۽ ميٿ ميٿڪس جي مضمونن ۾ پڙ هو، تنهن ڪري منهنجي نظر انتخاب وجي ان تي بيٺي. سندس گهر جي پرسان وارين گهٽين ۽ وراڪن ۾ پيو واجهائيندو هئس تہ هو ڪٿي اڪيلو ملي تہ کانئس انگريزي ۽ حساب سکڻ لاءِ مدد طلب ڪريان، هڪ ڀيري گهر جي گهٽيءَ وٽ کيس صدا ڏئي بيهاريم، سلام دعا کان پوءِ کيس عرض ڪندي دل جي مدعا بيان ڪيم. هن خوش دليءَ سان مدد ڪرڻ جي حامي ڀري. ڀلي انسان کان جيڪا مون اميد رکي تنهن سلسلي ۾ هو منهنجو پورو پورو مددگار ثابت ٿيو.

ان ملاقات کان پوءِ بشير احمد ۽ منهنجي دوستي ٿي وئي. ان زماني کان وٺي هو دوست نه پر منهنجي لاءِ هڪ وڏي ڀاءُ ۽ پرجهلي جو ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. لاڙڪاڻي جي آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج ۾ مون کي فرسٽ ايئر جي داخلا ڪرائڻي هئي، ان موقعي تي هن پنهنجي گهري دوست محمد يوسف جي صلاح سان منهنجو اهو مسئلو حل ڪيو. ڪتابن جي مدد ۽ ٻين جن ڪمن ۾ آئون منجهندو هئس تن ۾ هر طرح سان هو منهنجو خيال رکندو هو.

ڪاليج جي نصابي ڪتابن جي مطالعي ۽ امتحان ڏيڻ ۾ بشير احمد ڏاڍو هوشيار هو پر غير نصابي سرگرمين ۾ به اڳڀرو وڏي حصو وٺندو هو. مون کي به ڪاليج جي سڀني سرگرمين ۾ حصي وٺڻ لاءِ همٿائيندو رهندو هو. محمد يوسف ۽ بشير احمد جي گروپ، ڪاليج جي ساليانن فنڪشنز جي هر ايوينٽ تي ڪم ڪيو ۽ ڪيترن ڪمن ۾ مون کي به ساڻ ڪٽي هليا پر هنن ٻنهي ۾ قدرتي طور اڻ ڳڻيون خوبيون موجود هيون ۽ هو گهڻو ڪجهه ڪري ويندا هئا. مان ڪنهن به منزل تي هنن جي همسري ڪري نه سگهندو هئس. بشير احمد کي شاعري جو شوق به ان دور ۾ جاڳيو، ڪاليج جي زماني ۾ هن ڪاليج جي اسٽيج تي پنهنجي غزل گائيڪي جو پڻ چڱو مظاهرو ڪيو. ان زماني ۾ سندس سريلي آواز تي گهڻائي ماڻهو موهت ٿيا. بشيراحمد ڪاليج ۾ ساليانن تقريري مقابلن ۾ پڻ حصو وٺندو هو. اسٽيج ڊراما، فينسي شو، ڪاليج ميگزين ۾ مضمون ۽ مقالا پڻ لکندو هو. آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج مان انٽر پاس ڪري هو گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ پڙهڻ ويو، جتان بي اي جو امتحان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. آئون هن جي ڇڏيل گسن تي زندگي ۾ ايئن پيرا کڻي هلندو رهيس، جيئن ڪنهن مرشد جي نقشِ قدم تي هلبو آهي. بشير احمد شاد زندگيءَ ۾ وڏيون ڪاميابيون ماڻيون ۽ پي ايڇ. ڊي تائين تعليم حاصل

ڪئي. مون ٻه سندس نقش قدم تي هلي اهي ڪاميابيون ماڻيون جن ڪي منهنجي گهر جا ڀاتي ۽ مان تصور ۾ ٻه نه پئي آڻي سگهيا سين. منهنجي زندگيءَ ۾ هو پارس هو مان لوهه هيس پر هن دوست جي لاري لڳڻ سان آئون ٻه زماني ۾ ٽڪي پئسي جي قيمت لهڻ جي قابل ٿي پيس.

اسڪول وارن ڏينهن ۾ سائين غلام الله شيخ اسان جو استاد هوندو هو. ڪيس اسڪول جي لائبريري جي چارج ٻه هوندي هئي. سائين پنهنجي سياءَ موجب پنهنجي هوشيار شاگردن کي نصابي ڪتابن کان سواءِ شعر، ادب ۽ تاريخ جو مطالعو ڪرڻ ڏانهن متوجه ڪندو رهندو هو.

بشير احمد ۽ محمد يوسف شيخ مون کان هڪ ڪلاس مٿي هوندا هئا. تعليمي مسئلن کي سمجهڻ ۽ پڪ اَپ ڪرڻ ۾ ٻئي هوشيار شاگرد هئا. لکڻ، پڙهڻ ۽ مطالعي ڪرڻ جو ٻج منجهن منڍ کان وٺي موجود هو. ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ بشير احمد ۽ محمد يوسف جي دوستيءَ جي لڏي جا مڙئي شاگرد پاڻ ۾ روزانو ملندا رهندا هئا. پنهنجي آئيندي جي زندگيءَ، ڪاليج ايجوڪيشن ۽ نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين جي باري ۾ پڻ هنن جي سوچ ۽ ويچار ٻه هلندو رهندو هو.

پنهنجي پاڙي ۾ بشير احمد جي تعليمي سرگرمين ۽ اٿڻ ويهڻ تي منهنجي خاص نظر هوندي هئي، ان خيال سان ته مان هن سان دوستي ڪري هن کان پنهنجي تعليمي معاملن ۾ مدد حاصل ڪريان. هو شام جو ٽن پهرن جي نماز پڙهي گهران نڪرندو هو. اهو هن جو روز جو معمول هو پر مون کي اها ڄاڻ ڪا نه هئي ته هو نهي سنيري تيل ڦليل ڪري ٽالڪم پائوڊر مٿان پيٽرا پرفيوم هڻي آخر ڪيڏاهن ٿو وڃي؟ بشير احمد جون اهڙيون سرگرميون ڄاڇڻ لاءِ هڪ ڏينهن مون لڪي ڇپي هن جو پيرو ڪنيو. ڏٺم ته هو انصارين واري گهٽي جيڪا اڳتي هلي چوڙي گرن واري گهٽي

سڏبي هئي، تنهن مان لنگهي ٽڪنڊي وٽان لڙي ايمپائر روڊ پار ڪري محمد ايوب کهڙي جي بنگلي پنيان جعفري گهٽي ۾ وڃي نڪتو، هن محمد يوسف شيخ جي گهر جو دروازو کڙڪايو. ٻن ٽن منٽن ۾ محمد يوسف پنهنجي گهران ٺهي سنيري نڪري آيو ۽ ٻئي گڏجي مڇي مارڪيٽ کان ٿيندا پاڻ ۾ ٽڙا ناشا هڻندا پاڪستان چوڪ کان ٿيندا وڃي جناح باغ جي هڪ ٻاري ۾ گوشائتا ٿي ويٺا، اهو سمورو لقاءُ ڏسي مون نوٽ ڪيو هو تہ جناح باغ ۾ هو پنهنجن هم ڪلاسي دوستن سان ڪل پوڳ ۽ ڪچهريون ڪندا هئا. جڏهن منهنجي ساڻن دوستي ٿي تہ گهڻن رازن تان پردا ڪڄا ويا. دراصل بشير احمد ۽ محمد يوسف پنهنجو هڪ گروپ تيار ڪيو هو جنهن جو شغل هو پنهنجي تعليمي، علمي ۽ مطالعاتي معاملن تي غور و فڪر ڪرڻ. منهنجي ساڻن دوستي ڪان پوءِ جناح باغ جي هنن ڪچهرين ۾ شريڪ ٿيڻ منهنجي معمول جو ڪم ٿي ويو هو. اسان جي رهنمائي لاءِ سائين غلام الله شيخ بہ اڪثر ڪچهريءَ ۾ ايندو رهندو هو. سائين اسان جو رهبر هوندو هو ۽ سنگت ۽ ڪچهري جا روح روان محمد يوسف ۽ بشير احمد هوندا هئا. هنن ٻنهي دوستن کان سواءِ جيڪي دوست ڪچهري ۾ روزانو يا ڪڏهن ڪڏهن اچي شريڪ ٿيندا هئا انهن ۾ مولابخش پٽو، محمد ايوب سولنگي، غلام سرور شيخ، عبدالخالق شيخ، عبدالسميع سومرو، فضل الله تنيو، الله بخش جوکيو، محمد يوسف بن واحد بخش شيخ، نصر الله شيخ، الله بخش شيخ، محمد يوسف لغاري ۽ رسول بخش شيخ شامل هوندا هئا. ذڪر ڪيل دوستن مان بشير احمد کي ان وقت ادب، شاعري ۽ مضمون نگاري سان گهڻي دلچسپي هوندي هئي، جڏهن تہ هر ڪم ۾ متحرڪ رهڻ ۽ اداري سازي جو ڏانءُ محمد يوسف شيخ وٽ گهڻو هو پر صلاح مصلحت ۽ اتفاق ۾ اسان جا سڀ دوست پاڻ ۾ هم خيال هوندا هئا. جناح باغ وارين نشستن ۾ اسان سائين غلام الله شيخ جي رهنمائي ۾ هڪ اسٽڊي سرڪل جو

بنياد وڌو. سرڪل جي پريذيڊنٽ ۽ جنرل سيڪريٽري جا عهدا اسان جي لائق فائق دوستن بشير احمد شاد ۽ محمد يوسف وٽ رهيا.

لاڙڪاڻي ۾ اسان جي گروپ جي ايرنڊڙ نئين ٺهي جي 1964ع-1963ع جي زماني ۾ اها پهرين ڪوشش هئي، جنهن ۾ هڪ ننڍي پئماني تي ادبي ۽ مطالعاتي اداري سنڌ اسٽڊي سرڪل جي پيڙهه وڌي. اسان جي لڏي جا نوجوان اڪثر غريب لڏي جا هئا. تنهنڪري وسيلن جي اڻاٺ جي ڪري جناح باغ جا ٻارا ئي اسان جي آفيس ۽ لائبريري هوندا هئا. هڪ لحاظ کان ايئن سنڌ اسٽڊي سرڪل جو سمورو ڪم گشتي هوندو هو. دوستن مان بشير احمد ۽ محمد يوسف ڪڏهن جنگ ڊيلي ۽ ڪي هفتيوار لاڙڪاڻي مان ڇپجندڙ اخبارون جن ۾ جمال الدين بخاري جي اخبار انصاف ۽ محمد خان شيخ جي اخبار پاڪستان پڙهڻ لاءِ مهيا ڪندا هئا. جن ڏينهن ۾ ڪاليج جون موڪلون هونديون هيون انهن ڏينهن ۾ اسان جي اسٽڊي سرڪل جي سرگرمين ۾ وڌارو ايندو هو. شام جو ريلوي اسٽيشن جو چڪر ضرور لڳائيندا هئاسين، ان جو وڏو سبب ٻه ريلوي بوڪ اسٽال تي اخبارن ۽ رسالن کي ڏسڻ هوندو هو. بشير احمد ۽ محمد يوسف ماهوار علمي ۽ ادبي رسالا خريد ڪندا هئا. جن جو وندي ورهائي ۽ واري وٽيءَ سان مطالعو ڪندا هئاسين. اسان کي اسٽالن تي وچي اخبارن جون سرخيون پڙهڻ جي چوس اتان پئي. محمد يوسف ان زماني ۾ اردو سيڪالاجسٽ ۽ ڇتان رسالو خريد ڪندو هو، جيڪي سرڪل جي دوستن جي مطالعي هيٺ رهندو هو.

انٽرميڊئيٽ امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ محمد يوسف سنڌ يونيورسٽي مان بي اي امتيازي ڪرڻ لاءِ حيدرآباد هليو ويو ته سرڪل جا سمورا فرض بشير احمد انجام ڏيندو هو. ستت ئي سائين غلام الله جي صلاح سان سنڌ اسٽڊي سرڪل جا نالو مٽائي نئون نالو سنڌي سڄڻ سٿ رکيوسين.

جڏهن بشير احمد شاد بي اي جو امتحان پاس ڪري چڪو هو، تڏهن به سنڌي سجاڳ ستھ جون گڏجاڻيون ساڳين هنڌن ۽ ماڻهن تي ٿينديون هيون ۽ سنڌي سجاڳن ستھ جي پليٽ فارم تي عام فهم معلومات، تقرير جي فن جي سکيا ۽ مطالعي وارين سرگرمين ۾ پڻ واڌ آئي. سائين غلام الله جي موجودگي ۾ پنهنجي مرضيءَ جي موضوع تي پنج منٽ ڳالهائڻ جي پريڪٽس ڪندا هئاسين. وڌيڪ رهنمائي ڪندي سائين غلام الله محفل ۾ شريڪ دوستن کي پنهنجي پسند جي شعبن تي ٻن صفحن جا مضمون لکي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ڪرڻ لاءِ تياري ڪرڻ جي صلاح ڏيندو هو، جن تي سڀ کان وڌيڪ ڪم بشير احمد شاد ڪندو هو. سواءِ ان جي هو پنهنجا تازا تخليق ڪيل شعر پڻ اسان کي ٻڌائيندو رهندو هو. اسان جي هن فورم تي هڪ وقت اهڙو به آيو جو سردين جي موسم ۾ باغ جي لان ۾ ويهي ڪچهريون ۽ گڏجاڻيون ڪرڻ مشڪل ٿيندو هو پر انهن ڏينهن ۾ اسان جي لاءِ سهولتن جو هڪ دروازو کلي پيو. بشير احمد اڪثر پنهنجا مضمون مسٽر محمد خان شيخ جي اخبار پاڪستان ۾ شايع ڪرائيندو هو. پاڪستان اخبار جي لاءِ بنا ڪنهن معاوضي سندس خدمتن رنگ لاتو. هڪ ڏينهن محمد خان شيخ اخبار جي ايڊيٽر اسان کي لان ۾ گڏجاڻي ڪندي ڏٺو هو. هن اسان جي لاءِ آساني پيدا ڪندي چيو ته جناح باغ ۾ آفيسرز ڪلب جي اڳيان ٽائون هال ۾ منهنجي آفيس آهي، توهان دوست ان کي استعمال ڪري سگهو ٿا. اها سهولت ملندي اسان پنهنجي سنڌي سجاڳن ستھ جي سمورين سرگرمين جو مرڪز ان جي آفيس کي بڻايو. ان نئين جاءِ تي اسان جون گڏجاڻيون دير تائين جاري رهنديون هيون. ماسٽرس جي امتحانن جون تياريون، ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن جي مطالعي جي معاملي ۾ به اسان کي ڪيتريون نيون سهولتون ميسر ٿيون، بلڪ مسٽر محمد خان جي خواهش تي ان ڪشادي ڪمري ۾ اسان پنهنجي چانهن ڪلب به قائم ڪئي.

انهن ڏينهن ۾ جناح باغ جي تجر باغ واري عمارت ۾ ميونسپل آفيس وارن پبلڪ جي تفريح لاءِ براڊ ڪاسٽنگ اسٽيشن قائم ڪئي هئي جنهن جو سربراه مرزا اخلاق احمد بيگ هوندو هو، جڏهن براڊ ڪاسٽنگ جي ڊائريڪٽر گانن ۽ راڳ رنگ کان سواءِ ادبي نوعيت جا پروگرام ڪاسٽ ڪرڻ شروع ڪيا تڏهن بشير احمد شاد ان براڊ ڪاسٽنگ جي پروگرامن ۾ حصو وٺندو هو. ساڳئي زماني ۾ شاد صاحب گورنمينٽ پي. وي اسڪول لاڙڪاڻي ۾ استاد جي حيثيت سان فرض انجام ڏيندو هو.

لاڙڪاڻي جي شاعر، اديب ۽ پروفيسر ڊاڪٽر بشير احمد ”شاد“ جي علمي ادبي ۽ اداره سازي جي خوبين جي سلسلي ۾ عرض ڪري آيو آهيان ته جناح باغ ۾ اسان هم ڪلاس ۽ هم اسڪول دوستن جي گڏيل سهڪار سان ننڍي پيماني تي علمي ادبي سرگرمين جي شروعات ننڍي ٿهي واري زماني ۾ ٿي چڪي هئي. جنهن ۾ بشير احمد شاد هڪ مرڪزي رول ادا ڪري رهيو هو. اسان جي اهڙين سرگرمين ۾ ان وقت وڏيڪ اضافو ٿيو جڏهن پنهنجي حلقي جي دوستن مان محترم مير محمد شيخ ۽ محترم محمد يوسف شيخ جي ڪوشش سان لاڙڪاڻي جي تعلمي مرڪز لاڙڪاڻي عيدگاهه جي ڀاهرين پاسي وارن ڪمرن مان هڪ ڪمرو ماهوار مسواڙ تي مليو. وقف کاتو انهن ڪمرن جي مسواڙ اوڳاڙيندو هو. هن نئين ڪمري ۾ اسان پنهنجي اداري سنڌي سڄڻ سٿ جي آفيس کولي. اداري جي هن آفيس ۾ مستقل بنيادن تي اسان باقاعدي علمي ادبي سرگرمين جو آغاز ڪيو. روزانو شام جو وڏي شوق ۽ ذوق سان اسان پنهنجي نئين آفيس ۾ ڪنا ٿيندا هئاسين، جتي اسان شعر ۽ ادب سان گڏ سماجي طور تفريحي سرگرمين جي پڻ شروعات ڪئي. وچ شهر جي پُر رونق علاقي ۾اسان جي صحتمند سرگرمين کي ڏسي ڪيترا هم ڪلاسي دوست اچي هن فورم تي ڪنا ٿيا ۽ پنهنجو پنهنجو پارٽ ادا ڪندا رهيا.

اهڙن دوستن ۾ عبدالمالڪ آرائين، محمود الحسن شرف صديقي، منظور احمد ڪرل، مير محمد شيخ، غلام سرور شيخ، مسٽر فضل الله تنيو ۽ مسٽر جيئل راءِ اوڏ شامل رهندا هئا. ان ڪان سواءِ ناميارو اديب دوست مسٽر اختر علي جانوري جو گهر سنڌي سڄڻ سٽ جي آفيس جي قريب هو، تنهن ڪري هو به وقت بوقت شام جو اچي اسان جي محفل ۾ شريڪ ٿيندو هو. مسٽر محمد ايوب سولنگي جو گهر پڻ آفيس جي بلڪل ويجهو هو تنهن ڪري هو گهڻي ڀاڱي شام جو آفيس کولڻ ٽيبل، ڪرسيون ۽ موڙا ٺاهي رکڻ ۾ پنهنجون خدمتون پيش ڪندو هو. سنڌي سڄڻ سٽ جي هن آفيس ۾ اچي جن نئين سرگرمين جو آغاز ڪيوسين، تن ۾ عيدن جي مبارڪ موقعن ۽ خاص ڏهاڙن جهڙوڪ لطيف جي ڏهاڙي، سچل جي ڏهاڙي ڪي ملهائڻ پڻ اسان جي سرگرمين جو هڪ حصو رهيو.

اسان جي محفل ۾ سنڌ جي عظيم شخصيتن جي جنم ڏينهن يا ورسين جي موقعن تي خاص نشستون ٿينديون هيون، جنهن ۾ سرواڻن، شاعرن ۽ اديبن جي شان ۾ مجتا طور مضمون پڙهيا ويندا هئا. شعر ۽ شاعري سان گڏ انهن جي ڪم ۽ خدمتن تي روشني پڻ وڌي ويندي هئي. اهم ۽ قابلِ ذڪر ڳالهه اها هوندي هئي ته جنهن جاءِ تي اسان سچل، لطيف ۽ قليچ جي شعر ۽ ادب ۽ علمي خدمات تي محفلون ۽ گڏجاڻيون ڪندا هئاسين تنهن جاءِ تي اسان علامه اقبال جي شاعري، فڪر ۽ فن سان گڏ فيض احمد فيض ۽ ٻين شاعرن ڪي پڻ پيٽا پيش ڪندا رهندا هئاسين. ڪربلا ۽ عاشورن جي ڏهاڙن جي مناسبت سان لطيف سائين جي سُر ڪيڏاري جو دور هلندو هو. ساڳئي مهل جنگ اخبار ۾ عاشورن جي حوالي سان امام حسين عليه سلام تي مضمون، مقالا ۽ جيڪا شاعري ڇاپي ويندي هئي تنهن ڪي گڏجياڻين ۾ پڙهي غم حسينؑ جي ياد تازي ڪندا هئاسين. ان سلسلي ۾ هر مهل موقعي تي بشير احمد شاد گهڻو

متحرڪ ۽ سرگرم رهندو هو. سائين غلام الله شيخ سڄڻ سٽ جو سرواڻ ۽ سرموڙ هوندو هو ۽ اسان جي جملي ادبي ۽ فڪري نشستن ۾ ان جو هٿ ۽ رهنمائي شامل هوندي هئي. محمد يوسف شيخ پڻ سڄڻ سٽ جو متحرڪ رڪن ۽ روح روان هوندو هو پر هن جي پاڪستان آرمي جوائن ڪرڻ ڪان پوءِ سٽ جي علمي ادبي سرگرمين جو سمورو وزن بشير احمد شاد کي سنڀالڻو پيو جيڪو هن ذوق شوق ۽ وڏي خوش اسلوبي سان نڀايو.

گريجوئيشن ڪرڻ ڪان پوءِ بشير احمد شاعري جي کيتر ۾ پڙ شاعر ٿي چڪو هو. هن جا تعلقات لاڙڪاڻي جي ڪهنه مشق شاعرن، اديبن ۽ عالمن سان قائم ٿي چڪا هئا، جن ۾ عبدالفتاح عبد عاقلي، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، ڊاڪٽر اياز قادري، ”جهڙا گل گلاب جا“ جو تخليقڪار علي بخش جمالي، عبدالله اثر، قلندر بخش بدوي، گل حسن گوپانگ شاد، احقر جمالي، ميمڻ عبد المجيد سنڌي، لقمان حڪيم، سرڪش سنڌي ۽ ميمڻ غلام مصطفيٰ مشتاق شامل هئا. ذڪر ڪيل شاعرن ۽ اديبن ۾ لاهوري محلي جي اديبن جي سنگت ۽ ساٿ ۾ رهڻ ڪري بشير احمد شاد جي علمي ۽ ادبي شخصيت جو گهڻو ناما چار ٿيڻ لڳو ۽ لاڙڪاڻي شهر ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ بشير احمد شاد جي وڏي پذيرائي ٿي ۽ جلد ئي سندس ڳاڻيٽو لاڙڪاڻي جي معروف شاعرن ۾ ٿيڻ لڳو.

لاڙڪاڻي جي لاهوري محلي ۾ سٺ واري ڏهاڪي ۾ ٿيل هڪ مشاعرو ان ڪري بہ وڏي اهميت جو حامل آهي جو منهنجي نظر ۾ اهو مشاعرو بشير احمد شاد جي شاعري ۽ هن جي فن ۽ فڪر توڙي آئيندي جي ادبي منزل جي حوالي سان هڪ سنگ ميل هو. مون کي ياد آهي تہ سنڌ جي ڪهنہ مشق شاعرن جي موجودگي ۾ پيش ڪيل هن جي شعر تي جيڪا واهہ واهہ ٿي هئي ۽ ڪيس جيڪا پذيرائي ملي هئي تنهن بشير احمد شاد جي لاءِ آئيندي جو هڪ پختو شاعر ٿيڻ لاءِ نوان گس کوليا. جڏهن هو شعر پيش ڪري

مشاعري جي منچ تان هيٺ پنڊال ۾ آيو تڏهن منهنجي پرسان وينل سنڌ جي استادالشعرا عبدالفتاح عبد عاقلي نہ رڳو دل کولي شاد جي شعر، خيال، فن ۽ فڪر جي تعريف ڪئي پر سندس پٺي ٺپيندي چيو تہ ”شاد تون ضرور لاڙڪاڻي جي شاعرن ۾ پنهنجو هڪ مقام حاصل ڪندين.“ عبدالفتاح عبد عاقلي لاڙڪاڻي جي وڏي شاعر ڪشنچند بيوس جو هم عصر هو بلڪ منهنجي نظر ۾ ان جي ڪئليبر جو شاعر پڻ هو.

68-1970ع واري زماني ۾ بشير احمد شاد هڪ پڪي پختي شاعر، مضمون نگار ۽ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ گهڻو متحرڪ هو. هو سنڌي ۽ اردو اخبارن ۾ پنهنجا مقالا، مضمون ۽ شاعري شايع ڪرائيندو رهندو هو. بشير احمد شاد کي سنڌي علم ادب جي خدمت ڪرڻ جي سلسلي ۾ جنون جي حد تائين عشق هوندو هو. علي گوهر آباد ۾ بشير احمد جي گهر جي ڇت تي سندس اسٽڊي روم هوندو هو، جيڪا منهنجي گهر جي ڪوٺي ڪان ڪا سئو ميٽر ڪن پري پر آمهون سامهون هئي. جتان آئون هن جي مصروفيتن تي نظر رکندو هئس. منهنجو مشاهدو هو تہ بشير شاد پنهنجي مطالعي واري ڪمري ۾ هڪ ئي وقت پاڻ کي انيڪ سرگرمين ۾ ريجهائي رکندو هو. جن ۾ سرفهرست مضمون نگاري هوندي هئي. ان سان گڏ شعر گوئي، فوٽوگرافي ۽ سندس ڊرائنگ ڪرڻ جا ڪم بہ هلندا رهندا هئا. جوانيءَ واري انهيءَ زماني ۾ هو مضمون نگاري جي معاملي ۾ انتهائي درجي جو منظم ليکڪ پڻ هو. اخبارن ۽ رسالن جي ايڊيشنز جي شايع ٿيڻ جي سڄي ساري سال جو حساب ڪتاب ۽ شيڊول وٽس تيار هوندو هو. جن ۾ خاص ڏينهن، جهڙوڪ عالمن، اديبن ۽ مفڪرن جي جنم ۽ وفات جا ڏينهن، منعقد ٿيندڙ خاص ڪانفرنسن جا موقعا، شاهہ ۽ سچل جي عرس جون تاريخون موجود هونديون هيون. اشاعت جي سلسلي ۾ هو پنهنجا مضمون اخبارن ۽ رسالن جي ايڊيشن لاءِ اڳواٽ لکي رکندو هو تہ جيئن اهي وقت تي

ڇپجي سگهن. 70ع واري زماني ۾ جڏهن هو ايم اي پاس ڪري چڪو هو ته مون کي ٻڌائيندو هو ته اردو ۽ سنڌي ۾ منهنجا پنج سو کن مضمون شايع ٿي چڪا آهن. سنڌس شعر ۽ شاعري جو حساب ڪتاب اجا الڳ هو.

سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي خدمت جي سفر ۾ منهنجو ساٿ بشير احمد ”شاد“ سان پراڻو رهيو آهي. شعر جي دنيا ۾ قدم رکڻ سان گڏ ان زماني ۾ بشير احمد افسانه نگاري تي به ڌيان ڏنو هو پر هن جي اينڌ تي ڪهاڻي ڪاري کان شاعري واري سخن جو رنگ وڌيڪ چڙهيو. جنهن زماني ۾ هن افساني نگاري ۾ هٿ ڳنڍيا هئا ان زماني ۾ فلم بيني جو ۽ ابن صفي جي جاسوسي ناولن کي پڙهڻ جو شغف گهر گهر جاري هو. سماج ۾ فلم ڏسڻ، ناول پڙهڻ ۽ اردو رسالي شمع ۾ شايع ٿيندڙ افسانن ۾ هر نوجوان عشق جي حد تائين غرق رهندو هو. اهڙي سخن جي دور ۾ ساهه کڻڻ وارن مان آئون به هڪ هئس. بشير احمد جي ريس تي مون به افسانا لکڻ تي ڪانيو ٻڌو. ڳالهه وڃي اتي پهچايم جو هڪڙو ناولڙو ”هائي حياتي ٿوهر جو وڻ“ جي عنوان سان تحرير ڪري وڃي پار پيس، پر اهو ڪتابي صورت ۾ ڇپيو ڪونه.

شروع ۾ جيڪو هڪ اڌ افسانو ناهي جوڙي پنهنجي استاد بشير احمد شاد کي جڏهن تصحيح ۽ پسنديدگي لاءِ ڏيکاريندو هئس، تڏهن ان لاءِ مون کي قدرتي ۽ رومانٽڪ ماحول جي ضرورت پوندي هئي. قاضي هدايت الله جي باغ جي وڻن جي ٿڌي ڇانوَ واري قدرتي ماحول جو سهارو وٺندي مان بشير احمد شاد کي اهڙي جاءِ تي وٺي وڃي پنهنجو لکيل افسانو پڙهي ٻڌائيندو هئس. هو وري بي ريا اهڙو هوندو هو جو تنقيد ڪندي ان جا سمورا ٽوپا اديڙي ڇڏيندو هو. اهڙي سفر ۾ اڳتي هلي هو گهڻو تڻو شاعري جي سخن وارن گسن تي هلي اڳتي نڪري ويو ۽ مون به افسانا نگاري جي پچر ڇڏي، حقيقت پسندي جي راهه اختيار ڪندي تحقيقي ادب

ڏانهن ڏيان ڏنو، ان جو ڪارڻ ۽ محرڪ ادي خديجا دائودپوٽو به هئي. 1965ع واري زماني ۾ خديجا خانم ادبي علمي رسالو ”اديون“ ڪراچي مان پنهنجي ادارت ۾ شايع ڪرائيندي هئي. ان رسالي ۾ مون ياءُ ذوالفقارعلي قادري جي ادبي گهراڻي جي ڪنهن ليکڪا (نياڻي) جي ڪهاڻي جي ڪردار راحيل جي نالي تي تنقيد جا تير وسايا ها. مون لکيو هو ته ڪنهن مونث جنس ڪردار جو نالو راحيل نه پر راحيلا ٺيندو آهي، منهنجو موقف پنهنجي جاءِ تي درست هو، منهنجي نظر ۾ ان وقت مان مينيجر نور ٽيڪسٽائل مل لاڙڪاڻي ۾ سليم احمد خوجي وٽ ڪنهن ٽيڪنيڪل ڪم تي مامور هئس. سليم احمد ڪهاڻيڪار هو ۽ ڪنهن زماني ۾ روح رهاڻ رسالي جي اشاعت ۾ حميد سنڌيءَ جو ٻانهن ٻيلي رهيو هو. ان کي ان ڪيتر جو سپاهي سمجهي ساڻس دليل بازي ڪئي. هن چيو ڇوڪر صحيح آهي. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ اديون رسالي جي ايڊيٽر محترما خديجا خانم جو مون کي هڪ پرسنل خط مليو. خط ۾ لکيل هو توهان مون کي سلجهيل ۽ سمجهدار ٽا لڳو، توهان کي منهنجي صلاح آهي ته توهان ڪو تحقيقي ڪم ڪري اسان ڏي موڪليو. بس اهي ڏينهن اهي شينهن، مون سنجيدگيءَ سان مضمون نگاري ڏي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. جن ڏينهن ۾ بشير احمد شاد سنڌي علم ادب ۽ ٻولي جي خدمت جي سحر ۾ محو ٿي پنهنجي آئيڊيل اداري سچل ادبي مرڪز جي عمارت جي تعمير ۽ توسيع جي ڪم ۾ رات ڏينهن رڌل رهندو هو، تن ڏينهن ۾ مان هن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪونه بيٺو هئس، اها منهنجي هڪ ڪوتاهي ڳڻجي سگهي ٿي پر اسان جا روح جا رشتا ايترا مضبوط هئا جو اسان ڪڏهن هڪ ٻئي ڪان پاڻ کي جدا نه سمجهندا هئاسين. علمي، ادبي، شعر ۽ ادب شناسي جون ڳالهيون اسان جا موضوع هوندا هئا. جڏهن ڪمَ خط و ڪتابت تي هلندا هئا تڏهن وارا حوالن سان ڀريل خط سڀ سنڀالي رکيل آهن. جن ۾ ادب، تعليم، نوڪرين، مشاعرن، ڪانفرنس جا

احوال ۽ دلين جي راز ۽ نياز جي ڳالهين تي ٻڌل ڪوڙ ساريون ساروڻيون محفوظ آهن.

1978-79ع واري زماني ۾ اسان علي گوهر آباد ڇڏي اچي لاڙڪاڻي جي ڪهاڻيڪار عالم ۽ اديب سائين الله بخش انيس انصاري جي پاڙي لاهوري محلي ۾ ويناسين. ان وقت بشير احمد شاد ۽ مان هڪ ٻئي کان سواءِ رهي ڪونہ سگهندا هئاسين، هو اڪثر شام جي پهر ڏينهن نري لاهورين ۾ منهنجي نئين آشياني تي ايندو هو. اسان شربت پاڻي پي رائيس ڪئنال جي ريگيوليٽر کان ڪجهہ هيٺ پرو وجي نائچن واري پاسي رائيس ڪئنال جي لٽل پاڻيءَ جي وڻن تي ٽڏڙي واري تي پير پير ڪٽي گهمندا، ڪانگن ۽ ٻگهن جا نظارا ڪندا هئاسين. هڪ ٻئي سان دل جا احوال بہ ونڊيندا هئاسين. منهنجو دوست ان وقت پنهنجا سهڻا خيال، افسانن، مضمونن ۽ تاثرن جي صورت ۾ ٻڌائيندو هو. الله الله 60، 70ع واري ڏهاڪي ۾ ڇا تہ امن هو، ڇا تہ سڪون هو. سانتيڪي ماحول ۾ راز نياز سان گڏ ادب علم جون ڳالهيون ۽ شعر گوئي پئي جاري رهندي هئي. ادا سائين ان وقت پاڻ سان اڪثر ڊائري کڻندو هو. جنهن ۾ عالمن اديبن ۽ صوفين جا گفتا، اقوال زرين ۽ پنهنجي دل ۽ دماغ ۽ فڪر فلسفي جون ڳالهيون، ساروڻيون گيت، خيال، هائيڪا، ترائيل، چار سٽا، غزل ۽ طويل نظم درج هوندا هئا. هلندي هلندي ڪڏهن ڪڏهن مان عرض ڪندو هئس تہ هو پنهنجي علم و ادب جي خزاني مان ڪجهہ ٻڌائيندو هو. پاڻ ڪجهہ نہ پر گهڻو ڪجهہ ٻڌائڻ لاءِ ڊائري جا ورق اٿلائيندي پنهنجي فڪر ۽ شعور جي پالوٽ ڪري ڇڏيندو هو. ان زماني ۾ شام جي هڪ پهر ۾ جڏهن سج پنهنجا ڪرڻا جهڪا ڪري پنهنجون شاخون زمين کان واپس ورائي رهيو هو، پيرن هيٺان واري بہ پنهنجي ٿڌاڻ جو احساس ڏياري رهي هئي. هوا بہ ڏکڻ کان کهلي اسان جوانن جي وحيد مراد ڪٽ ڪڪوريل وارن سان حرڪت بازيون ڪري رهي

هئي، اهڙي سمي بشير احمد شاد آلي واري جي مٿاڇري مان هڪ سپي کنئين هئي ۽ ان جا پڙ کولڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو تہ مون عرض ڪيو تہ، توهان ان ۾ موتي ٿا تلاش ڪيو؟ موتي ان ۾ نہ پر توهان جي ڊائري ۾ آهن، هاڻي ان کي کولي پنهنجي خيالن جا موتي پيش ڪيو. دوست کي ڳالهہ دل سان لڳي هئي ۽ مسڪرائيندي ڊائريءَ جا ورق ورائيندي هن پنهنجو لکيل طويل نظم ”وقت جي وير“ ٻڌايو هو، جنهن ۾ وقت جي قلابازين، وقت جي ڏاڍاين، عنايتن، ستم ظريفين سان گڏ وقت جو هر شيءِ تي راڄ ۽ وقت جو هر بندو غلام هجڻ وارا خيال سمايل هئا. هاڻي اهي احوال اهي خيال ۽ اهي ڳالهيون سڀ ساروڻين جو روپ ڌاري وراڪا ڪري ور ور ڏئي وري وري ذهن تي تري ايندڍيون آهن. اهي ساروڻيون لبن تي ٻن مرڪن جي مالها ۽ ڪجهہ لڙڪن جون لڙيون ڇڏي ويندڍيون آهن.

جنهن زماني ۾ لاڙڪاڻي ۾ ميونسپل ڪاميٽي جي طرفان لاڙڪاڻي جي تاريخ، ادب، ثقافت ۽ قداور سياسي ۽ سماجي شخصيتن تي ”لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو“ ڪتاب مرتب ڪرڻ جون تياريون شروع ٿيون تڏهن ان جي لاءِ مواد گڏ ڪرڻ ۽ شايع ڪرڻ جي ذميوارين جو ڪم ۽ رهبري ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب تي رکي وئي هئي. مسٽر عبدالغفور پرڳڙي صاحب پڻ ان ڪاميٽيءَ جي سربراهن مان هو. ڪتاب ”لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو“ کي مرتب ڪري شايع ڪرائڻ جي سمورن ڪمن ۽ مرحلن جون ذمياريون ميونسپل آفيس جي ڪارندي مسٽر گل محمد گاد کي سونپيون ويون. جڏهن مونسپل جي ڪائونسل هال ۾ لاڙڪاڻي جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي پهرين گڏجاڻي ٿي هئي، تڏهن سنڌي سڄڻ ست جي پليٽ فارم تان بشير احمد شاد جي اڳواڻي ۾ مون بہ شرڪت ڪئي هئي. ”لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو“ ڪتاب جي مواد جي تياري ۽ ترتيب وارين گڏجاڻين بشير احمد شاد کي ميمڻ

عبدالمجيد صاحب ۽ لاهوري محلي جي شاعرن ۽ اديبن جي گهڻو ويجهو ڪري ڇڏيو. ”لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو“ جي ڪم مڪمل ٿيڻ سان گڏ لاڙڪاڻي ۾ هڪ علمي ۽ ادبي تنظيم جي وجود ۾ اچڻ لاءِ هڪ نئون گس نڪري آيو. بشيراحمد شاد جي ڪاوش ۽ ميمڻ عبدالمجيد، لقمان حڪيم ۽ علي بخش جمالي، انيس گل عباسي ۽ ٻين علم دوست سڄڻن جي صلاح سان نئين سر هڪ نئين ادبي تنظيم جو نالو ”سچل ادبي مرڪز لاڙڪاڻو“ تجويز ڪيو ويو، جنهن بنياد تي مذڪوره دوستن جي سهڪار سان بشير احمد شاد جي سرواڻي ۾ 1980-81ع واري زماني ۾ هن اداري ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

سچل ادبي مرڪز جي عمارت سازيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ پرجهلا دوست جيڪي بشير احمد شاد جي ويجهو هئا سي هئا مرڪز جا بنيادي ميمبر جن جو گهڻو تڻو تعلق بشير احمد شاد جي ذاتي دوستن، احبابن ۽ سنڌي سڄڻن سٽ سان هو. جيتوڻيڪ اخلاقي، علمي ادبي طور مٿي ذڪر ڪيل اديبن ۽ سندن جٿي جي ساٿين ۽ همدردن جو ساٿ هميشه بشير احمد شاد سان رهيو هو ۽ اهو ساٿ بشير احمد لاءِ هڪ وڏو اعزاز ليکجي ٿو پر سچل ادبي مرڪز کي بطور هڪ اداري ۽ شعر و ادب جي سکيا گهر جي تعمير ڪرڻ ۾ جيڪو وڏو عرصو لڳو تنهن ۾ سندس ذاتي دوستن ۽ سٽ جي ساٿين دامي، درمي ۽ سخني ڀرپور ساٿ ڏنو، جن کي تاريخي طور علم ۽ ادب جي ميدان ۾ مان قدر ۽ منزلت جي نگاهه سان ڏسان ٿو. منهنجي به اداري ۾ بنيادي رڪنيت رهي آهي پر منڍ کان لاڙڪاڻي ۾ موجود نه هجڻ ڪري منهنجي رڪنيت جي حيثيت رڳو امتيازي رهي آهي. جن منهنجي ويجهن دوستن هن ڪار قومي ۾ بشير احمد جو هٿ ونڊايو آهي، انهن ۾ اهڙا دوست به هئا جن پنهنجون اڳواٽ ماهوار پگهارون وٺي انهن پگهارن مان اداري جي تعمير لاءِ ڳرا فنڊ مهيا ڪيا. محمد يوسف لغاري مرحوم ان ڪم ۾

سرفهرست رهيو. هن صاحب موصوف اداري کي پنهجي قلم، ڊرائنگ واري برش، ايڊوانس پگهارن، پنهنجي انتظامي صلاحيتن سان گڏ پنهنجي رت ۽ ست سان آبياري ڪئي. مسٽر فضل الله تنيي پڻ دامي درمي اداري جي تعمير ۽ توسيع ۾ اهم ڪردار نڀايو. اهو دوست مرحوم به سٺ جي اوائلي ساٺين مان هو. محمد يوسف شيخ جو سچل ادبي مرڪز جي قيام ۾ وڏو ڪردار رهيو. هن جي هر قسم جي نظر داري، مرڪز جي نقشي جي ڊزائن جي تياري، صلاح مصلحت، مالي ۽ اخلاقي مدد هر گهڙي هر وقت شامل حال رهي. ڪنهن جي ڳالهه ڪري ڪنهن جو بيان ڪجي. سرڪاري اعانت ۽ سهولت ڪاري ڪان سواءِ ليز پراپرٽي تي قائم هن اداري کي هن وقت تائين نجي بنيادن تي هليو وڃي ٿو. لاڙڪاڻي جا قابل احترام سنڌ سرڪار جا وزير پنهنجي علائقن جي ادبي ۽ علمي ادارن کي اٿڻ ۾ ڪيتري مدد ڪن ٿا ان جو ذڪر ڪندي ڪنهن پر اسان جو ڪنڌ جهڪي پوي ٿو پر انهن جا ڳاٽ پوءِ به هر دور ۾ اونچا رهن ٿا. بشير احمد شاد کي ان جا دوست ۽ ان جو نوجوان اولاد اداري سازي جي ڪم ۾ جيڪڏهن هٿ نه ونڊائي ها ۽ هو پنهنجي سر ان ڪم پنيان وڏو جهد نه ڪري ها ته هن وقت سچل ادبي هڪ خواب ڪان وڌ ڪجهه به نه هجي ها.

لاڙڪاڻي ۾ جنهن به پليٽ فارم، فورم ۽ اداري جي طرفان ڪو پروگرام ٿيندو هو ته پنهنجي مياناروي طبع جي ڪري هر جاءِ تان ڪيس ڪوٺ ۽ شرڪت جي دعوت ملندي هئي. ان وقت مان ساٺس مشاعرن توڙي بين محفلن ۾ گڏ هوندو هئس. آئون به ڪڏهن ڪنهن محفلن ۾ پنهنجو لکيل مضمون پڙهندو هئس. ديني مدرسي لاڙڪاڻي ۾ شام جي پهر ۾ هڪ ادبي تقريب هئي جنهن ۾ افسانن جي پڻ نشست رکيل هئي، هن نشست ۾ نوجوان مسٽر روشن علي ڪهاوڙ پنهنجي نکور ڪهاڻي پڙهي هئي. محفل جو مور ۽ تنقيد نگار مسٽر واحد بخش شيخ صاحب جهڙي رعبدار

شخصيت هئي، جنهن روشن علي ڪهاوڙ جي ڪهاڻي تي نهايت برجستي انداز ۾ تنقيد ڪئي ۽ وري مسٽر روشن علي کي پنهنجي ڪهاڻي جي ڪن پاسن تي وضاحت ڪرڻ جو موقعو مليو، جنهن تي هن پنهنجو موقف پيش ڪيو. تقرير واري پنڊال جي منچ تي مون ۽ بشير احمد پنهنجا پنهنجا مضمون پڙهيا. هن محفل ۾ بشير احمد شاد شعري نشست ۾ بہ شعر پڙهيو هو ۽ سندس واهہ واهہ ٿي هئي. مشاعري جي صدارت سيد خادم حسين شاهہ ڪئي هئي ۽ پنهنجو نظم پيش ڪيو هو. لاڙڪاڻي جي ٿورن ماڻهن کي خبر هوندي تہ سيد خادم حسين شاهہ هڪ برجستو شاعر هو ۽ بہ بانگ دهل کلي آواز ۾ وڏي اعتماد سان پنهنجو شعر پڙهندو هو.

عبدالله اثر چانديي جو شمار لاڙڪاڻي جي برجستن ۽ ڪهنہ مشق شاعرن ۾ ٿئي ٿو. جنهن سنڌيءَ ۾ قصيدي بردهہ شريف جو نظم ۾ الٿو پڻ ڪيو هو. عبدالله اثر جي وفات بعد ڳوٺ ٻيڙي چانديي ۾ ورهياري تي سندس لائق فائق فرزند ارجمند ۽ بهترين شاعر ناظم چانديي هڪ مشاعرو ڪوٺايو هو. جنهن ۾ اسان جي سٽ مان بشير احمد شاد ۽ مان ڪوٺ تي شريڪ ٿيا هئاسين. مشاعري جي صدارت پروفيسر اياز حسين قادري ڪئي هئي. بشير احمد شاد جي پيشي ۽ شاعري جي نسبت سان عبدالله اثر سان محبت جا ناتا هئا. ان محفل مشاعري ۾ بشير احمد شاد مرحوم عبدالله اثر سان پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪندي پنهنجو شعر بہ پڙهيو هو.

1965ع کان ستر واري ڏهاڪي جي مهڙين سال تائين بشير احمد پنهنجي حيثيت سان لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ٿيندڙ مشاعرن مذاڪرن ۽ ادبي محفلن ۾ شريڪ ٿيندو هو. اهڙي هڪ ادبي محفل رحمت پور ۾ شاهہ نواز ڀٽو لائبريري جي پنيان ڪرماڻين جي ڳهرن لڳ هڪ اسڪول ۾ پاڙي جي علم پرور نوجوانن منعقد ڪئي هئي، هن محفل ۾ بشير احمد شاد پنهجو شعر پڙهيو هو ۽

چار اکر تقرير بہ ڪئي هئائين. محفل جا مور گهٽئي هئا پر مون کي مسٽر اختر جانوري جو نالو ذهن تي تري اچي ٿو. محفل ۾ جڏهن مون پنهنجو مضمون پڙهي تعارف ۾ مزدور غلام رسول پنهنجو نالو ٻڌايو تہ اختر جانوري وڏي آواز سان بي ڌڙڪ تي چيو اهو وري مزدور ڪڏهن ٿيو؟

وڏي پيماني تي ادبي ڪانفرسون، محفل مشاعره ۽ راڳ رنگ جون محفلون لاڙڪاڻي جي جناح باغ ۾ منعقد ٿينديون رهنديون هيون، جن ۾ مون محمد علي جوهر کي اسٽيج جا فرائض انجام ڏيندي ۽ برجستي نموني شعر پڙهندي ڏٺو. طالب موليٰ جهڙيون شخصيتون جناح باغ جي منچ تي پنهنجا شعر پيش ڪري چڪيون آهن. هتي منعقد مشاعرن ۾ محترم لقمان حڪيم ۽ محترم علي بخش جهڙا سادا پر بلند پايي جا شاعر پنهنجو شاعراڻو جادو جاڳائيندا هئا. بشير احمد شاد بہ ڪئين ڀيرا هن اسٽيج جي ادبي محفلن ۾ پنهنجو شعر پڙهي داد حاصل ڪيو. مون کي علي بخش جمالي جي شعر پڙهڻ جي ادا ڏاڍي سهڻي لڳندي هئي. جڏهن هو اسٽيج تي ايندو هو تہ بوچڻ ڪلهي تي رکي لبن تي مسڪراهٽ آڻي شعر پڙهڻ کان پهريون ٻئي سهڻا مڪالما ٻڌائيندو هو. همراهہ پڳ کي ٿورڙو سڌو ڪندي بنا ڪنهن تڪلف جي فرمائيندو هو. سامعين ڪنهن قسم جي شڪايت ڪانهيم، مون کي مشاعري جي ڪوٺ ڪالهہ ملي آهي. اڄ ئي مان ڳوٺان هتي پهتو آهيان. بس ۾ تڪڙ تڪڙ ۾ جيڪو لکي سگهيو آهيان اجهو اوهان جي خدمت ۾ پيش آ پر پنهنجو تازو ڪلام پيش ڪرڻ کان اڳ هي قطعو اوهان جي خدمت ۾ عرض ڪريان ٿو. جمالي صاحب جا شعر، شاعري ۽ قطعا وزن جي اعتبار کان نهايت پختا هوندا هئا. شاعر بہ عوامي هوندو هو ۽ هر پيري اهوئي محفل لٽي ويندو هو. لاڙڪاڻي ۾ ڪو وقت اهڙو بہ آيو جو محفلون ۽ مشاعرا جناح باغ جي لان جي قدرتي ماحول مان نڪري جناح باغ جي ٽائون هال لائبريري جي

اسٽيج تي ٿيڻ لڳا. پر هن هال ۾ علمي ادبي تقريبات سرڪاري شيڊول ۽ پروگرام موجب لائبريري جي ڊائريڪٽر سيد خادم حسين شاهه جي سربراهي ۾ ٿينديون هيون. جن ۾ بشير احمد شاد پنهنجا مضمون، مقالا ۽ شعر پڙهي سامعين کان داد حاصل ڪندو رهندو هو.

پنهجي ادبي حلقي جي احباب مان شاعر لقمان حڪيم، محترم علي بخش جمالي، پروفيسر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، عبدالله اثر ۽ ٻين جي سهڪار سان بشير احمد شاد سچل ادبي مرڪز جي مقصد کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڏينهن رات جاکوڙ ڪئي. شاعر لقمان حڪيم سان بشير احمد شاد جا پراڻا ادبي ناتا ۽ نيازمندي وارا لاڳاپا هئا. ڪو زمانو هو جو اسان ٻئي گڏجي استاد لقمان حڪيم سان ملاقات ڪرڻ لاءِ پير قائم شاهه بخاري لڳ جلد بندي واري دڪان تي ويندا هئاسين. منهنجي نظر ۾ لقمان حڪيم وڏين خوبين وارو انسان هو. آئي وَئي سان پيار محبت سان پيش اچڻ هن جي ڌندي ۽ دڪانداري جي تقاضا موجب ضرور هو پر ادبي لڏي جي ماڻهن سان اهڙا رويا روان رکڻ هن جي شخصي خوبي هئي. جڏهن صبح جو يارهين ٻارهين ڌاري دڪان تي وڃبو ته ڪم ڪار ۾ ڪٺي هو ڪيترو به مصروف هوندو هو پر دوستن جي ڪيڪار ڪرڻ بعد هڪ دم چانهن جو آرڊر ڏيندو هو. سندس دڪان ڇا هوندو هو ڄڻ علم ادب جو هڪڙو ننڍو ادارو هوندو هو. اتي وينا چانهن جون چسڪيون وٺندا هئاسين ته ڏس ته ميان علي بخش جمالي هٿ ۾ ياجي جي ڇلي ڪنيو سلام ڪري اچي بينچ تي ويهندو هو. ٿوري ئي دير گذرڻ بعد عبدالله اثر استادن واري ڪاري رنگ جي جناح ڪيپ پائي سلام ڪري اچي ڪرسي تي ويهندو هو. لاهورن کان شهر ڏي ايندي قلندر بخش بدوي ڪنهن ڪم سانگي اتان لانگهائو ٿيو ته لقمان وٽان ضرور سلام دعا ڪري پوءِ اڳتي روانو ٿيندو هو. نئين ٿهي جي شاعرن مان غلام مصطفيٰ

ميمڻ، سرڪش سنڌي ۽ ٻيا ڪيترائي شعر ۽ ادب سان شغف رکندڙ سڄو ڏينهن پيا لقمان حڪيم جي ادبي مرڪز تي ڪجھ نہ ڪجھ پرائڻ لاءِ شام تائين پيا ايندا ويندا هئا. پنهنجي سر مان ڪو شاعر يا اديب ڪونہ هئس پر بشير احمد شاد جي دوست هجڻ ڪري لقمان حڪيم منهنجي وڏي عزت ڪندو هو. سچل ادبي مرڪز جهڙي علمي ادبي اداري کي ترقي وٺائڻ لاءِ مسٽر لقمان حڪيم پنهنجي ادبي لڏي سان گڏ قابل ذڪر خدمتون انجام ڏنيون پر اڳتي هلي اداري جي توسيع ۽ ترقي لاءِ جيڪي انقلابي قدم کڻڻا پيا ان سلسلي ۾ بشير احمد شاد کي پنهنجي سر وڏي جفاڪشي ڪرڻي پئي ۽ پاڻ پتوڙڻو پيو.

بشير احمد شاد اداري سازي جي ميدان ۾ ڪو نئون ڪونہ هو. هو سائين غلام الله شيخ جي رهنمائي ۾ سنڌ اسٽڊي سرڪل تنهن کان پوءِ سنڌي سڄڻن سٿ کي ننڍي پئماني تي ئي صحيح پر وڏي جفاڪشيءَ سان ادبي ڪيتر واري مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ڪرائي چڪو هو. دراصل سچل ادبي مرڪز کي پنهنجي آئيڊياز موجب ڪامياب ڪرڻ لاءِ بشير احمد شاد کي هن ڪارخير ۾ محمد يوسف شيخ جهڙي ڪامياب اداره ساز منتظم جو ساٿ مليو. ٽيم ورڪ ۽ صلاح مصلحت ۾ محمد يوسف لغاري، استاد محمود الحسن شرف، انيس گل عباسي ۽ سٿ جي مڙني دوستن جي محنت، جدوجهد ۽ سهڪار سان بشير احمد شاد راهہ ۾ ايندڙ مڙني ڏکيائين کي ڪاميابي سان پئي منهن ڏنو. ايندڙ وقت تي هڪڙي مرحلي تي سچل ادبي مرڪز کي لاڙڪاڻي ۾ اداري جي پنهنجي دفتر جي اشد ضرورت محسوس ٿي. ان زماني ۾ لاڙڪاڻي جي معروف وڪيل قاضي فضل الله جي بنگلي اڳيان ميونسپل جو هڪ ٽڪندو خالي پلاٽ پيو هوندو هو بشير احمد شاد جي ان پلاٽ تي وجھي نظر ڪُتي ۽ ان جي حصول لاءِ هن پنهنجي ساٿ سنگت سان گڏجي جدوجهد شروع ڪري ڏني. مسلسل هٿ پير هڻڻ سان

شاد صاحب کي اهو پلاٽ عوامي مقصدن ۾ علمي، ادبي ۽ اداراتي ڪمن لاءِ ليز جي بنيادن تي الاٽ ڪيو ويو. منهنجي نظر ۾ اهوئي اهو نڪتو آغاز هو جڏهن بشير احمد شاد پڪن پختن بنيادن تي نئين سر لاڙڪاڻي ۾ ”سچل ادبي مرڪز“ جو پايو وڌو.

1973-74ع واري زماني ۾ بشير احمد شاد پنهنجي زندگيءَ جا ڪيترائي ڪٺن مرحلا پار ڪندي ڪنهن سٺي نوڪري ۽ ڪنهن سٺي مرتبي لاءِ وڏي جدوجهد ۽ جاکوڙ ڪان پوءِ هو پنهنجي شهر جي گورنمينٽ ڊگري سائنس ڪاليج ۾ سنڌي مضمون جي استاد جي حيثيت سان اچي ٺانيڪو ٿيو. زندگي جي ايڏي ڏگهي ڊوڙ ڊڪ واري زماني ۾ شاد جي تخليقي صلاحيتن، فهم و فڪر ۽ باليدگي ۾ وڏي پختگي اچي چڪي هئي. تحرير، تقرير ۽ شعر گوئي جي ميدان ۾ هن پهنجو هڪ مرتبو ۽ مقام پيدا ڪيو هو، تنهن ڪري هاڻي هن لاءِ اهو ڪم سنهنجو ٿي پيو هو ته زندگي جي اعليٰ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هو نئين سر وري علمي ادبي ڪم جي واڌاري لاءِ سچل ادبي مرڪز کي ڪنهن طور فعال بڻائي.

نوي واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ محمد يوسف شيخ لاڙڪاڻي جي ڪيڊٽ ڪاليج ۾ پروفيسر ۽ پرنسيپال جي حيثيت ۾ پئي فرض انجام ڏنا. هاڻي سچل ادبي مرڪز کي ترقيءَ جي شاهراهه تي آڻڻ لاءِ بشير احمد شاد کي هڪ پرجهلو ساٿي ملي ويو، مان ۽ پروفيسر مولا بخش ڀٽو هر سال پنهنجي معمول موجب گرمين جي موڪلن ۾ لاڙڪاڻي ايندا هئاسين. ان موقعي تي اسان جا سنگت سان ميل ملاقات ۽ ميلا ٿيندا هئا. گهمڻ، کائڻ، پيئڻ ۽ رلڻ سان گڏ اسان جون جيڪي گڏجاڻيون ٿينديون هيون تن ۾ شعر و ادب سان گڏ سچل ادبي مرڪز جي آئيندي تي صلاح مصلحت ٿيندي هئي.

بشير احمد شاد کي پنهنجي سٽ جي پراڻن ساٿين جو سهڪار ته هر لمحي هر وقت حاصل هو پر ڪيس اهڙن ذريعن ۽ ادارن جو

سهڪار پڻ ڪپندو هو جيڪي سچل ادبي مرڪز جي عمارت ڪي ڪڙو ڪرڻ ۾ مالي سهڪار ڪن. ان سلسلي ۾ بشير احمد جي پنهنجي ڪوشش، محمد يوسف شيخ جو ساٿ ۽ سٺ جي مڙني دوستن جي ٻانهن ٻيلي ٿي ٻيهڻ ڪري بشير احمد شاد جا نہ رڳو هٿ مضبوط ٿيندا رهيا پر هن جو حوصلو بہ بلند رهيو. دراصل بشير احمد هڪ مستقل مزاج، جاکوڙي ۽ متحرڪ شخص هو. هو مسلسل مختلف ادبي تنظيمن ۽ علمي ادبي شخصيتن سان رابطي ۾ رهندو هو ۽ سرڪاري ثقافتي ادارن ۽ ميونسپل آفيس لاڙڪاڻي جي ايڊمنسٽرس ۽ چيئرمينن سان سچل ادبي مرڪز جي عمارت جي تعمير جي سلسلي ۾ پڻ ملاقاتون ڪندو رهندو هو. ان ڏس ۾ شاد صاحب کي ايتري ڪاميابي ضرور حاصل ٿي جو هن سچل ادبي مرڪز جي عمارت جا نقشا تيار ڪرائي پاس ڪرايا ۽ عمارت جو بنيادي پٿر رکيو.

بشير احمد شاد سچل ادبي مرڪز جي قيام بعد سڄي سنڌ ۾ هڪ اديب ۽ شاعر جي حيثيت ۾ مشهور ٿي چڪو هو ۽ کيس سڄي سنڌ ۾ منعقد ٿيندڙ ادبي محفلن ۽ مشاعرن ۾ دعوت ڏئي مدعو ڪيو ويندو هو. هڪ ڀيري سنڌ مدرسة الاسلام اسڪول ۽ ايس ايم سائنس ڪاليج ڪراچي جي وچ واري گرائونڊ ۾ سائين غلام مصطفيٰ شاهہ ۽ پروفيسر اياز حسين قادري جي اهتمام هيٺ وڏي پئماني تي بين السنڌ مشاعرو ۽ ٻيون ادبي نشستون رکيل هيون. بشير احمد شاد مون کي ٽيليفون تي اڳواٽ پنهنجو پروگرام ٻڌايو هو تہ ان پروگرام ۾ شعر پيش ڪرڻ لاءِ کيس دعوت مليل آهي، سو شام جو سج لٿي تون ضرور پنڊال ۾ اسان سان اچي مل. مشاعري واري ڏينهن رٿيل وقت موجب مان پنهنجي دوست خاطر پنڊال ۾ پهچي ويس، سيد غلام مصطفيٰ شاهہ معزز مهمانن سان پئي گفتگو ڪئي. مون ڏٺو تہ اسان وارا همراهہ بہ اڳين صوفن جي پويان واري قطار ۾ مهمان شعراءَ ۽ شرڪاءَ لاءِ لڳل صوفن تي وينا

هئا. بشير احمد شاد جي لڳو لڳ انگريزي فل سوٽ ۾ ملبوس هڪ خوبرو جوان کي ڏسندي مون دوست کان پڇيو تہ هن نوجوان جو تعارف. شاد صاحب مون کي ياڪر پائيندي ٻڌايو تہ هي جوان انيس گل عباسي آهي ۽ لاڙڪاڻي کان مون سان گڏجي آيو آهي. مون کي پنهنجي دوستن سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي پر ان ڳالھ تي پڻ وڏي دلي راحت ملي تہ سچل ادبي مرڪز جي اديبن ۽ شاعرن واري حلقي ۾ لاڙڪاڻي جي نوجوان شاعرن جو اضافو ٿي رهيو آهي.

پروفيسر بشير احمد شاد سچ واري حيثيت سان پنهنجي ادبي آسمان پنهنجي ادبي وجود مان روشني پکيڙيندو رهيو آهي، سندس قرب وارين ڪچهرين، مهمان نوازين، علم و شعر جي حوالي سان ٻين کي بحرمند بڻائڻ وارين عادتن جي ڪري نہ رڳو لاڙڪاڻي جا نوجوان کانئس فيض حاصل ڪندا رهيا آهن پر اسان جهڙا ڏڏُ شاگرد ۽ سندس دوست بہ کانئس وک وک تي رهنمائي حاصل ڪندا رهيا آهيون، جن ٻن ٽن اکرن کي صفحن تي آڻڻ جي مون کي صلاحيت ۽ ڏانءُ حاصل ٿيو، اهو بہ هن سان ڊگهي دوستي جي دائري ۾ گڏ رهڻ ڪري حاصل ٿيو.

1972-73ع ۾ مان لاڙڪاڻي کان ڪراچي اسهي ويس. ان سمي مان اسڪول ۽ ڪاليج جي نصابي معاملن ۾ مدد ڏيندڙ هڪ بهترين دوست کان جدا ٿي پيس. جنهن جي ڪمي قدم قدم تي محسوس ٿيندي هئي. ڪراچي ۾ گورنمينٽ سائنس ڪاليج لياري ۾ پڙهائڻ دوران علمي، ادبي مدد ۽ مشورن لاءِ مان ڪراچي ۾ پنهنجي پاڙيسري، لاڙڪاڻي جي برک عالم، اديب ۽ افسانہ نگار پروفيسر اياز حسين قادري جي نيازمندي حاصل ڪئي. محترم اياز حسين ان وقت ايس. ايم آرٽس ڪاليج جي سنڌي شعبي ۾ پڙهائيندو هو، جتان سنت ئي يونيورسٽي آف ڪراچيءَ ۾ ايسوسي ايٽ پروفيسر مقرر ٿيو. بشير احمد شاد 1973ع واري آگسٽ جي مهيني ۾ مون وٽ اين. اِي. ڊي ڪاليج جي هاسٽل ۾ ملڻ آيو هو. آئون ان وقت

پنهنجي دوست پروفيسر عبدالغفار سومري جي مدد ۽ لاڙڪاڻي جي ڪاليج ميٽ دوست سعيد احمد وارثي واردن سيواڪنج هاسٽل جي سهڪار سان هاسٽل ۾ رهائش پذير هئس. ساڳي رام باغ روڊ گاڏي کاتي جي سامهون ميان اياز حسين قادري صاحب پنهنجي فليٽ جي چوٿين منزل تي رهندو هو. تنهن سان ملائڻ لاءِ مان بشير احمد شاد کي وٺي ويس، ان لالچ تي تہ جيئن ايم فل يا پي ايچ ڊي ڪرڻ لاءِ ڪانئس ڪو ڏڳ گس يا رهنمائي حاصل ڪري سگهجي. دراصل مان دوست بشير احمد شاد جي موجودگي جو فائدو حاصل ڪرڻ چاهيان پيو، ڇاڪاڻ تہ مون کي خبر هئي تہ ميان اياز حسين قادري بحيثت پلي شاعر جي بشير احمد شاد جي عزت ڪندو آهي. سائين اياز حسين بہ حد درجي جو مربي ۽ مهمان نواز هوندو هو. اسان سان ملي ڏاڍو خوش ٿيو. ساڻس بشير احمد جهڙي سڀاجهڙي دوست جي ميل ملاقات جو مون کي اهو فائدو رسيو تہ ايندڙ وقت ۾ قادري صاحب جو مون تي راضپو وڌي ويو. ان کان پوءِ منهنجون قادري صاحب سان ڪراچي يونيورسٽي ۾ ملاقاتون جاري رهيون ۽ هڪ ڏينهن هن منهنجي تعليمي استعداد کي اڳتي وڌائڻ ۾ مدد ڪندي پي ايچ ڊي لاءِ يونيورسٽي جي سينديڪيٽ ۾ رجسٽريشن ڏيارڻ ۾ دل سان وڪالت ڪئي ۽ مون کي لاڙڪاڻي جي ادبي تاريخ جي موضوع تي لکڻ لاءِ داخلا وٺي ڏيڻ جي سلسلي ۾ وڏي مدد ڪئي. ان کان اڳ بشير احمد شاد ۽ مون پنهنجي تعليمي لياقت کي ايم اي جي ليول کان مٿي کڻڻ جي سلسلي ۾ لاڙڪاڻي جي ڪهنہ اديبن ۽ عالمن سان ملاقاتون، عرض ۽ گذارشون ڪيون هيون پر اسان ٻنهي کي ڪو هن ميدان ۾ پير کوڙڻ ئي نہ پيو ڏي. نيٺ بشير احمد شاد کي لاڙڪاڻي جي نوجوان اديب ۽ اسڪالر پروفيسر ڊاڪٽر درمحمد پناڻ پنهنجي قرب جي ڪڙي ۾ وٺي وڏي آساني سان ۽ تمام ٿوري وقت ۾ پي ايچ ڊي ڪرائي پار ڪيو.

بشير احمد شاد کان چار سال اڳ پي ايچ ڊي لاءِ منهنجي رجسٽريشن ٿي هئي پر ڪراچي يونورسٽيءَ جا قاعدا ۽ پي ايچ ڊي ڪرائڻ جا اصول ۽ طريقيڪار جدا هو. هتي سينڊيڪيٽ جي ميٽنگس ۾ معاملا طئي ٿيندا هئا، جڏهن ميٽنگس ۾ گڙٻڙ ٿيندي هئي ۽ ليٽ به ٿيندي هئي تڏهن داخلا جا معاملا ڍڪيا ٿي پوندا هئا. ان کان سواءِ اسان سنڌي مضمون وارن شاگردن جي پٺ پرائي ڪرڻ وارن ميمبر پروفيسرن جي سينڊيڪيٽ ۾ نمائندگي به نہ جي برابر هوندي هئي. بهرحال ايم فل جي موضوع کي پي ايچ. ڊي ۾ ڪنورٽ ڪرائڻ ۾ به مون کي هڪ سال لڳي ويو. منهنجو صحيح ڪم تڏهن شروع ٿيو جڏهن علمي ادبي مواد ڪٺو ڪرڻ ۾ بشير احمد شاد جو ساٿ مليو. شاد صاحب پنهنجي قابليت، محنت، صلاحتن ۽ سهڪار سان مون سان وڏا پال ڪيا. سندس اصول هوندو هو تہ ”چلو تو ساتھ کائنات لے کر چلو۔“ لاڙڪاڻي مان ان وقت ٻيا بہ دوست پروفيسر عبدالرزاق سومرو ۽ پروفيسر محمد ادريس سومرو بہ پي ايچ ڊي ڪرڻ ۾ لڳل هئا. اسان سڀني هڪ ئي وقت علمي ادبي مواد جمع ڪرڻ شروع ڪيو هو. موڪلن جي ڏهاڙن ۾ سنڌيالاجي ۽ سينٽرل لائبريري آف سنڌ يونيورسٽي ۾ مطالعو ڪندا هئاسين. ان وقت تمام مرحلن ۾ خاص طور جمع ٿيل مواد کي ڪيئن مقالي جي مقصد جي حصول تحت ڪم آڻجي. ان جي سيٽنگ ڪيئن ڪبي، ڪيترو مواد لائبريرين مان حاصل ٿيو، باقي ٿيسز لاءِ گهربل مواد ڪٿان ڳولبو، ان جي لاءِ ڪهڙو لائحہ عمل اختيار ڪبو يا ڪتابن مان جيڪي حوالا وٺي مضمون مقالو ترتيب ڏبو ان جا ڪهڙا اصول ۽ قائدا هجڻ گهرجن ان ڏس ۾ اسان دوستن کي پنهنجي گائيڊس کان اڳ بشير احمد شاد کان رهنمائي ملندي هئي. سنڌيالاجي ۽ سنڌ يونيورسٽي جي ڪتب خانن کان سواءِ اسان سڀني کي پروفيسر ڊاڪٽر درمحمد پٺان جي ذاتي لائبريري مان بہ چڱو ڀلو فائدو حاصل ٿيندو هو، خاص ڪري بشير احمد ۽ مان ڊاڪٽر

پناڻ جي سهڻي سلوڪ ۽ علمي فياضي ۽ سهڪار کي ڪڏهن به وساري نٿا سگهون.

منهنجي لاءِ هن پنهنجي ميڙي چونڊي واري خزاني ۽ ڪتب خاني جا دروازا کولي ڇڏيا هئا. منهنجي مطلب جو وڏو علمي خزانو ڊاڪٽر پناڻ وٽ موجود هو. مون کي جيترا ڪتاب کپندا هئا سي بنا حساب ڪتاب جي ڪراچي کڻي ويندو هئس. ان کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب وٽان اسان کي ٿيسز لکڻ ۽ ترتيب ڏيڻ جو ڏانءُ ۽ سکيا پڻ ملندي هئي، هو اسان مان ٻن جو گائيڊ پڻ هو. بشير احمد شاد جو گائيڊ هجڻ ڪري ڊاڪٽر درمحمد پناڻ وٽان اسان کي ڪيتريون سهولتون ملنديون هيون. هو ايتري قدر مهربان هوندو هو جو نه رڳو پنهنجي گهر ۾ رهائش مهيا ڪندو هو بلڪ ماني ٽڪي به پنهنجي گهران ڪارائيندو هو.

هڪ سال جون جولاءِ وارن مهينن ۾ مان لاڙڪاڻي جي جهونن اديبن ۽ شاعرن جا روبرو انٽرويوز ڪرڻ آيو هئس ته سموري سنگت پنهنجي ڪم جي سهيڙ لاءِ لاڙڪاڻي جي تعلقن، رتيديري، شهداد ڪوٽ، قمبر، نصير آباد، ڏوڪري، نئين ديري ۽ بنگل ديري وغيره ملاقاتن لاءِ نڪري پياسين، ان سفر ۾ شاعرن، عالمن ۽ اديبن وٽان جيڪا موٽ ملي ان ۾ بشير احمد شاد جي بحيثيت پلوڙ شاعر جي وڏي رَهائي ڏنم، جنهن جي نتيجي ۾ اسان کي وڏيون عزتون ۽ مانُ مليو هو.

منهنجي نقطهٔ نظر کان اسان جي جٿي جي اسڪالرز جو اڌ تي گائيڊ ڪندڙ بشير احمد شاد هوندو هو. مان پنهنجي لاءِ ايترو چئي سگهان ٿو ته لکڻ پڙهڻ جو شوق مون کي ان کان ئي ورثي ۾ مليو آهي. ڊرائنگ ڪرڻ، افسانو لکڻ ۽ مضمون لکڻ جو فن مون زندگي جو وڏو عرصو بشير احمد شاد سان گڏ رهي ڪانئس سکيو. مان رڳو هڪ نه ڪيترائي اديب ۽ شاعريءَ جي ميدان جا پانڌيئڙا

هن جي پياري شخصيت جي علم پروري مان گهڻو ڪجهه پرائي پار چڙهيا آهن.

لاڙڪاڻي ۾ سچل ادبي مرڪز جي قيام کان پوءِ اٽڪل 40 سالن جي عرصي ۾ بشير احمد شاد لاڙڪاڻي کي هڪ شاندار ادبي ۽ علمي ماحول فراهم ڪيو آهي. لاڙڪاڻي ۾ سرجيل اهڙي ادبي ماحول جي ادبي ڪچهرين، ادبي محفلن، ڪانفرنسن، مشاعرن جي ماحول ۾ ادبي ڪتابن جي تخليق ۽ تصنيف جو ڪم ۽ وري انهن تخليقن توڙي ڪتابن جي پذيرائيءَ جي سلسلي ۾ مهورتي تقريبن جو انعقاد هڪ وڏو سلسلو آهي، جنهن تي هڪ ٿيسز لکي سگهجي ٿي.

سچل ادبي مرڪز جي ادبي خدمتن جا هڪ کان گهڻا پاسا آهن. هن اداري جو نالو ته سچل سائين جي نسبت سان هو پر هن اداري جي اڪثر ميمبرن ۽ ادب سرجيندڙ دوستن جو لاڙو گهڻو ٽڪو لطيفي فڪر جي نمائندگي، واکاڻ، تشريح ۽ تاليف ڏانهن رهيو آهي پر پوءِ به لاڙڪاڻي جي نوجوان ٽهيءَ لاءِ هن اداري ٻنهي عظيم شاعرن جي خيالن جي پرچار پئي ڪئي آهي، منهنجي نظر ۾ اهو هڪ تحسين جوڳو ڪم آهي.

سچل ادبي مرڪز هر قسم جي فڪر ۽ خيال جي ادب ۽ شاعري جي ميدان لاءِ لاڙڪاڻي واسين کي هڪ موثر فورم ۽ ڪارائتو پليٽ فارم مهيا ڪيو آهي. بشير احمد شاد جي سٿ جي ساٿين نئين ٽهي جي ڪيترن شعر ۽ ادب جي تخليقڪارن گڏريل ٽن ڏهاڪن ۾ ادبي لحاظ کان جيڪا اپت ڏني آهي، تنهن کي پڻ جديد سنڌي ادب ترقي پسند فڪر جي تاريخ جو هڪ باب ليکبو، اسان جو ايندڙ نسل اهڙي سرجيل ادبي اثاثي مان استفادو حاصل ڪندو رهندو.

سچل ادبي مرڪز جي سرگرمين جي ذمري ۾ آئون هتي ٻن ادبي سرگرمين جو ذڪر ڪندو هلان جن ۾ مون جهڙي اڏ اڪريءَ پڻ

شرڪت ڪئي هئي. هڪ گرمين جي شام بشيراحمد شاد جناح باغ جي ان خوبصورت ٻاري ۾ جنهن ۾ سنڌي سڄڻن سٺ جون ابتدائي گڏجاڻيون ۽ ميل ملاقاتون ٿينديون هيون، تنهن ۾ پنهنجي شعري مجموعي ”اوجاڳو اکڙين“ جي رونمائي جي تقريب رکي هئي. شاد صاحب منهنجو نالو بہ ڪتاب ۽ سرجيندڙ جي شخصيت تي ڪجهہ ڳالهائڻ لاءِ شيڊول تي رکيو هو. مان سندس دعوت تي ڪراچي کان کهي آيو هئس ۽ هن جي ادبي شخصيت ۽ ”اوجاڳو اکڙين“ تي پنهنجو لکيل مضمون پڙهيو هو. هيءَ تقريب 1986ع ۾ پروفيسر ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ صاحب جي صدارت هيٺ ٿي هئي. مون کي ياد آهي تہ ان ادبي تقريب جي تمام انتظامي معاملن کي بشير احمد شاد جي سٺ جي احبابن ۽ سندس نوجوان پٽن احسان الحق دانش، رضوان الحق گل سندس پٽن جهڙي شاگرد انيس گل عباسي ۽ ٻين سنڀالي هلايو هو. بشير احمد شاد شروع کان ئي پنهجي ايندڙ پيڙهي کي ادبي ڪمن ۾ پاڻ سان گڏ رکي علمي ۽ ادبي طور هڪ بهترين ماحول فراهم ڪيو آهي. منهنجي خيال ۾ اهو پليٽ فارم هن جي مڙني ٻارن ۽ ٻين ڪيترن نون لکندڙن لاءِ زندگي ۾ عزتون ۽ ڪاميابيون ماڻڻ جي سلسلي ۾ محور ثابت ٿيو آهي.

بشير احمد شاد جي جاکوڙي ۽ محنتي سڀاءَ جي نتيجي ۾ هن کان ۽ هن جي سٺ جي ساٿارين ۽ اولاد کان ادب جي ڪيتر ۾ جيڪي قابل فخر ڪم ٿيا آهن، انهن مان لاڙڪاڻي ۾ سنہ 1985ع ۾ گهنٽي ڦاٽڪ لڳ ريلوي ريسٽ هائوس جي ڪشادي لان ۾ ڪوٺايل ڪل سنڌ ادبي ڪانفرنس هئي. جنهن سنڌي ادب جي تاريخي حوالي سان سنڌي ادب جي ڪلاسيڪل دور ۾ ڪوٺايل ڪل سنڌ ادبي ڪانفرنسن ۽ جميعت الشعرا سنڌ جي لاڙڪاڻي جي مشاعرن ۽ ڪانفرنسن جون سڪون پئي لاٿيون. هن ڪانفرنس ۾ حيدر آباد، ڪراچي، سيوهڻ، شڪارپور، لاڙڪاڻي ۽ ٻين شهرن جي کهنہ مشق عالمن ۽ اديبن شرڪت ڪئي هئي. ڪانفرنس جا ادبي ۽

انتظامي معاملن ۾ بشير احمد شاد جي ويجهي ۽ گهڻ گهرئي ساٿي محمد يوسف شيخ، محمد يوسف لغاري، محمود الحسن شرف، انيس گل عباسي ۽ ٻين خوب ساٿ نڀايو هو.

هن ڪانفرنس لاءِ بشير احمد مون کي پڻ شرڪت لاءِ دعوت ڏني هئي. مون به ڪراچي کان ڪهي اچي ڪانفرنس ۾ پنهنجو پيپر پڙهيو هو. منهنجي لاءِ اباڻي شهر ۾ برپا ٿيندڙ هي ادبي سميلن هڪ ناقابل فراموش يادگار جي حيثيت رکي ٿو. هن ڪانفرنس لاڙڪاڻي جي ادبي، سماجي ۽ شعوري حلقن ۾ وڏي خوشي ۽ اميد جي لهر پيدا ڪري ڇڏي هئي. خاص طور لاڙڪاڻي جي سنجيده ادب شناس طبقي جي اديبن ۽ اڀرندڙ شاعرن ۾، ڇاڪاڻ ته پنهنجي شهر ۾ هاڻي هنن کي هڪ قابل قدر ۽ معتبر پليٽ فارم مهيا ٿي رهيو هو. جنهن تان هو پنهنجون علمي ادبي سرگرميون جاري رکي سگهن پيا. هن ڪانفرنس جي ڪامياب انعقاد تي جيڪي ڏوررس نتيجا نڪتا اهي هن وقت اسين ڏسي رهيا آهيون. اهي آهن لاڙڪاڻي جا اهي شاعر، قلمڪار، اديب، ڪهاڻيڪار، ڊرامانويس، ڊاڪٽر ۽ پروفيسر جيڪي لاڙڪاڻي جي ان ادبي ۽ علمي سرگرمين جي اپتڪاري جي نتيجي ۾ سرجيا، انهن مان ئي ڪن هن وقت لاڙڪاڻي ۾ آرٽس ڪائونسل توڙي لاڙڪاڻو ڊسٽرڪ هسٽاريڪل سوسائٽي جهڙن فعال ادارن کي جنم ڏنو. لاڙڪاڻي ضلعي جا هي علمي ادبي ادارا ”آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو“، ”سنڌي ادبي سنگت لاڙڪاڻو“، ”لاڙڪاڻو ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي“ ۽ ”سچل ادبي مرڪز لاڙڪاڻو“ علم، ادب جي ميدان ۾ هن وقت اهڙو قابل قدر ۽ قابل فخر ڪم انجام ڏئي رهيا آهن، جو گذريل 60 سالن ۾ اهڙو علمي، ادبي ۽ فني ڪم نه ٿيو آهي. اها اسان جي خوش نصيبي آهي جو بشير احمد شاد هن جي ادبي حلقي جي ساٿين ۽ هن جي نوجوان لائق فائق اولاد جي اڻ ٿڪ ڪوشش سان قائم ٿيل اداري سچل ادبي

مرڪز لاڙڪاڻي واسين کي اهڙو علمي ۽ ادبي ماحول فراهم ڪرڻ ۾ معاون ۽ مددگار رهيو آهي.

بشير احمد شاد لوچ ۽ سوچ جي سلسلي ۾ هڪ مثبت انداز سان زندگي گذارڻ وارو جيئڙو رهيو آهي. هڪ ڏينهن، ٻن ڏينهن يا ٽن ڏينهن جي هي ڳالهه ناهي، منهنجي ذاتي تجربي، تجزيي ۽ نسل شناسي جي هي هڪ ٻاهٺ سالن جي ڪهاڻي آهي. اسان جي دوستي 1962ع کان ٻه اڳ شروع ٿي آهي، هن وقت اهو ساٺ سٺ سالن جي پيٽي مان گذري رهيو آهي، اسان جي دوستي جيئن ٽڏ تيئن وڌ آهي، سنگت جي سنگ مان ڪڏو ڪاسو گهٽ ناهي ٿيو. بلڪ پيار وفا ۽ نياءُ جي جوت جي لاٽ ايئن ئي ٻکي پئي جيئن سٺ ٻاهٺ سال اڳ دکي هئي. دوستي ۾ اچڻ وڃڻ ۽ هڪ ٻئي ڏي پيرا ڪرڻ اسان جي شروع کان روايت رهي آهي. هاڻي ته اسان جا ٻار ۽ ٻچڙا ٻه اسان جي هن روايت کي قائم رکيو پيا اچن. هن وقت هيءَ منهنجي ۽ بشير احمد جي ڪهاڻي ناهي رهي. هاڻي هيءَ ٻن خاندانن جي ڪهاڻي جو پاسو اختيار ڪري چڪي آهي. محبت جي سفر ۾ پيرا نه پڄڻ ۽ اچ وڃ جو ذڪر نڪتو آهي ته 1990ع جو زمانو ٿو ياد اچي، هن زماني ۾ به بشير احمد شاد ۽ منهنجو ادبي سفر جاري هو. اسان ٽن دوستن جي ٽياڪڙ سلامت هئي. پيارو دوست محمد يوسف شيخ ان زماني ۾ فوجي سروس کان رٽائر ڪري منهنجي گهر جي پڪَ پياني هائيٽس گلشن اقبال ڪراچي ۾ اچي رهيو هو. هو چنيوٽ اسلاميه پبلڪ اسڪول مان پراجيڪٽ ڊائريڪٽر ۽ پرنسيپال جي پوزيشن واري نوڪري کي الوداع ڪري هاڻي سنڌ جي تاريخي اسڪول سنڌ مدرسةالاسلام ڪراچي جي پرنسيپال واري پوزيشن جي چارج سنڀالي چڪو هو. سندس ۽ منهنجي گهر نعمان گارڊن جي وچ ۾ چند قدمن جي وٿي هئي، اسان سٺ جي پراڻن دوستن پروفيسر مولا بخش پنو، بشير احمد شاد منهنجيون ۽ محمد يوسف جون ڪچهريون وقت بوقت محمد

يوسف ۽ منهنجي فليٽ تي ٽيِنديون رهنديون هيون. پاءُ محمد يوسف جي اسڪول ۾ بورڊ جي امتحانن جا ڏينهن ايندا هئا ته شاد صاحب لاڙڪاڻي کان کهي اچي امتحاني ڪمن ڪارن ۾ شرڪت ڪندو هو. محمد يوسف شيخ جتي به جنهن به علمي اداري ۾ ويندو هو ته اتي علمي ادبي سرگرمين جي بهار آڻي ڇڏيندو هو. ان سان منهنجي زندگي جي سفر جي ابتدا ۽ سڄاڻپ بشير احمد جي دوستي کان به اڳ ان وقت شروع ٿي جڏهن پاڪستان جي معرض وجود ۾ اچڻ کي اجا پنج سال مس گذريا هئا. محمد يوسف شيخ ۽ مان علي گوهر آباد جي ملان مسلم اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين. هو پرائمري ٻئين درجي ۾ هو ۽ مان پرائمري پهرين ۾. پاڙي جي اچي مسجد جنهن ۾ ان وقت سائين وڏو عبدالرشيد پيرزادو معلم ۽ مدرس هو، تنهن وٽ شام جو سيپاري جو سبق به گڏ پڙهندا هئاسين. رب سائين ايئن اسان جي دوستين کي پنهنجي مِهر سان دوام بخشيو آهي الحمداللہ. محمد يوسف کي پاڪستان جي تاريخ ۾ اهو ڪريڊٽ وڃي ٿو ته سنڌ مدرسةالاسلام اسڪول جون صد سالا تقريبات هن جي هٿن ۽ انتظام هيٺ ٿيون. پاڪستان ۾ سڀ کان وڏيڪ معتبر تاريخ رقم ڪندڙ هن اداري ۾ اسان جي دوست محمد يوسف تعليمي، علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين، ميلن ۽ سميلن جي ڌم مچائي ڇڏي. جنهن دور جو مان ذڪر ڪري رهيو آهيان ان دوران مذڪوره صد سالا تقريبات جو انعقاد اسڪول جي ڪشادي جناح هال ۾ ٿيو هو. جنهن ۾ بشير احمد شاد ۽ مون شرڪت ڪئي هئي. ثقافتي شو ۾ اسٽيج اداڪاري جي مڃيل نامڪني فنڪار منظور قريشي جهڙي برک اداڪار ۽ صداڪار ڪمپيئرنگ جا فرض انجام ڏنا هئا. رحمان مغل عرف سرمد سنڌيءَ شيخ اياز جو ثقافتي گيت ”اڙي چنڊ اڙي چنڊ، پرين تو ته ڏٺو ناهي. سنڌس روپ، سنڌس رنگ ايئن آهي جيئن تون، اڙي رات اڙي رات پرين تو ته ڏٺو ناهي، سنڌس وار سنڌس ونگ ايئن

آهي جيئن تون، اڙي نانگ، اڙي نانگ، پرين تو تہ ڏنو ناهي، سندس ڏاهہ سندس ڏنگ، ايئن آهي جيئن تون...“ ڳائي محفل کي وڏا رنگ لاتا هئا. تقريبات جي ادبي سيشن ۾ ادبي محفل جي منچ جو مور سنڌ جو مايا ناز، ناميارو تعليمدان، سنڌي ادب کي نئون روح ۽ دوام بخشيندڙ صاحب علم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هو. اسٽيج تي جيڪي عالم اديب براجمان هئا، تن ۾ هي فقير ۽ بشير احمد شاد بہ شامل هو. بشير احمد شاد سان بلوچ صاحب جي اڳ ۾ ڏيٺ ويٺ هئي ۽ هو بشير احمد کي هڪ پلي محقق، عالم، لطيف شناس ۽ شاعر جي حيثيت سان محفل جو سرموڙ ڄاڻندو سڃاڻندو ۽ سندس قدر ڪندو هو. هڪ سمي اسٽيج تي بلوچ صاحب جي سڄي پاسي پرنسيپال محمد يوسف ۽ کٻي پاسي کان بشير احمد شاد وينل هئا. اهڙي خوشنما ماحول واري منچ ۾ مون جهڙي اڌ اکري کي پنهنجو پيپر پڙهڻ جو موقعو مليو هو. ٻئي ڏينهن شاد کي سندس شاندار تقرير تي مون محمد يوسف جي فليٽ تي صبح جي ناشتي تي جڏهن مبارڪباد پيش ڪئي تہ هو گد گد پي ٿيو. جڏهن مون ڪائنس پڇيو تہ منهنجي پرفارمنس جي باري ۾ تنهنجو خيال ڇا آهي تہ فرمائڻ لڳو. تنهنجي پرفارمنس تي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب پلو رمارڪ ڏنو. مون پڇيو ڇا؟ بشير احمد مذاق ۾ وراڻيو ”ڊاڪٽر صاحب چوي پيو تہ سومري صاحب پنهنجو موقف بيان ڪندي پهريون الائي ڇا چيو، پوءِ الائي تہ ڇا چيو، تنهن کان پوءِ تہ الائي ڇا ڇا چيو.“ زندگيءَ ۾ اسان جون محفلون اسان جون ڪچهريون نڙا نشا جاري ۽ ساري آهن. بس رب سائين کي پارت آهي تہ زندگي جو باقي سفر خير ۽ عافيت جو گذري، آمين.

هن وقت ٻاهٺ سالن جي اسان جي دوستي اهڙي ڏارا ۾ وڃي داخل ٿي آهي جو اسان سيئي ٻارين ٻچين هڪ ٻئي جا گهر جا ڀاتي ٿي پيا آهيون. اسان جي پراڻي روايت رهي آهي تہ بشير احمد جڏهن ڪراچي ايندو آهي تہ منهنجي گهر ضرور ايندو آهي ۽ ڪڏهن

ڪڏهن ٻارين ٻچين اچي ٽڪندو آهي. ماشاءُالله هن وقت بشير احمد جا ٽي پُٽَ ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا. سندس ساجاهه وند پٽ آغا عمران جيڪو پڻ ڪهاڻيڪار آهي سو هاڻي ڪراچي جي ملير ڪورٽ ۾ سول جج آهي ۽ ٻيو پٽ آغا اظهار آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ ۾ پنهنجون خدمتون انجام ڏئي رهيو آهي ۽ ٽيون پُٽ آغا ذيشان الحق پڻ نيسپاڪ ڪمپني ۾ ملازمت ڪري رهيو آهي ۽ هاڻي ڪراچي ۾ رهندو آهي، هاڻي ادا بشير احمد ۽ سندس ڪٽنب کي رهڻ ٽڪڻ جون سهنجهايون ميسر آهن پر مان جڏهن ٻه لاڙڪاڻي اڪيلو يا ٻارن سوڏو ويندو آهيان ته پنهنجن عزيزن هوندي به پنهنجي دوست جي گهر وجي ديرو ڪندو آهيان.

آخري ڀيرو ٽي سال اڳ جڏهن مان سندس علي گوهر آباد واري گهر ويو هئس ته ٻه ٽي ڏينهن وٽس مهمان ٽيس. بشير احمد شاد جي گهر ۾ هميشه هڪ مطالعي جو ڪمرو رهيو آهي، جنهن ۾ هن جي رائيٽنگ ٽيبل ۽ سمهڻ لاءِ هنڌ موجود هوندو آهي. اهو ڪمرو سندس لائبريري به هوندي آهي. آرٽ ۽ ڊرائنگ ڪرڻ جو روم به اهوئي ڪمرو هوندو آهي. دوست دڙي ۽ مهمان تائي جي آرام ڪرڻ ۽ رهڻ ٽڪائڻ جو ٽاڪ به اهوئي هوندو آهي پر بشير احمد اسان جي رهڻ ڪرڻ لاءِ گهر ۾ هڪ ڪمرو مخصوص ڪندو آهي، جنهن ۾ موسم آهر سڀ سهولتون ميسر هونديون آهن. ڀاڳ ڀريو آهي، ڪيس رب سائين انيڪ نعمتن سان گڏ ججهو اولاد عطا ڪيو آهي. سندس سوئيٽ هوم ۾ رهندي جڏهن ڊاڪٽر احسان دانش جي ڪمري ۾ وڃڻ ٿيندو آهي ته ڳالهه سمجهه ۾ ايندي آهي ته هڪ عالم جي پوک ۽ فصل ڇا ٿيندو آهي. ڪمري ۾ چوڌاري نظر ڪٽي نهاريندو آهيان ته ڪبٽن ڪان وٺي بيڊ جي سائيڊ ٽيبلن تائين ۽ ڪمري جي سينٽر ٽيبل کان ڪمري جي هر ڪنڊ ۽ ڪڙڇ ۾ ڪتاب ئي ڪتاب ڏسڻ ۾ ايندا آهن. وڏي مزي جي ڳالهه ته بيڊ جي مٿين پاسي تي به ڪتاب سٽيل هوندا آهن، بس ڪمري جو اهو حال ڏسي

سوچيندو آهيان تہ آرام ڪرڻ وقت ڊاڪٽر صاحب ڪنڌ ويهاڻي تي رکي آرام ڪندو آهي الائي ڪتابن تي سرڙو رکي سمهندو آهي. بشير احمد شاد جو بہ مون ڪتابن سان شغف ڏٺو پر احسان صاحب تہ وڻ وڄائي ڇڏيا آهن. رضوان الحق جون پنهنجي ڪمري ۾ سرگرميون جدا هونديون آهن. ادبي علمي ڪتابن ۽ شعري مجموعن جو مطالعو ڪرڻ، ڪتابن جي ڪمپوزنگ ڪرڻ، پنهنجي سبجيڪٽ ۾ پي ايچ ڊي لاءِ تياري ڪرڻ، ان جي ڪمري ۾ بہ ماشاءُالله ڪتابن جي فصل بهار لڳي پئي هوندي آهي. گهر ۾ سندس اولاد جي اسٽڊي، سبجيڪٽس جي حساب سان تقسيم ڪاري هڪ سهڻي روپ ۾ رهي ٿي. آغا اظهار ڪمپيوٽر سائنس جو ماهر آهي، ان جي جمع پونجي ۽ سهيڙ، ادب، سائنس ۽ ڪمپيوٽر ناليج تي ٻڌل آهي، مسٽرآغا عمران پناڻ جو موضوع سخن ادب، شاعري، ڪهاڻي، ناول ۽ قانوني علوم تي ٻڌل آهي تنهن ڪري ان جي ڪليڪشن جو ڏيک ويک وڪيلن جي ڪتب خانن جهڙو پيو لڳندو آهي. احسان دانش ۽ رضوان گل جي ڪمرن وارن ڪتب خانن ۾ ڪتابن جي ورائٽي تمام گهڻي ۽ گهڻ موضوعاتي آهي. هو ٻئي پنهنجي والد محترم وانگيان ڪاليج پروفيسر آهن ۽ ان سان گڏ تحقيق جي ڪم سان بہ سلهاڙيل آهن ۽ انهن جي پروفيشن ۽ پروفيسنگ جا موضوعات ڪجھ هڪ جهڙا ۽ ڪجھ جداگانا پڻ آهن، تنهن ڪري ان مناسبت سان انهن جي ڪمرن جون ذاتي لائبريريون ورائٽي سان سينگاريل رهن ٿيون. وري ٻئي جوان پروفيسر بہ آهن، تدريس سان گڏ تصنيف، تاليف ۽ تحقيق جا ڪتاب هڪ لحاظ کان گهڻ موضوعاتي هجڻ جي ڪري هڪ قيمتي متاع پڻ آهن، جنهن مان گهر جا سڀ لکيل پڙهيل فرد فائدو وٺندا رهندا آهن. مطلب تہ بشير احمد شاد جو گهر هن وقت علمي، ادبي، قانوني، جاگرافي جي علم، ڪمپيوٽر سائنس ۽ تحقيقي ڪتابن جو هڪ مرڪز آهي. دلي خوشي ٿيندي آهي تہ هن جي اولاد سندس

نقش قدم تي هلندي اهڙو وکر ويهايو آهي، جيڪو ڪڏهن به پئي پراڻو نه ٿيندو. هن مضمون ۾ موضوع جي يارهين ڀاڱي ۾ علمي ادبي تاليفي ۽ تصنيفي ۽ گهر جي هڪ هڪ ڪمري ۾ ڪتب خاني جو جيڪو مون حقيقي نقشو چٽيو هو، تهڙو نقشو ۽ علمي ادبي ماحول مون کي پنهنجي زندگي ۾ ڪنهن بئي گهر ۾ ڏسڻ جو موقعو ناهي مليو. سنڌ ۾ اسان سنڌين جي خاندانن ۾ وڏا ناليوارا عالم، اديب ۽ ڊاڪٽريٽ ڪرڻ وارا علامه ويچار ۾ ايندا. انهن جا ڪتب خانا به وڏي شهرت جي قابل هوندا. گهر ۾ خاندان ۾ عالم استاد ۽ شعرا به ملندا پر هڪ ئي وقت گهر جو وڏو پروفيسر، سندس پٽ پروفيسر، گهر جو سربراهه عالم اديب سندس اولاد مان پٽ به عالم، اديب ڪاليج پروفيسر، گهر جو وڏو ڪيترن ڪتابن ۽ تحقيقي مقالن جو رائيٽر، مصنف، مترجم ۽ مولف، ساڳي وقت ان جا پٽ به پي ايچ ڊي ۽ مجيل رائيٽر، ڪتابن ۽ شعري ڪِتڪن جا مصنف، مترجم ۽ مولف آهن. گهر جو وڏو ڪتابن پڙهڻ جو شيدائي ۽ ساڳئي وقت هن جا پٽ، نياڻيون ۽ گهر جو هڪ هڪ ڀاتي ڪتابن جي مطالعي ۾ شب و روز مصروف، اسان پنهنجي چوڌاري نظر ڪٽي نهاريندا سي ته اسان کي اهڙو علمي گهراڻو ۽ اهڙو علمي ادبي ماحول گهٽ ڏسڻ لاءِ ملندو.

مان بشير احمد شاد جو شاگرد جي حيثيت سان سونهان ٿو. ڊاڪٽريٽ تائين جيڪو ڪجهه مون حاصل ڪيو آهي ان ۾ بشير احمد شاد جي تربيت جا ٻاهٺ سال صرف ٿيل آهن. هن مون کي پڙهڻ لاءِ ڪتاب ڏنا. مون کي ميٽرڪ پاس ڪرائڻ ۾ ميٿ ۽ انگريزي ۾ پڙ ڪرڻ لاءِ مدد ڪئي، ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ تعليم دوران هو جيڪي نوٽس تيار ڪندو هو، اهي نوٽس پڙهي مطالعو ڪندي مان هن جي پويان ڏاڪي به ڏاڪي ۽ درجي بدرجي اڳتي وڌندو رهيس. بي اي ۽ ايم اي جا امتحان مون سپ پرائيويٽ ٻاهرين شاگرد جي حيثت سان پاس ڪيا، چاڪاڻ ته ان عرصي جي

ڏهن سالن دوران مان ٽيڪسٽائل ملز ۾ مشين آپريٽر جي ڪم تي معمور هئس. ڪاليج ۾ به بس نالي ماتر داخلا ڪرائي ڇڏيندو هئس. گهر ويني پوسٽ ذريعي ايڊمٽ ڪارڊ ملندو هو. امتحان ڏيڻ جي سلسلي ۾ مان پنهنجا نوٽس ۽ ڪتاب رات جي ڊيوٽي تي پاڻ سان ڪارخاني کڻي ويندو هئس. جڏهن ڪپڙي اڻڻ جي مشين پلي هلندي هئي ۽ تندون نه ڇڄنديون هيون ته مان نوٽس ڪڍي اسٽول تي ويهي سبق ياد ڪندو رهندو هئس. جڏهن ڏينهن جي ڊيوٽي هوندي هئي ته ڪجهه نه ڪجهه وقت ڪڍي امتحان جي تياري گهر ۾ ڪندو هئس. اها پريڪٽس هڪ سال نه ٻه سال نه پر پورا 10 سال هلي.

منهنجي پياري دوست بشير احمد شاد، علم ادب جي ميدان ۾ پاڻ چڱو ملهايو آهي. ضلعي، صوبائي ۽ ملڪي پئماني تي منعقد ٿيندڙ ادبي علمي ڪانفرنسن ۾ پنهنجي جواني واري زماني کان شرڪت ڪندو رهيو آهي، پنهنجي سرپرستي هيٺ هلندڙ اداري سچل ادبي مرڪز جي پليٽ فارم تان به ميلا مچايو وينو آهي. سچل ادبي مرڪز جي فورم تان سندس جستجو ۽ ڪوشش سان ضلعي ۽ صوبائي سطح تي ادبي گڏجاڻيون، محفلون ۽ ڪانفرنسون منعقد ٿي چڪيون آهن، هاڻي اهڙن ميلن ۽ سميلن جو مچ سندس لائق فائق اولاد پروفيسر ڊاڪٽر احسان دانش ۽ پروفيسر رضوان گل ٻاريو وينا آهن، جنهن جي لاٽ ۽ جوت ڏٺيءَ جي ڪرم سان پئي ٻرندي رهندي. منهنجي ياءُ بشير احمد شاد جون پنهنجي فڪر ۽ خيال جي اظهار جي سلسلي هيٺ جيڪي تصنيفات ادب جي ڪيتر ۾ اشاعت هيٺ آيون آهن يا اهي تصنيفات جيڪي اڃا اشاعتي مرحلن ۾ آهن ۽ منظر عام تي اچي نه سگهيون آهن تن جو تفصيل ڪجهه هيٺين ريت آهي.

”اوجاڳو اکڙين“ سندس شاعري جو مجموعو آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي افڪار ۽ خيالن جي ڀرپور پالوٽ ڪئي آهي. ياءُ شاهه

عبداللطيف جو شيدائي آهي. شاهه سائين جي محبت ۽ عقيدت ۾ هن جيڪي گل نڇاور ڪيا آهن، ان سلسلي جا اٽڪل ٽي ڪتاب "عرفان لطيف"، "فڪر لطيف" ۽ "شاهه لطيف هر دور جو شاعر" منهنجي نظر مان گذريا آهن. ٻين شايع ٿيل ڪتابن ۾ سندس تصنيفات آهن. "پٽ جو گهوٽ" ۽ "پلارو پٽ ڏٽي" اهڙي طرح لطيفيات تي سندس هڪ ڪتاب "پيهي منجهه پاتال" جي عنوان سان پڻ ڇپيل آهي. ان طرح لطيفيات جي موضوع تي سندس ڇهه ڪتابَ پڌرا ٿي چُڪا آهن. ڊاڪٽر بشير احمد شاد ڪي هونءَ ته سڄي سنڌ جي اهم ادبي ۽ ثقافتي ادارن طرفان ٻن ڊزن کن ايوارڊ ملي چُڪا آهن پر تازو ئي 2021 ۾ سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي شاهه لطيف تي ڪيل سندس تحقيقي ۽ تخليقي ڪم جو قدر ڪندي ڪيس صوبي جو سڀ کان وڏو ادبي ايوارڊ "لطيف ايوارڊ" پڻ ڏنو آهي. اهڙي طرح سنڌي ٻولي جون خوبيون بيان ڪندي سائين هڪ ڪتاب لکيو آهي جنهن جو عنوان آهي "سنڌي ٻوليءَ جون حسناڪيون". هي ٻه ڪتاب بعنوان "فڪر سچل" ۽ "حيات اقبال" پڻ سندس قلمي پورهيي ۾ قابل ذڪر ۽ قابل مطالعه آهن. ان کان علاوه سندس اهم ڪتابن ۾ "لاڙڪاڻو صدين کان" ۽ لاڙڪاڻي جي ڇٽيهه ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين تي مشتمل ڪتاب "پيهي پروڙيوم" جو ذڪر ٻه اڻ ٽر آهي. تازو ئي سندس شاعريءَ جو ڪليات "اندر جي موسم" پڻ منظر عام تي آيو آهي، جنهن تي سندس خوب پزيرائي ٿي آهي.

بشير احمد شاد جي ڪاوش ۽ قلم جي پورهئي تحت تحرير ٿيل ڪجهه اڻ ڇپيل تصنصفات آهن جن جو تفصيل هن طرح آهي. 1989ع ڌاري بشير احمد شاد سنڌ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي ڪئي هئي، سندس ڊاڪٽريٽ جي مقالي جو عنوان هو "ثناءُالله ثنائي جي شاعري جو تنقيدي جائزو." اها ٿيسز ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهي. بشير احمد شاد خاڪا نگاريءَ ۾ ٻه طبع آزمائي ڪئي هئي ۽ هو

ڪيترن خاڪن جو تخليقڪار آهي، ان سلسلي ۾ سندس هڪ ڪتاب ڇپائي لاءِ تيار پيو آهي. جنهن جو عنوان آهي ”منجهان منهنجي روح.“ دوست بشير احمد شاد پنهنجي حياتي جو احوال سربستو لکي رکيو آهي. اميد آهي تہ سندس اهو قلمي پورهيو جلدي منظر عام تي ايندو، سندس جيون ڪٿا جو عنوان آهي ”جيون ساگر.“ قومي پئماني تي بشير احمد شاد جون ٻہ تصنيفات اهڙيون آهن جيڪي ڇپائي جون منتظر آهن انهن مان هڪ جو عنوان آهي. ”اقباليات جا سو سال“ ۽ ٻيو ڪتاب آهي ”اورنگزيب عالمگير جي حياتي جا نوان رخ.“ پويان ٻئي ڪتاب هن جي قلم جي نوڪ سان ترجمو ٿيل آهن.

منهنجو ياءُ منهنجو محسن ۽ منهنجو استاد بشير احمد شاد شال جڳ جڳ جيئي ۽ پنهنجي تخليقي پورهيي سميت پنهنجن ٻچڙن سان خوش آباد هجي، منهنجون پنهنجي ياءُ لاءِ هر پل اِهي ئي دعائون آهن.

پروفيسر محمد يوسف شيخ

هڪ انسان لاءِ اڪيلو زندگي گهارڻ سڀ کان ڏکيو ڪم آهي، پر جيڪڏهن ماءُ، پيءُ، ڀينرن، ڀائرن ۽ دوستن جو ساٿ سنو آهي ته پوءِ اها ڳالهه ممڪن ٿيو پئي ٿي ته انسان پنهنجي زندگي سڦل طريقي سان گذاري سگهي. ڇاڪاڻ ته زندگي جو سفر هڪ طويل سفر آهي تنهن ڪري انسان کي رشتن جي ضرورت به اوتري ئي رهي ٿي. اسان جي ڏکڻ ايشيائي علاقن ۾ پنهنجي سڀاءَ ۽ نفسيات موجب انسان پنهنجي دل جو احوال پنهنجي هر رشتي يا رشتيدار سان ڪري نٿو سگهي. ڪن حالتن ۾ ته هو پنهنجي ڀائرن، ڀينرن يا پنهنجي پي ماءُ سان به پنهنجي دل جو احوال ڪري نٿو سگهي. ان ڏس ۾ ڪي منجهائيدڙ مسئلا ڪي سماجي ۽ معاشرتي ڳوڙهايون، سنگينيون ۽ ڪي مجبوريون انسان کي زندگي جي سفر ۾ اهڙيون به پيش اچن ٿيون جن جي باري ۾ ڪنهن قسم جي مدد لاءِ يا پنهنجي دل جو بار يا غبار هلڪو ڪرڻ لاءِ هن کي ڪجهه نه ڪجهه ڪنهن نه ڪنهن کي ٻڌائڻو پوي ٿو. ڪجهه اورڻو پوي ٿو. اهڙي حالت ۾ هن کي اهڙن ماڻهن جي تلاش رهي ٿي جن سان هو پنهنجي دل جي ڳالهه ڪري. پر اهو هجي به اهڙو جيڪو هن جون ڳالهيون ۽ راز ڪنهن ٻئي جي اڳيان ظاهر نه ڪري ۽ انهن کي ڍڪي رکي. اهڙي گهرج اسان جي سماج ۾ هر هڪ ماڻهو کي پوي ٿي. ان ڏس ۾ انسان پنهنجي رشتن کان هٽي اهڙن ماڻهن جي ڳولا ۾ رهي ٿو ۽ اهي اهڙا ماڻهو آهن دوست منهنجي خيال موجب دوست کان سواءِ ٻيو ڪو به شخص اهڙو ڪردار نڀائي نٿو سگهي.

زماني ۾ جڏهن مون کي پنهنجي ڏکيائين ۽ مسئلن جي حل ۾ مدد درڪار ٿيندي هئي ته دوستي لاءِ منهنجو پهريون انتخاب

بشير احمد شاد هوندو هو ۽ نصيبن سان ٻيو دوست هوندو هو محمد يوسف شيخ. انهن دوستن جي آئي منهنجي زندگي ۾ پيش ايندڙ مسئلن ۽ مشڪلات جون سنگينيون ويون هلڪيون ٿينديون. محمد يوسف شيخ هڪ محبتي انسان، دل جو صاف شفاف، مزاج ۾ شائستا پر سنجيده، ڪلڻ ڳالهائڻ ۾ عمده، يوڳ ۽ شرارت ۾ ڳهجو، ملنساري ۾ محتاط طبع جو محبتي، مخلصي ۾ درياهه دل. ذهانت ۾ تيز ترار ۽ ڀاڳ نصيب ۾ قدرت ڪيس هن دنيا ۾ اسان ڪان ٻه هٿ مٿي رکيو هو. حيران آهيان ته ڀاڳ وندبيندڙ ڪتان جون ڪميون ڪتان ٿو پوريون ڪري. حقيقي معنيٰ ۾ ڪاليج ۾ پهرين سال دوران اسان جي دوستي جي شروعات ٿي، هونئن مان ڪيس ننڍي هوندي ڪان سڃاڻندو هئس. ان ڄاڻ سڃاڻ جو پسمنظر پرائمري اسڪول تائين هليو وڃي ٿو. منهنجن يادگيرين ۾ ان جو نقشو واضح ۽ چٽو آهي پر مان هن جي باري ۾ نٿو چئي سگهان ته هن جي ٻاروتڻ جي يادگيرين ۾ منهنجي شخصي تصوير ڪيتري قدر واضح هوندي.

هن ڪان اڳ مان هڪ هنڌ ذڪر ڪري چڪو آهيان ته جڏهن مان علي گوهر آباد جي مسلم ملان اسڪول ۾ پڪو پهريون پڙهندو هئس ته محمد يوسف منهجي ڪلاس جي لڳو لڳ ڪلاس ۾ ٻيون درجو پڙهندو هو. تقريبن 1953ع ڌاري جي ڳالهه آهي ته ڪلاس پهرين ۾ جنهن بئنچ تي مان ويهندو هئس، تنهنجي دري مان ڪلاس ٻئين جا شاگرد صاف نظر ايندا هئا. انهن شاگردن ۾ محمد يوسف لوهه جي شيخن پنيان حرڪتون ڪندي نظر ايندو هو. هو اڪثر ويهندو ٻه دري جي پرسان هو. وري سائين وڏي مولوي عبدالرشيد جي اچي مسجد ۾ سيپارو پڙهڻ دوران ٻه مان ڪيس اڪثر ڏسندو هئس. ٻاروتڻ جون اهي ڌنڌليون يادگيريون آهن جيڪي محمد يوسف متعلق ذهن ۾ نقش آهن. پر جڏهن اسان جي اصل ۾ ڄاڻ سڃاڻ شروع ٿي ته اها بشير احمد پناڻ جي معرفت ان

وقت شروع ٿي جڏهن منهنجي دوستي جو آغاز بشير احمد سان ٿيو ۽ هن لاڙڪاڻي جي آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج ۾ پڙهڻ ۽ داخلا وٺڻ لاءِ مون کي همٿايو. هڪ سال کان مان بشير احمد شاد کي يونيفارم ۾ ڪاليج ايندو ويندو ڏسندو هئس ته هو مون کي ڏاڍو سٺو ۽ پسنديده شخصيت لڳندو هو. جنهن جي ريس تي مان پاڻ کي اهڙو ڏسڻ چاهيندو هئس.

1963 -64ع جي گرمين ۾ ڪاليج ۾ داخلائن جي سيزن شروع ٿي چڪي هئي. لاڙڪاڻي جي آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج ۾ پهرين سال ۾ رجسٽريشن لاءِ مان هيڏي هوڏي واجهايان پيو ته منهنجو اهو خواب محمد يوسف ۽ بشير احمد جي ساٿ سان پايہ تڪميل تي پهتو. هي ٻئي دوست منهنجي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ فڪرمند هئا. ان ڏينهن منهنجي والد صاحب جو وصال ٿيو هو، انا الله و انا اليه راجعون. توڙي جو ڪٽي ان زماني ۾ آئون پاڪ مسلم ميڊيڪل اسٽور تي هڪ معمولي پگهار تي ڪم ڪري رهيو هئس پر والد محترم جي وفات کان پوءِ اسان جي زندگي اوچتو سنگين حالتن سان دوچار ٿي چڪي هئي. گهر جون گهرجون ۽ خرچ گهڻا هئا پر انهن سان منهن ڏيڻ لاءِ مالي وسيلا تمام گهٽ ها. ڪاليج جون فيون، يونيفارم جي لاءِ پئسا ۽ ڪتابن جو بندوبست اهو سڀ ڪجهه منهنجي لاءِ ڏکيو ڪم هو پر ان ڏکي وقت ۾ هي ٻئي دوست مون سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺا هئا. ٻئي سال ۾ جڏهن اسان سيڪنڊ ايئر ۾ پهتاسين ته بشير احمد بي اي پهرين سال ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج هليو ويو. پر محمد يوسف مون سان گڏ سيڪنڊ ايئر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ فارم ڀري چڪو هو. هن دوست کي منهنجي حال جي خبر هئي ته مان ڪهڙي سبب داخلا فارم ڀرڻ جي سلسلي ۾ پس و پيش کان ڪم وٺي رهيو آهيان. بشير احمد به منهنجي معمولات زندگي کان بي خبر نه هو. شايد هن معاملي ۾ ٻئي هڪ جهڙو سوچيندا هئا ته منهنجي داخلا فارم ڀرجڻ ۾ پس و

پيش چو پئي ٿئي. بس مون کي ايترو ياد آهي ته محمد يوسف منهنجو فارم ڀري مون کان صحيح ڪرائي هئي ۽ منهنجي سيڪنڊ ايئر ۾ داخلا ٿي وئي هئي پر ايترو به ياد اٿم ته ان قرض حسنه کي اڳتي هلي مون ادا ڪيو هو.

ياد نٿو اچيم ته تعليمي خرچ هئا يا ٻيو ڪو گهرو سنگين مسئلو، مون کي پئسن جي ضرورت پئي، دوستن سان ذڪر ڪيم، پئسن جي بندوبست اڳيان ڪجهه رنڊڪون درپيش هيون. ان معاملي ۾ سوچ ويچار کان پوءِ محمد يوسف ان جو هڪ حل ڳولي لڌو ته پئسا قرض حسنه طور جماعت اسلامي جي رڪن عبدالمجيد شيخ کان حاصل ڪجن. مون چيو ته عبدالمجيد صاحب جي مون سان ته ڪا ڏيڻ ويٺ آهي ڪونه تنهن ڪري هو مون کي ڪهڙي بنياد تي قرض حسنه ڏيندو؟ محمد يوسف چيو اهو منهنجو ڪم آهي ته مان هن کي تنهنجي لاءِ خاطري ۽ ضمانت ڏيان. ياد ناهي ته مسئلي جو حل ڪيئن نڪتو، بهرحال ايترو ياد آهي ته دوست منهنجي زندگي ۾ ايندڙ مڙني ڏکيائين وقت نه رڳو فڪرمند هوندو هو پر انهن جي حل لاءِ به هما وقت تيار هوندو هو. زندگي جي ڏکي سفر ۾ اسان جي هڪ ٻئي سان محبت ۽ ساٿ رهيو آهي.

محمد يوسف جڏهن فوج ۾ سيڪنڊ ليفٽيننٽ ٿي ويو هو، تڏهن به اسان جي وچ ۾ قرب، محبت ۽ دوستي جا ڳانڊاپا قائم رهيا. ڪيپٽن ٿيو ۽ سندس حيدرآباد ۾ تعيناتي ٿيس ته مان انهن ڏينهن ڳوٺان ڪهي وجي وٽس ڀيرو ڪري ايندو هئس. دراصل بشير احمد شاد ۽ محمد يوسف سان منهنجو پيار ۽ محبت جو روحاني رشتو قائم ٿي ويو هو. ٻنهي سان ڪچهري ڪرڻ ۽ دل جو حال احوال اورڻ ۾ عجيب سرور ۽ راحت ملندي هئي. اڪثر ٻنهي کان ڀري ٿيڻ ڏکيو ٿي پوندو هو. گريجيوئيشن ڪرڻ کان پوءِ اسان پنهجي استعداد موجب شعوري منزلون پئي طئي ڪيونسين. محمد يوسف ڪنهن لحاظ کان اسان ٻنهي کان وڌيڪ سمجهه ۽ شعور

وارو هوندو هو. منهنجي ليول ته انهن ٻنهي دوستن کان ڪوهين هيٺ هوندي هئي.

محمد يوسف ڪاليج ۾ هو ته بهترين مقرر هو، اسٽيج روسٽرم ۽ ماڻهن جا اجتماع ۽ انهن سان خطابت هن جي ڏائي هٿ جو کيل هوندو هو. سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهڻ ويو ته اتي به هن جو شمار يونيورسٽي جي ذهين شاگردن ۾ ٿيندو هو. ان ڏس ۾ بشير احمد شاد به هن سان ڪلهي ۾ ڪلهو ملائي هلندو هو. ان ۾ به ساڳيون صلاحيتون موجود هيون. هو اڪثر ڪاليج جي اسٽيج تي براجمان رهندا هئا. ڪاليج ۾ تقريري مقابلا، ڊراما، فوٽوگرافي جون نمائشون، موسيقي، ڳائڻ وڄائڻ، شعر بازي فينسي شو مطلب ته پڙهائي کان سواءِ جيڪي واڌو نصابي سرگرميون ڪاليج ۾ ٿينديون هيون تن ۾ هي ٻئي دوست هما وقت پنهنجو پنهنجو ڪردار نڀائيندا رهندا هئا. مون اڳ ۾ عرض ڪيو ته مان لکڻ پڙهڻ جي ليول ۾ ڪانئن گهڻو هيٺ هوندو هئس پر ڪاليج ۾ ٿيندڙ مڙني سرگرمين ۾ حصي وٺڻ لاءِ ڪوشش ڪندو هئس ۽ ان سلسلي ۾ به مونسان دوست جو ساٿ رهندو هو ۽ انهن جي ڪوشش جو نتيجو هو ته مون ڪاليج جي اسٽيج تي ڊرامن ۾ پارٽ ادا ڪيا. ٻنهي سان گڏجي موسيقي جي پروگرامن ۾ شموليت ڪئي. فينسي ڊريس پروگرامن ۾ پرفارمنس ڏني، ڪاليج ميگزين ۾ حصو وٺي سگهيس. ان سلسلي ۾ جيڪڏهن انهن دوستن جو ساٿ نه هجي ها ته مان ڪاليج ۾ پڙهائي توڙي ٻين سرگرمين ۾ ڪنهن پر هڪڙو قدم به اڳتي وڌي نه سگهان ها.

محمد يوسف ۽ شيخ بشير احمد منهنجي دوستيءَ جا رومانٽڪ پهلو ايئن هئا ته اسان گهمڻ ڦرڻ ۽ وندر لاءِ فطرتي ماحول کي اوليت ڏيندا هئاسين. گهاڙ واهه جا ڪنارا، رائيس ڪئنال جي باغ ۽ پاسن جا نظارا، لاڙڪاڻي جي جناح باغ ۽ گيان باغ جي گلن ۽ ساوڪ جا منظر اسان کي سٺا لڳندا هئا، جن کي ڏسڻ لاءِ اسين

اڪثر اتي ويندا رهندا هئاسين، مون کي ڪڏهن ڪڏهن اوڌر سوڌر جي ڪيميرا هٿ ايندي هئي ته انهن باغ جي سهڻن هنڌن ۽ گهاڙ واهه جي ڪنارن جون تصويرون ڪڍندو هئس، باقي محمد يوسف ۽ بشير احمد وٽ پنهنجون پنهنجون ڪئميرائون هونديون هيون. محمد يوسف وٽ مشهور جاپاني بهترين ياشيڪا ڪئميرا هئي، پنهنجي ڪئميرا جي ليول کان مٿي کو رزلٽ ڪپندو هئس ته محمد يوسف ۽ بشير احمد شاد سنڌ فوٽو اسٽوڊيو جي ماهر فوٽوگرافر محمد اڪرام کان بهترين لينسز وارا ڪئميرا مسواڙ تي وٺي ايندا هئا، جنهن سان هو دوست نيچرل ماحول وارين جاين تي گروپ فوٽ ناهيندا هئا. جڏهن ڪاليج ۾ فوٽوگرافي جي مقابلن جي نمائش لڳندي هئي ته فوٽوگرافرس کي انعام ۽ ايوارڊ ملندا هئا، محمد يوسف کي انٽر آرٽس گروپ ۾ فوٽو گرافي جي مقابلي ۾ پهريون نمبر انعام مليو هو. اسان ٽن دوستن کان سواءِ اسان جي دوستن جو حلقو وسيع هوندو هو. اسان جي سنگت جي ان وسيع حلقي جو اڳواڻ رهبر ۽ رهنما اسان سيني جو اسڪول ٽيچر غلام الله شيخ هوندو هو. انٽر ميڊيئيٽ ۽ گريجوئيشن واري زماني ۾ اسان دوستن جي شام جو جناح باغ ۾ روزانون ڪچهري لڳندي هئي.

دراصل جناح باغ واريون ڪچهريون ۽ محفلون هڪ لحاظ کان اسان جو تربيت گاهه هوندو هو، جنهن ۾ اسان جي تعليمي، سماجي ۽ علمي ادبي تربيت ٿيندي هئي پر ان سان گڏوگڏ انهن ڪچهرين ۾ مالي، معاشي ۽ زندگيءَ ۾ پيش ايندڙ مسئلن تي غور ڪري انهن جو حل پڻ ڳوليو ويندو هو. انهن ڏينهن ۾ جناح باغ ۾ اسان هڪ مطالعاتي اداري جو بنياد رکيو هيوسين جنهن جو نالو سنڌي سڄڻ سٿ هو جيڪو بعد ۾ سنڌ اسٽڊي سرڪل ۾ تبديل ٿي ويو. هن تنظيم جي تشڪيل سائين غلام الله شيخ، محمد يوسف شيخ ۽ بشير احمد شاد ڏني هئي پر ان اداري جو دائريڪار

رڳو سنڌي سڄڻن سڻ جي دوستن تائين محدود هوندو هو. تنهن ڪري ان جو ڪمڪار، ڳڏجاڻيون ۽ استفادو بہ جناح باغ جي حدن تائين محدود هوندو هو.

استڊي سرڪل ۾ مختلف علمي ادبي ۽ تعليمي موضوعن تي تقريرون ۽ مذاڪرا پڻ منعقد ٿيندا هئا، جن جي ذريعي اسان جي تعليمي ۽ سماجي شعور ۾ اضافو ٿيندو رهندو هو. جن دوستن کي ڪتابن جي خريد ڪرڻ جي سگهہ نہ هوندي هئي تن کي دوستن جي حلقي مان گهربل نصابي ڪتاب سهنجائيءَ سان ميسر ٿي ويندا هئا. استڊي سرڪل جو وڏي ۾ وڏو فائدو اهو ٿيو تہ اسان جي ڏهن پندرهن دوستن جي گروپ استڊي جناح باغ ۾ ان وقت تائين جاري رهي جيستائين گروپ جي سمورن دوستن ماسٽرس جون ڊگريون حاصل نہ ڪيون. ڪنهن وقت استڊي سرڪل جي مڙني دوستن جي بينڪ مسٽر محمد خان شيخ صحافي ايڊيٽر پاڪستان لاڙڪاڻو جي آفيس ٽائون هال ۾ قديم ميونسپل لائبريري لاڙڪاڻي واري روم ۾ ٿيڻ لڳيون هيون، جنهن ۾ محمد خان شيخ بہ تقريبن سرڪل جو همدرد ميمبر بڻجي چڪو هو ۽ دل و جان سان اسان جي هن سوشل سرڪل جي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺندو هو. انهن سوشل پروگرامن ۾ اسان جا ڳائڻ وڄائڻ، ڪل ٻوڳ ۽ کاڌي پيتي جا شغل پڻ هلندا رهندا هئا، جن جا خرچ ڳڏيل طور مڙئي دوست ڳڏجي ڪندا هئا پوءِ بہ ميجر شيئرز سائين غلام الله، محمد يوسف ۽ بشير احمد شاد ڪندا هئا، ڇاڪاڻ جو انتظامي معاملن جون ذميواريون اهي دوست نڀائيندا هئا.

محمد يوسف بي اي آنرس ۽ پوسٽ گريجوئيشن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪئي، تنهن بعد هو حيدرآ باد لطيف آباد غزالي ڪاليج ۾ اڪنامڪس جو ليڪچرار مقرر ٿيو. هن جي وڃڻ کان پوءِ مون کي، بشير احمد شاد ۽ سڻ جي ٻين دوستن کي مزو ئي نہ ايندو هو، ڇاڪاڻ جو هن سان ملڻ جي اڪير رهندي هئي. هڪ

پيري بشير احمد ۾ مان ڪيس خط ذريعي اطلاع ڏئي ملاقات لاءِ حيدرآباد لطيف آباد وڃي نڪتاسين، جتي هو پنهنجي دوست عنايت الله ميمڻ جي بنگلي تي رهندو هو. لطيف آباد ۾ ٻه ٽي ڏينهن اسان جون خوب ڪچهريون ٿيون ۽ اسان پنهنجون سڪون لاهي گهر موٽي آياسين.

هڪ پيري ٽيڪسٽائل ملز ۾ ٽريڊ يونين ازم جي قائم ڪرڻ جي پاداس ۾ مون کي نوڪري مان جواب مليو. ان زماني ۾ هڪ انشورنس ڪمپني ۾ مون کي نوڪريءَ جي آفر ٿي، جنهن ۾ ڪجهه ٽريننگ سان گڏ ڪجهه ريگيولر انسينٽوز ملڻا هئا. اسان جي ٽريننگ جو سينٽر حيدرآباد هو ۽ مان ڏاڍو خوش ٿيو هئس ته حيدرآباد ۾ دوستن سان ملاقاتون ۽ ڪچهريون ٿينديون. ڪمپني جوائن ڪرڻ واري تاريخ کان هڪ ڏينهن اڳ مان محمد يوسف وٽ حيدرآباد لطيف آباد پهچي ويس. دوست سان ميل ملاقات ٿي، ٻئي ڏينهن مون تلڪ چاڙهي تي انشورنس ڪمپني جي آفيس جوائن ڪئي.

پندرنهن ڏينهن کن جو تربيتي شيڊيول رکيل هو. محمد يوسف چاڪاڻ جو پنهنجي دوست ۽ ڪلاس فيلو جي گهر ۾ رهندڙ هو تنهن ڪري منهنجي 15 ڏينهن جي رهائش جو بندوبست هن پنهنجي ڪاليج جي هاسٽل لطيف آباد نمبر ڇهين ۾ ڪيائين، جتي ميس کان سواءِ هر قسم جون سهولتون ميسر هيون. پاڻ اڪثر شام جو ملندا هئاسين.

هو مون کي پنهنجن دوستن پروفيسرز ۽ عالمن، اديبن سان ملاقاتون ڪرائيندو هو. شام جي چانهن مسٽر عنايت الله ميمڻ جي بنگلي تي پيئندا هئاسين. 15 ڏينهن پنهنجي منڙي دوست سان ڏاڍيون روح رهاڻيون ڪري ڳوٺ موٽي آيس.

محمد يوسف شيخ سان سنڌ جي مصروف شهر ڪراچي ۾ تقريبن گڏ رهڻ، گهمڻ ڦرڻ ۽ روح رهاڻين جا گهڻا ئي موقعا مليا.

رب جي فضل و ڪرم سان هاڻي به اسان جون محفلون ۽ ملاقاتون ٿينديون رهنديون آهن. محمد يوسف ڪراچي ۾ رهائش دوران هڪ پيرو چنيوٽ اسلاميه پبلڪ اسڪول جو پرنسيپال ۽ پراجيڪٽ ڊائريڪٽر مقرر ٿيو ته هو، منهنجي گهر جي ويجهو اچي رهيو هو، پاڻ اڪيلو رهندو هو تنهن ڪري اسان جون رهاڻيون هر وقت ٿينديون رهنديون هيون. هفتي ۾ هڪ اڌ ڀيرو ته آئون وٽس رات جو ٽڪي به پوندو هئس.

پروفيسر مولا بخش پٽو به ان وقت جامعه مليه ملير ڪاليج جي هاسٽل ۾ رهندو هو ۽ ويڪ اينڊ تي محمد يوسف جي فليٽ تي ايندو هو، جنهن ڏينهن هو ايندو هو ته ان سڄي رات اسان جا نڙا نشا ۽ ڪچهري جاري رهندي هئي.

**

پروفيسر حسن اڪبر ڪمال

1979-1980ع وارن ڏينهن ۾ مان مين انچولي روڊ فيڊرل بي ايريا تي رهندو هئس، گهر جي سامهون روڊ پار واري گهٽيءَ ۾ انگريزيءَ جي پروفيسر حسن اڪبر ڪمال جو گهر هو، جنهن ۾ هو پنهنجي والدين ۽ ٻارن ٻچن سان گڏ رهندو هو، مان ڪيس استاد ۽ هڪ معروف شاعر جي حيثيت سان ڄاڻندو سڃاڻندو هئس. ڪڏهن ڪڏهن مان هن کي مين روڊ تي دوائن جي دڪان تي، ڪڏهن ڪواليٽي بيڪري تي ته ڪڏهن پان ٻيڙي واري ماندلي تي پان ٺهرائيندي ڏسندو هئس.

هو پان وات ۾ وجهي جڏهن آهستي آهستي گهر ڏانهن روانو ٿيندو هو ته ويجهي کان ڏسڻ لاءِ هرو ڀرو به مان هن جي ويجهو ويندو هئس، جڏهن هو پرمان لانگهائو ٿيندو هو ته پنهنجي پويان خوشبوءِ جون لهرون ڇڏيندو ويندو هو. هن جو سهڻو ڏانءُ، سهڻي چال ۽ خوشبو هن جي هڪ سڃاڻپ هئي. 1980ع جي بهار وارن ڏينهن ۾ منهنجي بدلي لياري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج کان گورنمينٽ دهلي ڪاليج ۾ ٿي، پهرين ڏينهن صبح جو سوير جڏهن مان اسٽاف روم ۾ وڃي ڪرسي تي وينس ته منهنجي نظر آخري ڪرسي تي وينل هن نوجوان تي پئي، هو ان وقت ڪنهن ڪتاب جو مطالعو ڪري رهيو هو، منهنجي ويهڻ جو جڏهن هن کڙڪو محسوس ڪيو تڏهن چهري تي لڳل چشمو ٿورڙو هيٺ ڪندي مون تي طائرانه نظر وجهندي وري پنهنجي ڪم کي لڳي ويو. ٻن ڏينهن اندر جڏهن اسان جو هڪ ٻئي سان ڪلي تعارف ٿيو ۽ هن کي جڏهن اها خبر پئي ته مان سکر ڄائو آهيان ته هي خوشبو ۾ ويڙهيل خوبرو جوان حسن اڪبر ڪمال پاٻوهه واري جذي سان منهنجي اجا ويجهو ٿيو.

پروفيسر حسن اڪبر ورهاڱي کان اڳ فيبروريءَ جي مهيني جي 14 تاريخ 1947ع تي پيدا ٿيو هو، سندس والد محترم ميان اڪبر ان وقت ريلوائي کاتي ۾ ملازم هو. پاڪستان اچڻ وقت پنجاب ۾ سندس ساڳي کاتي ۾ تقرري ٿيس. ملتان ڊويزن ۾ جڏهن هن جي پوسٽنگ ٿي تڏهن هن پنهنجي پٽ حسن کي پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو. حسن اڪبر ميٽرڪ جو امتحان ملتان شريف مان ڏنو. جڏهن ميان اڪبر جي سکر ريلوي ڊويزن ۾ بدلي ٿي ته حسن اڪبر اتان اسلاميه ڪاليج سکر مان گريجوايشن ۽ انگريزي ۾ ماسٽرس تائين تعليم حاصل ڪئي. هي اسڪول ۽ ڪاليج جي زماني کان ئي شاعري ڏانهن نه رڳو رغبت رکندو هو پر پنهنجي اندر جو اظهار به خوش اصلوبيءَ سان ۽ سهڻي نموني ڪندو هو. 1964 ۽ 1987ع واري ڏهاڪي ۾ سکر ۾ اردو مشاعرا ۽ شعري نشستون منعقد ٿينديون هيون، ان زماني ۾ نامر ڪنيا سنڌي ۽ اردو زبان جا عالم، اديب، شاعر ۽ مفڪر سکر جي ادبي ميدان ۾ پنهنجي ڏات ۽ صلاحيتن جو اظهار پيا ڪندا هئا. حسن اڪبر به سکر جي ان علمي ادبي فضائن ۾ ”ڪمال“ جي تخلص سان پنهنجو پرواز اونچو رکيو، جنهن جو ساکي هن جو پهريون شعري مجموعو ”سخن“ آهي، جيڪو 1969ع ۾ شايع ٿيو هو. اٽڪل اهو ئي زمانو هو جڏهن هو ڪراچي آيو هو ۽ انگريزي جي استاد جي حيثيت سان هن ڪريم آباد ڪراچي ۾ دهلي ڪاليج کي جوائن ڪيو، جڏهن سنڌ حڪومت پرائيويٽ ڪاليجن کي نيشنلائيز ڪري گورنمينٽ جي انتظام هيٺ آندو، تڏهن انهن ڪاليجن جي استادن کي هڪ نئون ڪيڊر ڏيندي باقاعدي گورنمينٽ جي ملازمن ۾ شمار ڪيو ويو.

ڪاليج ۾ ٿيندڙ سرگرمين خاص ڪري علمي ادبي محفلن ۽ مشاعرن جي انعقاد ۽ انتظام جي موقعي تي گڏ هجڻ ڪري اسان هڪ ٻئي جي وڌيڪ ويجها اچي وياسين، هتي اچي مون کي اها به

ڄاڻ ملي ته اردو ادب جي حوالي سان حسن اڪبر ڪمال جو شمار پاڪستان جي وڏن شاعرن ۾ ٿئي ٿو. اڳتي هلي جيئن جيئن حسن اڪبر ڪمال جي شخصي خوبين ۽ خصلتن جو مون کي مشاهدو ٿيندو ويو ته مان هن جو اڳ کان وڌيڪ عزت ۽ احترام ڪرڻ لڳس، هو حسن سلوڪ، اعليٰ اقدار ۽ سهڻين روايتن جو امين هو. انهن خوبين جي ڪري حسن اڪبر ڪمال هر ڪنهن سان ادب محبت ۽ خلوص سان پيش ايندو هو، ڪاليج جي ننڍي وڏي سان به سهڻو سلوڪ رکندو هو، آفيس اسٽاف ۽ ان کان به هيٺئين اسٽاف سان سندس رويو اجا وڌيڪ نرم ۽ همدرداڻو هوندو هو. منهنجي نظر ۾ ڪاليج ۾ حسن اڪبر واحد شخص هو جيڪو انهن جو هر طرح سان خيال رکندو هو ۽ انهن جي شادين، وهانئن ۽ خوشين ۾ شرڪت ڪرڻ سان گڏ انهن جون مالي ضرورتون به پوريون ڪندو هو، هن جي اهڙين سهڻين خاصين جي مون کي ڄاڻ ان ڪري آهي جو آئون ساڻس اهڙن موقعن ۽ مهل تي گڏ هوندو هئس، هن مڙس مٽير جون ڪيتريون خوبيون بيان ڪجن، منهنجي ڄاڻ موجب هو وڏو سخي دل ماڻهو هو. 26 سال ساڻس منهنجو ساٿ رهيو، مون ڪٿي به ڪنهن به مهل هن کي ڪنهن فقير يا گهرجائوءَ کي موٽائيندي نه ڏٺو. گاڏي جي هڪ ٽري ۾ هميشه کليل پئسا رکندو هو ته جيئن فقيرن ۽ سگنل تي بيٺل پينن کي جلد ڪجهه ڏئي سگهي.

هڪ استاد جي حيثيت سان هن جو شمار ڪراچيءَ جي پلوڙ ۽ نامر ڪنين استادن ۾ ٿيندو هو، شروع ۾ ڪاليج کان ٻاهر ٽيوشن پڙهائڻ جو قائل نه هو، پنهنجي ڪلاس جي شاگردن کي چوندو هو ته ڌيان ڏئي ڪلاس ۾ سبق ٻڌڻ جي ڪوشش ڪندا ڪريو، جي توهان ڪلاس ۾ مڪمل ڌيان سان حاضر هوندا ۽ پنهنجي استادن کي به ڌيان سان ٻڌندا ته پوءِ توهان کي ٽيوشن پڙهڻ جي ضرورت ڪانه پوندي. چيپٽر پوري ٿيڻ کان پوءِ شاگردن ۾ چيپٽر متعلق

محنت سان تيار ڪيل نوٽس ورهائيندو هو. گورنمينٽ دهلي ڪاليج ۾ بين مضمونن کي پڙهائڻ وارا استاد به ساڳي سطح جا هئا، اهوئي سبب هو جو ڪراچي بورڊ ۾ دهلي ڪاليج جا شاگرد اول پوزيشن کٽندا هئا. ڪجهه عرصي کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ دهلي ڪاليج، ڊي جي ڪاليج ۽ آدم جي، ڪاليج جي وچ ۾ سائنس جي مضمونن ۾ پوزيشن آڻن جي چٽاڀيٽي وارو ماحول پيدا ٿيو ۽ اهي ڪاليج به پنهنجي پوزيشن بهتر ڪري ڪراچي بورڊ ۾ پوزيشنون آڻڻ لڳا. انهن ڏينهن ۾ ڪراچي ۾ جاڏي ڪاڏي ڪاليج کان ٻاهر ٽيوشن سينٽر قائم ٿي ويا هئا پر ڪراچي ۾ انگريزي پڙهائڻ ۾ حسن اڪبر ڪمال جو ڏاڪو وينل هو، سو آدم جي ڪاليج ۽ ڊي جي ڪاليج جا شاگرد حسن اڪبر کان انگريزي مضمون جي ٽيوشن اچي پڙهندا هئا.

مان به تعليم جي شعبي ۾ دهلي اسڪول ۽ دهلي ڪاليج جون هاڪون ٻڌي پنهنجي پٽن کي پهريون دهلي اسڪول ۾ نائين ۽ ڏهين جماعت پڙهڻ لاءِ ويهاريو پر اسڪول ۽ ڪلاس ۾ گهٽي پيهه هجڻ ڪري منهنجي ٻارن جا نتيجا منهنجي مطلب سارو نه نڪتا. تنهن ڪري انهن کي اتان ڪڍي مون ڪين پاڙي جي وائيٽ هائوس گرامر اسڪول ۾ داخل ڪرايو، جتي هنن پنهنجي پوزيشنون مستحڪم ڪيون ۽ ميٽرڪ جي امتحانن ۾ ايترا نمبر ڪنيائون جو تعليم کاتي جي ڪيپ پاليسي هيٺ انهن جي داخلا ڪراچي جي اي ون ڪاليج دهلي ۾ ٿي وئي، تمام مضمونن جي يلوڙ استادن جي نگرانيءَ سان گڏ حسن اڪبر جي خصوصي ڌيان سان هنن ايترين ڪاميابيون ماڻيون جو ٻارن جي سرخرو ٿيڻ سان گڏ اسان والدين به سرخرو رهياسين. انهن ڏينهن ۾ ڳري في جي عيوض هڪ هڪ مضمون پڙهايو ويندو هو. حسن اڪبر ۽ ڪجهه ٻين استادن ٻارن کي ٽيوش ڏني پر مون کان ڪا فيس نه ورتن.

ڪاليج ۾ رهندي حسن اڪبر ڪمال ۽ مان نظرياتي طور ٻه هڪ ٻئي جي گھڻو ويجھو اچي ويا هئاسين، تنهن ڪري ڪاليج کان ٻاهر هو جن علمي، ادبي ادارن، انجمنن ۽ رائيٽرس گلڊ جي سرگرمين ۾ مصروف ۽ شامل رهندو هو، ڪوشش ڪري تن ۾ مون کي به شامل ٿيڻ جي آڇ ڪندو هو، حسن اڪبر ڪمال مون ۾ جيڪي اميدون رکندو هو مان به انهن جي پورائي ۾ پوئتي نه هٽندو هئس. خدا ڄاڻي هو ڇو ايئن سمجھندو هو ته آئون ڪجھه خاص صلاحيتن جو مالڪ آهيان، تنهن ڪري هن سان گڏجي ڪِن اردو ادب ۽ ٻولي جي ادارن ۾ شامل ٿي ڪو ڪم ڪريان. منهنجي تربيت، سکيا ۽ اعتماد وڌائڻ لاءِ هو ڪوششن ۾ رهندو هو، تنهن ڪري مون کي پاڻ سان پي ٽي وي جي پنهنجي نغمن جي ڌنڌن جي ڪمپوزنگ وارن پروگرامن، مشاعرن ۽ ٻين ادبي محفلن ۾ شامل ڪندو رهندو هو.

حسن اڪبر جيترو مصروف پنهنجي پروفيشن ۽ پنهنجن ٻچڙن کي بهتر کان بهتر تعليم ڏيارڻ ۾ رهندو هو اوترو پنهنجي ادبي تخليقن جيڪي نظم، نثر ۽ ترجمي سان تعلق رکنديون هيون تن ۾ مصروف رهندو هو. شاعري ۾ حسن اڪبر ڪمال جو جيڪو ٻيو مجموعو ادب جي آسمانن تي آيو اهو هو ”خزاں میرا موسم“ جنهن پوري پاڪستان ۾ نه رڳو هن جي شهرت کي چمڪايو پر ان شعري مجموعي هن جي ادبي قد ڪاٺ کي پڻ وڌايو. سندس هن ڪلام جي مجموعي کي ادب لاءِ رکيل آدم جي ايوارڊ سان نوازيو ويو هو، ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هو هڪ ڏاهو، مردم شناس ۽ مزاج شناس ماڻهو هو. وڏي ڳالهه اها ته هو الله سائين جي تخليق انسان، پکين، پکڻن، پوپٽن، ٽانڊاڻن ۽ قدرت جي حسين نظارن سان تمام گھڻو پيار ڪندو هو، تنهن ڪري سندس فڪري ۽ نظري تخليق واري ذات مان سهڻا شعر نهي ميدان ادب تي ايندا هئا، جنهن سبب هن جي هر پاسي واهه واهه ٿي ويندي هئي. ڳالهه نڪتي آهي حسن

اڪبر ڪمال جي تخليقي هنر ۽ شاعري جي ته مون کي لڳي ٿو ته ڪاليج جي هن مصروف ترين استاد جي جيڪو عملي ۽ تخليقي طور جهد مسلسل ۾ رهندو هو، سو منهنجي عملي مشاهدي موجب پنهنجي گهرو ۽ سماجي زندگيءَ ۾ به گهڻو مستعد رهندو هو. هڪ ڪليگ ۽ پاڙيسري هجڻ ڪري اسان جا تعلقات ضرور وڌيا هئا پر اهي تعلقات احترام، محبت ۽ اعتماد جي سرحدن ۾ رهي آهستي آهستي پروان چڙهيا هئا. هتي آئون سندس هڪ خوبي جو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان ته هن کي پنهنجي ٻارن سان گڏ ٻين جي ٻارن سان به انس ۽ محبت هوندي هئي، هو جڏهن به منهنجي گهر ايندو هو تڏهن هڪ شاپر هٿ ۾ ضرور کنيو ايندو هو، جنهن ۾ منهنجي پنجن ئي ٻارن لاءِ الڳ الڳ پيڪ ٿيل شيون هونديون هيون، هو اهو محبت ڀريو عمل پنهنجي رٽائرمينٽ کان پوءِ به جاري رکيو آيو.

سماجي زندگيءَ جي لحاظ کان حسن اڪبر ڪمال ۾ هڪ وڏي خوبي اها هئي ته هو شاعر هو پر تنهائي پسند ڪو نه هو، آئون سندس والد ميان اڪبر صاحب ۽ سندس والده جي دعائن کان فيضياب رهيو هئس. علم، ادب، فن ۽ تهذيب و ثقافت واري شهر شاهجهان پور سان هنن جو تعلق هو تنهن ڪري عملي طور تي هو مون کي پنهنجي شهر جي شرافت ۽ رويي جا امين لڳندا هئا. مان ٻنهي ڀلي انسانن جي وفات بعد دعائن واري مجلس ۾ شريڪ رهيس، منهنجي نظر ۾ بزرگن کي هنن جي زندگيءَ جي آخري سفر ۾ ڪلهو ڏئي منزل تي پهچائڻ به هڪ وڏي سعادت آهي.

هن جي والدين جي وفات کان پوءِ اسان ٻنهي جي دوستن جا گهرو طور لاڳاپا گهڻو مضبوط ٿيا. علم، ادب ۽ شعر و شاعري هڪ پاسي اسان سماجي طور پاڻ ۾ وياسي اڳتي وڌندا. جيتوڻيڪ هن جو ڪيليبر مون کان گهڻو مٿانهون هو پر هن ان پاسي ڪڏهن نه سوچيو ۽ نه ڪڏهن مون کي اهڙو ڪو احساس ڏياريو، هو انهن

ڳالهين کان متاثر هوندا هو، مان مٿي لکي آيو آهيان ته هو اڪيلائي پسند نه هوندو هو. انچولي سوسائٽي ۾ رهڻ وارن ڏينهن ۾ شام جو ڇهين وڳي گهران نڪري مون وٽ ايندو هو. ڪيس ويهڻ ۽ چانهن جو پڇندو هئس ته چوندو هو ٻاهر ٿا هلي پيون، اسان اڪثر يوسف پلازا ۾ راجا صاحب واري ريسٽورينٽ تي وڃي سيپريٽ چانهن، ڪڏهن چڪن تڪا ته ڪڏهن ڪيڪ بسڪيٽ نوش ڪندا هئاسين. اهڙي طرح ڪلاڪ ٻه ڪچهري ڪري گهر روانا ٿيندا هئاسين.

اردوءَ جي ماهوار رسالي "سيپ" جي ايڊيٽر نسيم احمد دراني جي آفيس ۽ ان جو گهر واٽر پمپ ڪان ٿورو پنڌ بلاڪ سورهين ۾ هئا، هو حسن اڪبر ڪمال جو گهاٽو دوست به هو ۽ سندس شعري مجموعي "*خزاں میرا موسم*" "*خوشبو جیسی بات کرو*" مضمونن ۽ ادب تنقيد تي مشتمل ڪتاب "*کمال کے مضامین*" جو ناشر به هو، تنهن وٽ ڪڏهن ڪڏهن وڃي چانهن چُڪو پيئندا ۽ محفلون ڪندا هئاسين. حسن اڪبر ڪمال جي ادبي حلقي جي دوستن يا سينيئر عالمن ۽ شاعرن جو جن جو هو نيازمند هو تن جو تعداد اڻ ڳڻيو هو، محترم جميل الدين عالي، پروفيسر فرمان علي فتحپوري، پروفيسر سحر انصاري، محترم سرشار صديقي، محترم اميد فاضلي، محترم امرائو طارق، مسٽر جليل هاشمي، پروفيسر سعيد نقوي، محترم تاجدار عادل، محترمه ادا جعفري، پروفيسر نسيم نيشو فوز، پروفيسر قيصر امام گيلاني، پروفيسر نعيم علي گوهر، جناب رضي حيدر، پروفيسر مختارالدين، پروفيسر رئيس فاطمه، پروفيسر حسن فاطمه ۽ فن موسيقي سان لاڳاپيل موسيقارن ۽ اهڙيءَ طرح پي ٽي وي جي ڊراما پروڊيوسرن ۽ تعليمي ميدان جي دوستن جو ذڪر ڪرڻ سان هڪ وڏي فهرست جڙي پوندي، جنهن کي درج ڪرڻ مضمون جي تقاضا کان ٻاهر ليکبو.

پنهنجي هن عزيز دوست سان پاڪستان رائيٽرس گلڊ ۾ به منهنجو ساٿ گڏ وڃڻ ٿيندو هو.

1980ع واري ڍاڪي ۾ هن دوست جي مرضي هئي ته هو مون کي رائيٽرز گلڊ ۾ آڻي. ان ڏس ۾ هن پنهنجي گلڊ وارن دوستن ۽ انتظاميه سان منهنجي ڏيٺ ويٺ ڪرائي، جن مون کي رائيٽرز گلڊ جي ميمبر شپ لاءِ مناسب سمجهندي ڪم کي پروسيس ۾ آندو. ساڳئي سال گلڊ جي ميمبرن ۽ ان ۾ شامل سنڌي ٻوليءَ جي اديبن پروفيسر اياز حسين قادري، پروفيسر نواز علي شوق ۽ پروفيسر فهميده ميمڻ جي صلاح سان مون کي پاڪستان رائيٽرز گلڊ جي انتظاميه ۾ بحيثيت فئنانس سيڪريٽري جي چونڊرايو. هن عهدي تي آئون 1990ع واري ڍاڪي جي پوئين اڌ ۾ پنهنجي پي ايچ ڊي جي موضوع تي سنجيدگيءَ سان ڪم ڪرڻ جي غرض خاطر الوداع چيو. حسن اڪبر ڪمال جي صحبت ۽ محبت ۾ رهندي منهنجا لاڳاپا ۽ دوستيون ۽ نيازمنديون پاڪستان جي مجيل شاعرن ۽ اديبن سان ٿيون.

حسن اڪبر ڪمال ۽ مٿي ذڪر ڪيل دوستن جي هڪ وڏي حلقي ۾ سرگرمين جي لحاظ کان اسان جا به ٽي حلقا هئا جيڪي پنهنجي جداگانه حيثيت سان پنهنجا تعلقات نڀائيندا هئا. ڪاليج واري حلقي جي دوستن ۾ اردو جو پروفيسر قيصر امام گيلاني، انگريزي جو پروفيسر نسيم نيشو فوز ۽ مان سنڌيءَ جو استاد شامل هئاسين. اسان جو هي حلقو پنهنجي پڙهائڻ جي ڪمن ۾ ته يگانو هو پر ڪاڏي پيتي جي شوق ۾ پنهنجي صحت کي نقصان پهچائڻ ۾ ڪاليج جي ٻين دوستن کان گهڻو اڳتي نڪتل هو. مهيني جي پهرين هفتي ۾ ڪراچي جي صدر، طارق روڊ، ڊي ايچ اي يا ڪلفٽن جي ڪنهن مشهور هوٽل يا ريسٽورانٽ تي وڃي ماني کائيندا هئاسين.

مانيءَ سان گڏ ڪيرٽين، ڪسٽرڊ ۽ آئيس ڪريم جو مزو الڳ وٺي گهر موٽندا هئاسين. جن ڏينهن ۾ محترم نسيم دراني ايڊيٽر، رسالو سيپ ۽ رسالو الفاظ ڪراچي ۾ پاڪستان گلڊ جو سيڪريٽري هو تن ڏينهن ۾ گلڊ جو دفتر منهنجي گهر لڳ گهٽيءَ ۾ بلاڪ سترهين فيڊرل بي ايريا ۾ هو. روڊ پار حسن اڪبر به رهندو هو تنهن ڪري اسان گلڊ جي دفتري ۽ شام جو لڳندڙ چوياري جي ادبي سرگرمين ۾ سهنجائيءَ سان شريڪ ٿي سگهندا هئاسين. مان گلڊ جي خزانچي هجڻ جي ناطي پاڻ وٽ پيٽي ڪيش رکڻ جو حامل هئس. شام واري بينڪ ۾ جيڪي اديب، دوست يا مهمان ايندا هئا تن جي بسڪيٽ، سموسي ۽ چانهن جو بندوبست به ازراهِ ڪرتسي مان ڪندو هئس. آفيس جي صفائي ۽ هيٺين ڪمن لاءِ هڪ پٽيوالو رکيل هو، جيڪو چانهن تيار ڪندو هو ۽ شرڪاءَ مجلس کي سروس به ڏيندو هو. وري جڏهن متحرم امرائو طارق سيڪريٽري ٿيو ته به منهنجو اهو ڪم جاري رهيو، تنهن بعد محترم سرشار صديقيءَ اختيار سنڀاليا تڏهن به آئون پنهنجا ساڳوٽا فرض ادا ڪندو رهيس.

حسن اڪبر ڪمال جڏهن پنهنجي سروس جا پنجويهه سال پورا ڪيا تڏهن انهن ڏينهن ۾ هن ڪاليج جي ڪجهه دوستن جي حلقي اثر هيٺ اچي حمد، نعت ۽ مدح ۽ منقبت لکڻ شروع ڪيا. سندس ان حلقي ۾ پروفيسر مختارالدين، پروفيسر سعيد نقوي، پروفيسر نعيم علي گوهر ۽ ٻيا شعر سان شغف رکندڙ احباب شامل هئا جيڪي پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري حمد و نعت جون محفلون سجائيندا هئا ۽ ڪاليج جي پليٽ فارم تان پڻ اهڙيون محفلون ۽ مجلسون سنواريندا هئا. ان حلقي جي سرگرمين حسن اڪبر ڪمال کي جيڪا سعادت بخشي تنهن جي نتيجي ۾ هن ٻيا شاعراڻا شوق ڇڏي حمد، نعت، مدح ۽ منقبت ڏانهن لاڙو رکيو. ان سلسلي ۾ هن جيڪي حمد ۽ نعت چيا تن تي مشتمل هڪ

مجموعو ”التجا“ نالي ڪتاب محترم نسيم دراني جي ترتيب ۽ ان جي اشاعتي اداري طرفان سن 2002ع ۾ ڇپيو. اسان جو هي پيارو ياءُ جڏهن حمد و نعت جي منتڙي دنيا ۾ آيو ته هن ٻي قسم جي شاعري ۽ ٽيليويزن لاءِ نغما ۽ غزل لکڻ گهٽ ڪري ڇڏيا ۽ آهستي آهستي جيئن هن عمر عزيز جي 60ع واري ڏاڪي ۾ پير پاتو ته پوءِ هو گهڻو تڻو رب سائين جو قرب حاصل ڪرڻ ۽ عشق نبيﷺ ۾ پنهنجو وقت ڪپائيندو رهيو. رٽائرمينٽ کان پوءِ جولاءِ 2011ع ۾ ايڊيٽر حافظ محمد نعمان جي ادارت هيٺ حسن اڪبر ڪمال جي هڪ خاص اشاعت جي روپ ۾ حمد ۽ نعمت جو ڪتاب نالي ”ارمغان حمد“ منظر عام تي آيو. هتي اهو چوندي ڪا هٻڪ نٿي ٿئي ته شعر ۽ ادب جي دنيا ۾ رهندي ۽ ملي نغمن ۽ ٽيليويزن تي حسن اڪبر ڪمال پنهنجي جيڪا حسن ڪارڪردگي ڏيکاري تنهن ڪي پاڪستان جي صف اول جي اديبن ۽ شاعرن ۾ آڻي بيهاريو.

ڪراچيءَ ۾ رهندي حسن اڪبر ۽ اردو ادب جي ٻين عالمن، اديبن ۽ تخليقڪارن جو مون تي ڪجهه نه ڪجهه اثر پوڻو هو. لياري ڪاليج ۾ پروفيسر عبدالله جاويد، پرنسپال ڪلب حيدر ۽ ڪن ٻين ڪاليج جي ڪليگس جي اثر هيٺ مون پنهنجي ڪيل پهرين ترجمي کي ڇپائڻ جي ڪوشش ۾ حسن اڪبر ڪمال جي دوست رضي حيدر سان قائداعظم اڪيڊمي ۾ وڃي مليس. ڪيس پنهنجو ڪم ڏيکاريم. جنهن مون کي اڪيڊميءَ جي ڊائريڪٽر پروفيسر مجاهد صاحب سان ملايو. خاطر مدارت کان پوءِ مجاهد صاحب ڏاڍي سهڻي انداز ۾ سمجهايو ته اڪيڊمي کي تنهنجي هن ڪتاب جي ڇاپڻ جي سلسلي ۾ رنڊڪ اها آهي ته ان ڪتاب جي ليکڪ هيڪٽر بوليٿو تي سرڪار پاران اعتراض واري پاليسي لاڳو ٿيل آهي.

هن مسڪرائيندي وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن توهان ترجمي جو ڪم ڪرڻ گهرو ٿا ته اسان وٽ ڪم آهي. مسٽر رضي حيدر سان

توهان وجو، هو توهان کي ڪم ڏيندو. هن اڪيڊميءَ ۾ رهندي مون جن ڪتابن جا ترجمان ڪيا تن ۾ تحريڪ پاڪستان، قرار داد پاڪستان ۽ ڊاڪٽر محمد اقبال جو ڪتاب اقبال نالي سان قائداعظم اڪيڊمي شايع ڪيا. ٽيوشن ڪرڻ بدران مون ان پاسي ڌيان ڏنو. اڪيڊميءَ پاران مون کي محترمه فاطمه جناح جي لکيل ڪتاب "ماءِ برادر" جو اردو ترجمو سنڌي ۾ الٿو ڪرڻ جي آڇ ٿي ۽ ان جو معاوضو به چڱو ڀلو پي ڏنو پر اهو ڪم ڇڏي مون پنهنجي ٿيسز لکڻ تي ڌيان ڏنو.

حسن اڪبر ڪمال کي سندس تخليقات جي مڃتا جي سلسلي ۾ ايوارڊ مليا تن جو ذڪر ڪرڻ لازمي ٿو سمجهان، ڇاڪاڻ ته محنت پٺيان ان تي انعام ۽ اڪرام ملڻ تخليقڪار لاءِ هڪ اعزاز آهي. ڪتابن جي تصنيف جي سلسلي ۾ مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن کان سواءِ هن جو ٻيون به تصنيفون آهن، جن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو. ڪاليج جي شاعري کي ڏسي ان مان ٻارن لاءِ ترجمو ڪري لکيل ناول "ملاح کا بھوت" 1969ع ۾ شايع ٿيو. ٻارن لاءِ لکيل هڪ ناول "چچا خیرو" 1968ع ۾ ڇپيو. ٻارن لاءِ تحري ٿيل ٽيون ناول "رستم خان" هو. مذڪوره مٿيان ٽئي ناول فيروز سنز وارن هن کان لکرايا هئا. 1969ع ۾ شيخ غلام علي اينڊ سنز وارن لاهور مان هن جو هڪ ناول ڇپايو "آدم خوروں کا جزیرہ" جيڪو انگريزي جي ڪورل آءِ ليڊ ناول جو ترجمو هو. حسن اڪبر ڪمال کي مڃتا طور جيڪي اعزاز مليا سي هن ريت آهن.

آدم جي ايوارڊ، بهترين نغما نگاري تي پاڪستان ٽيليويزن ايوارڊ، اينگلو عربڪ دهلي ڪاليج ايسوسي ايشن طرفان 1995ع ۾ ڪيس هڪ شيلڊ علم ۽ ادب جي خدمت ڪرڻ جي عيوض اعزاز طور ڏني وئي. پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن پاران حسن اڪبر کي 1997ع ۾ هڪ شيلڊ اڪرام طور پيش ڪئي وئي، جيڪا هن کي نغما لکڻ تي ڏني وئي. هڪ ٻيو پي ٽي وي پاران ڪيس 1998ع

۾ بهترين نغما نگار جي حيثيت سان ايوارڊ ڏنو ويو. حلقا نياز و نگار واران ساڳئي سال کيس ادب جي خدمتن تي شيلڊ پيش ڪئي. فانوس ادب حلقي وارن به 1995ع ۾ ادب ۽ شاعري ۾ حسن ڪارڪردگي تي کيس شيلڊ ڏني. دهلي ڪاليج انتظاميا به کيس 1999ع تي هڪ شيلڊ اعزاز طور کيس حسن ڪارڪردگي تي پيش ڪئي. 1999ع ۾ اين ٽي ايم ايوارڊ کيس مليو، جيڪو ايس پي ايل اي طرفان بهترين نغمن لکڻ تي پيش ڪيو ويو. اهي سڀ ايوارڊ جيڪي هن کي تخليقي صلاحيتن عيوض مليا تن ملڪ ۾ ماڻهن ۾ هن جو قدر، عزت ۽ احترام وڌايو.

**

فضل الله تنيو

1962-63ع ۾ اسان جي سنگت ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪري واندي ٿي. ان وقت اسان کي ڪا ٻي سرگرمي ڪا نہ هئي، تنهن ڪري اسان ميل ملاقات لاءِ وقت ڪڍي روزانو شام جو جناح باغ جي هڪ ڪشادي ٻاري ۾ ويهي ڪچهري ڪندا هئاسين. هڪ ڏينهن اسان پنهنجي اهڙي ڪچهري ۾ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ۽ نڙا نشا پئي هنياسين تہ هڪ اجنبي نوجوان بنا ڪنهن تڪلف جي اچي اسان جي محفل ۾ شريڪ ٿيو، ان دوست پڻ تازو ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو هو. تعارف ڪرائيندي هن پنهنجو نالو فضل الله تنيو ٻڌايو. پاڻ ۾ ڳالهين ۽ سوالن جوابن جي ڏي وٺ ٿي. جنهن مان خبر پئي تہ همراهہ ڪو ٺاپ جو ذهين شاگرد آهي. چند ڏينهن جي ميل ملاقات کان پوءِ هن دلچسپ طبيعت جي مالڪ دوست سان اسان جي گهرائپ وڌي وئي. چند مهينن کان پوءِ تہ باقاعدي هو اسان جي سنگت ۽ سٿ جو ميمبر ٿي ويو.

مسٽر فضل الله تنيي جو تعلق ميروخان جي پڙهيل ڳڙهيل تنين جي گهراڻي سان هو. سندس والد گرامي ورهاڱي کان اڳ بمبئي ۾ سرڪاري نوڪري ۾ رهي چڪو هو. بمبئي ۾ رهائش دوران سندس والد مسٽر شاهہ محمد تنيي اتان هڪ گجراتي گهراڻي مان شادي ڪئي هئي، جنهن مان ڪيس ٻہ پٽ هئا. هڪ مسٽر فضل الله ۽ ٻئي جو نالو هن وقت ذهن تي نٿو اچي. هي ٻئي ڀائر ڪو وقت ڪراچي ۾ رهيا ۽ پڙهيا. سندس وڏو ڀاءُ برطانيا پڙهڻ ويو هو. ايم بي بي ايس ڪرڻ بعد ان برطانيا ۾ رهڻ کي ترجيح ڏني ۽ پنهنجي فيملي سان اتي ئي رهي پيو. جڏهن هو پاڪستان آيو هو تہ اسان جون ساڻس ڪچهريون رهيون. فضل الله جو والد صاحب رٽائرمينٽ کان اڳ پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر ٿي رهيو هو.

مسٽر فضل الله جو تعليمي سفر اسان جي حلقي جي دوستن سان گڏ اڳتي وڌيو. هو ڪراچي ۾ رهڻ دوران ڪرڪيٽ راند ۾ پڙ هو، تنهن ڪري اسپورٽس جي بنياد تي ڪيس ٽنڊو ڄام زرعي يونيورسٽي ۾ داخلا ملي وئي. ذاتي طور مان هن جي طبيعت جي لاڙن هن جي سياڻُپ، مخلصي ۽ ذهانت جي ڪري هن جي گهڻو ويجهو اچي ويو هئس. جڏهن بہ منهنجو حيدرآباد وڃڻ ٿيندو هو تہ مان ڪهي وجي ساڻس ٽنڊي ڄام ۾ ملاقات ڪندو هئس. ڦربدار وري ايڏو هوندو هو جو مون سان ٽنڊي ڄام کان حيدرآباد گڏجي ايندو هو ۽ شام جو سڄو پهر حيدرآباد گهمائي ڪنهن سٺي هوٽل تان ماني کارائي پوءِ موڪلائي واپس ويندو هو. 60ع واري ڍاڪي ۾ لاڙڪاڻي ۾ فضل الله جي رهائش باقراڻي روڊ مسجد واري گهٽيءَ دڙي محلي ۾ هوندي هئي. جتي هو پنهنجي والده سان رهندو هو. هڪ ڏينهن ادا بشير احمد شاد ۽ مون کي ماني تي صلاحي گهر وٺي ويو ۽ پنهنجي والده سان گجراتي زبان ۾ ڳالهائيندي اسان جو تعارف ڪرايائين. سندس والده محترمہ ساڙي ۾ زيب تن هئي. هوءَ پاڳوند، صوم صلوات جي پابند، نيڪ بخت، نيڪ سيرت ۽ نيڪ طبع خاتون پئي لڳي.

گريجوئيشن کان پوءِ فضل الله ايم ايس ڪرڻ لاءِ آمريڪن يونيورسٽي آف بيروت هليو ويو. فرسٽ سيمسٽر ۾ هو تہ بيروت ۾ شيعا مليشا ۽ حڪومت جي وچ ۾ اٽيڪ ڪري ملڪ جنگي حالتن جي نظر ٿي ويو، اهڙي فڪرمندي واري حالتن ۾ اسان جا هڪ ٻئي جي خير عافيت معلوم ڪرڻ لاءِ خطن پٺيان خط ويندا هئا. فضل الله وڏو باخبر ۽ زيرڪ دماغ ماڻهو هو، اتي وجي اسان کي بيروت ۽ دنيا ڀر جون خبرون ۽ احوال ڪندو هو.

1960ع واري زماني ۾ بواءِ فرينڊ ۽ گرل وارا اجا چڪر ڪونہ هئا پر هن پنهنجي خط و ڪتابت ذريعي هڪ جاپاني گڏي سان دوستي رکي هئي. جيڪا ڪيس خط جي جواب ۾ پنهنجي گهر جي

سموري اسٽوري، سٽيوايشن، نقشا، پنهنجون ۽ پنهنجي اسٽڊي روم جون تصويرون موڪليندي رهندي هئي. جيڪي هو ادا بشيراحمد شاهه عبدالسميع سومري ۽ مون کي ڏيڪاريندو هو. ڪلٽو رلٽو ملٽو ۽ خوش طبع هو، تنهن ڪري بيروت وڃي به ڪيترن عربي ۽ بين ڏيساورن مان تعليم پرائڻ لاءِ آيل شاگردن سان دوستيون ڳنڍيائين. وڏن وڳوڙن واري ماحول وارين حالتن ۾ يونيورسٽي جي هاسٽل کي ڇڏي شهر جي مسلم ايريا ۾ وڃي رهيو، تنهن هوندي به هڪ خط ۾ لکيائين ته ڪالهه هڪ راڪيٽ اسان جي فليٽ تي اچي ڪريو هو، جنهن سان عمارت جو هڪ حصو مسمار ٿي ويو. خدا جو ڪو ڏنو ٻنو هو جو مان ۽ منهنجي پارٽنر وارو ڪمرو بچي ويو. اورچ ۽ دلير ماڻهو هو، اهڙن نامسائد حالتن ۾ به آمريڪن يونيورسٽي آف بيروت مان زراعت ۾ ماسٽرس ڪري آيو.

پاڪستان موٽي آيو ته کيس سنڌ سرڪار ڏوڪري واري ريسرچ فارم تي ريسرچ آفيسر مقرر ڪيو. ان ڪري هاڻي هو اسان جي گهڻو ويجهو اچي ويو هو. دل چوندي هئي ته ادا بشير احمد شاهه ۽ مان ريل ۾ ڏوڪري وڃي وٽانئس پيرو ڪري ايندا هئاسين، يا پنهنجي ساڻ سان ڪڏهن موهن جو دڙو گهمڻ ويندا هئاسين ته به وٽس وڃي رات ترسندا هئاسين.

گهرائپ جي ڪري مون کي پنهنجي زندگي جي سفر ۽ رازن کان آشنا ڪندو رهندو هو. ڪراچي ۾ زندگي گذارڻ دوران جڏهن سندس والد صاحب جي نوڪري ڪنهن ٻين علاقن ۾ هوندي هئي ته هو پنهنجي والده سان گڏ هوندو هو. جيڪا کيس پاڻ کان جدا ٿيڻ نه ڏيندي هئي. ڪو ڏکيو وقت هنن مٿان اهڙو به آيو جو کيس ڦوڪٽن ناگڻ جي فيڪٽري ۾ مشينن تي ۽ پيڪنگ سيڪشن ۾ ڪم ڪرڻو پيو. جيڪو هن وڏي خوش اصلوبي سان ڪيو. هن پنهنجي زندگي ۾ ڏک ڏولاوا، زماني ۽ پنهنجن جون قلفتون ۽ بي

رخيون گهٽيون ڏٺيون ۽ سنيون پر هڪ دلير باوقار ۽ باگفتار شخص هو، تنهن ڪري زماني جي مڙني رنڊڪن کي منهن ڏئي وڃي پار پيو. شادي ڪيائين، ياڳوند هو ٻار ٽيس، لڙندي عمر ۾ لاڙڪاڻي شهر واري زرعي کاتي واري آفس ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين. بحيثيت آفيسر جي سندس شمار ايماندار آفيسرن ۾ ٿئي ٿو. لاڙڪاڻي ۾ اسان جي سنڌي سڄڻ سٿ جون ڪچهريون ۽ بيٺڪون لاڙڪاڻي عيد گاهه واري مسجد واري اوطاق تي ٿينديون هيون، تڏهن به هو ميروخان مان کهي اچي سنگت سان ياڳي پائيوار ٿيندو هو. اتان اتي جڏهن ادا بشير احمد شاد، محمد يوسف شيخ، محمد يوسف لغاري، محمود گل عباسي مان ۽ سٿ جا مڙئي دوست سچل ادبي مرڪز جي قيام جي ڪم پنيان سرگرم ٿي وياسين ته اسان جو هي سڄڻ دوست ياءُ فضل الله به هر حال ۾ دامي درهمي ۽ سخني ياءُ بشير احمد شاد سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺو ۽ مرڪز جي تعمير ۽ توسيع جي ڪم ۾ پنهنجي هڙان وڙان هڪ خطير رقم فراهم ڪيائين. زندگي جي پڇاڙيءَ واري حصي ۾ مان ميروخان وڃي مليومانس. ان وقت به ماشاءُالله صحت ۽ صحبت جي معاملي ۾ پڙ هو. سندس رهائش اسان سومرن جي ويڙهي جي لڳ پنهنجي اباڻي گهر ۾ هئي، فضل الله منهنجي پيٽوئي حاڪم علي سومري جو پڪو يار هو. سندس عمر ڪا ايڏي وڏي ڪانه هئي، مٿس ڪي پيري ۽ ڪمزوري جا آثار به ڪونه هئا پر پوءِ به جڏهن موت جا مارو اچي مٿان بيهي ٿو ته ڪو پوئتي پير ڪري نٿو سگهي ۽ انهن سان پنهنجي ابدي زندگي واري سفر تي نه چاهيندي به هليو وڃي ٿو. سو هي اسان جو پيارو دوست ايئن راهه رباني وٺي هليو ويو. جو مون کي خبر ئي نه پئي.

اِنا اللهِ وَ اِنا عِليهِ راجِعُونِ.

**

پروفيسر مولابخش پٽو

پروفيسر مولابخش پٽي جو جنم لاڙڪاڻي تعلقي جي پاڙي مراد واهڻ ۾ پاڪستان ٺهڻ کان ٻه ٽي سال اڳ ٿيو، ننڍي هوندي مراد واهڻ جي جامع مسجد جي پيش امام وٽ هو قرآن شريف ناظران پڙهيو. جيتري قدر مون کي ياد پوي ٿو ته علي گوهر آباد وارو ملان مسلم پرائمري اسڪول مراد واهڻ کي ويجهو هو تنهن ڪري هن پرائمري تعليم اتان پرائي هوندي. بنيادي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ سيشن 1954-55ع ۾ هو انگريزي پڙهڻ لاءِ ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو.

جيتوڻيڪ هو اسان جي سٽ جي ذهين شاگردن بشير احمد پناڻ، محمد يوسف شيخ، غلام مصطفيٰ بولاڻي، رسول بخش شيخ ۽ محمد يوسف جو ڪلاس ميٽ هو پر مون هن کي اسڪول جي ڪنهن به غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺندي ڪو نه ڏٺو پر نصاب جي مضمونن خاص ڪري انگريزي ۽ ميٿميٽڪ ۾ پڙ هو. مون کان ڪلاس جي لحاظ کان هڪ سال سينيئر هو. ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ ڪو وقت هي گم هو، جن ڏينهن ۾ اسان علم ادب جي سيڪڙاٽن جون شام جو ڏينهن نري جناح باغ ۾ ڪچهريون لڳنديون هيون تڏهن به هي جوان ان منظر کان ٻاهر هو. جڏهن اسان جي سنڌي سجڻن سٽ قائم ٿي ۽ اسان سماجي طور متحرڪ هئاسين تڏهن هي همراهه ڪڏهن ڪڏهن محفل جو ڪنڊ پاسو وٺي ڪجهه فوٽ اسان کان پرڀرو اچي خاموش ويٺو هوندو هو پر سڄو ڏيان پنهنجي ڪلاس فيلوز ڏانهن هوندو هئس. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سائين غلام الله شيخ اسان جو ڏيان هن دوست

ڏانهن ڇڪائيندي ڇيو هو تہ مولابخش ڪجهہ ڏينهن کان هتي اچي ٿو. توهان هن کي سڏي ڇو نہ پنهنجي حلقي ۾ شامل ٿا ڪيو. سائين غلام الله شيخ جي چوڻ تي بشير احمد پناڻ ۽ محمد يوسف لغاري هن کي پنهنجي سنگت ۾ گڏجڻ جي صلاح ڪئي ۽ ڪيس ٻانهن کان وٺي آٽي ڪچهري ۾ ويهاريو.

اهڙي ريت مولا بخش پڻو اسان جي سٿ ۾ شامل ٿيو. پنهنجي خاموش طبع يا ڪنهن نفسياتي مسئلي سبب هو محفل ۾ اڪثر ڪري چپ وينو هوندو هو. جڏهن دوستن اها ڳالهہ نوٽ ڪئي تہ ڪانئس سنگت خاموش ويهي رهڻ جو سبب پڇيو، هو ان وقت پنهنجي ڪيف ۾ هو ۽ هن ڪجهہ ٻڌائڻ کان پئي ٽٽايو. سائين غلام الله آخرڪار سين جو ڪلاس ٽيچر ٿي رهيو هو ۽ هن کي اها ڄاڻ هئي تہ مولا بخش ڪلاس ۾ بہ خاموش طبع شاگردن مان هو. چوندا آهن گدرو گدري کي ڏسي رنگ ڪيندو آهي، مهيني اڌ کان پوءِ آهستي آهستي هن جي خاموشي ٽٽي ۽ هو سنگت جي ڳالهين ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو. سنگت جي سوشل قسم جي سرگرمين کان سواءِ هو سٿ جي سنجيده گڏجاڻين ۾ بہ پنهنجي طبيعت سارو ڀاڱ وٺندو هو.

جڏهن اسان سنڌ اسٽڊي سرڪل جو بنياد وڌو تڏهن هو دوست سرڪل جي بنياد وجهندڙن ۾ شامل هو. اسان مان ڪن دوستن کي جن ۾ بشير احمد پناڻ ۽ مون کي سائين غلام الله شيخ ٽاسڪ ڏنو تہ مولا بخش پڻي کان سندس ذاتي مسئلن جي باري ۾ پڇي هن جي دل جو بار هلڪو ڪيون. اسان باغ جي هڪ پاسي ۾ ويهي هن کان دل جا احوال ڪندي سندس ذاتي زندگي جي باري ۾ گفتگو ڪئي، ساٽس ڪجهہ گنڀير مسئلا هئا پر وڏو مسئلو آمدني جو هو، ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اسان جي ساٿ مان ڪيترا دوست اهڙن مسئلن سان دوچار هئا.

مولابخش جي مسئلي جو حل سندس ڪيسي ۾ پيو هو، سيني کي خبر هئي تہ هو هڪ هوشيار شاگرد ٿي رهيو آهي، تنهن ڪري ٽيوشن پڙهائي پنهنجو مسئلو پاڻ حل ڪري سگهي ٿو. ٽيو بہ ايئن هن سائين غلام الله شيخ ۽ ٻين دوستن جي صلاح تي ٽيوشن پڙهائڻ جو ارادو ڪيو. مراد واهڻ ۾ ڪيس ڪجهہ ٽيوشن پڙهڻ وارا شاگرد ملي ويا، خدا جي ڪرٽي انهن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي جي ڊپٽي ڪمشنر جي نوٽيفڪيشن تي لاڙڪاڻي جي ايجوڪيشن آفيسر جي نگراني ۾ پرائمري سيڪشن ۾ پرائمري استادن جي انٽرويو ذريعي ڀرتي ٿي. جنهن ۾ مولابخش جي تعليم ڪاتي ۾ پرائمري استاد جي حيثيت سان مقرري ٿي.

اسان جي سنگت ۾ اڪثريت غريب لڏي جي هئي، اسان جهڙن لاڙڪاڻي جي شاگردن لاءِ مسٽر عبدالفتاح ميمڻ هڪ وڏو تعليمي ۽ سماجي ڀلائي جو ڪم ڪيو جو لاڙڪاڻي جي غريب طبقي جي گهراڻن جي ٻالڪن کي پنهنجي آئيندي کي سنوارڻ جو موقعو مليو. دوستن سان گڏ مولابخش بہ پرائيويٽ طور آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج مان بي اي ڪئي. تنهن بعد هن بي ايڊ ۽ ايم اي ۾ ويهڻ جا سانپاها ڪيا. انهن ڏينهن ۾ ايم اي پرائيويٽ جا امتحان اسلاميہ ڪاليج سکر سينٽر ۾ پي هليا. مولابخش جي بي ايڊ جو سينٽر بہ سکر ۾ هو. هڪ لحاظ کان همراهہ جي مٽان ٻٽو بار هو. سٽ ۽ سرڪل ۾ رهي همراهہ هاڻي گهڻو سوشل ٿي چڪو هو ۽ منهنجي نظر ۾ اسان جو هي دلبر دوست مهمان نواز وري اهڙو هو جو پنهنجي هڙ ڦرائي بہ هر ڪنهن جي اهڙي خدمت ڪندو هو جو ماڻهو ڪيس عمر ڀر ياد ڪندو وتي.

سکر واري بي ايڊ ۽ ايم اي جي امتحانن ۾ سنگت ۾ پاڙي جا ڏهاڪو کن شاگرد هئا. گهڻتا گهر لڳ مولا بخش جي ڪِن ويجهن مائٽن جو گهر هو، اتان مانيون تيار ڪرائي هو هوٽلن ۾ ٽڪيل دوستن جون خدمتون بہ ڪندو هو ۽ رات جو دير تائين جاڳي

پنهنجي پيپرن ڏيڻ جون تياريون بہ ڪندو هو. سنگت سان گڏيل مطالعي جي بنياد تي پڙهي ڪري خير سان اهي سيئي امتحان بہ هن سٺيون ڊويزنون حاصل ڪري اڪلايا.

انهن ڏينهن مولابخش جي بدلي شاهہ محمد اسڪول لاڙڪاڻي ۾ ٿي چڪي هئي. ڪورٽ ۾ هڪ ڀاڳوند نيڪ محمد ڀٽو نائڪ هوندو هو، ماڻهو ڪيس نالي بدران نائڪ ئي سڏيندا هئا. ان نائڪ پنهنجي گهر جي ٻارن کي سٺي معاوضي عيوض مولا بخش ڀٽي کي ٽيوشن ڏيڻ تي مقرر ڪيو. ان ڪان پوءِ اسان جي هن پياري دوست جي مالي حالت مستحڪم ٿي.

انهن ڏينهن مراد واهڻ ۾ هن جي پنهنجن مان شادي ٿي، جنهن ڪري هو پنهنجي زندگي ۾ گهڻو سرهو پيو نظر ايندو هو ۽ پنهنجي والد مرحوم کي ڏاڍو ساريندو هو. چوندو هو بابا سائين هجي ها تہ ڪيڏو نہ خوش ٿئي ها. قسمت جون ڳالهيون آهن هن جو والد ڪيس ان وقت اڪيلو ڪري ويو هو جڏهن اجا هو کير پياڪ هو. اهي سڀ رنگيءَ جا رنگ آهن. چوندا آهن ڏکن پٺيان سک سو، ماشاءُالله هي دوست ڀاڳوند هو شادي ڪان پوءِ صاحب اولاد ٿيو، ڪيس پهرين اولاد پٽ جو ٿيو جنهن جو نالو محمد يوسف رکيائين. ٻيو پٽ ممتاز اٿس، جنهن ايم بي بي ايس ڪئي آهي ۽ هو هڪ مسيحا جا فرض انجام ڏئي رهيو آهي. وڏو پٽ محمد يوسف اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان ۾ سٺي عهدي تي ڪم ڪري رهيو آهي. زماني جي لحاظ ڪان هن وقت سندس گهر ٻار خوش آهي ۽ خوشحالي واري زندگي گذاري رهيو آهي. هاڻي تہ الله سائين جي فضل وڪرم سان سندس اولاد بہ صاحب اولاد آهي.

پنهنجي سنگت ۾ اسان ٻئي پلا تارون ۽ پکين جا شڪاري هوندا هئاسين. پنڌ جي لحاظ ڪان علي گوهر آباد ۽ مراد واهڻ بہ ٻرانگهون پري هئا سو مان ڪارڪن جي منڊ ۾ ساڻس گڏجي وهين جي شڪار تي ويندو هئس. مٿي جي گليلن ناهڻ جو سنو ڏانءُ

هوندو هئس. هٿ جو ايترو سڌو هو جو چست وني پکي کي گليل سان ڳوڙهو هڻندو هو ته ڪجي تان پکي لمندو ايندو هو. شڪار جي غرض ۽ شوق ۾ ايترو محو هوندا هئاسين جو پنڌ ڪندا ڪڏهن گهاڙي ڪڏهن پير شير جا وڻ ته ڪڏهن وجي ڦلن جو ڳوٺ وجي ڪٽندا هئاسين. ڪارڪن، ڏوڪن ۽ انبن جي مند ۾ گرمي به چوٽ تي هوندي هئي سو موٽ تي پير شير وارو چانورو ڏئي گهاڙ واهه جي بمبر ۾ وهنجي سهنجي پاڻ کي ٺٺو ڪري گهر موٽي ايندا هئاسين. مولا بخش پٽو منهنجو دلبر يار هوندو هو، هن جي سٺن گڻن جي واکاڻ لکڻ تي پوان ته هڪ داستان لکجي پوندو. 1971ع واري جنگ لڳڻ سان ئي اسان جي روزگار جا اڏا ڪارخانه بند ٿي ويا، اهڙي حالت ۾ ٻين سماجي حالتن سان گڏ ڪارخاني جي مزدورن جي روزي روٽي به متاثر ٿيندي آهي، مزدور جي گهر جي اٽي جا ٽين خالي، ڪيسو خالي ته پوءِ ڪيس گهر وارا به ناهن سجاڻندا. سچ پچو ته مون سان به اها ڪار ٿي، امان چوي جي گهر هلائڻ ۽ ماني ٻوڙ جو بندوبست ڪرين ته ماني ڏيندي ماڻ. ان وقت جيڪي به ٿي ڏوڪڙ ڪيسي ۾ هئا، ڪتاڻ بازار مان چئن آنن جي جوشي چانورن جي پليٽ مٿان فري ۾ مليل وڇير جي پاون جي گريبي سان پيٽ پري ايندو هئس. جڏهن ڪيسو خالي ٿي ويو تڏهن نائڪ جي اوطاق تي مولا بخش کي وجي پنهنجو حال ٻڌايم. هن ٻارن کي ڏڌ پاٽي آڻڻ لاءِ چيو، اڊائي وڳي ڪلاس آف ڪري سائيڪل تي چڙهي ڦهريون مڇي مارڪيٽ آيو، اتان سلاد لاءِ بصر، ٽماٽا ۽ ليمان ورتائين. مولا بخش جي گهر اچي منجهد جي ماني ڊئو ڪري ڪاڏي ته مون کي اکين ۾ ننڊ اچڻ لڳي. مان سندس اوطاق تي سمهي پيس، گهر مان رسي آيو هئس، سو هن مون کي پنهنجي اوطاق ۾ پنج ڇهه ڏينهن رهايو ۽ قرب سان منهنجي خدمت ڪيائين. علي گوهر آباد ڇڏي جڏهن اسان لاهوري محلي ۾ رهندا هئاسين ته هو پنهنجي سڪ لاهڻ لاءِ هفتي ۾ به ڦيرا ضرور ڪندو هو. رائيس

ڪئنال جي درن ڪا ٽاپ ٽائين سائي چٻر هوندي هئي، اتي ويهي هن جو من پسند ميوو ڪينو ڪائيندا هئاسين ۽ هڪ ٻئي سان دل جون ڳالهيون وينا اوريندا هئاسين.

1973ع فبروري ۾ مون کي ڪراچي ۾ ليڪچررشپ ملي، هو ٻه سکر واري سينٽر تي سنڌ گورنمينٽ جي قائم ڪيل بورڊ ۾ انٽرويو ڏئي مون ڏانهن ڪراچي سوا ڪنج هاسٽل ملڻ لاءِ آيو ۽ ڏينهن ٻه گذاري ڳوٺ موٽيو. بفضل تعاليٰ مون کان پوءِ ساڳئي سال هن کي ٻه ليڪچررشپ جو آرڊر مليو. سندس پهرين پوسٽنگ ڪراچي جي سراج الدولہ ڪاليج ۾ ٿي. مون وجي ڪيس ڪاليج جوائن ڪرايو هو، جو منهنجو ڪاليج هن جي ڪاليج جي بلڪل سامهون هو. منهنجي گهر ۾ مونسان منهنجو ڀاءُ ۽ امڙ رهندي هئي. مون کي هن جي خدمت جو هي مناسب موقعو مليو هو، سو مون هن کي ايستائين پاڻ وٽ رهايو جيستائين هن جي رهڻ جو بندوبست جامع مليہ ڪاليج ملير جي هاسٽل ۾ ٿيو.

ڪجھ سالن کان پوءِ جامع مليہ ڪاليج ملير ۾ بدلي ٿيس، جتي ليڪچرر مان ترقي ڪري اسسٽنٽ پروفيسر ٿيو. ڪراچي ۾ رهندي هوٽلن جون مانيون کائي ٿڪجي پيو هو، تنهن ڪري منهنجي ۽ دوستن جي صلاح تي ڳوٺان ٻار وٺي آيو ۽ ملير جي علاقي الفلاح سوسائٽي ۾ هڪ سٺي مسواڙي جاءِ وٺي آرام سان رهڻ لڳو. ملير ۾ رهڻ دوران هفتي ۾ ٻه ٽي ڀيرا اسان جي ملاقات ٿيندي هئي. ڪڏهن هو مون وٽ ايندو هو ۽ ڪڏهن مان هن وٽ ويندو هئس. سندس ٻارن جي ڪراچي ۾ رهائش کان پوءِ اسان جي وچ ۾ گهرو لاڳاپا قائم ٿي ويا هئا ۽ پاڻ ۾ پهريان کان وڌيڪ ميٺ محبت وڌي وئي هئي. ايسوسي ايٽ پروفيسر ٿيڻ کان پوءِ لاڙڪاڻي آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج ۾ بدلي ٿي آيو. لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي ٻچڙن، سات سنگت ۾ موٽي آيو هو، تنهن ڪري ڏاڍو پيو خوش ٿيندو هو. هڪ ڀيري مان لاڙڪاڻي آيو هئس تہ پاڻ ۾ ملي

ڏاڍيون سِڪون لاٿيون سين. لاڙڪاڻي ۾ منهنجي هن پياري دوست کي اوچتو دل جي دورو پيو. جنهن مان هڪ ڀيرو چاڪ چڱو ڀلو ٿي ويو هو. ٻيهر ڪيس وري دل جو دورو پيو، ان مان به ٺيڪ ٿي ويو، اسپتال جي اسٽاف ڪيس تقريبن وارڊ مان ڊسچارج ڪيو هو پر ٻاهر اچي جڏهن گهر وڃڻ لاءِ ٻئنچ تي اچي ويٺو ته دوست کي وري دل ۾ سخت سور پيو، جنهن کي هو برداشت ڪري نه سگهيو ۽ راهه رباني وٺي اسان کان ڏور، گهڻو ڏور هليو ويو.

**

پروفيسر منور علي چانگ

1966ع ڌاري گورنمينٽ انٽر سائنس ڪاليج جي جڏهن صديق وهاب روڊ تي نئين بلڊنگ تيار ٿي تڏهن ان کي ٽينري روڊ چاڪي واڙي واري عمارت مان شفٽ ڪري پراڻي حاجي ڪيمپ جي احاطي ۾ نئين ۽ ڪشادي عمارت ۾ آندو ويو. هن ڪشادي عمارت ۾ انٽر سان گڏ ڊگري ڪلاسز به شروع ڪيا ويا. ڊگري ڪلاسز جي شاگردن کي پڙهائڻ لاءِ ڪاليج ۾ استادن جي کوٽ هئي، تنهن جي پورائي لاءِ ڪجهه نيون پرتيون ٿيون ۽ ڪجهه پروفيسرن کي ڪراچي جي سنن ڪاليجن مان بدلي ڪري لياري سائنس ڪاليج ۾ آندو ويو. منور علي چانگ نون پرتي ڪيل استادن مان هو ۽ هتي اسلاميات جو مضمون پڙهائڻ تي مامور ٿيو.

هن خوبرو ۽ صحتمند نوجوان جو تعلق حيدر آباد جي جڳ مشهور پاڙي هيراآباد سان هو. سندس والد صاحب جو نالو گرامي محمد يعقوب هو، جنهن جو تعلق ڪاري موري تي آباد چانگ بلوچ قبيلي سان هو. جنهن زماني ميان محمد يعقوب چانگ سان منهنجي ملاقات ٿي هئي، تڏهن هو وڪالت جي پيشي سان منسلڪ هو. سنڌي ادب جو عالم ۽ اديب هو پر هاڻي پيري واري دور مان گذري رهيو هو.

مسٽر منور علي چانگ لياري ڪاليج ڪراچي کي جوائن ڪرڻ کان اڳ حيدرآباد جي ڪنهن مشنري اسڪول ۾ ٽائپسٽ هو. هي باصلاحيت نوجوان انگريزي ۾ ڊرافٽنگ ڪري ان کي ٽائپ ڪرڻ ۾ خاص مهارت رکندو هو. دل جو صاف ۽ طبع جو رلڻو ملڻو هو تنهن ڪري ڪاليج جي اسٽاف ۾ هن جو اميج جلد ئي بهتر ٿي

ويو. ڪلريڪل اسٽاف ۽ هيٺين اسٽاف سان ملڻ ڪرڻ ۾ ڪو عيب نہ سمجهندو هو بلڪ پنهنجي همدرداڻي سڀاءَ جي ڪري انهن سان پنهنجا واسطا ۽ تعلق سٺا رکندو هو. ڪاليج ۾ رهندي هڪ ليڪچرار توڙي پروفيسر کي پنهنجي مضمون پڙهائڻ کان سواءِ ڪاليج انتظاميا سان نصابي توڙي غيرنصابي سرگرمين جي سلسلي ۾ هٿ ونڊائڻو پوندو آهي ۽ اسٽاف ۾ رهندي ڪن سماجي ڪمن ۾ بہ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيڻو پوندو آهي.

سائنس ڪاليجن ۾ ادب، دينيات ۽ پاڪستان اسٽڊي جي استادن جا پيريڊ گهٽ هوندا آهن ڇاڪاڻ جو هنن جي مضمونن جا پريڪٽيڪل ڪونہ ٿيندا آهن، تنهن ڪري انهن کي ڪاليج ۾ ٿيندڙ غيرنصابي ڪمن جهڙوڪ اسپورٽس، نعت، قرائت ۽ تقريري مقابلن لاءِ شاگردن کي تيار ڪرڻ جو ڪم مليل هوندو آهي. ان کان سواءِ بورڊ ۽ يونيورسٽي جي ٿيندڙ ساليانين امتحانن ۾ جن ڪاليجن ۾ امتحاني مرڪز قائم ٿيندا آهن تن ۾ بہ ڪوشش ڪري. ادب، دينيات ۽ پاڪستان اسٽڊي پڙهائڻ وارن کي رجهايو ويندو آهي. اسان جي ڪاليج ۾ منور علي چانگ ۽ مون کي اسپورٽس، امتحانن جي انعقاد ۽ شاگردن کي واڌو نصابي سرگرمين لاءِ تيار ڪرڻ جا فرض سونپيا ويندا هئا. ان زماني ۾ ڪاليجن ۾ هلڪي ڦلڪي فوجي سکيا لاءِ اين سي سي ڪورس رکيل هو، جنهن ۾ بہ ڪاليج انتظاميا کي شاگردن جي سنڀال ۽ نگراني ڪرڻ لاءِ اسٽاف مان هڪ انچارج مقرر ڪرڻو پوندو هو. منور علي چانگ پاڻ کي آفيس جي ڪيترن ڪمن ۾ رجهائي رکندو هو. امتحانن جي ڪمن جي نگراني ۽ انتظام جي ڪمن ۾ اسان ٻنهي جو هڪ ٽيم ورڪ هوندو هو، جنهن ۾ هو هوشياري ۽ مستعدي سان پنهنجو مليل ڪم سرانجام ڏيندو هو. پنهنجي مضمون پڙهائڻ ۾ پڙ هو، اسڪول مان آيو هو ٻارن کي ڪنٽرول ۾ رکڻ جي هنر کان واقف هو. مردم

شناس، نيڪ طبع ۽ نيڪ دل انسان هو. تنهن ڪري ڪاليج ۾ هر ڪو ڪيس عزت جي نگاهہ سان ڏسندو هو.

منور علي چانگ حيدر آباد نور محمد هاءِ اسڪول جي پرسان رهندڙ هڪ راجستاني فيملي مان پنهنجي پسند جي شادي ڪئي هئي، سندس سهرو فقيري ۽ صوفي خيالن جو ماڻهو هو. ٻار ٻچا هئس تن ڪي هن ڪراچي ۾ آڻڻ جي خواهش ڏيکاريندي مون سان صلاح مشورو ڪندو هو. ڪاري موري تي اباڻو ڳوٺ هين. اتي سندس وڏن جا چا ٻارا زمين بہ هئي. هيراآباد ۾ گهر بہ سندن پنهنجي ملڪيت هو، جنهن ۾ هن جي والد سان گڏ پنهنجو هڪ وڏو ڪٽنب رهندڙ هو. ڪيس بہ ڀائر هئا. وڏو ڀاڻس مسٽر انور علي بلوچ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي پروگرام پروڊيوسر هو. سندس ٻيو ننڍو ڀاءُ پنهنجا ذاتي ۽ خانگي ڪم ڪندو هو. ڪراچي جهڙي وڏي شهر جا لوڏا بہ وڏا آهن، تنهن ڪري زمين تي پنهنجا پير پختا ڪري هلڻ ۾ ماڻهو ڪي وقت ٿو لڳي. منور علي چانگ ڪي پنيان جي ڪا سپورٽ ڪا نہ هئي. غريبي حال هئس، اسان جي مشوري تي ڪراچي ۾ ٻار وٺي آيو جن ڪي ڪاليج جي پرسان بہ ٽي گهٽيون ڇڏي هڪ مسواڙي جاءِ ۾ رهائڻ لڳو. ذات جو بلوچ ۽ هڪ شريف فيملي وارو ماڻهو هو، تنهن ڪري ڪراچي جي بلوچن جي وچ ۾ سولائيءَ سان آرامي تي رهڻ لڳو.

انهن ڏينهن ۾ هن جي مون سان گهٽي لڳندي هئي، اڪثر زور ڀري منجهند جي ماني تي گهر وٺي ويندو هو. مان لنوائندو هئس تہ چوندو هو سومرا صاحب ڪهڙو گهر وارن ڪي تڪليف ايندي؟ هتي جا ماڻهو ماني ٻوڙ هوٽل تان وٺي ڪائيندا آهن، بس اسان رڳو ڏهي وٺي ٿا هلون. ان ڳالهہ جو مون ڪي اڳ ۾ مشاهدو هو تہ لياري ڪوارٽرس جي مڊل ۽ لوئر مڊل ڪلاس جا ماڻهو ماني ٻوڙ هوٽل جو واپرائيندا آهن. اهو سمورو لقاءُ مون چاڪيواڙي ۾ ڏٺو هو. هي ڪلاڪوٽ جو علاقو هو ۽ ان جون حدون چاڪيواڙي

سان ملن پيون، تنهن ڪري سماجي ۽ ثقافتي طور لياري جا بلوچ هڪ جهڙن سماجي بندڻن ۾ ٻڌل هئا. هتان جا ماڻهو صدي سوا ڪان ڏتڙيل زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيا ويا آهن، پهريان انگريز سرڪار جي چڪي ۾ پيسبا رهيا ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اقتدار ۾ ايندڙ سرڪاري گروهه سان سلهاڙيل ليڊرشپ هنن جي ترقي ۽ خوشحالي ڏانهن ڪو ڌيان نه ڏنو. تنهن ڪري هينئين طبقي جا ماڻهو ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي گودين، ڪراچي جي ليمارڪيٽ، پيپر ماڪيٽ ۽ موتڻ داس مارڪيٽ کان ويندي سولجر بازار تائين حمالي جو ڪم ڪندا هئا. تن پنهنجي غريبي کي منهن ڏيڻ لاءِ ورهاڱي کان اڳ ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سادي رهڻي ڪرڻي ۽ سادو کائڻ پيئڻ کي رواج ڏنو هو. لياري ڪوارٽرس ۾ هوٽل ۽ تندور گڏ گڏ هوندا هئا. هوٽل وارا وڏين ديڳين ۾ ڪنسترن ۾ ٻڪرن جون منڍيون ۽ پاون جو ٻوڙ تيار ڪندا هئا، خاص ڪري ان ۾ اسي نوي سيڪڙو مزيدار ۽ لذيذ لاس ۽ گريوي ٺاهيندا هئا. چاڻ واري اٽي جون وڏي سائز واريون مانيون ۽ نان پچايا ويندا هئا. ٻوڙ ماني گهڻو سستو ملندو هو. ماڻهو وٽن ۽ ٿالهن ۾ رس لاهي ان ۾ ماني جا ٽڪرا ڪري ٻن ٽن منٽن لاءِ پچائي ڇڏيندا هئا. ان سريت قسم جي ڪاڌي ۾ جيڪا لذت هوندي هئي تنهن جي اڳيان قورمي ۽ برياني جو ڇا مقابلو. چاڪيواڙي ۽ ڪلاڪوٽ ۾ اهڙي سريت کائڻ جو مون کي ڪافي موقعو نصيب ٿيو آهي.

منور چانگ هن ڳالهه ۾ وڏو خوش نصيب هو، جو سندس گهر واري سگهڙ هئي ۽ رڌ پچاءُ ڪرڻ جي وڏي ڪاريگر هئي، تنهن ڪري ڪوشش ڪري هو پنهنجي گهر ۾ حيدرآبادي ذائقي وارا کاڌا تيار ڪندي هئي. منور علي چانگ کي ٻارن کي پڙهائڻ جو اونو هو. جنهن جاءِ تي هو رهي پيو اتي اسڪول هئا پر انهن جو معيار ٻنهي زال مڙس جي سوچ موجب نه هو. ان کان سواءِ ڪلاڪوٽ جو ماحول ۽ آب و هوا سندس گهر وارن کي نه آئڙي. ڏک ۽ اهنجن جا

ٻہ ٽي سال هنن هيراآباد ۾ حيدرآباد جي هوائن جي هيراڪ ماڻهن وڏي ڏکيائيءَ سان هن ماحول ۾ گهاريا. منور علي چانگ نيٺ ٻارن کي ڳوٺ ڇڏي آيو.

هاڻي هو هن ڪواٽر ۾ اڪيلو رهندو هو. ڳوٺان پنهنجي قبيلي جو هڪ موالي ٽائيپ ٻورچي پاڻ سان وٺي آيو هو جيڪو هن جي ماني ٻہ ڪندو هو ۽ ٻي ٿانئيي ٿوپي ٻہ ڪندو هو.

گورنمينٽ لياري ڪاليج کي ڪولڻ ۽ ان کي ترقي وناڻ مسٽر ذوالفقار ڀٽي جو ويزن هو. هن جي اڳيان هي ٻہ خيال هو تہ اڳتي هلي ان کي هو يونيورسٽي بڻائيندو. پر زندگيءَ هن جو ساٿ نہ ڏنو پوءِ ٻہ هن جي هوندي انٽر ڪاليج کي ڊگري سطح تي آندو ويو ۽ ڪراچي جي ناليوراي ڪاليجن مان پروفيسرن جي بدلي ڪري لياري ڪاليج ۾ آندو ويو. هن حاجي ڪيمپ واري نئين ڊبل منزل بلڊنگ ۾ آڊيٽوريم، سائنسي سامان سان مزين وڏيون وڏيون ليباريٽريون ۽ لائبريري قائم ڪئي وئي. ڪاليج ۾ زولاجي ۽ باٽني جا پروفيسر ڊي جي ڪاليج مان آيا هئا. انهن مان هڪ پروفيسر معين علي خان هو جيڪو سائنس جي سبجيڪٽيس تي ٻہ ٽي ڪتاب لکي چڪو هو.

معين علي صاحب عثمانيا ڪاليج حيدرآباد دکن انڊيا جو پڙهيل هو. منهنجي نظر ۾ وڏو مخلص، خوش اخلاق، ايثار ۽ شرافت جو پتلو هو. منور علي چانگ لاءِ تہ هو ڪاليج ۾ ڄڻ هڪ فرشتي جي صورت ۾ آيو هو. اسان وٽس باٽني ليب ۾ وجي ويهندا هئاسين. اتي ساڻس ڪچهري ڪايا پيا ٿيندا هئا.

معين صاحب جي رهائش پنهنجي فيملي سان پي آءِ بي ڪالوني ۾ ٻہ سوگز تي جڙيل جاءِ ۾ هوندي هئي، مالڪ مڪان ان جاءِ کي خالي ڪرائڻ چاهي پيو پر ڇاڪاڻ تہ ڪيس رينٽ ڪورٽ ۾ هو تنهن ڪري جاءِ رولڙي ۾ هئي. هوڏانهن معين صاحب جو پنهنجو نئون گهر فيڊرل بي ايريا ۾ نهي تيار ٿي چڪو هو پر

جيسين ڪيس نبري تيسين معين صاحب ڪي جاءِ خالي ڇڏڻي نہ هئي. تنهن ڪري معين صاحب پروفيسر منور علي چانگ کي سنو انسان ڄاڻندي ڪيس پي آءِ بي ڪالوني واري جاءِ ۾ ويهاريو. اهڙي طرح هن جو پلو ٿي پيو ۽ هن جي جان لياري ڪوارٽرس مان ڇٽي. منور علي پير ڪالوني جي سٺي ماحول ۾ چوڌاري بوائز ۽ گرلس اسڪول ڏسي پنهنجي ٻارن کي ڪراچي وٺي آيو. هاڻي هتي هن جا ٻار اسڪول ۽ قرآن شريف جي تعليم پرائڻ لڳا. پير ڪالوني ۾ رهندي اسان جا هڪ ٻئي سان گهرو تعلقات بہ اڳي کان وڌيا. ڇاڪاڻ تہ لياري وڃڻ اسان جي گهر وارن ۽ مون کي ڏکيو لڳندو هو.

هڪ ڀيري سندس والد گرامي لياري واري گهر ۾ آيو هو. آئون منور علي چانگ کي ۽ سندس والد محترم کي ڪراچي صدر جي الفاروق هوٽل ۾ خدمت ڪرڻ لاءِ وٺي ويو هئس. جنهن تي ميان محمد يعقوب بي حد خوش ٿيو هو. اسان کي بہ اهڙن باوقار ماڻهن جي صحبت ۾ دلي سڪون ملندو آهي، جڏهن مان منور علي سان حيدرآباد ويندو هئس تڏهن سندس والد صاحب سان ۽ انورعلي بلوچ سان هيرا آباد واري گهر ۾ ڪچهريون ٿينديون هيون. ميان محمد يعقوب جي وفات هتي پير ڪالوني واري گهر ۾ ٿي هئي. منور علي چانگ ۽ مان يڪ قالب ۽ دو جان هوندا هئاسي. سو هو مون کي پنهنجي ڏک سک ۾ شامل ڪندو هو. ڏک منهنجو هجي کڻي هن جو، بس پاڻ ۾ ڳنڍيا پيا هوندا هئاسين. وفات کان ٿي ڏهاڙا اڳ سندس والد جي اوچتو طبيعت ناساز ٿي پئي، اسان ڪيس سول اسپتال کڻائي وياسين. ان وقت هو پنهنجي هوش ۽ حواس ۾ هو. ڊاڪٽر جڏهن هن جي هسٽري پئي ورتي تہ هو ڪين پنهنجي متعلق گهڻو ڪجھ ٻڌائي پيو. ٻئي ڏينهن رات جي 12هين وڳي مان منور علي چانگ کان موڪلائي گهر ويس. صبح جو خبر پئي تہ سندس پيءُ رات جي پوئين پهر فوت ٿي ويو. صبح جو اسان پير ڪالوني پهتاسين.

غسل ۽ ڪفن جو بندوبست ڪيوسين ۽ سندس ميت ايڌي جي ايمبولينس ۾ ڪٽائي حيدرآباد وجي پنهنجي وڏن جي قبرستان ڪاري موري ۾ دفن ڪيوسين. ان موقعي تي محمد يعقوب جي ميت سان مان گڏجي ويو هئس.

لياري ڪاليج ۾ محبتي ماڻهن جي کوٽ ڪا نہ هئي، مسٽر امداد علي سولنگي ڪاليج ۾ ڊي پي او هو، سندس منورعلي چانگ ۽ مون سان گهڻي لڳندي هئس. ڪاليج ۾ اسان جي هڪ ٽياڪڙ دوستي ٿي.

منور علي چانگ، مان ۽ انگريزي جي سينيئر پروفيسر عبدالله جاويد جي پڪي دوستي ٿي وئي. اڳتي هلي اها دوستي ايتري قدر وڌي جو اسان جي هڪ ٻئي کان سواءِ سرندي ڪا نہ هئي. پروفيسر عبدالله جاويد سان رٽائرمينٽ کان پوءِ بہ تعلقات رهيا.

اسان جو هيءُ پيارو دوست منور علي چانگ شگر جي بيماري ڪري صفا ڳري ويو.

ان کان گهڻو اڳ منهنجي لياري ڪاليج مان بدلي ٿي چڪي هئي، تڏهن بہ ٻارين ٻچي اسان جي گهر وارن جون دوستيون قائم رهيون. منور علي چانگ جي پيڻ جي شادي هيرا آباد جي تاريخي ليڊيز ڪلب ۾ ٿي هئي. منهنجي گهرواري ۽ مان وجي نياڻي جي شادي ۾ شرڪت ڪئي هئي. حيدرآباد ۾ اسان کي منور علي چانگ جي گهر واري پنهنجي گهر ۾ رهايو هو. منور علي چانگ جهڙا يار ۽ دلبر انسان ورلي پيدا ٿيندا آهن.

ڪاليج جي ڪنهن دوست کان مون کي اها خبر پئي هئي تہ هن کي پير ۾ گينگرين ٿي آهي، جنهن جي ڪري جسم ۾ زهر ڦهلجڻ ڪري سندس وفات ٿي. انهن ڏينهن هو گلشن حديد وجي رهيو هو، اوچتو جامعہ ڪلاٿ مارڪيٽ ۾ هن جي وڏي ڌيءُ جي منهنجي گهرواري سان ملاقات ٿي. هڪ ٻئي کان ايڊريس پتا

ورتاسين. هفتي کن اندر منهنجي گهرواري ۽ مان وجي گلشن حديد ۾ هن جي گهروارن سان ڏک جو اظهار ڪيو ۽ مرحوم جي مغفرت جون گڏجي دعائون ڪيون سين، هاڻي به رب سائين کي التجا آهي ته هن پلي مانس جون مورايون ۽ مدايون بخش ڪري ڪيس روز محشر ۾ سڄي هٿ ۾ اعمال نامو ڏي. اي وڃڻ وارا دوست تون ته وئين پر اسان به تهنجي پويان اچڻ وارا آهيون.

**

ڊاڪٽر محمد صالح سومرو

منهنجي عزيز رٽائرڊ ڪرنل احسان خان بقائي ميڊيڪل يونيورسٽي ڪراچي مان مون کي وڏي ڏک ڀري خبر ڏني ته پروفيسر آف فزيالاجي ڊاڪٽر محمد صالح سومرو موذي ڪورونا وائرس وگهي وفات ڪري ويو. محمد صالح سومري جي هميشه لاءِ جدائي هڪ وڏو سانحو آهي. ڪيترن ئي ٻين دوستن ۽ احبابن لاءِ پڻ هن نوبل انسان جو ايئن اوچتو لاڏاڻو وڏي صدمي جو سبب هوندو. سدا مسڪرائيندڙ، مهڪندڙ هن بااخلاق، انتهائي درجي جي مهمان نواز ۽ مخلص، يائرن جهڙي دوست جو ايئن هليو وڃڻ منهنجي لاءِ پڻ هڪ اندوهناڪ صدمي کان گهٽ نه آهي.

محمد صالح سومري سان منهنجو تعلق ۽ محبت جا پيچ پراڻا آهن، مان سندس حياتيءَ تي ٻه ٽي اکر لکڻ پنهنجو فرض ٿو سمجهان. لاڙڪاڻي جي هن بي لوث، شريف النفس، پڙهيل ڳڙهيل، تعليم جي حصول جي سلسلي ۾ انتهائي جفاڪش ۽ محنتي جيئڙي سان منهنجو تعلق ان وقت ڳنڍيو جڏهن هو اجا پنهنجي والده ماجده جي هنج ۾ هو. ان وقت اسان سندس والد محترم مامي هدايت الله سومري جي دلي خواهش تي لاڙڪاڻي جي ياڙي گجڻ پور مان لڏي اچي علي گوهر آباد ۾ ساڻن گڏ رهياسين. محمد صالح سومري چار پنج سال بعد ۾ مون کان علي گوهر آباد واري ملان مسلم پرائمري اسڪول مان پرائمري تعليم پوري ڪري، انگريزي پڙهڻ لاءِ ڊي سي اسڪول لاڙڪاڻي ۾ ويو. جتان ڏهين جماعت پاس ڪرڻ کان پوءِ ڊگري سائنس ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ وڌيڪ پڙهڻ لاءِ ويو. سندس ڳاڻيٽو ڪاليج جي هوشيار ۽ اورچ شاگردن ۾ ٿيندو

هو. ڪاليج ايجوڪيشن دوران هن جي دوستي لياقت راڄپر جهڙن هوشيار شاگردن سان هئي. گريجوايشن ڪرڻ کان پوءِ محمد صالح سنڌ يونيورسٽي مان فزيالاجي ۾ ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪئي. پنهنجي صلاحيتن موجب ستت ئي هو پبلڪ سروس ڪميشن پاس ڪري سنڌ گورنمينٽ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي ڪاليج سيڪشن ۾ ليڪچرار ٿيو. فزيالوجي جي ليڪچرار جي حيثيت سان سندس پهرين مقرري گورنمينٽ جناح ڪاليج ڪراچي ۾ ٿي. ان زماني ۾ مان گورنمينٽ ڊگري سائنس ڪاليج لياري ۾ پڙهائيندو هئس ۽ منهنجي رهائش فيڊرل بي ايريا انچولي سوسائٽي ۾ هئي. ڪاليج جوائن ڪرڻ کان اڳ محمد صالح منهنجي گهر آيو هو جتان مان کيس گورنمينٽ جناح ڪاليج وٺي جوائنگ رپورٽ ڪرائي هئي.

محمد صالح سومرو پنهنجي سڀاءَ جي لحاظ کان منڍ کان ئي هڪ نفيس ۽ منڪسر مزاج شخص هو. مهينو ڏيڍ اسان وٽ رهيو پر پوءِ ڪاليج کي ويجهو ٿيڻ جو بهانو ڪري گوليمار سائيڊ تي پنهنجي سنڌي دوستن سان وڃي هڪ ڪالوني ۾ رهائش اختيار ڪيائين. سندس وڏن جا بابي سائين تي وڏا وڙ ۽ ٿورا ٿيل هئا، ان تناظر ۾ مون به دل و جان سان پئي چاهيو ته هو اسان وٽ رهيو پيو هجي پر چاهيندي به اسان کيس وڃڻ کان روڪي نه سگهاسين. پوءِ جيترو وقت هو ڪراچيءَ ۾ رهيو هر آچر جي ڏينهن اسان جي گهر پنهنجي قرب جو ڦيرو ڪندو هو. زندگي جي انهيءَ سفر ۾ جناح ڪاليج ۾ رهڻ دوران سندس شادي محترم ماستر محمد قاسم سومري جي نياڻي سان ٿي.

محمد صالح سومرو ڪجهه سال ڪراچي ۾ رهيو پوءِ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ فزيالاجي جي ليڪچرار جي جاءِ تي امتحان ڪواليفاءِ ڪري اوڏانهن اسهي هليو ويو. بفضل تعالا وڏي ڀاڳ نصيب جو مالڪ هو. ٻاجهاري سائين کيس پٽن جي اولاد سان نوازيو. سندس ٽئي پٽ محمد ڪليم، محمد نعيم ۽ محمد وسيم،

مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي حيدرآباد ۽ اين اي ڊي انجنيئرنگ يونيورسٽي ڪراچيءَ مان پنهنجي پسند جي شعبن مان امتحان پاس ڪري ڏيهه پرڏيهه ۾ ڪار خدمت انجام ڏين ٿا. محمد وسيم سومرو پنهنجي محنت ۽ اورچائي ڪان ڪم وٺي ميڪينيڪل انجنيئرنگ جي شعبي ۾ نيوزيلينڊ مان پي ايچ ڊي ڪري آڪلينڊ شهر ۾ پنهنجون خدمتون انجام ڏئي رهيو آهي ۽ اتي پنهنجي ٻچڙن سان خوشحال زندگي گذاري رهيو آهي.

محمد صالح سومرو پنهنجي زندگيءَ جي سفر ۾ هميشه اڳتي وڌڻ ۽ وڌيڪ پڙهڻ جي تاڪ ۾ رهندو هو. وقت جو قدر شناس ايترو هو جو هن ڪڏهن به وقت کي هٿان نه وڃايو ۽ اسان ڏٺو آهي ته جيڪي وقت جو قدر ڪن ٿا ڪاميابيون تن جا پير چمن ٿيون. انهيءَ وات تي هلندي محمد صالح سومرو رٽائرمينٽ ڪان پوءِ ڪراچيءَ ۾ جناح ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل پرائيويٽ ڪاليج ۾ اچي فزيالاجي جو اسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو. ڪجهه وقت لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ بطور پروفيسر رهيو. هن ٻيهري ڪراچيءَ ۾ رهڻ دوران سچل ڳوٺ ۾ پنهنجي جاءِ جوڙايائن ۽ پنهنجي ٻچن جي تعلم تربيت ۽ شادي مرادي مان جڏهن آجو ٿيو ۽ دلي اطمينان حاصل ٿيس ته پنهنجي دل جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ فزيالاجي ۾ پي ايچ ڊي ڪرڻ لاءِ ڪراچي يونيورسٽي ۾ داخلا وٺڻ لاءِ پنهنجيون ڪوششون تيز ڪيائين. ان سلسلي ۾ جيتوڻيڪ کيس وڏا ڪشالا ڪٽڻا پيا پر ڇاڪاڻ ته پاڻ وڏو جاکوڙي، پڪي ارادي ۽ حوصلي جو مالڪ هو تنهن ڪري نيٺ پنهنجي مقصد ۾ وڃي ڪامياب ٿيو.

سچ به پاچا آهي، انسان ڪيڏو به مقدر جو ڌڻي هجي پر زندگي جي هر رخ ۽ اونچ نيچ سان هن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. زندگي جي وڌن ڏکن مان هڪ ڏک کيس گهر واري جي وفات ڪري وڃڻ واري صورت ۾ مليو پر جڏهن ان صدمي مان ٻاهر نڪتو ته مقدر جي

نئين دڳ تي هلندي لاڙڪاڻي جي ڀاڳت خاندان مان ٻي شادي ڪيائين. منهنجي خيال موجب هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترائي اهم فيصلا پنهنجي هاڪاري سوچ ۽ سمجهه کي اڳيان رکي ڪيا ۽ انهن جو ڪيس لاڀ ٻه سنو مليو. نئين شادي کان پوءِ محمد صالح هڪ برجستو فيصلو ونندي سچل ڳوٺ وارو گهر پنهنجي ٽنهي پٽن ۽ انهن جي ٻچڙن حوالي ڪري چيپل سن سٽي بنگلوز جي اوپارين ڇيڙي تي پنهنجو فليٽ وٺي وجي اتي رهيو.

پي ايڇ ڊي ٿيل هئس، ڪيس سرگوده ميڊيڪل ڪاليج کان پروفيسر آف فزيالاجي جي سٽي آفر ملي، جتي ٽي سال ڪن پروفيسر جي حيثيت سان ڪم ڪيائين پر ڇاڪاڻ ته سندس سڄو کهول ٻچا ٻار ڪراچي ۾ مقيم هئا، تنهن ڪري ان نوڪري کي خير آباد چئي ڪراچي جي بقائي ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ پنهنجي سبجيڪٽ جو پروفيسر اچي مقرر ٿيو، جتان ٻه ڏينهن اڳ مون کي سندس وفات جي ڏکدائڪ خبر ملي.دعا آهي ته رب سائين ڪيس جنت ۾ جاءِ ڏئي.

مارڪسوادي سليم احمد خوجو

1965 کان 1975ع واري سياسي ۽ سماجي سجاڳي واري دور ۾ صنعتي ۽ زرعي ترقياتي ڪمن جي نتيجي ۾لاڙڪاڻي جي شهرين طرفان جناب ذوالفقار علي ڀٽي کي وڏي پذيرائي ملي هئي. ان زماني جي پيپلز پارٽي جي عوامي پاليسين جي ڪري لاڙڪاڻي ۾ نوان نوان صنعتي زون قائم ٿيا هئا، جنهن جي نتيجي ۾ لاڙڪاڻي ۾ ڪپڙي جي صنعت کي وڏي ترقي نصيب ٿي هئي. سنڌ سمال انڊسٽري اسٽيٽ لاڙڪاڻي ۾ لڳندڙ ڪپڙي جي ڪارخانن جو آئون اڳ ۾ ذڪر ڪري چڪو آهيان، انهن ڪارخانن مان نور ٽيڪسٽائيل ملز ۾ جنهن وقت آئون مشين آپريٽر جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو هئس تنهن وقت مل جي مئنيجر مسٽر سليم احمد سان ڪڏهن ڪڏهن سنڌي ادب ۽ مارڪسي خيالن تي گفتگو ٿيندي هئي ۽ مون جهڙن طالب علمن کي ان کان سکڻ لاءِ گهڻو ڪجهه ملي ويندو هو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هو پنهنجي شخصيت ۽ علم جو هڪ پندار هو. لاڙڪاڻي شهر ۾ هن جي صنعتي شعبي ۾ ڪيل خدمت جو آئون گهڻو معترف آهيان. لاڙڪاڻي ۾ ڪيتريون اهڙيون شخصيتون ٿي گذريون آهن جن کي پنهنجي شعبي ۾ جوڳو ڪم ڪرڻ جي صلي ۾ ڪنهن قسم جي پذيرائي نه ملي سگهي آهي. سليم احمد خوجو به انهن مان هڪ هئو.

مسٽر سليم احمد لاڙڪاڻي جي خوجا قبيلي جو نوجوان هو ۽ نسلي اعتبار کان پنجابي خوجو هو. سندس پيڻ جي شادي لاڙڪاڻي جي مشهور ۽ معروف سياسي ۽ سماجي شخصيت عبدالغني خوجي سان ٿيل هئي. هي ڪراچي سنڌ جو پڙهيل لکيل نوجوان هو. شروع

ڪان ئي سندس دوستي سنڌي ادب جي خدمتگذار دوستن سان رهي هئي، هڪ ڀيري ڊاڪٽر اياز حسين قادري سان سليم احمد جي باري ۾ ڳالهه نڪتي ته هن صاحب ٻڌايو ته هو ڏاڍو ذهين ۽ ڏاهو نوجوان هو ۽ انگريزي لکڻ پڙهڻ ۾ پڙ هوندو هو. هن وڌيڪ ٻڌايو ته ڪراچي آرام باغ ۾ منهنجي جاءِ تي سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون ٿينديون هيون ته اهو دوست گهڻو متحرڪ هوندو هو. جڏهن اسان کي انگريزي ۾ لک پڙهه جي ضرورت پوندي هئي ته سموري لک پڙهه ان کان ڪرائيندا هئاسين.

1960ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن حيدرآباد سنڌ مان مسٽر طارق اشرف ماهوار روح رهاڻ رسالو ڪڍندو هو تڏهن سليم احمد سندس ٻانهن ٻيلي هوندو هو. سليم احمد سنڌي ڪتابن جو مترجم به رهيو آهي. ايچ تي ليمبرڪ جي ڪتاب سنڌ جي هڪ جلد جو ترجمو سنڌي ادبي بورڊ ڪانئس ڪرايو هو، هڪ لحاظ کان هي ڪتاب سنڌي ادب جو سرمايو آهي. لاڙڪاڻي مان روشن علي ڪهاوڙ ۽ ڀڳوانداس چاولا سندس دوست رهيا.

سيپٽمبر واري جنگ جي اگرن نتيجن سبب انڊسٽري سيڪٽر تي جيڪي خراب اثر پيا تن کان نور ٽيڪسٽائل به بچي نه سگهي هئي، اهڙين حالتن کي ڏسندي ڪارخاني کي مالي خساري مان ڪڍڻ لاءِ ڪارخاني جي مالڪ محمد يوسف خوجي پنهنجي ننڍي ڀاءُ محمد سليم کي ڪراچي مان گهرائي نور ٽڪيسٽائل جو مينيجر ڪري رکيو. هو ڏاڍو اورچ ۽ محنتي هوندو هو ۽ ڪارخاني جو سمورو ڪم بنا ڪنهن سهڪاري جي اڪيلو سنڀاليندو هو. شام جو شهر جو چڪر لڳائي جڏهن مل ۾ ايندو هو ته هٿ ۾ ڪو نه ڪو ڪتاب ضرور هوندو هئس، سڄو ڏينهن ملڪ جي حساب ڪتاب مان جڏهن واندو ٿيندو هو ته ڪتاب جو مطالعو ڪري پوءِ سمهندو هو. مون پهريون ڀيرو ليو ٽالسٽاءِ جو ڪتاب وارو اينڊ پيس ان جي هٿ ۾ ڏٺو هو.

شهر کان واپسي تي پنهنجي نيم موجب پهريان مشين سيڪشن ۾ ايندو هو. ورڪنگ اينڊ ٽول ڪائونٽر تي ڪتاب رکي پهريون پراڊڪشن رجسٽر جي چڪاس ڪندو هو، تنهن کان پوءِ ڊيوٽي رجسٽر ۽ رپورٽنگ رجسٽرن جو معائنو ڪري پوءِ مشين آپريٽرس کان مشينن جي چال چلت بابت معلوم ڪري پنهنجو ڪتاب کڻي مشين سيڪشن مان روانو ٿي ويندو هو.

هو قد جو پورو پنو هو ۽ بدن جي لحاظ کان ٿورو گهڙو هوندو هو پر هلڻ جي چال ڏاڍي سهڻي هوندي هئس. مزدورن سان ڳالهائڻ ۾ نهايت سنجيده ۽ ڪمال درجي جو معدباڻو لهجو اختيار ڪندو هو، هر هڪ مزدور کي مالهي هجي يا بورچي هجي توڙي هيلپر تنهن کي مسٽر ڪري مخاطب ٿيندو هو. ايم اي سال پهرين جو منهنجو نتيجو نڪتو هو. جنهن جي مارڪس شيٽ مون کيس ڏيکاري هئي ته ڏاڍو خوش ٿيو هو، چاڪاڻ جو ان ۾ منهنجي پوزيشن فرسٽ ڪلاس بيني هئي ۽ 62 سيڪڙو نتيجو بينو هو. مسٽر سليم مون سان مخاطب ٿيندي چيو ”ڪمال ڪيو اٿئي کهڙي وقت پڙهندو آهين؟“ وراڻيومانس ته ”هتي تنهنجي ڪارخاني ۾“، ” اهو وري ڪيئن؟“ چيومانس ته ”جڏهن مشين سنو هلندي آهي تڏهن ڪتاب جو مطالعو ڪري وٺندو آهيان، باقي جڏهن رات جي ڊيوٽي هوندي آهي ته ڪجهه ٽائيم ڪدي ڏينهن جو پڙهندو آهيان.“

نور ٽيڪسٽائل ملز جي مينيجر محمد سليم سان ذاتي طور ڪيترا به ڪٽي سنا لاڳاپا هوندا هئا پر ڪن ڳالهين ۾ هرڪو پنهنجي اصولن موجب هلندو ۽ فيصلو وٺندو هو. ملز جي مڙني معاملن ۾ هو ڪنهن سان به ڪنهن قسم جي رعايت جو قائل نه هوندو هو ۽ آئون به پنهنجن توڙي مزدورن جي حقن تي ڪنهن سوديبازي يا رعايت جو قائل نه هوندو هئس. هڪ ڀيري رفيق ڪرماني مزدور جو سوٽ جيڪو رحمت پور شاهنواز پٽو لائبريري

جي پنيان واري ڳوٺ ڪان مل ۾ ڪم ڪرڻ ايندو هو تنهن ڪي هڪ اڌ غلطيءَ تي ڪاوڙ ڪندي مسٽر سليم احمد بيني بيني نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو.

مون سليم صاحب کي پرسنلي گذارشون ڪيون ته مزدور جي غلطي معاف ڪري ڪيس موٽائي ڪم تي رکو ته هو توهان جو ٿورائتو رهندو پر منهنجي گذارشن جو ڪو ڪڙتيل نه نڪتو. مل جي ماسٽر کي پڻ گذارشون ڪيوسين ته هو مينيجر صاحب کي سمجهائي راضي ڪري ته هو مزدور کي معاف ڪري. ماسٽر جي چوڻ جو به هن تي ڪو اثر نه ٿيو.

ان وقت مل ۾ ڏهاڪو کن مزدور ڪم ڪري رهيا هئا. ڪاٽيج انڊسٽري ڪان نور ٽيڪسٽائيل جي حيثيت مٿي هئي ۽ ڪارخانو فيڪٽري ايڪٽ جي قانون ۽ ضابطن جي دائري ۾ اچي پيو. جنهن ۾ ڪنهن به مزدور کي ڪڍڻ ڪان اڳ ۾ نوٽيس جاري ڪرڻ ضروري ليکيو ويندو آهي. ان وقت آئون يونائيٽيڊ ليبر يونين جو جنرل سيڪريٽري هئس، تنهن ڪري مون تي فرض پيو عائد ٿي ته مزدورجو ڪو داد فرياد ٿيڻ گهرجي. ڪارخاني جي مزدورن جي اهائي گهر هئي. آئون پنهنجي رات واري ڊيوٽي پوري ڪري ڏينهن جو يارهين وڳي ليبر آفيسر وٽ سندس ڪنٽاڻ بازار واري گهر ۾ ملڻ ويس. جنهن قاعدن موجب صلاح ڏني ته تازو سرڪار نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي ته مزدورن جي ننڍن معاملن کي اڪلائڻ لاءِ ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر جيڪو ساڳي وقت ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ به آهي تنهن کي آر بي ٽريٽر جا فرص انجام ڏيڻ لاءِ پڻ مقرر ڪيو ويو آهي، تنهن ڪري توهان ۽ اسان هلي ٿا ان ڪان مسئلو حل ڪرايون.

ٻئي ڏينهن مان ليبر آفيسر کي گهران ٽانگي تي ڪٺي وجي ڊپٽي ڪمشنر عبدالوهاب شيخ صاحب جي آفيس ۾ پيش ٿياسين. ڪمشنر اسان کي ٽن ڏينهن ڪان پوءِ اچڻ جو چيو، ٽن ڏينهن جي

گذرڻ کان پوءِ اسان مسٽر عبدالوهاب جي آفيس ۾ پهتاسين جتي اسان کي عزت سان ويهاريو ويو، پنجن ڏهن منٽن بعد مينيجر سليم احمد به سلام ڪري اچي آفيس ۾ داخل ٿيو. ڪمري ۾ نظر ڦيريائين ته سندس نظر مون تي ۽ ليبر آفيسر تي پئي، ماجرو سمجي ويو.

ڊپٽي ڪمشنر صاحب ڪيس ڪرسي جي آڇ ڪئي ۽ هو اسان جي پرسان اچي ويٺو. ليبر آفيسر ڪمشنر صاحب کي سهٽي نموني اسان جو ڪيس پيش ڪيو، مون ڪا به ان سسلي ۾ بيان ورتو ويو. مون به پنهنجو سربستو موقف پيش ڪيو، جڏهن ڊپٽي ڪمشنر مسٽر سليم احمد کان جواب طلب ڪيو ويو ته هن پنهنجو سمورو بيان وڏي ڪڙڪي سان انگريزي ۾ پورو ڪندي عبدالوهاب شيخ کي چيو ته مان مزدورن جي معاملي کي پاڻ ڏسندس باقي توهان جي هٿ ۾ جيڪو آهي اهو اوهان ڪريو. ايئن چئي همراهه ڪرسي تان اٿي ڪڙو ٿيو.

ڊپٽي ڪمشنر صاحب ڪجهه گرم ۽ سخت لفظن ۾ چيس ته توکي منهنجي ڳالهه مڃڻي پوندي. هن وري به ساڳيو جملو وراڻيس ته قاعدن موجب جيڪو قدم توهان کڻي سگهو ٿا اهو کڻو. ايئن چئي همراهه دروازي ڏانهن وڌيو. پنيان عبدالوهاب چيس ته مان توکي ڏسي رهندس.

ليبر آفيسر مون کي چيو ته توهان هلو. ٻاهر منهنجي ملاقات سليم صاحب سان ٿي، جيستائين ٽانگو ملي تيستائين رستي تي گڏ پئي هلياسين، مون کي خوف هو ته ڪجهه نه ڪجهه سخت لهجو مون سان به اختيار ڪندو پر نهايت سهٽي انداز ۾ چيائين، خبر اٿئي مون آخري جملو ڇا چيومانس. پاڻ ئي چوڻ لڳو ته چيومانس ته جيڪو وٽئي سو ڪر. وڌيڪ مون کي سمجهائيندي چوڻ لڳو ته اڇڻ کان اڳ مان قاعدا پڙهي آيو هوس مون کي خبر اهي ته هن جي هٿ ۾ ڪجهه به ڪونهي.

سليم احمد لانڍي ۾ پراڻي گاهه پڙي لڳ رهندڙ هڪ ديندار خوجن جي گهراڻي مان شادي ڪئي هئي. ڪارخاني جي مالڪ سليم صاحب جي وڏي ڀاءُ محمد يوسف جي وفات کان پوءِ به هو ڪارخاني جو انتظام سنڀاليندو رهيو پر لانڍي ۾ ڪپڙي جي صنعت جي زوال پذير ٿيڻ بعد هي پرديسي پکيئڙو هميشه لاءِ ڪراچي واپس موٽي ويو.

1992ع ۾جنهن ڏينهن آئون ڪراچي يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي جي ڊگري ملڻ تي سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ الائونس جي اجراءَ لاءِ ليٽر جمع ڪرائڻ ويو هئس ته محمد سليم مون کي ان آفيس جي پرسان پنهنجي پراڻي رهائش گاهه وٽ مون سان مليو هو. مون کان حال احوال ورتائين، ٻڌايومانس ته مون ڪراچي يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي آهي ته هو ڏاڍو خوش ٿيو هو. چار پنج سال اڳ مون سان گلشن اقبال پيپاني هائٽ جي دروازي وٽ ساڻس اوچتو ملاقات ٿي هئي. مون کانئس پڇيو ته ڪيئن آهيو؟ وراڻيائين ڏس تنهنجي سامهون بيٺو آهيان. مون مٿانهس نظر وڌي، بلڪل ساڳيو جو ساڳيو نور ٽيسڪٽائل ملز وارو مئنيجر مسٽر سليم احمد پئي لڳو. مون کائنس پڇيو ته ڪاٿي ٿا رهو. وراڻيائين ته هتان مون کي A3 بس ملندي آهي، جيڪا گلشن معمار ويندي آهي، جنهن تي چڙهي ويندس. معذباڻو عرض ڪيومانس ته مون وٽ گاڏي آهي، هلو ته مان اوهان کي ڇڏي اچان ٿو. چيائين اجا جنگهن ۾ ساهه آهي مان پاڻ ئي هليو ويندس تون تڪليف نه ڪر. سبحان الله کهڙو ماڻهو هو واقعي گهر جي در تي گهر ۾ ويهي به ڊڪ چانهن پيئڻ جي آچ ڪئي مانس پر هن مانواي هڪ چانهن جو قرض لاهڻ جو موقعو به نه ڏنو. مل جي هڪ پراڻي دوست صاحب خان شيخ ٻڌايو ته سليم صاحب جي وفات جي خبر ٻڌي آهي ته هو ڪراچي ۾ وفات ڪري ويو آهي.

**

مزدور رهنما، صاحب خان شيخ

مون کي نور ٽيڪسٽائل ملز ۾ ڪم ڪندي زندگيءَ جا اهم تجربا ٿيا، هتي مون اهو ڪجهه سکيو، سمجهيو ۽ پرايو جنهن تي زندگي پر مون کي ناز رهندو. هتي رهي اسان وارپ ٽٽنگ جي مزدورن ٽريڊ يونين جي باري ۾ جيڪي سوچيو تنهن کي عملي جامون پهرائيندي اسان لاڙڪاڻي ۾ يونائيٽيڊ ليبر يونين جو بنياد رکيوسين. مزدورن جي اها ڳنڍيل جدوجهد اڳتي هلي. لاڙڪاڻي ۾ يونين سازي لاءِ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿي. هن ڪم ۾ منهنجي ذاتي ڪوشش ۽ جدوجهد جي پنيان منهنجو هڪ نماڻو مقصد هو ته لاڙڪاڻي ۾ مزدورن جي ڀڏي ۽ شعور جي وسلي مزدورن جي يونين جو هڪ سگهارو نظام ڪڙو ڪري سگهون، جنهن تحت اسان وارپ ٽٽنگ ٽيڪسٽائل جي بين الاقوامي اسٽينڊرڊ ميٿڊ وارين تيز ترين پيداواري ٽولز سان مزين آٽوميٽڪ مشين جو ڪم لاڙڪاڻي جي لوڪل مزدورن ۾ منتقل ڪريون. ٽن چئن سالن جي لاڳيتي ڪوشش سان آئون پنهنجي دوستن جي مدد سان ان سلسلي ۾ ڪجهه ڪاميابيون حاصل ڪيون ۽ وارپ ٽٽنگ جو اسڪل ڳوٺاڻن، نوجوانن ۾ وڌائيندي ڊهاڪو کن هيلپرس کي ڪم سيکاري مون انهن کي باصلاحيت آپريٽر جي صورت ۾ علي ٽيڪسٽائل، غفور ٽيڪسٽائل ۽ نور ٽيڪسٽائيل ملز ۾ ڪم تي لڳائي پنهنجي روزي روٽي لائق بڻايو. منهنجي لاءِ هيءَ ڳالهه خوشي جو سبب هئي ته سنڌ سمال انڊسٽري اسٽيٽ لاڙڪاڻي ۾ اسان جي ڪڙي ڪيل ٽريڊ يونين سسٽم هيٺ هاڻي مل مزدور پنهنجي حقن جو تحفظ ڪرڻ سکي ويا هئا. آئون جڏهن 1972ع ۾ ملز جي ماحول ۽ مزدورن جي مانداڻ کي الوداع چئي زندگيءَ جي نئين موڙ تي هڪ

نئون سفر شروع ڪيو تڏهن ان زندگيءَ جي سفر دوران خبرون پڙهندو هئس تہ منهنجي ساٿي شاگرد صاحب خان شيخ لاڙڪاڻي شگر ملز جي ليبر يونين جون واڳون سنڀاليندي مل جي يونين ۾ صدر جي پوزيشن سنڀالي آهي. تہ آئون خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نہ پي ماپيس.

صاحب خان شيخ جو لاڙڪاڻي جي ٽريڊ يونين ۾ هڪ وڏو ڪردار رهيو آهي. هن جو ڳاڙهيٽو انهن ماڻهن ۾ ٿي سگهي ٿو جن جي باري ۾شاعر عظيم فرمائي ٿو تہ ”ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پڪي سڀ نہ هنج، ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.“ اها حقيقت آهي تہ هزارن ۾ ڪو ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو نڪرندو آهي. اصل ۾ هيءُ موتيءَ داڻو بہ مون رائيس ڪئنال جي ڪپ تان ڳولي لڌو هو، مون کي پليءَ پت جاڻ هئي تہ ڪنول جا گلابي سرها گل هر موسم ۾ هر مند ۾ ڍنڍن جي ڪنارن سان ٽيندا آهن ۽ سپون جن مان موتي ليندا آهن سي بہ ڪپ ۾ ليندڙيون آهن.

نور ٽيڪسٽائل ۾ هڪ شام جو آئون ڪيرولين شرٽنگ جي ٽِٽَل تندن کي رچ جي سين ۾ پوئي رهيو هئس تہ ماسٽر شفيع محمد جيڪو منهنجي مشين سيڪشن جو انچارج هو هڪ ڀار کي منهنجي سامهون ڪندي پنجابي ۾ چيو تہ هي صاحب خان آهي، هاڻي هي تنهنجي حوالي اهي. هن کي ڪم سيکارج، ڀہ ٽي ڏينهن آيا ويا، مون صاحب خان کان پڇيو تہ هن بلا سان تنهنجي ڪيئن ڏيٺ ويٺ ٿي؟ صاحب خان وراڻيو تہ مان ماهيڙو آهيان، هن جي گهر ۾ روزانو کير کڻي ايندو آهيان، صاحب خان جو والد محترم گاجي خان ريلوي ڦاٽڪ جي پرسان ڳوٺ رسول آباد ۾ رهندو هو. گهر تي مينهون ۽ ٻڪريون پالي رکيون هئائين پر ڪٽنب وڏو هئس تنهن ڪري سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن ۾ چوڪيداري ڪندو هو ۽ پنهنجي وڏي پٽ کي روزگار تي لڳائڻ لاءِ ماسٽر شفيع محمد جي حوالي ڪري ويو هو، صاحب خان کي ٿوري گهڻي ڪم

ڪار جي سڌ سماءُ جي بنياد تي ٻن ٽن مهينن کان پوءِ هيلپر جي پوسٽ تي ڀرتي ڪيو ويو، منهنجو ته مول متو ئي اهو هو ته لوڪل ماڻهن کي جلد کان جلد ڪم جي سکيا ڏني وڃي. تنهن ڪري صاحب خان کي ڪم جي سکيا جي سلسلي ۾ مون ذاتي طور تکڙا قدم کنيا. هي ڇوڪرو نهنو، مسڪين طبع ۽ سلڇڻي مزاج وارو پئي لڳو تنهن ڪري مون ڪانئس ٻه ٽي ذاتي سوال پڇيا جنهن تي هن پنهنجي تعليم جي باري ۾ ٻڌايو ته ٽي چار سنڌي درجا پڙهيل آهي. هن جي ڪم سکڻ جون لياقتون ڏسندي مون خيال ڪيو ته هن جي لاءِ انگريزي جي ڄاڻ سمجهه ضروري آهي. مون کيس چيو ته مان چاهيان ٿو ته تون انگريزي پڙهه. هن وراڻيو ته بابا اسڪول نٿو پڙهائي، چوي ٿو ته يا ڍور سنڀال يا ڪو ڪم سک. گاجي خان سان منهنجي عليڪ سليڪ هئي، مون کيس سمجهايو ته ڇوڪر کي پڙهڻ جو شوق آهي جي تون اجازت ڏين ته هن کي اسڪول ۾ داخل ڪرايونس. وراڻيائين ته منهنجو حالتون اجازت نٿيون ڏين. صاحب خان کي مون دلجاءِ ڏني ته جيترو ٿي سگهندو اوترو مان توکي انگريزي سيکاريندس. ان وقت انگريزي سکڻ پڙهڻ لاءِ بنيادي ٻه ڪتاب هوندا هئا. هڪ پرائمر ٻيو ريڊر سو اهي ٻئي ڪتاب مون هن کي آڻي ڏنا. رات جي ڊيوٽي ڪري اسان رسول آباد ڳوٺ جي پر ۾ رائيس ڪئنال جي ڪڙ تي ٽارين جي گهاٽي ڇانوَ ۾ ويهندا هئاسين. جتي مون صاحب خان کي پهريون پرائمر جنهن ۾ اي، بي، سي ۽ ٻن اکرن جي جوڙ جا لفظ سيکاري، هن کي سمورن سبقن جي مڪمل سکيا ڏني، تنهن کان پوءِ مون صاحب خان کي ريڊر پڙهڻ سيکاريو، جنهن بعد هو انگريزي اکر، جملا ۽ سائين بورڊ وغيره پڙهي ويندو هو ان سان گڏ پراڊڪشن رجسٽر ۾ پنهنجي ٽاهيل ڪپڙي جي پيداوار پاڻ ئي درج ڪري ويندو هو. خداداد صلاحيت جو مالڪ هو. هن گيان باغ ۾ جيڪي منهنجا يونين سازي ۽ يونين بازي جي سلسلي جا ليڪچر ٻڌا هئا سي سڀ

رتي چڙيا هئا. علاوه ازين مزدورن کي فائدا وٺي ڏيڻ ۾ اسان جيڪا ڳڌجي جدوجهد ڪئي تنهن ۾ بين سان گڏ هن وڏي سرگرمي سان منهنجو ساٿ ڏنو. جڏهن آئون 10 سال لاڳيتو ڪارخانن ۾ نوڪري ڪري ليڪچرار جي حيثيت ۾ مقرري ٿيڻ ڪان پوءِ هيءَ جوءِ ڇڏي ويس تڏهن مزدور يونين کي صاحب خان سنياليو، نہ رڳو ايترو پر هن لاڙڪاڻي شهر ۾ يونين سازي جي عمل کي ايڏي هٿي وٺرائي جو ڪو زمانو اهڙو بہ آيو جو هن اڌ پڙهي انسان پنهنجي خداداد صلاحيتن جي بنيادن تي ڪيترن ليبر يونينز کي گڏي لاڙڪاڻي ۾ فيڊريشن جي پليٽ فارم تي آڻي بيهاريو. منهنجي لاءِ اهو لمحو وڏي خوشيءَ جو سبب هو، جڏهن منهنجي ڪارخاني جي دور جي هڪ ساٿي محمد صالح سومرو جيڪو ان وقت واپڊا جي يونين طرفان راولپنڊي جي لياقت باغ ۾ پاڪستان جي گڏيل مزدور فيڊريشن جي ڪنوينشن ۾ شريڪ ٿيو هو، ان هڪ ملاقات ۾ ٻڌايو تہ مون ان ڪنوينشن ۾ صاحب خان کي پرجوش انداز ۾ خطاب ڪندي ڏٺو آهي.

**

پيارو دوست غلام مصطفيٰ بولاڻي

غلام مصطفيٰ بولاڻي اسان جي سٿ جي بنيادي دوستن مان هو، منهنجو اسڪول ميٽ هو پر مون کان هڪ درجو سينيئر هو، علي گوهرآباد جو رهاڪو هو، نندي چمار کان صاحب ڪردار هو. ان سان ڳَڌ هو ديني ۽ مذهبي خيالن وارو نوجوان پڻ هو. قد ۽ بُت ۾ پورو پُنو هو، مزاج ۾ شرميلو هو، مودباڻي طريقي سان ڳالهائيندو هو. جملي ۾ سنن ۽ چيدن لفظن کي فٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. هن جي اها هڪ هابي هئي يا عادت بهرحال عمر جي آخري ڏهاڙن تائين هن ۾ اها عادت قائم رهي.

غلام مصطفيٰ بولاڻي به اسان جي سنڌي سڄڻن سٿ ۽ سنڌ اسٽڊي سرڪل جي بنيادي ميمبرن مان هو. آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج ۾ رجسٽريشن ڪرائي ڇڏي هئائين پر پنهنجي گهرو حالتن جي ڪري ڪاليج ۾ ڪونہ ايندو هو. پهريون پنهنجي چاچي سان درزڪي ڪم ۾ هٿ ونڊائيندو هو، پوءِ جيلس بازار لاڙڪاڻي ۾ هڪ فروٽ ڪميشن ايجنٽ جي آفيس جو ڪم سنڀالڻ تي مامور رهيو. پڙهڻ ۽ حساب ڪتاب جو پَڙ هو. بلا جو حافظو هوندو هئس. بيت بازي به سندس هابي هئي، جنهن ۾ اسان سيني کي مات ڏئي ڇڏيندو هو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي مان پنهنجي پسند جا بيت ڳولي ڳولي ياد ڪندو هو، جڏهن سٿ ۽ سنگت جي ڪچهري ۾ شاهہ سائين جي بيتن پڙهڻ جو دور هلندو هو تہ اهڙي قسم جي بيت بازي ۾ هو هميشہ سرخرو رهندو هو. سٿ جي سينئر ساٿين بشير احمد پناڻ، محمد يوسف لغاري، محمد يوسف شيخ جو ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ ڪلاس ميٽ هو. سندس ڪلاس جي

هوشيار شاگردن ۾ شمار ٿيندو هو. اسڪول ۾ سائنس ۽ ميٿ ميٽڪس کان سواءِ مڙني مضمونن ۾ پڙُ هو پر سندس پسنديده مضمون ڊرائنگ هوندو هو. پينٽنگ ۽ ڊرائنگ سکڻ جي غرض سان هو استاد ناصر حسين صاحب جي ويجهو رهندو هو. اسڪول جو سينيئر ڊرائنگ ٽيچر ناصر حسين نيڪ نمازي هوندو هو. تنهن ڪري سيني شاگردن کي ٻيپهري جي نماز پنهنجي امامت ۾ پڙهائيندو هو. غلام مصطفيٰ پڻ استاد صاحب جي اثر هيٺ رهي پڪو نمازي ٿي پيو هو.

غلام مصطفيٰ ٻولاٽي سان منهنجي ملاقات پنهنجي پاڙي جي سائين عبدالرشيد واري اچي مسجد ۾ ٿيندي هئي پر هڪ دوست جي حوالي سان اسان جو ملڻ ڪرڻ ست جي پليٽ فارم تي ٿيو. هي دوست پنهنجي سياءَ ۾ نهنو، رِلٽو ملٽو ۽ ڪلٽو هوندو هو. جسم ۽ ڪپڙن کي پاڪ صاف رکڻ جي عادت نندپڻ کان هئس. دين مذهب جي لحاظ کان ايمانداري، سچائي ۽ سچ ڳالهائڻ وارا گڻ منجهس موجود هئا.

اسان جو هي پيارو دوست جيتوڻيڪ قسمت جو ماريل هو، سندس ماءُ پيءُ ٻالڪ پڻي ۾ ئي مفارقت ۽ جدائي ڪري راهه رباني وٺي چڪا هئا. جڏهن اسڪولي شاگرد هو تڏهن پنهنجي چاچي جي نگراني هيٺ رهندو هو. سندس چاچو به هڪ نيڪ نمازي ۽ پرهيزگار شخص هو. پاڻ وڏو ڪاريگر درزي هو. ورهاڱي کان اڳ سيئو بازار ۾ ڪنهن ماهر درزي جي دڪان تي ڪوٽ پينٽ سبڻ جو ڪم ڪندو هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ٻين گهٽن ڪمن سان گڏ درزڪو ڪم به زوال پذير ٿي ويو ته غلام مصطفيٰ جي چاچي پنهنجي گهر جي ننڍي اوطاق ۾ درزڪو ڪم شروع ڪيو. هندستاني فلمن ۾ دليپ ڪمار، راج ڪپور ۽ ديوآنند کي پينٽ سوٽ ۾ ڏسندا هئاسين ته اهي ڏاڍا سهڻا لڳندا هئا. مون کي به ريچڪ چڙهيو مون به پنهنجو پهريون فل سوٽ غلام مصطفيٰ جي

چاچي کان سبرايو. جيڪو هن منهنجي پسند موجب سنو سبي ڏنو، هن سلائي جو اجورو پنج رپيا ورتا هئا.

غلام مصطفيٰ جڏهن جيلس بازار ۾ فروٽ جي پلاوٽي وٽ ڪم ڪندو هو تڏهن جناح باغ ۾ لڳندڙ اسان جي ڪچهرين ۾ هن جو اچڻ وڃڻ گهٽ ٿي ويو، هن پياري دوست جي سڪ لڳندي هئي ته پاڻ وڃي دڪان تي يا سندس گهر وڃي ملي ايندا هئاسين. گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ هو ريلوائي کاتي ۾ ڪلارڪ ٿيو. سندس پهرين پوسٽنگ لاڙڪاڻي ۾ ٿي، جنهن بعد سکر بدلي ٿي ويو، سکر ۾ نشاط سنيما جي سامهون گهٽي ۾ هڪ ڪمري جي مسواڙي جاءِ ۾ رهائش اختيار ڪيائين. سکر ۾ اسان جي پاڙي لڳ هو سو جڏهن منهنجو اوڏانهن وڃڻ ٿيندو هو ته مان وڃي ملي ساڻس ڪچهريون ڪندو هئس. انهن ڏينهن ۾ هن جو پينٽنگ ڪرڻ ڏانهن رجحان وڌي ويو هو. مان جڏهن هن جي ڪمري ۾ داخل ٿيس ته سندس ڪمري ۾ هر پاسي بورڊ ۽ بينر رکيل نظر آيا. پڇيومانس ”هي ڇاهي؟“ چيائين: ”بازار ۽ سنيمائون ويجهيون آهن، تنهن ڪري هتي پينٽنگ جو ڪم گهڻو ٿو ملي ۽ پرديس ۾ پئسي جي گهڻي ضرورت پوي ٿي، سو ان ڪري مان پئسي خاطر اهو ڪم ڪيان ٿو.“

ريلوي کاتي ۾ اچا نه ويو هو ته اسان هڪ ٻئي جي گهڻو ويجهو هئاسين. سائين فيض محمد سيال جي پرسان واري گهٽي ۾ گهر هوندو هئس، نماز لاءِ ان جي مسجد ۾ ايندو هو اتي اسان جي خير آفيت ٿيندي رهندي هئي. عيدميلادالنبيﷺ جي جلسن ۾ به شرڪت ڪندو هو. انهن ڏينهن هن کي ڪسرت ڪرڻ ۽ تنسازيءَ جو شوق جاڳيو، ٻي سنگت کان وڌيڪ هن جي مون سان لڳندي هئي، سو اسان ٻئي هڪ ته واڪ گهڻي ڪندا هئاسين ٻيو سياري وارن ڏينهن ۾ رائيس ڪئنال جو پيتو پاڻي کان خالي هوندو هو.

اسان اڪثر رسول آباد بروهين جي ڳوٺ کان اڳتي وڃ رائيس ڪئنال جي واري تي ڊوڙون پريندا ۽ ٽپا ڏيندا هئاسين.

ڪسرت ڪرڻ جو اسان کي ايڏو جنون هو جو جڏهن وليدن کان پنج پل واهه جو وهڪرو ڳوٺ کان پري ڪيو ويو. تڏهن ان جي نئين ٽيل ڪوٽائي جي جبلن جيڏي مٽي ٽيل واريءَ جي دڙن تي چڙهي وڏا وڏا ٽپا ڏيندا هئاسين ۽ ڪوڊڪ ڪيمرا سان هڪ ٻئي جون تصويرون ڪڍندا هئاسين. ريل جي بند تي تکو پنڌ ڪرڻ به اسان جي هابي هوندي هئي، اسان اها ڪسرت ايتري حد تائين ڪنداهئاسين جو ڪڏهن ڪڏهن دودائي ڳوٺ جا وڃي وڻ ڪٽيندا هئاسين. اهڙي قسم جون ڪسرتون ڪري هڪ ٻئي کي پنهنجا ڏورا ڏيکاريندا هئاسين. جسم جي واڌ تي بظاهر ڪو اثر نظر ڪو نه ايندو هو، البته اسان جي صحت سني رهندي هئي. باغن بستانن جي گهمڻ جو شوق به اسان ٻنهي کي گهڻو هوندو هو. سو ٻئي گڏجي گهاڙ واهه جي ڪڙ تي گهمندي گهمندي اوسي پاسي جا حسين منظر ڏسندي پيرشير تائين پنڌ ڪري ويندا هئاسين.

نوجواني ۾ ئي غلام مصطفيٰ صوم ۽ صلوات جو پابند، صاحب ڪردار ۽ باحيا ماڻهو هو. هن جي اهڙين خوبين جو مان گهڻو معترف رهندو هئس، پنهنجي ذات ۾ هو ڪمال درجي جي شرميلي مزاج جو مالڪ هو. هن جي اهڙين خوبين جي ڪري منهنجي لاءِ هو هڪ متاثر ڪندڙ ڪردار هو، تنهن ڪري مان هن سان گهڻو پيار ڪندو هئس. مذهب جي معاملي ۾ مون کان وڌيڪ ڄاڻ رکندو هو، عملي طور به مان هن کان گهڻو پوئتي هئس، سچ پچو ته پنهنجي اهڙين مڙني خوبين جي ڪري هن جي ڇهري تي جواني ۾ ئي بزرگيءَ جا چٽا آثار نظر ايندا هئا.

غلام مصطفيٰ هڪ پيري تي پهري جي نماز پڙهڻ کان پوءِ چيو ”سياڻي مغفرت جي پلاري شب رات آهي.“ مون چيومانس”جي ها، اها رات ته جاڳي عبادت ڪرڻ جي آهي.“ اهو ٻڌي چوڻ لڳو.

”ٻڌو آ تہ ان پلاري رات جو ڪنهن پهر سمندن، دريائن، ندين ۽ واهن جو پاڻي ڪير تي پوندو آهي.“ مون چيامانس پوءِ؟ هن ٻڌائيندي چيو ”ٻڌو آهي تہ اهو ڪير ڪنهن ڪي نصيب ٿي تہ اهو الله سائين جي دوستن ۾ شمار ٿيندو آهي.“ مون وراڻيو ”جي ها مون بہ پنهنجي امڙ جي واتان اهو ذڪر ٻڌو آهي“ ٻئي ڏينهن اسان پڪراءِ تي گهاڙ واهہ جي ڪنڌيءَ واري مسجد ۾ شب بيداري جو پروگرام ٺاهيوسين. ڏينهن لڙي سج لٿي جي نماز سائين فيض محمد واري مسجد ۾ ادا ڪري پنهنجي دلي مراد ڪي عملي جامون پهرائڻ لاءِ اسان گهران ماني ڪائي پاڻ سان هنڌ ويهاڻا ڪڻي گهاڙ واهہ جي ڪڙ تي مسجد ۾ وڃي ديرو ڄمائي ويناسين. سج لٿي کان پوءِ هَئو مئو ٿري تہ اسان گهاڙ واهہ جي پاڻي مان وضو ساري پاڻ سان آندل ميڻ بتون ٻاري مسجد ۾ رکيل قران شريف کولي پنهنجي عبادت ڪي لڳي وياسين. ٿوري دير ڪان پوءِ رات جون آذانون شروع ٿي ويون. رات جي نماز مون غلام مصطفيٰ جي امامت ۾ ادا ڪئي. رب سائين جا شڪرانا ادا ڪري چوٽڪاري جي دعائن ۾ ڪير پيئڻ جون اميدون رکي وري قرآن شريف جي آيتن جي ورد ۾ لڳي وياسين. قرآن خواني ۽ دعائن جو اسان جو اهو سلسلو پئي هليو، انهيءَ دوران اسان مان ڪو اٿي گهاڙواهہ جي پاڻي تي نظر وجهي وري اچي پنهنجي عبادت ۾ مصروف پئي ٿيو. ان وچ ۾ اسان پاڻ ۾ گهٽ پئي ڳالهايو.

اڌ رات گذري وئي، اسان جون ميڻ بتيون تقريبن ختم ٿيڻ تي هيون ۽ سيءَ بہ اچي ڪجهہ سوڙهو ڪيو، ان ڪان سواءَ اسان ڪي اوٻاسيون بہ اچڻ لڳيون. اهڙي صورتحال ۾ پاڻ ۾ اهو طئي ڪيوسين تہ هاڻ اسان مان هڪڙو ويهي عبادت ڪري ۽ هڪڙو جاڳي پاڻي تي نظر رکي. جڏهن پاڻي ڪير ۾ تبديل ٿئي تہ جاڳيل همراهہ ستل کي هڪدم اٿاري ڪير واري نعمت سان فيضياب ڪري. پهريون مان سوڙ پائي سمهي پيس، اڌ منو ڪلاڪ مس

گذريو ته غلام مصطفيٰ مون کي جاڳايو، پھريون مون سمجھيو ته گھاڙ واھ کير ٿي ويو آھي پر پائو چوڻ لڳو ته ھاڻي يار تون جاڳ ته مان ننڊ ڪيان. ھڪ ٻه پيرا ايئين ڪيوسين پر خبر تڏھن پئي جڏھن صبح جو سج ايرڻ بعد تڙ جي ڏوبين اچي اسان کي ننڊ مان اٿاريو.

غلام مصطفيٰ جواني ۾ شادي ڪئي پر قدرت الاھي جي ڪيس کو اولاد کونه ٿيو. ريلوي ڪاتي مان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ لاڙڪاڻي ۾ ڪچين جي پاڙي ۾ ايمپائر سنيما کان ايندڙ مين روڊ تي سيڌي، ڪتابن ۽ ڪاپين ۽ ٻارن جي شين جو دڪان کوليائين. انھن ڏينھن ۾ دڪان تي ايڊورٽائيزمينٽ جي پوسٽرن تي پيئنٽنگ جو ڪم ٻه کندو ھو ۽ شھر مان ھينڊبل لکڻ ۽ تيار ڪرڻ جو ڪم ٻه ملندو ھئس. مان گرمين جي موڪلن ۾ يا جڏھن منھنجو لاڙڪاڻي وڃڻ ٿيندو ھو ته ساڻس ويھي ڊگھيون ڪچھريون ڪندو ھئس. مان ڪراچي ۾ ھئس ته پائو بشر احمد شاد اھا ڏک ڀري خبر ٻڌائي ته يار غلام مصطفيٰ اسان جو پيارو دوست اوچتو ھن دارالفاني مان ڪوچ ڪري ويو. انالله و انا عليه راجعون. غلام مصطفيٰ جي وفات جي خبر مون تي بجلي ٿي ڪري، وڃڻ وارن کي ڪير ٿو روڪي سگھي، قول قدرت ٻه آھي ته قل شيءٍ ذائقہ الموت. ڪالھ غلام مصطفيٰ جدا ٿيو پراھا راھ ھر وقت کلي پئي آھي، سڀاڻي اسان کي ٻه اھائي راھ وٺي وڃڻو آھي، شل رب سائين ان راھ تي ھلڻ لاءِ تياري جي توفيق ڏي آمين.

**

دلبر دوست محمد يوسف لغاري

محمد يوسف لغاري هڪ انمول سماجي ڪردار هو. مرحوم لاڙڪاڻي جي دڙي محلي جو رهاڪو هو. 1962-63ع ڌاري جڏهن اسان هڪ ادبي ۽ سماجي تنظيم ”سنڌي سڄڻ سٿ“ جو بنياد لاڙڪاڻي جي جناح باغ ۾ رکيو، تڏهن محمد يوسف لغاري پڻ سٿ جي بنياد وجهندڙن ۾ شامل هو. هو اسڪول وارن ڏينهن کان ئي مک ۾ مشڪندڙ، طبع ۾ نهٺو، سياءُ ۾ سلڇڻو، مزاج ۾ منو ۽ هڪ محبوب شخصيت جو مالڪ هوندو هو. دريا دل ايترو هو جو زندگي جي ڏکيائي واري وقت ۾ هر ڪنهن سان ساٿ ڏيڻ ۾ سڀ کان اول تيار هوندو هو. ايتري قدر جو ڪنهن کي رت جي ضرورت پوندي هئي ته هي همراهه ڏيڻ لاءِ تيار بيٺو هوندو هو. محمد يوسف لغاريءَ ۾ اهي گڻ مرندي گهڙي تائين رهيا.

لاڙڪاڻي جي ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ چوٿين اسٽينڊرڊ دوران اسڪول جي ڪرڪيٽ ٽيم ۾ هي دوست ٽيم جو سٺو بيٽسمين هو. ميونسپل هاءِ اسڪول جي گرائونڊ ۾ جڏهن مون هن کي ڏٺو تڏهن ڪيس پيرن ۾ اڇا ڪرمچ وارا شوز هئا. ڄنگهن تي اڇا پيڊ ۽ جسم تي اڇي رنگ جي پينٽ ۽ اڇي رنگ جي قميض پاتل هئي. مشڪندو مسڪرائيندو هٿ ۾ بيٽ کنيو همراهه ڪريز ڏانهن اچي رهيو هو. ڪرڪيٽ گرائونڊ کان سواءِ هن کي اسڪول جي ڊرائنگ هال ۾ ڏسڻ جو موقعو ملندو هو. آئون به آرٽ ۽ ڊرائنگ جو شوقين هئس پر دوستن جو هي گروپ جنهن ۾ بشير احمد پناڻ، محمد يوسف شيخ، غلام مصطفيٰ بولاڻي ۽ محمد يوسف لغاري هوندا هئا سي باقاعدي اليمينٽري ڊرائنگ جا شاگرد

هئا. مون وٽ رڳو ڊرائنگ جو پيريڊ هوندو هو، ڊرائنگ هال ۾ اسان جي سينيئر استادن ۾ جناب ناصر حسين صاحب هوندو هو. جيڪو ورهاڱي کان اڳ هندستان جي ڪنهن معروف اسڪول ۾ ڊرائنگ ٽيچر ٿي رهيو هو. آرٽ جي فن جي لحاظ کان هو هڪ مڃيل آرٽسٽ هجڻ سان گڏ ماهر پينٽر بہ هو. جنهن جي شاهدي اسان جي ڊرائنگ هال ۾ لڳل هن جي هٿ جون ٺهيل پينٽنگز هونديون هيون، جن کي ڏسندي ڏسندي اسان فطرت جي حسين منظرن ۽ خوابن جي دنيا ۾ گم ٿي ويندا هئاسين. محمد يوسف لغاري گروپ وارا ٻن پهرن جي نماز جي وقت بہ ڊرائنگ هال ڏانهن استاد ناصر حسين جي امامت ۾ نماز پڙهڻ لاءِ ڪنا ٿيندا هئا. بس اهي بہ ٿي جايون هونديون هيون جتي هلندي هلندي محمد يوسف لغاري سان منهنجي ڏيٺ ويٺ دوستيءَ ۾ تبديل ٿي وئي. ميٽرڪ پاس ڪرڻ بعد اسان هڪ ئي اسڪول جا فارغ ٿيل شاگرد جناح باغ ۾ شام جو ميڙ ڪري ڪچهريون ڪندا هئاسين، ان وقت اسان جي وچ ۾ تقريبن سينيئر ۽ جونيئر جو ليکو ختم ٿي ويو هو. پوءِ اسين يڪ ڪالب يڪ جان ٿي نہ رڳو هڪ ٻئي سان ميٺ محبت ۾ رهندا هئاسين بلڪ پنهنجي سٿ جي پليٽ فارم تان ادبي، علمي ۽ سوشل سرگرمين ۾ حصو وٺڻ ۾ پڻ هڪ ٻئي سان سهڪار ڪندا هئاسين. اسان دوستن جي سٿ ۽ اسان جي حلقي ۾ محمد يوسف لغاري هڪ محبوب شخصيت جي حيثيت رکندو هو. صاف دل ۽ فراخ دل جيئڙي هجڻ ڪري هن سان هر ڪو پيار ۽ محبت سان پيش ايندو هو.

ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪري جڏهن هن آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج مان انٽر آرٽس ڪئي، تڏهن ستت ئي کيس گورنمينٽ اسڪول پرائمري سيڪشن ۾ پرائمري استاد جي نوڪري ملي. هو لاڙڪاڻي جي مختلف تعلقن ۽ لاڙڪاڻي جي آسپاس، ڀراڙين ۾ قائم اسڪولن ۾ پنهنجا فرض ايمانداري ۽ خوش اسلوبيءَ سان

نيائيندو رهيو. هو جتي بہ ويو ۽ جتي بہ رهيو وڏي عزت ڪمائي اتان رخصت ٿيو. اسڪولن جي نصاب ۾ جيڪي مضمون رکيل هوندا هئا تن کي پڙهائڻ جي سلسلي ۾ هو هڪ آل رائونڊر استاد هو. ڪاليج ۽ يونورسٽي توڙي ايجوڪيشن مضمون جي هن تعليم پرائي. ڊبل ايم اي جا امتحان ڏنائين، جيڪي سمورا هن سٺن گريڊن ۾ پاس ڪيا پر پرائيويٽ طور امتحانن ڏيڻ دوران هن کي مون ڪتاب پڙهندي تمام گهٽ ڏٺو. انٽرميڊي ايٽ، بي اي، بي ايڊ ۽ ڊبل ايم اي ڪيائين، انهن امتحانن جي اسٽڊي اسان گڏجي گروپ جي شڪل ۾ جناح باغ جي ٻارن ۾ رات جي پهر ۾ دير تائين ويهي ڪندا هئاسين. محمد يوسف لغاري گروپ اسٽڊي ۾ اسان سان برابر گڏ هوندو هو پر جڏهن اسان پاڻ ۾ ويهي وڏي آواز سان ڪتاب پڙهي انهن جا چيپٽر ياد ڪندا هئاسين تہ هي همراهہ چپر تي ليٽي پوندو هو. ننڍ جو وري اهڙو انسٽنٽ هو جو هيڏانهن مٿي هيٺان ٻانهن ڏنائين تہ هوڏانهن جوان جو کونگهرو شروع ٿي ويندو هو. چانهن پيئڻ جي وقت تي جاڳندو هو. جي رائل سنيما لڳ هوٽل رحمان جو بيرو چانهن آڻڻ ۾ دير ڪندو هو تہ محمد يوسف وڏي شوق سان وجي چانهن ڪٽي ايندو هو ۽ هر هڪ دوست کي ڪيٽلي مان ڪوپ ۾ چانهن اوتي پنهنجي هٿن سان سرو ڪندو هو.

اسان سمورا دوست سڄو سال ڪتاب پڙهي مٿو کپائيندا هئاسين، جڏهن امتحانن جي ڏينهن ۾ اسان وڏيڪ ڌيان ڏئي اسٽڊي ڪندا هئاسين تڏهن اسان جي وڏي آواز سان پڙهڻ دوران هي همراهہ جاڳي وڏي سڌيرائپ سان ٻرسان ويهندو هو ۽ چيپٽر جا چيپٽر ياد ڪندو ويندو هو. رب سائين ڪيس حافظو ايڏو زبردست ڏنو هو جو ان ٻڌل اسٽڊي جي بنياد تي امتحان ۾ ويهندو هو ۽ هو ڪاميابي سان ويندو هو ڊگريون وٺندو. حاصل ڊگرين جي بنياد تي تعليم کاتي ۾ هو ترقي ڪري اپ گريڊ ٿي سيڪنڊري اسڪول

ايجوڪيشن سيڪشن ۾ آيو. محمد يوسف لغاري ضلعي جي ڪجھ تعلقن ۾ پڙهائڻ کان پوءِ ڪو وقت لاڙڪاڻي جي پائليٽ سيڪنڊري اسڪول ۾ هڪ مهربان ۽ ڪامياب استاد جي حيثت سان پڙهائيندي رٽائر ٿيو.

اسڪول، ڪاليج يا جوانيءَ واري دور ۾ اسان جون گھاڙواهه يا رائيس ڪئنال تي جيڪي تفريحي سرگرميون ٿينديون هيون يا اسان جي حلقي جي تنظيم سنڌ اسٽڊي سرڪل جون علمي ادبي سرگرميون ٿينديون هيون، انهن ۾ اسان جو هي پيارو دوست نه رڳو دل و جان سان حصو وٺندو هو پر وڏي اورچائي سان تنظيم جي هر قسم جي ڪمن جي پورائي ۽ تڪميل ۾ اول کان آخر تائين مطلب ته تڏا ويڙهه تائين سرگرم رهندو هو.

لاڙڪاڻي جي عيد گاهه واري مسجد ۾ اسان جي سنڌ اسٽڊي سرڪل جي آفيس ۽ سنگت جي ڪچهري جو اڏو هو جتي شام جو هر روز اسان جي گڏجاڻي ٿيندي هئي، اتي ٿيندڙ هر قسم جي گڏجاڻين ۾ محمد يوسف لغاري هميشه ٽائيم سارو موجود هوندو هو، جن دوستن پنهنجي عملي ۽ علمي فيضيابي ڏيکاريندي سچل ادبي مرڪز جي قيام جي باري ۾ پياري دوست بشير احمد شاد جي خيالن جي پنيرائي ڪئي ۽ هن نئين ادبي اداري جي قيام ۾ عملي حصو ورتو، انهن ۾ محمد يوسف لغاري جو نالو سرفهرست آهي.

سچل ادبي مرڪز جو قيام ڪو سنهنجو ڪم نه هو ان کان اڳ ۾ لاڙڪاڻي شهر ۾ ڪيترن سنجيده اديبن ۽ شاعرن جي سربراهي ۾ سچل سائين جي نالي پنيان ادارا ۽ تنظيمون ادبي لحاظ کان پنهنجو سنو پسمنظر رکنديون هيون، جن مان ڪجھ پنهنجو وقت پورو ڪري پنهنجي پڄاڻيءَ کي پهتيون، ڪي سربراهي جي اٽاٽ ۽ ڪي وري پنهنجي تنظيمي اختلافن جي ور چڙهي پنهنجو تاب ۽ وِت وڃائي ويٺيون. اهڙي صورتحال ۾ بشير احمد شاد، محمد يوسف شيخ ۽ محمد يوسف لغاري ۽ ڪجھ حلقي جي ٻين احبابن

جي جهد مسلسل جي ڪري سچل ادبي مرڪز هڪ نئين وجود ۽ نئين حيثيت سان ڪاميابي ڏانهن پنهنجو نئون سفر اختيار ڪيو. سچل ادبي مرڪز جي ڪاميابين ۾ محمد يوسف لغاري جو هٿ ۽ هڪ ڪردار رهيو آهي، ان بابت اداري جا باني ۽ ان ڪي ترقي جي راهن تي پهچائيندڙ عالم، اديب ۽ اداري جا سربراهه ان ڳالهه جون ساکون ڀري سگهن ٿا ته محمد يوسف لغاريءَ سچل ادبي مرڪز جي واڌ ويجهه لاءِ پنهنجو ڪيترو رت ست ڏنو آهي.

محمد يوسف لغاري پنهنجي دور جي هڪ بهترين استاد سان گڏ هڪ سچو سوشل ورڪر پڻ هو. ادبي علمي ۽ سماجي ادارن، انهن جي سرگرمين ۾ سرگردان رهڻ ڪان سواءِ هو مذهبي طور تي لاڙڪاڻي ۾ عيد ميلاد النبي ﷺ جي انعقاد جي سلسلي ۾ عملي طور سرگرم رهندڙ تنظيمن سان لاڳاپيل رهندو هو. ساليانو جشن ميلاد النبي ﷺ ڪي شايان شان نموني ملهائڻ لاءِ هڪ گروپ شيخ روشن علي ۽ غلام مصطفيٰ شيخ جي ڪاوشن سان دڙي محلي مان هڪ وڏو جلوس ڪڍندو هو. ان جلوس جي تيارين ۾ محمد يوسف لغاري هفتن جا هفتا مختلف ڪمن ۾ روشن علي شيخ وارن سان مصروف هوندو هو. ان زماني ۾ پينافليڪس جو رواج اجا نه هو، جلوس لاءِ وڏا وڏا بينرس پينٽر ڪان لکرائي جلوسن ڪي سينگاريو ويندو هو. محمد يوسف لغاري ڊرائنگ ٽيچر ناصر حسين صاحب جي رهنمائي ۾ پينٽنگ جا گُر چڱي ريت سکيو هو ۽ هو هڪ پلوڙ پينٽر ٿي چڪو هو، سو جلوس جا بينر ۽ ٻيو اهڙو ڪم هو پنهنجي ذمي ڪٽي بخوبي پورو ڪندو هو، سچل ادبي مرڪز ۾ به جيڪي پينٽر جا ڪم نڪرندا هئا سي به لغاري صاحب ٺاهي تيار ڪري ڏيندو هو.

زندگي جي پڇاڙي وارن ڏينهن ۾ هو ڪجهه ناچاڪ رهڻ لڳو، تڏهن به سچل ادبي مرڪز ۾ روزانو شام جو ٿيندڙ محفلن ۾ اچي ڪچهري ڪري پنهنجو روح ريجهائي ويندو هو. ايتري قدر جو

شگر جي بيماري هن کي صفا ڳاري ڇڏيو، انهن ڏينهن ۾ اسان جو هي دوست پنهنجي سنگت ۽ ساٿ سان پاڻ ڪٽائي به مرڪز تي ايندو هو ۽ پيرو ڪري ويندو هو.

زندگي ۾ رب سائين ڪن اهڙن موتين جهڙن ماڻهن سان ميل ميلاپ نصيب ڪري ٿو، جن کي پنهنجي زندگي ۾ ماڻهو وساري نٿو سگهي. محمد يوسف لغاري جو تعلق اسان سان اهڙو رهيو. منهنجي اڳيان هن جي زندگي هڪ کليل ڪتاب جيان رکيل آهي. جنهن ۾ هن جا گڻ جهڙوڪ وفاداري، ايثار، جفا، قرباني، سهڻو سلوڪ، پيار، محبت ۽ سڀ کان وڏيڪ سچائي ۽ ديانتداري جهڙا اڻ ڳڻيا موضوع ورقن ۾ پريا پيا آهن. هن دوست جو وڇوڙو منهنجي جيءَ کي جهوري ٿو پر موت برحق آهي، ان جو ذائقو هو چکي ويو ۽ سياڻي اسان کي به چکڻو آهي.

خوابن جو صورتگر

ميجر محمد يوسف شيخ تي هن ڪتاب جي صفحن ۾ جيتوڻيڪ هن جي شخصيت تي هڪ خاصو لکيو اٿم، تڏهن به هن پياري دوست کي تربيوٽ پيش ڪرڻ لاءِ ٽن پيرائن تي مشتمل هيءَ هڪ سچي ڪٿا پيش ڪريان ٿو.

محمد يوسف منهنجي خوابن جو صورتگر هو، محبوب دوست اسان کان وڇڙي ويو آ. جنهن جو وڇوڙو هن وقت هن عمر ۾ صفا ماري ٿو. هن پياري دوست ۽ مان پرائمري کان مسجد، مدرسي، هاءِ اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي ليول تائين ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي تعليم پرائي هئي. گذريل چنچر ڏينهن هن مون ڏانهن الودائي صبح جي سلام ۽ دعائن جي گلن جي ٽوڪري جي صورت ۾ پوسٽ ڪئي هئي. محسوس ٿو ٿئي ته زندگيءَ جي پنجهٺ سالن جي سفر جي دوستي ۽ ياڃپي جو وڇوڙو هاڻ اسان کي ڏکيو جيئڻ ڏيندو؟

اسان جي سموري سنگت ۽ سٿ جي زندگي جا انيڪ خواب هئا جن جو هو صورتگر هو. حقيقت ۾ اسان هن جي ننڍي ڀاءُ وانگر ته ڪونه هئاسين پر سڄي عمر سندس محبت جو انداز اهو رهيو ته هو اسان کي اهڙي شد مد ۽ انداز سان زندگي جا معملا ۽ مسئلا سلجهائيندو رهيو، صلاحون ۽ مصلحتون ڏيندو رهيو، ڄڻ اسان هن جا ڪي ننڍا ڀائر هجون ۽ اها به حقيقت آهي ته اسان به هن کان وڏي ڀاءُ واري حيثيت هيٺ پنهنجي حياتيءَ جا راز ۽ سچائين جي باري ۾ گهڻو ڪجهه ٻڌائيندا هئاسين ۽ ڪائنس سکندا هئاسين.
اڄ صبح جو ڪافي پئي پيتم ته محمد يوسف جي ياد آيم. اسان جو هي دوست ڪافي ناهڻ جو آوائل کان ماهر هو. مان سمجهان ٿو ته ستر واري ڏهاڪي جي ڳالهه آهي. سياري جي ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي ۾ هن سنگت کي ڪنو ڪيو ۽ پنهنجي ڪافي تيار ڪرڻ جي سڪيل

جديد ڍانچي ۾ ڪاريگري جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ امام بخش شيخ جي سارين چِڙڻ ۾ چانورن کي پالش ڪرڻ جي ڪارخاني تي رتيديري روڊ تي نارائڻداس جي سرن جي ٻني کان ڪجهه پريرو وٺي ويو. اها اسان جي سنگت جي هڪ قسم جي پڪنڪ هئي. همراهه پاڻ سان نيسڪيفي انسٽنٽ جو دٻو کنيو آيو هو. کير جو بندوبست اڳواٽ ئي امام بخش شيخ ڀرواڙيءَ مان ڪري رکيو هو. محمد يوسف پهريان کير جو ٻاٽلو گرم ڪرايو. ڪافي جي تيار ڪرڻ جي مرحلي کي شروع ڪندي اسان کي چوڻ لڳو ته ڏسو ۾ سکو ته هڪ بهترين ۾ اعليٰ فليور واري ڪافي ڪيئن تيار ڪبي آهي.

محمد يوسف هڪ خالي ڪپ ۾ اڌ کان ڪجهه گهٽ کير اوتيو ۽ ان ۾ ست اٺ چمچا ڪافي جي پائوڊر جا وڌائين ۾ پوءِ اچي ان کي ڦيٽڻ ۾ مهٽڻ لڳو. پندرهن ويهن منٽن جي محنت کان پوءِ جڏهن ڪافي پنهنجو سنو رنگ ۾ فليور ڪڍيو، تڏهن همراهه ان تيار ڪيل محلول کي گرم ابريل کير جي ٻاٽلي ۾ ملائي ڇڏيو. ان ڏينهن اسان جي هن پاءُ اهڙي ته مزيدار ۾ بهترين ڪافي تيار ڪئي هئي، جنهن جي لذت اڄ ڏينهن تائين ٻه وسري نٿي. مان سڄي عمر سندس ڏسيل طريقي تي ڪافي ناهي پيئندو رهيو آهيان. هو واقعي اسان جو استاد ٻه هو، زندگيءَ جي هي سچي ڪهاڻي منهنجي هن جي محبت جي سلسلي ۾ هڪ پيٽا آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هو اسان جي زندگين جي خوابن جو هڪ صورتگر هو.

سماجي شخصيت، لياقت علي راڄپر

لياقت علي راڄپر جو لاڙڪاڻي جي باشعور، ادبي ۽ سماجي شخصيتن ۾ شمار ٿئي ٿو. هو هڪ متحرڪ ۽ باخبر ايڪٽيوسٽ هو. خاص طور تي سنڌي صحافت جي دنيا ۾ هن جون ٽيل خدمتون وسارڻ جوڳيون ناهن.

لياقت علي راڄپر جو ڄمر پهرين اپريل 1952ع ۾ ٿيو. پرائمري تعليم جي شروعات لاڙڪاڻي لڳ ڳوٺ باڍھ کان ڪيائين. سندس والد محترم عبدالقادر راڄپر آبپاشي کاتي ۾ ملازم هو، جنهن جي رهائش لاڙڪاڻي شهر جي معروف ڳاڙهي بنگلي جي پرسان گهٽي ۾ هئي. نون تڪن جي هن پاڙي ۾ رهائش دوران لياقت علي راڄپر کي انگريزي پڙهائڻ لاءِ ٻي سي اسڪول موڪليو ويو. ان وقت هن اسڪول جو هيڊ ماستر استاد غلام رسول هوندو هو، جيڪو اسڪول جي مڙني شاگردن جي انگريزي سڌارڻ تي گهڻو زور ڏيندو هو. پاڻ به انگريزي زبان جو ماهر استاد هو. پنهنجي ڪلاس ۾ لياقت علي جو ڳاڻيٽو هوشيار شاگردن ۾ ٿيندو هو. سندس دوستي ۽ اٿڻ ويهڻ به پاڙي جي ذهين شاگردن ۾ ٿيندو هو. منهنجي مامي جي پٽ محمد صالح سومري سان لياقت علي راڄپر جي گهڻي لڳندي هئي. ٻئي ساڳي اسڪول ۾ پڙهيا هئا. انهن جي سنگت ۽ اسڪول واري گروپ جا ٻيا به شاگرد هئا. ان جتي جي شاگردن جي ڏينهن رات اها ڪوشش هوندي هئي ته نصاب جي مقرر مضمونن ڪان سواءِ جنرل نالیج ۾ اضافو ڪري پنهنجيون صلاحيتون وڌايون وڃن.

لاڙڪاڻي ۾ اهو وقت اهڙو هو جو جن شاگردن کي ڪنهن صورت ۾ ترقي ڪرڻ ڏانهن ڌيان هوندو هو سي ٽائپنگ ۽

اسٽينوگرافي جي فن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندا هئا. لياقت علي کي بہ اعليٰ سرڪاري نوڪري حاصل ڪرڻ جو شوق هو، سو هن پنهنجي تعليمي استعداد کي وڌائڻ خاطر اسٽينوگرافي بہ سکي. جيتري قدر مون کي ڄاڻ آهي تہ هن سنڌ جي اطلاعات کاتي ۾ پهريون اسٽينوگرافر جي حيثيت سان نوڪري ڪئي. ڪيس اڳتي وڌڻ جو خيال هو تنهن ڪري سخت محنت سان ڪميشن پاس ڪري ساڳئي کاتي ۾ انفارميشن آفيسر مقرر ٿيو.

لاڙڪاڻي جي ڪليڪٽري واري خوبصورت عمارت جي احاطي اندر گورنمينٽ هاءِ اسڪول کان اينڊڙ روڊ لڳ ڪجھ سرڪاري ڪوارٽر نهيل هوندا هئا. انهن مان هڪ ڪواٽر ۾ ڊي سي اسڪول ۽ گروپ جي ٻين ذهين شاگردن جي شام جي پهر ۾ گڏجاڻي ٿيندي هئي. هڪ ڀيري منهنجو بہ اتي وڃڻ ٿيو، جتي مون محمد صالح سومري سان گڏ لياقت علي راڄپر کي ڏٺو هو. ان ڳالھ کي گهڻا سال گذري ويا. 1973ع ۾ نوڪري سانگي آئون ڪراچي شفٽ ٿي ويو هئس. تن ڏينهن ۾ مان فيڊرل بي ايريا مين روڊ تي يوڪي اسڪوائر ۾ رهندو هئس، جتي شام ٿري اسان جي ڪچهري لڳندي هئي. مون وٽ هڪ ڀيري محمد يوسف شيخ آيل هو، اسان گهران نڪري يوسف پلازا ۾ راجا صاحب جي هوٽل تي ويهي چانهن نوش ڪري رهيا هئاسين تہ هڪ نوجوان اسان جي ٽيبل جي اڳيان اچي خاموش ٿي بيهي رهيو. جنهن ڏانهن ڏسندي محمد يوسف مون کان پڇيو. ”ڪير آ؟“ مون چيومانس ”توکي ڏسي آيو آ، شايد توسان ملڻ ٿو چاهي.“ هن وراڻيو. ”مان تہ ڪونہ سڃاڻانس.“ تنهن تي مون چيو ”لڳي تہ لاڙڪاڻي جو ٿو، سو پڇئونس ٿا.“ جيسيتائين اسان هن کان ڪجھ معلوم ڪيون هن پنهنجي خاموشي ٽوڙيندي پاڻ ئي چيو. ”مان ويهان؟" مان چيومانس ”ڀلي“، ڪرسي تي ويهندي هن نوجوان پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيو. ”مان لياقت راڄپر آهيان. توهان کي سڃاڻان ٿو، توهان لاڙڪاڻي جا آهيو.“ محمد يوسف

چيس، ”پلي آئين، پر اهو رومال قميض جي ڪاج ۾ ڪهڙي خيال کان هنيو اٿوَ؟“ ان وقت ئي همراهه رومال ڪاج مان آزاد ڪري هٿ ۾ ڪيو. مون ڪيس چانهن جي آڇ ڪئي. ”چيائين گرمي آهي“ مون چيومانس ”پوءِ ڪوڪو ڪولا ٿا گهرايون.“ جنهن تي چيائين ”مهرباني.“ بوتل پيئڻ دوران لياقت علي راڄپر پنهنجا تفصيل ٻڌائيندي چيو ”مان اطلاعات کاتي ۾ انفارميشن آفيسر آهيان ۽ هتي يوسف پلازا ۾ دوستن سان گڏ رهندو آهيان، سو توهان کي ڏنم تہ ڳوناٽا وينا آهن، دل ست ڏني تہ توهان سان بہ گهڙيون ويهي ڳالهايان.“

ڳالهہ آئي وئي، اسان جي ملاقات کي ڪي سال گذري ويا. اسان فيڊرل بي ايريا مان لڏي گلشن اقبال ۾ اچي ويناسين، ٿوري فاصلي تي منهنجي پيڻ جو گهر پياني هائيٽس ۾ هو. هڪ ڏينهن منهنجي سوٽ محمد عمر مون کي نياپو ڪيو تہ لاڙڪاڻي مان منهنجي جاڻ سڃاڻ واري عبدالقادر راڄپر جي گهران وڏي ڏيءُ لاءِ رشتي جي ڳالهہ ڪرڻ لاءِ ڪي ماڻهو ٿا اچن، سو تون جلدي منهنجي گهر هليو آ. مان پياني هائيٽس پهتس تہ اوطاق ۾ مون کي رڳو هڪ ماڻهو نظر آيو. جنهن سان ڊاڪٽر عبدالڪريم راڄپر جي حيثيت سان تعارف ٿيو. سلام ڪلام ٿيو، ڊاڪٽر ڪريم جي مرضي هئي تہ هو مون سان ڪنهن هوٽل ۾ ويهي پنهنجي اچڻ جو احوال ڪري. مون پنهنجي سوٽ سان صلاح ڪري ان کي اعتماد ۾ وٺي ڊاڪٽر ڪريم کي ڊسڪو بيڪريءَ لڳ آغا جوس سينٽر تي وٺي ويس. تذڪار ۾ ويهي هن پنهنجي ياءُ لياقت علي راڄپر جي رشتي جي سلسلي ۾ ڳالهيون ڪيون. اهي ڳالهيون نيٺ وڏن جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتيون ۽ لياقت راڄپر جي شادي منهنجي ياڻيجيءَ سان ٿي. جنهن مان ڪيس ٽي نياڻيون آهن، جن کي هن اعليٰ ۽ سٺي تعليم ڏياري آهي.

ڪراچي ۾ رهندي لياقت علي راڄپر پنهنجي دفتري فرض پورا ڪرڻ کان سواءِ صحافت جي ميدان ۾ فري لانسر جي حيثيت ۾ اخبارن ۽ رسالن ۾ رپورٽون، مضمون ۽ مشهور شخصيتن کان ورتل انٽرويوز شايع ڪرائيندو رهندو هو. ان ميدان جا ڪيترا ڪم هن جي فرض کان جيتوڻيڪ ٻاهر هوندا هئا پر لکڻ پڙهڻ جي سلسلي جي ڪيترن ئي اهڙن ڪمن کي هو پنهنجي هابي طور سرانجام ڏيندو هو. ايماندار، نيڪ دل انسان هو. معاوضي طور پئسي پنجڙ جي ڪنهن کان گهر نہ ڪندو هو، بس اهو سڀ ڪجھ هو سنگت ۽ دوستيون نڀائڻ لاءِ ڪندو هو. گهڻو وقت ڪراچي ۾ اسان جي ويجهو رهڻ ۽ مشاهدو ڪرڻ کان پوءِ هو منهنجو ۽ منهنجي ٻارن کان گهڻو متاثر هوندو هو. منهنجا بہ ٻہ انٽرويو ڪيا هئائين، جيڪي انگريزي ۽ سنڌي رسالن ۾ شايع ڪرايا هئائين. آئون بہ هن سادي طبيعت جي ڀلي انسان جي مزاج ۽ ڪيترين خوبين جي ڪري ڪانئس گهڻو متاثر هئس ۽ هنجي عزت ڪندو هئس. 2004ع ۾ منهنجي نياڻين ۽ منهنجي سالي جي شادي جي موقعي تي ڪيناڊا جي مشهور اخبار ٽورنٽو اسٽار جي رپورٽر ڪيٿرين پوٽر ۽ ان ساڻ هڪ ڪيمرامين سان هو جيڪي خاص طور منهنجي سالي جي شادي جي خوشي جي موقعن، جشن ۽ ثقافتي پاسن جي (اخبار جي پاليسي موجب) ڪوريج ڪرڻ آيا هئا. اها ٽيم اسان وٽ هڪ مهيني کان مٿي رهي هئي. ان موقعي تي مان ڪيٿرين پورٽر کي پنهنجي دوستن سان بہ ملاقاتون ڪرايون هيون. ڪيس جڏهن لياقت علي راڄپر جي گهر ملائڻ وني وياسين تہ هن بہ صحافت جي ميدان ۾ ڪيل پنهنجي پورهئي جون سموريون جهلڪيون هن کي ڏيکايون. موٽ تي مون ڪيٿرين کان معلوم ڪيم تہ مسٽر لياقت ڪيئن لڳو؟ وراڻيائين، ”ڏاڍو سمارٽ ماڻهو آهي.“

هتي رهندي مون کي لياقت علي راڄپر جي هڪ ٻي خوبيءَ مان واقفيت ٿي، اها هي تہ ڪراچي ۾ رهي هو پهريان کان وڏيڪ

سوشل ٽي چڪو هو ۽ پنهنجي سهڻي سلوڪ ۽ سهڻي ورتاءَ ذريعي نون دوست جي فهرست ۾ ڪافي اضافو ڪري چڪو هو. انهن سان اڳوات پروگرام جوڙي پاڻ وجي انهن وٽ ڪچهريون ڪندو هو. هن جي اهڙن دوستن ۾ هر قسم جي شعبي ۽ اداري سان تعلق رکندڙ ماڻهو شامل هوندا هئا. ان ڏس ۾ بئنڪر، صحافي، وڪيل، تعليدان، شاعر، پينٽر، فنڪار اديب ۽ ٻين صلاحيتن جا حامل ماڻهو هئا. اهڙن دوستن مان هن جو هڪ دوست يو بي ايل بئنڪ جو مينيجر مسٽر عبدالعليم هو، جيڪو صحافي ڪالوني گلشن اقبال ۾ اسان جي گهر جي بلڪل ويجهو رهندو هو. ان وٽ هن جو ديرو هوندو هو. ٻنهي جي هڪ ٻئي ڪان سواءِ ڪانہ سرندي هئي. ان ڏانهن ويندي يا موٽندي اسان جي گهر جو بہ ڦيرو ڪندو هو. جن سان هن جي بي تڪلفي هوندي هئي، تن وٽ وڃڻ ڪان پهريون ڪاڏي ۾ پنهنجي پسند ۽ فرمائش ٻڌائيندو هو. اهڙي بي تڪلفي سندس عليم صاحب ۽ اسان جي گهر سان هئي، جنهن جو آئون ساکي آهيان. چاڪاڻ تہ دل ۽ زبان جو ايترو صاف هو جو جڏهن حوالن ۾ ايندو هو تہ اهي رمزون هو پاڻ کوليندو هو.

لياقت علي راڄپر ۾ هڪڙي وڏي خوبي اها هئي تہ زندگي جي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن تائين هو علمي ادبي گڏجاڻين، مجلسن، ڪانفرنسن ۽ ڪتابن جي مهورتن جي محفلن ۾ جي سڏ هوندو هئس تہ گهر ۽ آفيس جا ڪم ڇڏي اتي وڃي وقت سارو پڄندو هو. صحافت ۽ ميڊيا جي دنيا جو ماڻهو هو "سنڌ" پرائيويٽ چينل تي اهم عهدن تي فرض پئي انجام ڏنائين. جيجيل اخبار ۽ ڪارونجهر ادبي رسالو بہ سندس ياءُ جو هو تن جي هر قسم جي سرگرمين ۾ هي همراه رڌل رهندو هو. اهوئي سبب هو جو هن کي هر سوشل، علمي ادبي ۽ ثقافتي محفلن ۾ شرڪت ڪرڻ جون جام دعوتون ملنديون هيون. مان سمجهان ٿو تہ اهڙي قسم جي سرگرمين ۾ رهندي. سماجي، ثقافتي، صحافتي ۽ ادبي طور تي هن جو ڪيليبر

وڊيو هو، منهنجو خيال آهي تہ سماج جي طرفان اهو سڀ ڪجهہ هن جي اورچائي ۽ سچيتائپ جو قدر ۽ قيمت هو.

گذريل سال گرمين وارن ڏهاڙن ۾ لياقت علي راڄپر پنهنجي والد ميان عبالقادر راڄپر جي طبيعت ناساز هجڻ جو ٻڌي لاڙڪاڻي ويل هو. پر سندس والد ساڳي ڏينهن وفات ڪري ويو، والد جي وفات جي اندوهناڪ واقعي جي اثر، دفن ڪفن جي ڪمن جي نگراني، جنازي ۾ شرڪت ڪندڙن جو خيال رکڻ ۽ ٻين مشقتن سبب لياقت علي راڄپر جي پاڻ طبيعت بگڙي وئي. ڪيس جلد اسپتال پهچايو ويو، جتي جلد ئي ڊاڪٽرن ڪيس وينٽيليٽر تي رکيو پر هو جانبر ٿي نہ سگهيو ۽ هن 19 جون 2020ع تي پنهنجو دم ڌڻي حوالي ڪيو.

**

جمعي فقير جي مختصر جيون ڪٿا

مطالعي مان ڄاڻ ملي ٿي تہ محمد جمن سومرو جنهن کي عرف عام ۾ لاڙڪاڻي جو ڏاهو جمن فقير سڏيو ويندو آهي سو اصل قمبر شهر جي ڳوٺ ڪور سليمان جو رهاڪو هو. اهي ٽاٽا بہ ملن ٿا تہ ڪنهن سبب ڪان هن جا وڏا ڪور سليمان کي الوداع چئي اچي قمبر شهر جي مين روڊ لڳ پناڻ واري مسجد جي پرپاسي ۾ رهيا. شهر ۾ هنن جو گذر سفر چڱو پئي ٿيو. ان زماني ۾ محمد جمن جي عمر پنج ڇهہ سال هئي، ڪيس پاڙي جي پناڻ واري مسجد جي معلم وٽ جيڪو مسجد جو پيش امام پڻ هو قرآن شريف ناظران پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو. محترم ذوالفقار علي قادري قمبر وارو پنهنجي هڪ ليک ۾ بيان ڪري ٿو تہ ”منهنجو والد محترم پنهنجي پاڙي واري مسجد ۾ مسجد جي پيش امام وٽ قرآن شريف جو درس وٺندو هو تڏهن ان سان گڏ جمن فقير قرآن پڙهڻ ۾ گڏ هوندو هو.“ مسٽر ذوالفقار قادري پنهنجي فيس بڪ شيئرنگ ۾ وڌيڪ ڄاڻايو آهي تہ ڏاهو جمن فقير ڪجھ وقت ڳوٺ ڏتل ابڙي ۾ بہ رهائش پذير رهيو هو. محمد جمن فقير جي باري ۾ جيڪي حوالا قادري صاحب ڏنا آهن سي صحيح ۽ پيرائتا لڳن ٿا. ان جو وڏو سبب هي آهي تہ ذوالفقار قادري جو گهر بہ ساڳي مسجد واري گهٽي ۽ پاڙي ۾ هو. قادري صاحب پنهنجي ليک ۾ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ سندس والد محترم پناڻ جي مسجد ويجهو محمد يوسف منگي جي حجامڪي دڪان تي وڃي ويهندو هو.

زندگيءَ جي سفر ۾ ڪو وقت اهڙو بہ آيو جو ساڳئي دڪان تي محمد جمن سومري حجامڪو ڪم شروع ڪيو. جمن فقير جي ذاتي زندگي ۽ گهرو حالتن جي سنگينيءَ هن ۾ سنجيدگي پيدا

ڪئي. جنهن سبب هن جي مزاج مان شوق ۽ حسن پرستي وارا انگ اکر ۽ اير پير ڪافور ٿي ويا.

جمن فقير جي جيون ڪٿا جي سلسلي ۾ هن ڳالھ جي اسان کي تشنگي رهجي وجي ٿي ته ڪنهن به طرف کان هن جي زندگي جون سربستيون ڳالهين سامهون اچي نه سگهيون آهن. جهڙوڪ هن جي اسڪولي تعليم ۽ ٻيو هن جي وڏن ۽ سندس خاندان جي باري ۾ اسان کي ڪا گهڻي ڄاڻ نٿي ملي. قمبر شهر ۾ هن ڪيترا سال حجامڪو پورهيو ڪيو. جڏهن هن قمبر مان بر ٿي لاڙڪاڻي شهر جو منهن ڪيو تنهن جي متعلق به اسان کي پوري معلومات ڪانهي. منهنجي نظر ۾ اهي سوال تحقيق طلب آهن. پر ٿي سگهي ٿو ته ڪيترن اهل علم دوستن پنهنجي لکڻين ۾ اهڙين ڳالهن کي سامهون آندو هجي پر منهنجي ڪم علمي ۽ ڪيناڊا ۾ گهڻو ڏور رهڻ ڪري گهڻ پهچ سبب مان انهن کان لاعلم آهيان.

منهنجي ذاتي مشاهدي جي روشني ۾ ۽ منهنجي اکين ڏٺي احوال مطابق محمد جمن سومرو1960ع واري زماني ۾ لاڙڪاڻي ۾ وارد ٿيو. ان وقت مان انگريزي اسڪول ۾ پڙهندو هئس. گهاڙ واھ اسان جي پاڙي ۾ هوندو هو. گرمين جي مند ۾ اسان پاڙي جا ڇوڪرا پاڻ کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ اڪثر گهاڙ واھ ۾ تڙڳڻ لاءِ ويندا رهنداهئاسين. مون جڏهن جمن فقير کي ڏٺو ته سندس حال نهايت غريبي هو.

منهنجي خيال موجب هن جي کيسي ۾ چانھ پيئڻ جيترا پئسا به ڪونه هئا. اهڙي صورتحال ۾ هو ڪٿان رلندو پنڪندو گهاڙ واھ جي ڪپ تي ڪٿين جي گهاٽ تي ويڳاڻن وانگر اچي ويهي رهيو. لڳي ٿو ته هو غيرت ۽ حيا وارو ماڻهو هو. جي چاهي ها ته بهارپور ڏانهن ويندڙ سڙڪ تي عيش گهرن وٽ هوٽل جي ڪنهن ڪنڊ پاسي هٿ ڊگهيڙي ويهي ها ته اتان لانگاهو ۽ ايندڙ ويندڙ ڪيس ايترو ڏين ها جو هو پنهنجي پيٽ پوڄا سهنجهائي سان ڪري ٿي

سگهيو پر هن گهاڙ واهہ واري تڙ تي پنهنجي ذات وارن ڏانهن منهن ڪيو. ان وقت گهاڙ واهہ ڀريو تريو رهندو هو ۽ ان جو پاڻي سدائين ڪنارن ڪان ٻاهر پيو نڪرندو هو. گهاڙ واهہ جي ڪڙ تي هڪ ننڍي مسجد نهيل هئي جنهن جي ڀر ۾ نم جو وڻ هوندو هو. جمن فقير سهنج ڏسي نم جي وڻ جي ڇانو ۽ مسجد جي ديوار جي لڳ پنهنجي ميراث ڪي رکي گهاڙ جي پاڻي تي هڪ نظر وجهي پوءِ ڏوٻي گهاٽ جي ٽاپ تي گهمي ڦري جائزو وٺڻ لڳو. شام لڙي ڏوٻي گهاٽ خالي ٿي ويو. گهاٽ تي خاموشي ڇائنجي وئي تڏهن هن ٻہ وجي مسجد جو پاسو ورتو. صبح جو تڙڪي نڪرڻ وقت مسجد مان نڪري گهاڙ واهہ مان ٻہ لپون پاڻي جون منهن تي هڻي ڏوٻين جي ڪپڙن ڌوئڻ جو جائزو وٺي رهيو هو تہ ڪيس نيرن ڪرڻ جي ڪيترن پاسن ڪان فقير صاحب ڪي صلاح ٿي. هي همراهہ ٻہ پيٽ ٻکيو هو سو باسم الله ڪري هڪ ڀاءُ سان ماني کائڻ ۾ ڳنڍجي پيو. گهاٽ جي ڌوٻين جمن فقير کان حال احوال وٺي ۽ پنهنجو ذات ڀائي سمجهي پاڻ سان گڏجي ڪم ڪار ڪرڻ جي آڇ ڪئي. پر ان وقت هي پنهنجن کان ڇڳل ۽ زماني جو لهسيل شخص پنهنجي ذات ۾ گهڻو دل شڪستو هو. سندس من ڪنهن ڪم ۾ هٿ ڳنڍڻ جي نہ پيو ڪريس. ڪنهن ڪي ڪا ورندي ڏيڻ بدران هو هيڏي هوڏي پيو واجهائي. ڌوٻين ٻہ ڪيس درويش سمجهي گهاٽ تي ٻہ وقت ماني پئي کارائي. جمن فقير جو هردو گهاڙ واهہ جي سهڻي ۽ فطري ماحول تي ريجهي پيو. ڪجهہ پنهنجي همت ڪيائين ڪجهہ ذات ڀائين جي مدد سان مسجد جي اولاهين پاسي واري پٽ جي پرسان نم جي وڻ هينان هڪ ڪکائين ننڍي جهوپڙي جوڙي پنهنجو آستانو اڏي ويهي رهيو.

جڏهن جمن فقير ٽانيڪو ٿي مسجد جي اوٽ وٺي ويهي رهيو تڏهن هو قرار ۾ پيو نظر ايندو هو. ڪم ڪار ڪندي ڪجهہ بيت هلڪي هلڪي آواز ۽ سر ۾ پيو جهونگاريندو هو. مون جمن فقير

ڪي پنهنجا ذاتي ڪم ڪار ڪندي ٻہ ڏنو، تڙ پاڻي گهاٽ واهہ ۾ لهي ڪندو هو. ايترو ٻہ يادگيري ۾ آهي تہ شروع وارن ڏينهن ۾ هو باهہ ٻاري پنهنجي چانهن پاڻ تيار ڪندو هو. البتہ ماني ٻوڙ ڪندي مون کيس ڪونہ ڏنو. باقي دوٻين جي ڦرهي تي ويهي پنهنجا ڪپڙا ٻہ پاڻ ڌوئيندو هو. وهنجڻ کان پوءِ تيل ڦٽي ڪندو هو. هڪ گوچاني ۾ وٽس تيل جي شيشي، ڦٽي سرمو سرائي، آئنو، نچڪٽو ۽ قينچي هوندي هئي، جنهن سان هو پنهنجو وار ٻج پاڻ ٺاهيندو هو. پڇاڙي وارن ڏينهن ۾ منهن کي ڪجهہ تيل سرس مکيندو هو ۽ اکين ۾ سرمو ٻہ جڃهو پائيندو هو. اهي تيل ڦليل هو پنهنجي زندگي جي پوين ڏينهن تائين ڪندو آيو.

اها خبر ناهي تہ هن کي گڏهہ ڪٿان هٿ آيو، منهنجو خيال آهي هن اهو گڏهہ قمبر مان ڪو نہ آندو هو. تي سگهي ٿو تہ اهو گڏهہ ٻہ هن وانگر رولو هجي ۽ کيس ڪٿان هٿ آيو هجي. ايئن ٻہ ٿي سگهي ٿو تہ جڏهن هو جواني لڙي ۽ غذائي قلت جي ڪري گهڻو ڪمزور ٿي پيو ۽ ڊگهي سواري ۽ پنڌ ڪرڻ جي قابل نہ رهيو هجي تہ مٽس کهل ڪائي ڪنهن سواري طور کيس گڏهہ بخش ڪيو هجي. گڏهہ کي هن پنهنجي زندگي جي پڇاڙي تائين سواري طور ڪتب آندو. هي عجيب و غريب قدرتي واقعو منهنجي اکين ڏٺو آهي تہ جنهن نم جي وڻ جي چانوري هيٺ جمن فقير پنهنجو نڪاٽو ناهيو هو سا قدرتي طور پنهنجي هڪ ٻہ چانگي ڏار جي سوراخ مان اڇي وهي نڪتي. ڪي ڏينهن ان نم جو بدبودار ڳوڙهو گج وارو پاڻي ريلا ڏئي گهاڙ واهہ جي ٿاپ تائين پئي آيو. نم جو اهو قدرتي ڳاڙ جمن فقير لاءِ نہ رڳو هڪ وڏو آزارهو پر ان پاڻي تي ماکي جي مکين. ڪولين ۽ ماڪوڙن جي يلغار ان هنڌ تي جمن فقير جو رهڻ محال ڪري ڇڏيو. پوءِ ستت ئي هو اها جوءِ ڇڏي لاڙڪاڻي شهر جي پاسي هليو آيو.

جمن فقير گھاڙ واھ ڇڏڻ کان پوءِ لاڙڪاڻي جي مختلف پاڙن ۾ خاص ڪري باغن جي وٽ پاسن تي پنھنجي گڏھ سوڌو پيو گذران ڪندو ھو. جنھن زماني ۾ ھن جي دل ۾ جانورن خاص ڪري ڪتن ۽ انھن جي گلرن مٿان ڪھل وارو جذبو جاڳيو تنھن زماني ۾ ھو گھڻو تڻو لاڙڪاڻي جي مڇي مارڪيٽ جي ارد گرد رھڻ لڳو. صبح جو نائين ڏھين بجي مارڪيٽ مان ٻاڪري گوشت جي ڪاسائين وٽان اڇليل ڇيڇڙا ڪنا ڪري مارڪيٽ جي اوسي پاسي. پراڻي گاھ پڙي وٽ ۽ ميان جي ڳڙھي وارين گھٽين ۾ وجي ڪتن ۽ انھن جي ٻچن کي کارائيندو ھو.

جمن فقير ھاڻي پنھنجي پيٽ پوڄا لاءِ اڪثر مارڪيٽ جي دروازي جي اڳيان بيھي بي حجاب ٿي ايندي ويندي جي اڳيان ھٿ ڊگھيڙيندو ھو. وڏي ڏاھ وارو سياڻو ۽ حاضر دماغ ماڻھو ھو. ڪيس ڳالھائڻ جو ڏانءُ ۽ ڪي سھڻا سخن ۽ گفتا ايندا ھئا. تنھن ڪري پنھنجي سياڻپ ۽ عقل کي استعمال ڪندي اشارن جي مام ۽ وڏي اداڪاري سان گفتا چئي ماڻھن جو ڌيان پاڻ ڏانھن ڇڪائيندو ھو. ان ۾ ڪو شڪ ناھي تہ جمن فقير جيڪي گفتا ماڻھن کي ٻڌائيندو ھو انھن ۾ معنيٰ ۽ رمز رکيل ھوندي ھئي. تنھن ڪري شھر جا ماڻھو ڪيس ڏاھو جمن فقير سڏڻ لڳا.

جمن فقير بي شڪ وڏو سياڻو ۽ مردم شناس ماڻھو ھو. پر فطري طور ھن جي شخصيت اندر ھڪ ماھر اداڪار واريون مڙئي خوبيون موجود ھيون. اھوئي سبب ھو جو ھو آئي وئي ماڻھو جو اک ڇنڀ ۾ اونھو مشاھدو ڪري ان جي طبع، سياءَ ۽ مزاج معلوم ڪري وٺندو ھو. تنھن بعد ان شخص جي آڏو پنھنجي ڊگھين آڱرين وارو ھٿ ڊگھيڙي پنھنجي حاضر خيالي سان جملن ۽ لفظن جي چونڊ ڪري صدا ھڻندو ھو.

جمن فقير پنھنجي مزاج ۾ ھڪ حسن پرست جيئڙو ھو. مون کي لڳي ٿو تہ جواني ۾ ھو ڪنھن جي مٿان پنھنجي دل ھاري

ڏڪجي چڪو هو. ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن اهڙي سبب جي ڪري هو پنهنجي شهر قمبر، پنهنجي خاندان، سنگت سات ۽ ڏنڊي ڏاڙيءَ ڪي تياڳي اڇي ماڳن ماڳن ۾ رستن جو رولاڪ ٿيو. 1970-1965ع واري زماني ۾ جنهن وقت اسان جي جواني واري وستا هئي ان زماني ۾ مون جمن جي ٻيجل واري سريلي، سلوڻي انداز ۾ سهڻن ۽ خوبرو ۽ نئين ٿهي جي جوانن اڳيان جادوگري سان پريل گفتن ۾ ڪين چوندي ٻڌو هو. ”رب ڏسئي ٿو... مٿان بينو ٿي... بس خيال ڪري هل.“ ڳالهه ڪي اهڙي معنيٰ خيزانداز ۾ اٽپورو ڇڏي ڏيندو هو ۽ مام ڪي مام ئي رهڻ ڏيندو هو. پنهنجي دل جي اڏمن ڪي. عشق جي اشارن ڪي ۽ پسند جي مامرن ڪي اشارن ۽ ڪناين جي ورقن ۾ ويڙهي پنهنجي اندر جي ٻاق ڪڍي وٺندو هو.

محترم ڪامريڊ ذوالفقار علي قادري قمبر جي تعلق ۽ قمبر شهر ۾ جمن فقيرجي هڪ پاڙيسري جي هجڻ جي ناطي سان جمن فقير جي زندگي متعلق چڱي ڄاڻ ڏني آهي. سوشل ميڊيا تي جيڪو مقالو هن شيئر ڪيو هو تنهن ۾ جمن فقير ۽ محترم جناب ذوالفقار ڀٽي جي دوستي جون گهڻيون ڳالهيون ڪيون آهن، هو لکي ٿو ”لاڙڪاڻي جي مڇي گوشت مارڪيٽ وٽ جمن فقير بيٺو هوندو هو. اتي اسان هن فقير جا سالڪن وارا گفتا ٻڌا جيڪي فقيري رنگ ۾ رنگيل هوندا هئا.“ ذوالفقار علي قادري صاحب وڌيڪ ڄاڻ ڏيندي لکي ٿو ته. ”محترم ذوالفقار علي ڀٽي سان هن جي دوستي وارو تعلق اتفاقي ۽ حادثاتي طور جڙيو، جمعو فقير کو پاڻ سيڙجي ڀٽي صاحب ڏي نه ويو هو پر ڀٽو صاحب اجا وزيراعظم ڪونه بڻيو هو، ته ڀٽي صاحب کي ڪنهن ٻڌايو ته شهر ۾ گڏهه تي گهمندڙ هڪ فقير جا گفتا نه صرف ٻڌڻ جوڳا آهن پر سبق آموز به آهن. ڀٽي صاحب چيو ته ان کي المرتضيٰ هائوس وٺي اچو، جڏهن ماڻهن وڃي جمعي فقير کي چيو ته توکي ڀٽي صاحب گهرايو آهي. اهو ٻڌي فقير صفا چڙي پيو. جواب ۾ ڪين چيائين

مان ڪو پٽي جو نوڪر آهيان ڇا؟ وجي ٻڌايوس تہ مان نہ ايندس. ماڻهن وڃي پٽي صاحب کي ٻڌايو تہ سائين جمعي فقير اچڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. سو پٽو صاحب اها ڳالھ ٻڌي پاڻ گاڏي ۾ چڙهي جمعي فقير سان ملڻ لاءِ المرتضيٰ هائوس مان نڪتو. ان وقت جمعو فقير هاٽوڪي لاڙڪاڻي جي ڪينيڊي مارڪيٽ وٽ پپل جي هڪ وڻ هيٺان پنهنجي گڏھ کي گاھ ڪارائي رهيو هو. پٽي صاحب کي ڏسي جمعي فقير پٽي کي چيو. ”پٽا صاحب ڪيئن پلجي پيو آهين؟“ تنهن تي پٽي صاحب کيس ورندي ڏني تہ ”فقير حاضري ڀرڻ آيو آهيان.“ تنهن تي جمعي فقير کيس چيو تہ ”ابا مان کهڙو ماستر آهيان جو مون وٽ حاضري ڀرڻ آيو آهين؟“ پٽي صاحب چيس تہ ”يلا دوستي رکون “ جمعي فقير کيس موٽ ۾ چيو. ”پٽا صاحب دوستي رکڻ سولي آ پر نڀائڻ ڏکي آ“ تنهن تي پٽي صاحب چيس ”يلا دوستي رکي ڏس پوءِ بہ مرضي جو مالڪ آهين!“ تنهن تي وڻ هيٺان گڏھ سميت ويٺل جمعي فقير پٽي کي ورندي ڏني تہ ”پٽا صاحب، تڏي تي لنگھي آيو آهين توکي موٽايان نٿو.“ اهڙي طرح لاڙڪاڻي جي رستن روڊن تي گداگري ڪندڙ جمعي فقير ۽ محترم ذوالفقار علي پٽي صاحب جي پاڻ ۾ دوستي جڙي.“

ڪامريڊ ذوالفقار علي قادري جا جمعي فقير جي زندگي جي باري ۾ ٻيا بہ ڪيترا سياڻپ جا سخن ۽ احوال ملن ٿا. جمعي فقير بابت لکيل هن جا احوال هڪ معتبر حوالا سمجھڻ ۾ اسان کي ڪا هٻڪ محسوس نٿي ٿئي. ڇاڪاڻ تہ قادري صاحب ٻنهي جي ويجهو رهيو آهي. جمعي فقير جي ابتدائي زندگي بابت خود ذوالفقار قادري جي والد محترم جا ڪوٺ ٽيل حوالا هن جي پنهنجي گهر جو هڪ وڏو معتبر ذريعو آهن. هڪ جاءِ تي ذوالفقار ڪامريڊ پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو تہ ”جمعي فقير جي گفتن ۾ ڪل، ڀوڳ ۽ مزاح سان گڏ سبق آموز درس بہ هوندا هئا“ وڌيڪ هو لکي ٿو تہ ”جمعي فقير هڪ ٻروچ کان خيرات گهري، جنهن کيس پنج رپيا

ڏنا. خيرات ونئي جمعي فقير آسمان ڏي نهاري چيو. ”معنيٰ تہ الله سائين ٻروچ ٻہ توکان ڊڄن ٿا.“

رستي تي هر آيو ويو ۽ ڪي چرچائي ۽ پوڳائي مزاج رکندڙ ماڻهو جمن فقير سان کل مشڪريون ۽ ٽونٽي بازي ڪندا رهندا هئا، هو بہ هر هڪ سان منهن ڏيو بيٺو هوندو هو. چون ٿا تہ هڪ ڀيري گورنمينٽ ڊگري سائنس ڪاليج جي شاگردن ڪاليج کان موٽ تي هڪ جاءِ تي جمن فقير کي ڏٺو تہ کين رونشو جاڳيو. موقعو مهل ڏسي هنن فقير سان ٽونٽي بازي ڪندي چيو. ”جمعا فقير اڄ پنهنجي زال جو نالو تہ ٻڌاءِ“ جمعو فقير بہ حاضر دماغ هو سو کين جواب ۾ چيائين. ”ابا وضو ٽيل ناهي.“ اهو ٻڌي شاگردن چيس تہ ”فقير زال جي نالي سان وضوءَ جو ڪهڙو تعلق؟“ تنهن تي کين فقير ورندي ڏني تہ ”ابا زالون آهن پاڪ، سو پاڪن جا نالا بنا وضوءَ جي ناهن وٺبا.“

محترم ذوالفقار علي قادريءَ چواڻي تہ جناب ذوالفقار علي ڀٽو وزيراعظم ٿيڻ کان پوءِ جمعي فقير سان مليو، کيس چيائين ”جمعا فقير دعا تہ ڪر“ تنهن تي جمعي فقير چيس ”ڀٽا صاحب لڳي ٿو وزيراعظم ٿيڻ تي خوش ناهين، ڀلا هاڻي هڪڙو ڪم تا ڪيون. تون مون وارو گڏهہ سنڀال ۽ جمعون ٿي وڃ ۽ مان وري ڀٽو ٿو بڻجان.“ تنهن تي ڀٽي صاحب چيس منظور آهي، مون کي ڏي پنهنجو گڏهہ.“ ان موقعي تي اتي ڪافي وزير، مشير ۽ اعليٰ سرڪاري عملدار پڻ موجود هئا. جمعي فقير هيڏي هوڏي نهاري چيس ”نہ ابا مان پنهنجو گڏهہ ڪونہ ڏيندس، ڀٽا صاحب هن جهڙا تہ تو وٽ اڳي ئي جام بيٺا آهن. تون ڀڙيون انهن کي تہ سنڀال.“ سندس اهڙي جواب تي ڀٽي صاحب کلي ڏنو، پر ان موقعي تي موجود ڪيترن ئي ڪامورن جا منهن لهي ويا.

محترم ذوالفقار قادري جمعي ڏاهي جا ڪيترا اهڙا سخن بيان ڪيا آهن، جيڪي اسان کي جمن فقير جي حاضر دماغي جي باري

۾ گھڻو متاثر ڪن ٿا ۽ اسان انهن نقطن مان گھڻو ڪجھ پرايون ٿا ۽ حض حاصل ڪيون ٿا. ان ۾ ٻي راءِ ڪانهي تہ جمعي فقير جهڙين هستين کان حاصل ٿيندڙ اهڙي عقلي فيضيابي تي اسان ناز ڪيون ٿا ۽ فخر محسوس ڪيون ٿا. لڳي ٿو تہ مسٽر ذوالفقار قادري ڪي جمن فقير سان ڳوناڻي هجڻ ڪري گھڻي همدردي ۽ انس آهي. هو جتي بہ لاڙڪاڻي جي ڪنهن هنڌ ماڳ تي ڪيس ڏسي ٿو تہ ساڻس وڃي ملي ٿو، قادري صاحب هڪ ڀيري جو ذڪر ڪري ٿو تہ اسان ڪجھ ڪامريڊ ٿائيپ دوست لاڙڪاڻي جي مڇي گوشت مارڪيٽ وٽ هڪ جاءِ تي ويهي ڪچهري ڪندا هئاسين. هڪ ڏينهن مون جمعي فقيرکي چانھ جو پيالو وجي پيش ڪيو. چيائين ”ابا ڪهڙي خوشيءَ ۾ ٿو هي پيالو ڏين؟“ مان چيومانس ”فقير امام جي سبيل آ.“ تنهن تي فقير چانهن جو پيالو وننديءِ چيو. ”ابا امامن سان وري ڪهڙا ليکا.“

چون ٿا تہ جمن فقير پنهنجي حياتيءَ جي آخري ايامن ۾ وڃي قبرستان جي پر ورتي. اتي هو هڪ ڪکائين جهوپڙي اڏي ويهي رهيو ۽ پنهنجي باقي زندگيءَ جا ڏهاڙا هن اتي پورا ڪيا.

**

پگڙن پوحيو ۽ داد گجراتي

دوران ايم اي پريويئس پرائيويٽ ڪنڊيڊيٽ جي حيثيت سان مون سنڌ يونيورسٽي ۾ رجسٽريشن ڪرائي. منهجي اهڙي ڪوشش تي والده کي ڏاڍي خوشي ٿي. دوستن ۾ سائين غلام الله. بشير احمد شاد ۽ محمد يوسف شيخ به گهڻو خوش ٿيا هئا. نور ٽيڪسٽائل ملز جو مينيجر خوجي محمد يوسف جو ننڍو ڀاءُ هو پر هو پڪو ڪميونسٽ پر اسان جي نظرن ۾ هيرو ماڻهو هو. اڳتي هلي جڏهن مون کي اها خبر پئي ته منيجر سليم احمد سنڌي ادب جو عالم ۽ اديب آهي ته آئون هن جي دل سان عزت ڪرڻ لڳو هئس. هو ان وقت چڙوچانڊ هو ۽ هن پنهنجي رهائش مل ۾ ئي رکي هئي. شام جو نهي سنيري سائيڪل تي چڙهي پاڪستان چوڪ تي ڪيفي المدينه ۾ چانهه پيئڻ ويندو هو.

ڪيفي المدينه جيتوڻيڪ شهر جي مصروف جاءِ پاڪستان چوڪ تي هو ۽ هتي عالمن، اديبن ۽ سماجي شخصيتن جي اچي ويهڻ ڪري شام جي پهر ۾ وڏي رونق لڳندي هئي. هن ڪيفي ۾ ڪي سياسي ۽ واپاري مزاج جا ماڻهو به ملڪ روز ۽ چانهه جون چسڪيون اچي وٺندا هئا. اهڙين شخصيتن لاءِ جو ڪيفي جي مالڪ جنهن کي شهر جا ماڻهو ميان صاحب ڪوٺيندا هئا. اڪثر ٻاهر ڪرسيون ۽ ٽيبل رکائي ڏيندو هو. انهن ماڻهن جي انهن آرامده ڪرسين تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ محفل ۽ ڪچهري ٿيندي رهندي هئي. ڪيفي جا بيرا وارث ۽ غلام سرور انهن جو خاص خيال رکندا هئا. هوٽل جو مالڪ ميان صاحب هندوستان کان لڏي آيلن جي نسل مان هئو پر هن جي سياءَ، آداب ۽ اخلاق مان معلوم ٿيندو هو ته ماڻهو وڏو مردم شناس آهي ۽ وڏو خانداني آهي. سندس هوٽل

جي چانهن، ملڪ روز ۽ شاهي ٽڪرا وغيره جن شوقينن ڪاڏا هوندا منهنجي خيال ۾ انهن ڪان وسريا نہ هوندا. سواءِ ازين پراڻي ڪيفي المدينہ جي ماني جون لذتون، معياري ڪراڪري ۽ صفائي سترائي جيڪا هن نُنڍي ڪيفي ۾ هوندي هئي، تنهن جو ڪو جواب ڪونہ هوندو هو. چانهن شربت ڪان سواءِ هن ڪيفي ۾ ماني ڀاڄي بہ لاجواب تيار ڪئي ويندي هئي. ٻاڪري گوشت ۾ اهڙو تہ لذيذ اسٽو تيار ڪيو ويندو هو جو چئي ڪٽي بس ڪر. ماڻهو مٽن اسٽو گهر بہ پارسل ڪرائي ڪٽي ويندا هئا. اسان جو استاد سائين غلام الله بہ ان ڪيفي تي ڪچهري ڪندڙن مان هڪ هئو. بشير احمد شاھ، محمد يوسف شيخ، غلام سرور شيخ، محمد يوسف لغاري عبدالخالق شيخ ۽ مان بہ روزانو شام جو ڪيفي تي پوڻيا چانهن پيئڻ لاءِ گڏ ٿيندا هئاسين.

ڳالھ نڪتي آ پراڻي ڪيفي المدينہ تي ڪچهري ڪندڙ شوقينن جي، هونئن تہ اتي ايندڙ سيئي ماڻهو سھڻي سياءَ جا هوندا هئا پر هوندو هرڪو پنهنجي پنهنجي خيال جو هئو پر جيڪي شوقين بنا ناغي چانهن پيئڻ ايندا هئا تن ۾ ڪي شخصتون تہ نرالي طبيعت ۽ نرالي رنگ روپ ۾ نظر ايندیون هيون. جن ڪي ڏسي ايئن لڳندو هو ڄڻ هو ڪنهن فينسي شو ۾ شرڪت ڪرڻ آيا آهن. اهڙن مان بہ ماڻهو قابل ذڪر آهن جن جي آمد جيلس بازار ڪان ٿيندي هئي. جتان هو ايمپائر روڊ تي اچي نگار ۽ ايمپائر سنيمائن ڪان ٿيندا مڇي مارڪيٽ لتاڙي اچي پاڪستان چوڪ ڪٽندا هئا. ٻئي جدا جدا نسل جا هوندا هئا پر انهن مان هڪ ايئن لڳندو هو ڄڻ همراھ بريلي جي بازار مان تازو لڏي آيو اهي. ان ڪاڪي جو ڪم ڪاروبار پڳڙن ڪپائڻ جو هو. آئون ڪيس تڏهن ڪان سڃاڻندو هئس جڏهن هو صحت ۽ جوت ۾ چڱو ڀلو هوندو هو. هو جنهن وقت پڳڙا ڀجندو هو تنهن مهل ڪيس سڃاڻڻ مشڪل ٿي پوندو هو، تہ هي ماڻهو اهو ساڳيو آهي، جيڪو شام جو ڪيفي المدينہ تي چانهن

پيئڻ ايندو آهي. هو جيلس بازار جو مشهور پوجو ۽ پڳڙن جو واپاري هو، جنهن جا پڳڙا لاڙڪاڻي جي پسگردائي وارن ڳوٺن ۽ ڀاڙين جا دڪاندار وٺي ويندا هئا. ورهين جا ورهيه مون ڪيس ڳڻ بازار ۾ پير جي مزار لڳ پڳڙن پچڻ وقت ڏٺو هو. ڪم دوران وات ۾ پان هوندو هئس، هيٺ تي پٽاپٽي گوڏ ٻڌندو هو ۽ مٿي تي ٽنگن واري چڀي واري ٽوپي پائيندو هو ۽ بدن تي اهڙي بنڊي پائيندو هو جهڙي گاه لٽڻ وقت ڀهراڙي جا ماڻهو پائيندا آهن. پر جڏهن ڪيفي المدينه تي چانهن پيئڻ لاءِ گهران نڪرندو هو تڏهن سندس روپ، رنگ ۽ ڍاهه نرالا هوندا هئا. ايمپائر روڊ تي هن جي چال ڏسي اسان پارا محو حيرت هوندا هئا. پيرن ۾ بهترين پالشڊ بوٽ پائيندو هو، هيٺتي سفيد رنگ جو پائجامو هوندو هئس ۽ ڳچي ڪان گوڏن تائين اڇي رنگ جو سادو پهراڻ پائيندو هو، وات ۾ پان مٿي تي اها ساڳي ٽنگن واري چڀي ٽوپي هوندي هئس. همراهه گهران نڪرندو هو ته شايد ڳچي ڪي ڪلف هڻي نڪرندو هو. اڪثر روڊ جو هڪڙو پاسو وٺي هلندو هو ڪنهن به حالت ۾ پنهنجو ٽريڪ نه مٽائيندو هو. ڏسندو به رڳو سامهون هو. هلندو به خرامان خرامان ۽ خالص روبوٽي چال ۾ هو. اڪثر ڪيفي ۾ اندر ويهندو هو ڏاڍي مزي ۽ اطمينان سان چانهه جون چسڪيون ڀريندو هو. وري واپسي ۾ سيئو بازار ڪان لوهرن واري مسجد وارو پاسو وٺي هليو ويندو هو.

ٻيو همراهه گجراتي هو، شهر جا ڪانياواڙي ۽ گجراتي ماڻهو ڪيس داد سڏيندا هئا. اهو به ايمپائر روڊ تي اچڻ لاءِ شاهه محمد اسڪول ڪان پنهنجي اينٽري ڏيندو هو. هلڻ ۾ ان جي چال بلڪل سڌي هوندي هئي، ايئن لڳندو هو جڻ هيڏي هوڏي ڏسڻ جي همراهه کي ڪنهن پير فقير ڪان منع ٿيل آهي. پيرن ۾ پالش ٿيل آڪسفورڊ اسٽائل وارو اڇي ۽ ڳاڙهي رنگ جو بوٽ پائي نڪرندو هو. اهو به هيٺ تي اڇي رنگ جو پر چوڙيدار تنگ پاجامو پائيندو

هو. بدن تي سفيد پهراڻ ۽ مٿي تي ڳاڙهي رنگ جي ڪاري ڦندڻ واري ترڪي ٽوپي پائي ڳچي ۾ اڇوڳاڙهي رنگ وارو پشمي مفلر ويڙهي هلندو هو، جيڪو هن جي شخصيت جي خاص نشاني هوندو هو، جنهن ڪي سياري توڙي سانوڻ هو پنهنجي ڳچي ۾ پائي رکندو هئو. لاڙڪاڻي جو هي گجراتي دادا ٻه ايمپائر روڊ لتاڙي ميچي مارڪيٽ کان ٿيندو ڪيفي المدينه پهچندو هو ۽ ڪيفي جي ٻاهران رکيل ڪرسين تي ويهي پنهنجي دوستن جو انتظار ڪندو هو. ايمپائر سنيما سامهون جڏهن ميراڻين برف جو ڪارخانو نيڪي تي ڪنيو هو تڏهن ميراڻي برادرز جو وڏو ڀاءُ محمد بچل پڻ ڪيفي المدينه جي ٻاهر رکيل ڪرسين تي اچي دادا گجراتي سان ڪچهري ڪندو هو. ڪچهري دوران هو سيپريٽ چانهه گهرائي پيئندا هئا. ٻئي واپاري خيالن جا هئا، سو ٻنهي جي پاڻ ۾ ڏاڍي لڳندي هئي.

ڪيفي المدينه تي اسان جي مل جو مئنيجر سليم احمد ٻه اچي روزانو سيپريٽ چانهن پيئندو هو پر شهر ۾ نووارد هئو ۽ ڪيس پنهنجي پسند جي ماڻهن جي ڳولا رهندي هئي، هونئن ٻه حد درجي جو لبرل ماڻهو هو، تنهن ڪري ڪنهن سان بي تڪلف ٿيڻ ۾ ڪجهه وقت لڳس پر هئو وڏي سنگت وارو، هن جي سنگت جا گهڻا ساٿي حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ رهندا هئا. وٽس دعوت تي رسول بخش پليجو، نسيم کرل، ڀڳونداس چاولا، روشن علي ڪهاوڙ ۽ ٻيا اهڙا مارڪسوادي ۽ لبرل خيالن جا پوئلڳ اديب ۽ دانشور ايندا رهندا هئا.

**

محبت جا رشتا

چندران ماءُ مذهب جي هندو هئي پر رشتي ۾ جڻ منهنجي ماءُ هئي، اسان جا گهر ٿوري فرق سان هڪ ٻئي جي آمهون سامهون هئا. حال سڀ جو غربت جي ليڪ تي هو، هر هڪ جي مٿان ورهاڱي جا ڳاٽي پيڳا وار تي چڪا هئا. گذريل 10، 15 سالن کان ڏکڻ ايشيا عظيم جنگ جي تباهڪارين جي ڪري ڪاري ڏڪار جي ور چڙهيل هو. هند پاڪ جي 90 سيڪڙو آبادي دال روٽي تي پئي پلجي. سنڌ جي آبادي جو معمولي طبقو سک جو ساهه کڻڻ جي قابل هو. پاڙي ۾ چندران ماءُ ۽ اسان جي گهر جو شمار اهڙن گهرن ۾ هو، جن ۾ ڪڏهن دال روٽي تہ ڪڏهن ڏاٽن، مرچن ۽ ڦودني جي چٽڻي تي گذر سفر پيو هلندو هو.

چندران ماءُ سامٽين جي گهرن مان ونڊ جي لسي ۽ پنهنجي هٿن جا پچايل ڦلڪا ڦٽي مکڻ جي وٽي ۾ رکي مٿان ديسي کنڊ وجهي پنهنجي مڙس بلند مل جي اڳيان رکندي هئي. باقي وڏي پٽ ناريمل تنهن کان بعد انند مل ۽ پنهنجي ڌيءُ چندران جي اڳيان ٻہ ڦلڪا ڪاڪي قادن جي تيار ڪيل مگن جي گهوٽيل دال چٽڻي سان رکندي هئي. چاڪاڻ جو چندران جيڪا واقعي چنڊ جهڙو ڏيک ڏيندي هئي تنهن کي روزانو لسي ڪا نہ وٽندي هئي. چندران ماءُ کي اسان انند ماءُ ٻہ سڏيندا هئاسين ۽ ان نالي پنيان پاڙي ۾ هوءَ گهڻو مشهور هئي.

انند ماءُ جي گهر جو اهو نيرن پاٽي وارو لقاءُ مون کي ان ڪري ڏسڻ لاءِ ملندو هو جو مان سوير اٿي چانهن ٽوسٽ کائي انندمل کي اسڪول وٺڻ لاءِ سندس گهر ويندو هئس. انند ۽ مان

1950ع ڌاري علي گوهر آباد واري ملان مسلم اسڪول ۾ پهريون پرائمري پڙهندا هئاسين. انند جو پيءُ بلند مل صبح جو گهر ۾ هوندو هو. سندس وڏو ياءُ ناري مل سيئو بازار لاڙڪاڻي ۾ ٽانگا اسٽينڊ لڳ نيڻو مل جي مشهور هوٽل تي (جيڪو پوءِ ڳهٽي جتوئي خريد ڪئي، ان جي هينان دڪان ۽ مٿان ايئرڪنڊيشن هوٽل ناهي). وجي ماني پچائيندو هو ۽ شام جو نيڻو مل کي پٽاٽن جي چاپن تيار ڪرڻ ۾ هٿ ونڊائيندو هو. بلند مل جو ڏندو شام جو شروع ٿيندو هو. هو پنهنجي وقت جو منائي ٺاهڻ جو پڙ ڪاريگر هو. هاڻي بہ هو پنهنجي منائي ٺاهي کپائيندو هو ۽ شادين مرادين جا آرڊر الڳ ملندا هئس. هي گهراڻو سکي زندگي گذاريندا هو پر ورهاڱي سبب جوان پٽ رام بنا ٻڌائڻ جي پيءُ ماءُ ۽ گهر ڇڏي بمبئي ڀڄي ويو. جنهن ڪري بلند مل جي جوان پٽ جي ايئن ڇڏي وڃڻ سبب چيلھ ڀڄي پئي. جنهن سبب هو جلد ڪمزور ۽ ڪراڙو ٿي پيو. تنهن هوندي بہ بهترين مائو ٺاهي موڙو ڪڇ ۾ ڪري مائي جو ٿالھ مٿي تي رکي پاڙي جي چوڪ چوڪ تي مائو کپائيندو هو. سانوڻ جي مند ۾ چولن جو ٿالھ ڪڍندو هو. سندس ليمي ۽ ٻارهن مصالحن وارا چولا ايترا تہ مزيدار هوندا هئا جو سندس ٻن اڍائي ڪلاڪن ۾ ٿالھ خالي ٿي ويندو هو. بلند مل جو مقابلو پاڙي جي ڪاڪي قادن سان هو، جنهن جو مائو ۽ چولا پڻ نهايت لذيذ هوندا هئا. ٻنهي جي مال ۾ ڪمي يا ڪو مقابلو ڪونہ هو. ٻئي پاڙي جا باعزت، باروزگار ۽ باوقار ماڻهو هئا، بس ٻنهي جي شخصيت ۾ فرق هو.

ڪاڪو قادن اڍائي مڻ وزن جو هو تہ ڪاڪو بلند مل پنجاھ سيرن جي وزن جو مس هو. بلند مل نفاست پسند هو، ململ جي اڇي رنگ جي ڪالر واري قميض پائيندو هو ۽ هيٺ تي ڌوتي ٻڌندو هو ۽ ڪاڪو قادن نيري يا ڪاري رنگ جي قميض پائيندو هو ۽ هيٺ تي پٽا پٽي گوڏ ٻڌندو هو ۽ پنهنجي وڏي پيٽ هجڻ

ڪري سڄي پاڙي ۾ قادن پيٽي جي نالي سان مشهور هوندو هو. اسان جي پاڙي علي گوهر آباد جا اهي انمول ڪردار هئا جيڪي وسريو نٿا وسرن.

انند جي ماءُ جو ڪم شروع ٿيندو هو صبح جو ڏهين بجي ڌاران. هو هٽ ۾ تغاري ڪٽي گهران نڪرندي هئي. پاڙي ۾ جيڪي سامٽين، انڙن، پيرزادن ۽ علي خان سومري وان جي گهران مينهون جهنگ چرڻ نڪرنديون هيون ته انهن جا رستي ۾ لاٿل ڇيڻا ميڙي پنهنجي گهر اڳيان ويندي هئي سٿيندي. سندس ڌيءُ چندران اهي ڇيڻان ڪٽي گهر اندر ڪندي ويندي هئي ۽ گهر جي هڪ پاسي جي پٽ تي ٿڦيندي ويندي هئي. جڏهن ڇيڻا سڪي ويندا هئا ته انهن کي ڪرپي سان لاهي گهر جي چلهه لڳ گهر جي ڌاڪڻ هيٺان هڪ ننڍي هريءَ ۾ جمع ڪندي ويندي هئي. علي گوهر آباد ۾ غلام علي سامٽيي جي والده جي نگراني هيٺ ڇوڪرين جو سرڪاري اسڪول تعليم لاءِ ڪليل هو پر انهن مسلم اسڪولن ۾ 50ع واري ڏهاڪي ۾ هندو پائي بند پنهنجي نياڻن کي پڙهڻ لاءِ ڪونه موڪليندا هئا. تنهن ڪري چندران باقي وقت گهر ۾ ويني ويهاڻن جي ڇون ۽ چادرن تي هرمچو پريندي رهندي هئي. جنهن مان انند ماءُ کي چار پئسا اڳري پوندا هئا.

منهنجي والده ۽ انند جي ماءُ جي پاڻ ۾ گهري دوستي هئي، نه رڳو ڏکي سکي وقت ۾ هڪ ٻئي کي پئسي پنجڙ ۾ مدد ڪنديون هيون پر روز مرهه ڪم ايندڙ گهرو شين جي مٽ سٽ به ڪنديون هيون. خوشي جي خاص ڏڻن ۽ عيد برات تي گهر ۾ پڪل ڪاڌا وغيره به هڪ ٻئي ڏي منجنديون هيون. هڪ ڀيري جو ذڪر آهي ته اسان جي گهر ۾ ڪنهن ٻار کي منهن تي به چار ڪٽا ماتا جا نڪتا. بس پوءِ امڙ کان وڌيڪ بيقرار انند جي ماءُ هئي. اسان جي گهر ۾ پينگهو هوندو هو. ڏينهن ۾ ٽي چار ڀيرا ڪري ٻار کي لوڏي ويني لولي ڏيندي هئي. اسان جو ٻار ته ڏٽي سائين جي ٻاجهه سان نوبنو

ٿيو پر انند ماءُ جي پاٻوهه، پيار ۽ سندس منٺڙي لولي جو آواز اڃا دل تي نقش آهي.

تاريخ جي ڪن پاسن کي ڏسجي ٿو ته پاڪستان هندستان جي ورهاڱي نه رڳو سرحدن جا ليڪا ڪڍيا هئا پر ان ورهاڱي سبب سنڌ جي هندو مسلم آبادي جي دلين ۾ روايتي سنڌي سماج واري ايڪتا ۽ ڀائچاري جي وچ ۾ وڏا ويڇا وجهي ڇڏيا هئا. اهڙي ماحول جي برپا ٿيڻ ڪري ٻنهي ڪميونٽيز جي وچ ۾ اڻ ڳٽيا شبا ۽ شڪ پيدا ٿي پيا هئا. اسان جي گهر هندن جي ڏڻن تي جيڪا مٺائي، مکڻ ۽ ولايتي کنڊ لڳل مٺا ڍوڍا، مال پڙا، پوريون ۽ آچار جا وٽا پرجي ايندا هئا، تن سان وڏو حشر ٿيندو هو. امان اهي سموريون شيون وٺي بورچي خاني جي نعمت خاني ۾ رکي ڪرف هٽي ڇڏيندي هئي. رات جو وڳڙو ٿيندو هو ته خبر ناهي ته انهن کي ڪيئن تلف ڪري ڇڏيندي هئي ۽ اهو پتو به ناهي ته اسان پنهنجي عيد تي جيڪو حلوو انند ماءُ، پمي ماءُ ۽ سدارنگ جي ماءُ کي سهٽين چيني جي ٻسين ۾ سينگاري ڏئي ايندا هئاسين ان جو ڪهڙو حال ٿيندو هو؟

هڪ ڀيري انند ماءُ مٺا ڍوڍا امڙ کي اچي هٿ ۾ ڏنا، امڙ اهي بورچي خاني جي تختطي تي رکي ٻيٺي انند ماءُ سان هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون پئي ڪيون، مان بورچي خاني مان ٿالهي مان هڪ ڍوڍو ڪٽي وجي ڪمري ۾ کٽ جي پيراندي وٽ رکيل سوڙن ۾ لڪائي ڇڏيو. ٻه ٽي ڏينهن لڪي چپي ان مٺي ماني کي پئي ڪرٽي ڪاڏو. ان ڪم ۾ ڪيترو مٺان ڏوهه چڙهيو، رب ٿو بهتر ڄاڻي. جنهن گهٽي جي لنگهه سامهون اسان جو گهر هو، ان جي سامهون واري گهٽي ۾ 1950ع ۾ هندن جا ڏهاڪو کن گهر هئا. هندن جا ٻار ۽ اسان اسڪولن ۾ گڏ پڙهندا هئاسين. پاڙ ۾ دوستيون به هيون. هڪ ٻئي کي عام طور تي شيون ڏيندا وٺندا ۽ کائيندا پيئندا هئاسي. انند مل گهر سان لڳ هجڻ ڪري ۽ اسڪول ميٽ

هجڻ هجڻ ڪري ٻين هندو دوستن کان منهنجي گهڻو ويجهو هو. ايتري قدر جو اسڪول کان موٽ تي هو ڪڏهن ڪڏهن اسان جي گهران ماني کائي پوءِ پنهنجي گهر ويندو هو. هو مون سان اڪثر گهاڙ واهہ تي وهنجڻ لاءِ گڏ هلندو هو، بس ايئن سمجهو تہ مون جهڙو رولاڪ ٿي ويو هو.

هڪ ڀيري پاڙي جي ناري خان کهاوڙ پنهنجي واڙي تي جيڪوورهاڱي کان اڳ ڪنهن هندو سيٺ جي اَن ڇڙڻ جو ڪارخانو هو، ان تي مڪمل قبضي کان پوءِ ڪنهن خوشي جي موقعي تي بہ ڦندران کهي پاڙي جي عام ۽ خاص جي لاءِ هڪ وڏي خيرات ڪئي هئي. منجهند جو اسڪول کان موٽ تي انند مل ۽ مان بہ ان دعوت تي وياسين. ان زماني ۾ واڙي جي ڏکڻ پاسي کان ننڍين ننڍين ڪمرن جي قطار هئي، جنهن ۾ زمين تي پلال وڇائي اسان جهڙن پاڙيسرين کي لٺ پت کائڻ لاءِ ويهاريو ويو. انندمل منهنجي پر ۾ موسان لڳ سوڙهو ٿي وينو رهيو. جڏهن ديڳ جي پت جا گرم گرم پاتوڙا اڳيان آيا ۽ منجهن وڏا وڏا ٻوٽ بہ پئي ظاهر ٿيا تہ ماحول ۾ انهن جي پڪڙيل خوشبو محسوس ڪندي انند مل جي دل سٽ ڏني تہ اڄ ماس کائي ڪو مزو ڪجي. هن آهستي سس پس ڪندي چيو "چانورن سان گڏ هڪ اڌ ٻوٽي بہ کانوان؟" "مون چيومانس تنهنجي مرضي." همراهہ مڙسي ڪري بہ ٽي ٻوٽيون کائي تہ ويو پر ڏينهن ٻن تائين پيو مون کان پڇندو رهيو تہ "مان ناستڪ تہ نہ ٿي ويو آهيان؟" مان کيس آٿت ڏيندو رهيس تہ "هاڻي بہ تون انند مل آهين، ڪنهن قسم جي ڳڻتي نہ ڪر."

ٻن ٽن سالن اندر نهرو لياقت ميثاق جي پڄ ڪڙين سبب سنڌ جي ڊيموگرافي ۾ وڏي ڦيرڦار اچي وئي، سنڌ مان هندو قطار در قطار ويا هندوستان لاڏاڻو ڪندا ۽ انهن جي جاين تي ميواتين، ناگورين، يوڄ پورين ۽ دهلي وارن اچي سنڌ ۾ پنهنجا خيما کوڙيا. پر انند ماءُ ۽ ان جو خاندان اتي سنڌ ۾ ئي رهي مري کپي ويو.

ڪنهن پاسي ڪان ايتري سڏ پئي اٿم ته چندران پنهنجي ٻچڙن سان ساٻي پاڙي ۾ حال حيات آهي، ناري مل ۽ انند مل ديهانت ڪري ويا آهن. باقي انند مل جا ٻار جيلس بازار ۾ ريوڙين ۽ ڪٽ مٺڻ جي ڪارخاني تي ڪم ڪار ڪري پنهنجي زندگي لاڙڪاڻي ۾ گذارين ٿا.

**

محمد حسن سولنگي (رونبو)

لاڙڪاڻي جي جنھن لوڪيشن تي اسان جا گھر ۽ اسان جو پاڙو ھو، اھو بيشڪ جنت النظير ھو. لاڙڪاڻي جي گول واري حد کان علي گوھر آباد تائين رڳو ميون جا باغ ئي باغ ھئا. زميني حقيقتون ۽ مطالعو ٻڌائين ٿا تہ لاڙڪاڻي جو قديم ماڳ جتي ڪلھوڙن جي دور حڪومت ۾ پھريون پيرو ڪڪائين جھوپڙن جا اجھا ۽ جھوپڙا اڏيا. اھو ھنڌ ماڳ بھارپور وارو ڳوٺ ھو. بھارپور ۾ سرڪار وقت جو اڏيل ڪچو قلعو ھوندو ھو، جنھن جا آثار شايد ھن وقت بہ موجود ھجن. اسان پنھنجي ٻالڪ پڻي کان ويندي جوانيءَ واري دور تائين ان فوجي مقصد پنيان اڏيل قلعي جون نھيل اوڏڪيون ديوارون، مارنگ ۽ مورچا ڏٺاسين. ڪڏھن ڪڏھن انھن جي مٿان چڙھي پري پري تائين ماحول جو نظارو بہ ڪندا ھئاسين.

ڳوٺ بھارپور ۾ بہ ساڳين ڏنڏن ۽ ذاتين جا ماڻھو رھندا ھئا. جيڪي قافلي سراءِ کان بندرگاھہ واري علاقي ۾ لاڙڪاڻي جي اڏجڻ وقت رھندا ھئا. يعني ميربحر، ميراثي، ملاح ۽ قلعي جي سامھون ڳوٺ دريش واھڻ ۾ لاڙڪ قوم جا ماڻھو، بھارپور جي چوڌاري جي ننڍين ننڍين ڳوٺن ڪي پڻ بھارپور جا پاڙا ۽ واھڻ سمجھڻ گھرجي. جڏھن تہ گھاڙواھہ جي بندرگاھہ واري علاقي وڏي ويجھي اوج، ترقي ۽ ڪمال حاصل ڪيو. تڏھن اردگرد جي واھڻن، ننڍين وستين ۽ خود بھارپور جي ڪيترن ماڻھن بندرگاھہ واري پاسي نقل مڪاني ڪئي ھوندي.

قافلي سراءِ تاريخي اھڃاڻن موجب لاڙڪاڻي جو ھڪ قديم پاڙو ھو پر علي گوھرآباد جنھن جي آبادڪاري ورھاڱي کان ٿورو اڳ ۾ ٿي ھئي، تنھن جي سرحدي گھٽي ۾ سولنگي ذات جي برادري جا ڪجھ ڪن گھر ھئا. ڪيترائي سولنگي بہ پاڪستان ٺھڻ کان

اڳ ماڇي سڏبا هئا، انهن سولنگين مان جنهن سان منهنجو قرب جو ڳانڍاپو ٿيو، سو هو هڪ غريب ماڻهو، محمد حسن سولنگي (رونڊو) هو. آئون وڏي ڏک ۽ درد وچان اهو عيباڻتو لفظ سندس نالي پنيان جوڙيان ٿو، نه ته اهڙن باوقار ماڻهن جو نالو وڏي عزت سان کڻڻ گهرجي.

پاڙي جي زميندار ۽ امير ماڻهن جي مقابلي ۾ حسن سولنگي جي ڪا حيثيت ڪا نه هئي، ڏسجي ته پنهنجي پر ۽ گهر ۾ هو مسڪين مڇي ماني لائق مس هو. قافلي سراءِ ۽ علي گوهر آباد جي سامهون مقاطعي تي ڪڇندڙ زمينون هيون، تن مان ڪو پنجن اٺن جريبن جو ٽڪرو حسن به نيڪي تي کڻي ڪمند يا واڙي ڪندو هو. پٽ جو اولاد اجا ٻني ٻاري جي ڪم جي لائق ڪونه هئس. تنهن هوندي به هو ان ڪي هر ڏياري پوءِ پاڻ اڪيلو هڪ هٿ سان ڪاٺ جي وڏاڻ سان ڪڙا پيجي زمين ڪي سڌو ڪري واڙي جي لائق بڻائيندو هو. مدي جي بخار جو ڪريل هو، هڪ ٻانهن ته ڪم ڪان وينل هئس پر هڪ پير ۾ به ٿورو لنگ هئس، جنهن ڪري پنڌ ڪي چڱي طرح اڪلائي نه سگهندو هو. ٻني جي ڪمڪار مان هٿ ڪڍي گهر وڃي مانجهاندو ڪري شام جو تڙ پاڻي ڪري اڪثر زمين تان ڦيرو ڏئي ايمپائر سنيما واري علاقي، گادن ۽ سراين جي هوٽلن تي متل رونق ڪي وڃي ڏسندو هو. انسان هو ڪڏهن روح سٽ ڏيندو هئس ته هوٽل جي ٻاهران بئنچ تي ويهي چانهن جُڪو پيئندو هو.

همراهه طبيعت جو تکو هو، ٿوري گهٽي تي بد شد ڳالهائيندڙ ۽ بي ريا ماڻهو هو، تنهن ڪري نه ٻئي ڪنهن جي هن سان لڳندي هئي ۽ نه وري هو ڪنهن سان ڪا ڊيگهه ڪندو هو. اهو زمانو 1969ع جو هو ۽ مان پرائيويٽ طور ايم اي پهرين سال جو امتحان ڏئي رهيو هئس. جنهن هفتي ڪارخاني ۾ رات جي ڊيوٽي هوندي هئي، ان جي ٻئي ڏينهن صبح جو نائين وڳي ٽڏڪار واري وقت ڪتاب کڻي حسن جي ٻني جي وچ ۾ نهيل ڪکائين جهوپڙي ۾

وجي اسٽڊي ڪندو هئس. هي همراهہ بہ نيرن پاڻي ڪري ڏهين وڳي ڏاران ٻني جو چڪر لڳائيندو هو. بس مون سان بہ ٻہ ٽي لفظ ڳالهائيندو هو. ”غلام رسول آيو آهين؟“ مان ڪيس وراڻيندو هئس ”جي ها“، ”پڙهہ، پڙهہ.“ بس ايترو چئي هو پاڻي جي واهين جي پاسي پاڻي جي وهڪري کي ڏسڻ لاءِ هليو ويندو هو.

جڏهن سندس واڙي تيار ٿيندي هئي تہ پنهنجي هڪ هٿ سان واڱڻ، ڀينديون ۽ ساوا بصر وغيره پٽي ويندو هو ۽ ٽوڪرن ۾ وجهندو هو. جيلس بازار مال پڄائڻ لاءِ ماڻهو مزدوريءَ تي رکندو هو. ڪيتي واڙي جو ايئن ڏنڌو ڪري هو پنهنجا ٻچا محنت ۽ رزق حلال سان پاليندو هو. آئون سندس جهوپڙي ۾ جيستائين وينو پڙهندو هئس تيستائين هو اس جي تاثيءَ کان بچڻ لاءِ واهي جي ڪڙتي ليسوڙي جي ڇانو ۾ وينو هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پر پاڙي جي ڪجين مان جيڪي وڻ پڪل ڪارڪون هٿ اينديون هئس تہ اچي منهنجي اڳيان رکي چوندو هو. ”غلام رسول کاءُ“ وري چوندو هو ”ڪيسيتائين پڙهندين؟“ وراڻيندو هومانس ”بس ڪلاڪ ڪن ٻيو ويهندس.“ ڪڏهن ڪڏهن دل جي ڳالهہ ڪندي چوندو هو. ”مون وارو پٽ وڏو ٿئي تہ توکان پڙهائيندس.“ مان ڪيس چوندو هئس. ”مون کي ڇاٽو اچي ادا حسن تو وارو مائٽ رضا محمد سولنگي مون کان گهڻو هوشيار اٿئي. صلاح ٿو ڏيانءِ تہ هاڻي ئي ان کان پڙهائڻ شروع ڪرينس.“

حسن روندو اسان جي پاڙي جو هڪ اهڙو ڪارائتو سماجي ڪردار هو، صحيح ۽ باڪردار ماڻهو کي هو نہ رڳو پسند ڪندو هو، پر دل سان ان جي عزت ڪندو هو. جيتوڻيڪ پاڻ هڪ ڄنگهہ ۽ هڪ هٿ کان معذور هو پوءِ بہ پٽي يا ٺيڪي تي زمين جو ٽڪرو ڪٽي عزت جي روٽي پاڻ بہ ڪائيندو هو ۽ پنهنجن ٻچڙن کي بہ ڪارائيندو هو. بيشڪ هو جسماني طور عيبدار هو پر سماجي طور هو هڪ ڪارائتو، ڪمائو، باعزت ۽ بلند ڪردار ماڻهو هو.

لاڙڪاڻي جي سماجي تاريخ جا امُلهه ڪردار

فجر علي ۽ بشير مسيحي

پاڪستان ڪي ٺهي ڍڪو سال کن ٿيا هئا، لاڙڪاڻي جي قديم پاڙي قافلي سراءِ ۾ هندوستان کان ڪجھ سقہ ذات جا ماڻهو اچي آباد ٿيا هئا، جن جي روزگار جو ذريعو ماڻهن جي گهرن ۾ پاڻي پرڻ هئو. فجر علي بہ ذات جو سقہ هو. بشير مسيح سنڌ ۾ آڳاٽو آيل سيالڪوٽ جي عيسائي خاڪروبن مان هو، جيڪي لاڙڪاڻي جي ڪليڪٽري بلڊنگ جي سامهون اوير پاسي روڊ تي پنهنجو جدا پاڙو ٻڌي وينا هئا. مذڪوره ٻنهي همراهن جي هڪ خوش جيئڙن انسانن جي جوڙي هئي. هن جوڙي جي تعيناتي ميونسپل آفيس لاڙڪاڻي جي سينيٽيشن کاتي ۾ ٿيل هئي. خوش قسمتيءَ سان 60ع واري ڏهاڪي ۾ هنن کي علي گوهر آباد جي سامٿيہ روڊ جي هڪ حد جي نالين کي ڌوئي صاف ستري رکڻ جي ڊيوٽي لڳي.

فجر علي نيڪ نمازي ماڻهو هو ۽ ايمپائر سنيما جي سامهون قافلي سراءِ ۾ رهندو هو. صبح جو بهشتي مسجد ۾ رب سائين جي سجدي سجود کان پوءِ نيرن پاڻي ڪري پخال کلهي ۾ وجهي پنهنجي روزي سان لڳندو هو. اول پنهنجي ۽ پاڙي جي گهرن جو پاڻي پري، سامٿيہ روڊ جي چيڙي تي جليل جي چانهہ جي دڪان وٽ رکيل بئنچ تي اچي ويهندو هو. ايتري ۾ بشير مسيح بہ نالين کي صاف ڪرڻ وارو خاص تيلن وارو ٻهارو کڻي اچي فجر علي سان ملندو هو. جليل جي دڪان جي سامهون ڪنڌ تي سرڪاري برمو

لڳل هوندو هو، جتي پاڙي جا ماڻهو پڻ تڙ پاڻي ڪري سگهندا هئا. فجر علي قد بت جو هلڪو ماڻهو هو پر هن جي چال چلت ۾ خفيف قسم جي نسواني جهلڪ نظر ايندي هئي. نلڪي مان مشڪ ڀريندي ۽ مشڪ کي ڪلهي تي چاڙهيندي ٻانهن ۽ چيلهه کي اهڙا چٻ ڏئي ناٽ ڪري اٿندو ۽ جهڪندو هو جو ماڻهو کيس ڏيان سان ڏسڻ بنا رهي نه سگهندا هئا.

فجر علي رب جو نالو وٺي ۽ بشير يسوع مسيح جو منڊيٽو منهن اڳيان ناهي نالي صاف ڪرڻ کي لڳي ويندا هئا. فجر علي ڊانس جون کي جهلڪيون، ڦيرا ۽ روپ ڏيکاريندي مشڪ جو منهن کولي نالي ۾ پاڻي وجهندو ويندو هو ۽ بشير پنهنجي هٿن جي هڪ خاص ردم سان ويندو هو نالي کي صاف ڪندو.

عبدالقيوم ۽ عبدالحي صديقين جي گهر واري چوڪ تائين پنهنجي نالين جي حد پوري طرح صاف ڪري وري عبدالغني سومري ۽ ڊپٽي الهه ڏتي سامٽيي مرحوم جي بنگلي اڳيان ناليون ڌوئي جڏهن اسان جي گهر واري چوواٽي تي پهچندا هئا ته کين ڏينهن جا ٻارهن وڄي ويندا هئا. اتي اچي همراهن کي چانهن جي ٻاڙ لڳندي هئي.

بشير پنهنجي جهاڙو کي نالي جي وٽ تي سمهاري رکندو هو. باقي فجر علي به ڦيرا ڏئي پنهنجي مشڪ پنهنجي ڪلهي تي ڪنيو جليل چانهه واري جي دڪان تي اچي ڪارن بسڪٽن ۽ چانهن جو آرڊر ڪري هڪ پاسي ويهي رهندو هو. هن مزاحيه جوڙي جي چانهن پيئڻ وارا ڪوپ ساسر جدا رکيل هوندا هئا. جليل کين چانهن هٿن ۾ ڏئي ايندو هو. چانهن نوش ڪري وري هي جوان اسان جي گهر واري چوڪ کان پنهنجو ڪم شروع ڪندا هئا. هي ٻئي پنهنجو ڪم وڏي ايمانداريءَ سان ڪندا هئا جڏهن ته ڪم جي نوعيت کان هو هڪ ڪريائتي قسم جي ڪم تي مامور هئا پر انسان جي پنهنجي پورهيي کي پوءِ اهو ڪٽي کهڙي به قسم جو

چو نہ هجي ان کي سچائي واري جذبي سان انجام ڏيڻ فرض آهي ۽ حقيقت ۾ اهو بہ عبادت جو هڪ روپ آهي. منهنجي نظر ۾ فجر علي ۽ بشير پنهنجو ڪم وڏي دلچسپي ۽ سچائي سان ڪندا هئا. اهوئي خاص سبب هو جو پاڙي جا ماڻهو انهن کي عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هئا ۽ آئون انهن کي سچن ماڻهن ۽ سماج جي سچن ڪردارن ۾ شامل ڪندو هئس. ٻئي پاسي جيڪڏهن ڪو ويهين گريڊ جو آفيسر پنهنجي فرض جي بجا آوري ڪندي ڪمي، ڪوتاهي ۽ ڪوٽ ڪري ٿو يا ڏوڪڙ ڪائي ٿو تہ اهو چڱو سڏائڻ جي قابل تہ ڇا پر ماڻهو سڏائڻ جي قابل بہ ناهي.

ڪم جي سرانجامي واري پوئين حصي ۾ هي ٻئي مڙس پنهنجو ڪم ڪندي ڪندي اهڙي تہ ترنگ ۾ ايندا هئا جو بشير پنهنجن هٿن جي فنڪاري سان تبلي جي وڄت تڪ ڏنا ڏن... ۽ ڇم ڇڪ ....ڇم ڇڪ جا آواز ڪڍندو هو. فجر علي ان ڪان بہ بہ هٿ مٿي پنهنجي پخال سوڌو بشير جي ڇيڙيل ڳاني جي ڌن "جیا بے قرار ہے، چھائی بہار ہے، آجا مورے بالما، تیرا انتظار ہے۔" تي اهڙي تہ ڊانس ڪندو گهٽي جي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي هليو ويندو هو. وري جڏهن موٽ ڪائيندو هو تڏهن سندن اهڙي قسم جي نٽ ڪٽ ۽ سر سنگيت واري مچايل ڊرامائي انداز کي ڏسڻ لاءِ پاڙي جون مايون، ٻار ۽ ايندو ويندو ڏسي پيو خوش ٿيندو هو. ماڻهن جي ڇهرن تي جڏهن زماني جا اهڙا زخم خورده ڏکايل ۽ ستايل ڪردار، مسڪراهٽون ونڊيندا آهن تہ مون کي اهي سماج جا املهہ ۽ امر ماڻهو لڳندا آهن.

فجر علي ۽ بشير مسيحي ڇم ڇڪ ڇم ڇڪ... ڌم ڇڪ ڌم ڇڪ ۽ نات نخرن سان پنهنجي روح کي قرار ونائي ۽ ٻين جو من بہ ريجهائي آخر ۾ نالين جي وٽين تي ڇونو هاري پنهنجي ڊيوٽي پوري ڪري فقير محمد انڙ جي اوطاق لڳ باغيچي ۾ ميونسپل جي جمعدار جي رجسٽر ۾ حاضري پرائي گهر روانا ٿي ويندا هئا.

**

هڪ دلبر ماڻهو، خوشي محمد

سيپٽيمبر 65ع واري جنگ ڪارخانيداري جي لحاظ کان ملڪ ۾ مندي جي صورتحال پيدا ڪري ڇڏي هئي. جيتوڻيڪ جنگ کان پوءِ ڪارخانن ۾ پيداواري عمل تڪو تي چڪو هو ۽ بين سماجي حالتن سان گڏ ملڪ جون واپاري حالتون بہ نارمل تي چڪيون هيون. اهڙين حالتن ۾ مل جي مزدورن جي گهرج هئي تہ گهٽي وقت کان هڪ جاءِ تي بيٺل پگهارن ۾ اضافو ڪيو وڃي ۽ عيدن جي ڏهاڙن تي مزدورن کي بونس وغيره ڏنو وڃي پر ملين جا مالڪان ۽ انتظاميہ طرفان ان ڏس ۾ ڪو جوڳو قدم نٿي کنيو ويو ۽ نہ ئي وري لوڪل مزدورن کي ڪنهن قسم جون سهولتون پئي مليون. وجهہ وٺي مون پنهنجي پگهار وڌائڻ جي سلسلي ۾ مئنيجر قلندر بخش بدوي کي گذارش ڪئي تہ منهنجي پگهار ۾ گهٽ ۾ گهٽ 25 رپين جو اضافو ڪيو وڃي. هن صاحب منهنجو ڪيس مل جي مالڪ مظفر حسين صاحب ڏانهن رجوع ڪيو. مون ذاتي طور مظفر حسين صاحب کي پڻ ساڳي گذارش ڪئي، جنهن ڪجهہ وقت انتظار ڪرڻ جو چئي ڳالهہ آئي وئي ڪري ڇڏي. مون پنهنجي پر ۾ حجتون پوريون ڪري پنهنجي لاءِ فيصلو ورتو ۽ علي ٽيڪسٽائل کي الوداع ڪري 1966ع ۾ پنهنجي قسمت کي آزمائيندي ڪراچي جو رخ ڪيو.

شير شاهہ جي اردو بازار واري علاقي ۾ ماسٽر ولي محمد جو پاءُ خوشي محمد رهندو هو. تنهن سان اچي مون ملاقات ڪري پنهنجي روزگار جي سلسلي جي روداد بيان ڪئي. مسٽر خوشي محمد هڪ لڪيل پڙهيل نوجوان هو ۽ ان وقت ڪامرس ۾ گريجيوايشن ڪري ڪنهن پرائيويٽ اداري ۾ اڪائونٽس سيڪشن

۾ فرض انجام ڏئي رهيو هو، تنهن وڏي خوش دليءَ سان مون کي پاڻ وٽ رهايو. ٻن ڏينهن جي ڪوشش سان منهنجي ڪراچي انڊسٽريل ايريا ۾ ايچ ايم سلڪ ملز جي وارپ ٽننگ سيڪشن ۾ مشين آپريٽر جي پوسٽ تي تعيناتي ٿي ۽ ماهوار هڪ سو پنجاهه رپيا پگهار مقرر ٿي. شير شاهه واري ڪواٽر ۾ مسٽر خوشي محمد سان سندس ڳوٺ جو هڪ نوجوان بشير احمد رهندو هو، جيڪو ڪراچي ۾ ڪم ڪرڻ جي غرض سان آيو هو پر جيستائين ڪيس ڪا نوڪري ملي تيستائين گهر جو ڪم ڪار ۽ ماني ٽڪي ڪندو هو. هڪ ڏينهن بشير احمد مون کي ٻڌايو ته پائي خوشي محمد کي لاڙڪاڻي مان وڏي ڀاءُ ولي محمد جا خط اچن ٿا ته غلام رسول کي توهان پاڻ وٽ ڇاڪاڻ رهايو آهي؟ مون وجهه وٺي خوشي محمد کي معذرت ڪئي ته منهنجي ڪري توهان کي پنهنجي ڀاءُ کان ڪجهه ٻڌڻو پيو آهي. هن وراڻيو ته اهو منهنجو ۽ منهنجي ڀاءُ جو مسئلو آهي. تون سنو نوجوان آهين ۽ پنهنجي سٺي زندگي لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهين ۽ ان سان گڏ تعليم به حاصل ڪري رهيو آهين مون کي تو جهڙن ماڻهن جو قدر ۽ عزت آهي، تنهن ڪري تون ڪنهن قسم جي ڳڻتي نه ڪر ۽ مون وٽ رهيو پيو هج، اهو منهنجي لاءِ ڪو مسئلو ناهي. زندگي ۾ جن بهترين انسانن سان منهنجي ملاقات ٿي آهي، انهن ۾ خوشي محمد پنجابي هڪ آهي، جنهن جي اجري ڪردار کي مان ڪڏهن وساري نه سگهيو آهيان.

گهڻن سالن کان پوءِ جڏهن آئون تعليم کاتي ۾ نوڪري ڪري رهيو هئس ۽ ڪراچي کان لاڙڪاڻي ريل تي سفر ڪري رهيو هئس ته قسمت سانگي ريل جي مرداڻي گاڏي ۾ خوشي محمد سان ملاقات ٿي. جيڪو پنهنجي گهرواري سان ۽ پنهنجي ننڍي ٻار سان سيوهڻ شريف واري اسٽيشن تان چڙهيو هو. انهن ڏينهن هو سعودي عرب جي دمام شهر ۾ ڪنهن ڪارخاني ۾ اڪائونٽنٽ جي

حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو هو ۽ گرمين جي سيزن ۾ ملندڙ موڪلون گذارڻ لاءِ پنهنجي ياءُ ولي محمد وٽ لاڙڪاني ۾ آيل هو. مون تي هن دلبر انسان جا وڏا احسان هئا. مون ڪيس ان وقت ئي لاڙڪاڻي ۾ ملڻ جي ۽ ٻه ٽي گرهه گڏجي کائڻ جي آڇ ڪري ڇڏي. مقرر ڏينهن تي مون پنهنجي دوست بشير احمد شاد سان ملائڻ ۽ گڏجي ماني کائڻ لاءِ ڪيس سمبارا ۾ وٺي آيس ۽ هن جي مهمان داري ڪري دلي خوشي حاصل ڪئي. وري اچجي ٿو پنهنجي ڪهاڻي تي ته شير شاهه ڪراچي ۾ خوشي محمد بي شڪ مونسان وڏا وڙ ڪري رهيو هو پر مٿانئس وڏي ياءُ جو زور ڏسي مون پنهنجو ارادو ڪيم ته سجڻ ڏي سجي ٻانهن ته ان جي سجي ٻانهن نه ڇڪجي، تنهن ڪري خوشي محمد وٽان موڪلائي مان ڪراچي جي سائيٽ ايريا حبيب بينڪ چورنگي پرسان ايس آءِ ٽي وارن فليٽن ۾ پنهنجي عزيزن جي عزيز محمد بخش آريجي وٽ اچي رهيس. سندس فليٽ ايچ ايم سلڪ ملز کان بلڪل سڌ پنڌ تي هو. ڪراچي ۾ اٺ مهينا ڪن ڪم ڪري مان وارپ ٽتنگ جي ڪم جو سٺو تجربو حاصل ڪري لاڙڪاڻي موٽي آيس. لاڙڪاڻي اچي مون نوڪري لاءِ خوجي شيخ محمد يوسف جي نور ٽيڪسٽائل ملز ۾ ماسٽر شفيع محمد کي انٽرويو ڏئي ڪراچي واري پگهار کان ٻه پنجهتر رپيا وڌيڪ پنهنجي شهر ۾ نوڪري حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. زندگي جي هن موڙ تي مون کي ڪجهه نوان تجربا حاصل ٿيا.

**

تعليم، تربيت، خيال ۽ تجربا

1965ع وارو زمانو جيتوڻيڪ اسان جي جواني جو دور هو ۽ حقيقت ۾ اسان جي ذهني اوسر جو زمانو اهوئي هو. وڏا ويچار، گهڻا خيال. تکڙا ۽ ابهرا فيصلا ۽ وري پنهنجن خيالن ۽ فيصلن تي ڪمال درجي جو اطمينان ۽ ٻلهار ٻلهار ٿيڻ، منهنجي فطرت ۾ داخل ٿي چڪو هو. ان زماني ۾ منهنجي پياري دوست بشير احمد شاد کي سندس دوست مسٽر رضوان عمراڻي لبنان جي رومانٽڪ تخليقڪار خليل جبران جا اردو زبان ۾ ترجمو ڪيل ٻه ڪتاب مطالعو ڪرڻ لاءِ ڏنا. اسان انهن ڪتابن جو واري وٽيءَ سان مطالعو ڪيوسين. اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي بنا شڪ جي چئي سگهجي ٿي ته خليل جبران جو فڪر ۽ تازا خيال مطالعو ڪندڙ نئين ٽهي جي ذهن تي طلاطم پيدا ڪري ان جي مٿان سحر طاري ڪري ڇڏيندا هئا پر ان ڳالهه کان به انڪار ڪري نٿو سگهجي ته هن جو فڪر، فقرا ۽ انهن جو اظهار هر پڙهندڙ کي نه رڳو سحر ۾ مبتلا ڪندو هو پر نوجوانن کي ڪيترين سماجي حقيقتن جي ويجهو پڻ ڪري ڇڏيندو هو. ايئن ئي راهه ويندي خليل جبران جي زندگيءَ جي باري ۾ ڏنل صلاحن تي مون پنهنجي زندگي ۾ ڪنهن قدر عمل ڪيو. پنهنجي ڪنهن نشست ۾ خليل جبران پنهنجي خيالن ذريعي اولاد جي تعليم ۽ تربيت جي سلسلي ۾ فرمايو هو ته، اوهان پنهنجا خيال پنهنجي اولاد کي نه ڏيو. ٿي سگهي ٿو ته قدرت جي طرفان هو پنهنجا تازا خيال وٺي آيا هجن. خليل جبران جي ان فڪري ڳالهه مان مون کي جيڪا اپتڪار ملي سا هئي ته بيشڪ اسان وٽ پنهنجا تجربا ۽ خيال گهڻا هوندا، جن مان اسان کي پنهنجي زندگيءَ ۾ گهڻا فائدا رسيا هوندا پر جڳ جهان جي سماجي وهنوار کي اڳتي

وڏائڻ ۽ جمود کان بچائڻ لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي ٻارن کي پنهنجن خيالن ۽ تجربن سان گڏ انهن جي ذهنن ۾ پيدا ٿيندڙ نون خيالن ۽ تجربن جي آڌار تي زندگيءَ ۾ اڳتي وڌڻ ڏجي.

مون ان ڳالهه کي ڳنڍ ڏئي ڇڏي هئي، جڏهن رب سائين مون کي اولاد سان نوازيو ۽ مون انهن جي تعليم ۽ تربيت جو خيال ڪندي پنهنجي رفيق حيات جي خيال ۽ سهڪار سان سهڻي تربيت ڪئي، پر هنن کي پنهنجي زندگي جي باري ۾ سوچ ۽ سمجهه رکڻ جي آزادي پڻ ڏني ته جيئن هو پنهنجي ذهن، طبيعت ۽ خيال موجب پل هلن ۽ پنهنجي ارادي موجب جنهن قسم جي تعليم پرائڻ گهرن ته ان جي مناسبت سان مضمونن جي چونڊ ڪري اڳتي هلن.

اسڪول جي تعليمي مرحلن مان نڪري جڏهن ٻار ڪاليج جي منزل تي پهتا ته رب سائين مون کي ان لائق بڻايو هو ته هنن جي من پسند مضمونن ۾ پڙ ٿيڻ لاءِ ڪاليج جي حدن کان ٻاهر ايڪسترا ٽيوشن حاصل ڪرڻ لاءِ به هنن جي مدد ڪري سگهان. منهنجي وڏي ڌيءُ جو رجحان اسلامي تعليم حاصل ڪرڻ ڏانهن رهيو آهي. تنهن ڪري ڪاليج مان امتيازي گريجيوائيشن کان پوءِ هنَ يونيورسٽي آف ڪراچي ۾ اسلامڪ لرننگ فيڪلٽي ۾ داخلا ورتي ۽ پوسٽ گريجوئيشن ڊگري حاصل ڪيائين.

وڏي پٽ امجد رسول جو ننڍي ڄمار کان مان تجزيو ڪندو رهندو هئس. هن جي سياءَ ذهني ۽ طبعي لاڙن مان مون کي جيڪي نتيجا ملندا هئا تن جي آڌار تي مان سمجهندو هئس ته هو سلجهيل، نهٺو ۽ هر ڪم ۽ ڳالهه ۾ گهڻو سهڪاري آهي ۽ پکين ۽ جانورن سان رحمدلي سان پيش اچي ٿو، تهن ڪري اهو ضرور ڊاڪٽر ٿيندو، ڪاليج ايجوڪيشن شروع ٿي ته معلوم ٿيو ته هو پنهنجي آئيندي جي تعليمي چونڊ ۾ پاڻ کي انجنيئر ڏسڻ پسند ڪري ٿو. توڙي جو سندس ان قسم جي خواهش منهنجي مرضيءَ موجب نه هئي پوءِ به ڪيس آزادي هئي ته هو پنهنجي لاءِ جيڪي

بهتر سمجهي اهو ڪري. وڏي ڪان پوءِ ٻيون نمبر نندي پٽ فرحان رسول بابت خيال هوندو هو ته هو اڳتي هلي هو ميڪينيڪل نه ته اليڪٽرانڪس جو شعبو چونڊي انجنيئر ضرور ٿيندو. ان خيال پٺيان گهڻا سبب هئا، هو اڪثر گهر جون ٽٽل ڀڳل شيون ٺاهي جوڙي ڪارآمد بڻائيندو رهندو هو. ريڊيو، ٽيپ رڪارڊر، ٽيليويزن ۽ اليڪٽرانس توڙي بجلي تي هلندڙ شين جي انسٽاليشن ۽ مرمت سرمت ڪندو رهندو هو. ذهني طور گهڻي ڀاڳي سندس لاڙو ٽيڪنيڪل ڪمن ۾ هو پر انٽرميڊيئيٽ ۾ هن پنهنجي لاءِ بائيولاجي جا مضمون ڪنيا ۽ پنهنجي زندگي جي ڊوڙ ۾ هو ڊاڪٽر ٿي ويو ۽ اهڙي طرح اسان جون اميدون اسان جا خيال ۽ اسان جا تجربا اسان وٽ ئي رهجي ويا.

وچين پٽ ڪان پوءِ وارو آيو نندي ڏيءُ جو، جنهن جي ٻالڪپڻي ڪان عادت هئي ٻارن کي ڪنٽرول ۾ ڪري، انهن کي شڪشا ڏيڻ. نندي هوندي هن پنهنجي گهر جي گيلرين کي هڪ درسگاهه جي شڪل ڏني هئي. اسڪول ڪان موٽي اچڻ ڪان پوءِ گهر وارن سان ماني ٽڪي ڪائي جڏهن گهر جا سمورا ڀاتي منجهند جو سوپو ننڊ ڪرڻ لاءِ ڪمرن ۾ هليا ويندا هئا ته هوءَ پنهنجي شاگردن کي سبق ڏيڻ لاءِ پنهنجي ڪلاس روم ۾ پهچي شاگردن کي سڏو ڪري پنهنجي اڳيان ويهاريندي هئي. سندس شاگردن ۾ گيلري ۾ رکيل گلن جون ڪونڊيون، ٻورچيخاني ۽ واش روم جون صندليون ۽ گهر ۾ رکيل نندا پاڻي جا ڊرم هوندا هئا. بس شام جو پنجين وڳي تائين انهن کي سبق پڙهائي پڪا ڪرائي ڪپڙن ڌوئڻ واري سوٽي سان انهن جي چنچري لاهيندي رهندي هئي پر پڙهائيندي ايڏو انهماڪ سان هئي جو سامهون فليٽن ۾ رهڻ واريون مايون ٻه مچينديون هيون ته اسان جي ڇوڪر اڳتي هلي ضرور ماسترياڻي ٿيندي.

اسڪول ايجوڪيشن ختم ڪرڻ کان پوءِ اسان هن کي پنهنجي مرضي تي سر سيد ڪاليج ۾ بائيولاجي پڙهڻ تي ويهاريو. هن جيئن تيئن ڪري سائنس ۾ انٽر پاس ته ڪئي پر اڳتي سائنس پڙهڻ کان انڪار ڪري ويني. پنهنجي اميدن کي دفن ٿيندو ڏسي سندس مرضي معلوم ڪئي سين ته ”يلا تنهنجي مرضي ڇا آهي؟“ وراڻيائين ته: ”مان ڪمپيوٽر جي تعليم حاصل ڪرڻ چاهيان ٿي.“ تنهان پوءِ اسان به هن جي مرضي موجب کيس تعليم ڏياري. ان کان پوءِ وارو آيو سڀ کان ننڍي پٽ عمير جو، جنهن کي اسان ننڍي هوندي ئي ڪنڊر ڪارٽن سسٽم آف ايجوڪيشن ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاريوسين. هو قدرتي طور ننڍي هوندي کان منهنجي فطرت ڏانهن لاڙو رکندڙ هو. اسان جي زماني 55-1950ع واري ۾ انهن ٻارن کي جيڪي اسڪول کيٻائي ويندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن وڃڻ کان نابري واري ويهندا هئا تن کي اسڪول طرفان آيل ٻار ٽنگو ٽالي ڪري کڻي ويندا هئا. اسان جو هي ٻار اسڪول ڏکيو ويندو هو، کيس مان پاڻ وڃي اسڪول جي در اندر ڪري ايندو هئس. سيڪنڊري ۾ جنهن اسڪول ۾ کيس داخل ڪيوسين ته سندس والده کي هن جو خاص خيال رکڻ لاءِ ان اسڪول ۾ ماستري ڪرڻي پئي. جڏهن ميٽرڪ پاس ڪري اتان نڪتو ته اسان ڪانئس اڳتي پڙهڻ جي مرضي پڇي ته هن پنهنجي خواهش ٻڌائي ته هو سائنس نه پر ڪامرس پڙهندو. اسان به باسم الله ڪري سندس مرضيءَ موجب کيس ڪامرس پڙهائي. ماشاءُالله ڪراچي يونيورسٽي مان ڪامرس ۾ گريجوئيشن ڪري ڪجهه تجارتي ادارن ۾ ڪم ڪرڻ کان پوءِ آءِ بيڪس انٽرنيشنل ۾ سٺي پوزيشن تي فرض انجام ڏئي رهيو آهي. منهنجي ٻارن جون تعليمي ميدان ۾ ڪاميابيون حاصل ڪرڻ ۽ رب سائين جي مهربانين سان پنهنجي سٺي زندگي گذارڻ پنيان رڳو اهو راز ڪارفرما آهي ته اسان انهن کي انهن جي خيالن ۽ انهن جي مرضيءَ مطابق زندگيءَ جا مقصد حاصل ڪرڻ جا موقعا

فراهم ڪياسين. باقي سات ته سيئي والدين پنهنجي ٻارن جو ڏيندا آهن، جيڪا هڪ عام ڳالهه آهي. ڏاهي خليل جبران جا قول اسان جي معاشري ۾ ٿورو ڪي گهٽو پڙهيل لکيل ماڻهن کي معلوم هوندا، جيڪي ڪاليج ۾انٽرميڊيئيٽ تائين پڙهيل هوندا. ڇاڪاڻ ته انٽر جي نصاب ۾ موجود هڪ مضمون ۾ خليل جبران جي اهڙن سماجي ۽ فيلسوفياڻن خيالن جو پليءَ پت اظهار موجود آهي.

1989ع وارو زمانو اهڙو هو جنهن ۾ اسان گهرجا سڀ ٻاتي زير تعليم هئاسين. ننڍا ٻار پرائمري ۾ هئا، وڏن ٻارن مان ڪي سيڪنڊري ۾ زير تعليم هئا، ته ڪي ڪاليج ۾. منهنجي گهر واري يونيورسٽي آف ڪراچي مان بطور پرائيويٽ اسٽوڊينٽ ماسٽرس جي امتحانن جي تيارين ۾ مصروف هئي ۽ مان بحيثيت اسڪالر جي ڪراچي يونيورسٽي ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي رٿابندين تي جاکوڙي رهيو هئس. اهو زمانو اسان جي زندگيءَ جو مصروف ترين زمانو هو. ڪاليج جون ڊيوٽيون، گهر سنڀالڻ، بيماري ٻڙي ڪي منهن ڏيڻ، آئي وئي جو خيال. مهمان داريون مطلب ته گهر جون سڀ ذميواريون اسان نڀائي رهيا هئاسين. انهن ڏينهن ۾ منهنجي والده جي فطري پيس ميڪر جي خراب هجڻ ڪري منهنجي والده جي صحت مسلسل فڪر جوڳي رهندي هئي. ڪجهه وقت اڳ مون پنهنجي ننڍي ڀاءُ غلام اڪبر جي شادي سکر جي ڳوٺ ڇڪ مان پنهنجي ماسڙ جي گهران ڪرائي هئي. تنهن ڪري شاديءَ کان پوءِ اهو ٻه لاڙڪاڻي لڏي هليو ويو هو، جتان وري هن وجي دادو ضلعو وسايو ۽ پنهجي زندگي گذارڻ ۽ پنهنجن ٻچڙن کي پڙهائڻ ۾ مصروف ٿي ويو. خير سان منهنجي گهر واري پوليٽيڪل سائنس ماسٽرس پرائيويٽ امتحان ۾ ڪامياب ٿي. ان ڪاميابيءَ کان پوءِ هو يڪسوئي سان پنهنجي گهرو معاملن ۽ مصروفيتن کي منهن ڏيڻ ۾ لڳي وئي پر والده جي سيريس ڪنڊيشن جي هجڻ ڪري اسان گهر جا سڀ ڀاتي گهڻو فڪرمند

رهندا هئاسين. آئون پنهنجي والده کي علاج لاءِ نيشنل ڪارڊيو ويسڪيولر اسپتال وٺي ويندو هئس، جتي ڪارڊيو ۾ پيس ميڪر جو اسپيشلسٽ ڊاڪٽر حق ڪيس ڏسندو ۽ علاج ڪندو هو. جڏهن والده جي طبيعت لاڳيتو ڪرندي وئي ۽ هن جو بظاهر جيئڻ مشڪل ٿي پيو تہ ڊاڪٽر حق هن جي پيس ميڪر تبديل ڪرڻ جو اشارو ڏنو.

اسان ڊاڪٽر سان سهمت ٿي سندس آپريشن ڪرائي لائف ٽائم پيس ميڪر لڳرايو. تنهن ڪان پوءِ ڪو وقت والده صاحبہ خوش هئي پر هڪ مرض ڇٽو هو تہ ڪيس وري ٻئي مرض اچي ورايو. جنهن جي شدت هن جي زندگي جا ڏهاڙا پورا ڪري ڇڏيا ۽ هوءَ هميشه لاءِ اسان کي داغ مفارقت ڏئي هي جهان ڇڏي وئي. اِناللهِ وَ اِنا عِليهِ راجِعُونِ.

مون پنهنجي ٿيسز مڪمل ڪري ڊاڪٽر اياز حسين قادري کي پيش ڪئي، ڪجھ ڏيهن مطالعو ڪري مون کي چيائين تہ هاڻي تنهنجو ڪم ميچوئر ٿي چڪو آ، بس ٽائپ ڪرائي اچ تہ جمع ڪرايون. ٿيسز جي ٽائپ ڪرائڻ ۾ ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ جي مدد ورتم، جنهن سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي ٽائپسٽ سان ملايو ۽ ڪيس پارت ڪيائين تہ جيستائن سائين جي ٿيسز مڪمل نہ ڪرين، تيسن ٻئي ڪنهن جي ٿيسز جو ڪم نہ ونجانءِ. هن همراھ مهنجو ڪم خاص ڌيان سان ڪري ٽن مهينن ۾ مڪمل ڪري ڏنو ۽ مون ڪراچي يونيورسٽي مان جلد بندي ڪرائي ڊاڪٽر اياز حسين وٽ شاھ عبداللطيف چيئر ڪٽي ويس. ٿيسز کي مجلد ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو هاڻي وڏيڪ ڪم منهنجو آ، تون وڃي رلي پائي سمهي پئو.

تعليم جي وڏن مرڪزن، وڏن ايوانن ۽ اعليٰ ترين ادارن يونيورسٽين ۾ جيڪي ڪجھ هلي ٿو، وهي واپري ٿو تنهنجي ذري ڪڏهن ظاهر ٿي تہ روح ڪنبي ٿو وڃي. پاڪستان ٽيليويزن تي

منهنجي عزيز دوست بشير احمد سان هڪ واقعو پيش آيو. هو پنهنجي شعر ۽ شاعري جو پروگرام ڪري اچي پروگرام پروڊيوسر وٽ وينو ئي مس هو ته هڪ اسڪالر آفيس ۾ داخل ٿيندي پروڊيوسر کي چيو ته ”شاد“ صاحب کي ان پروگرام جو ڪو معاوضو نه ملڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته هن جيڪو شعر پڙهيو آهي اهو منهجو لکيل آهي.

”شاد“ صاحب جون هيڻيون هيٺ ۽ مٿيون مٿي. مون کي سئو سيڪڙو پڪ هئي ته ”شاد“ ايئن ڪري نٿو سگهي. ههڙا هاجا ٿين بري هن يڻيور ۾؟ مون کي ٿيسز جمع ڪرائڻ کان پوءِ ڪيترا وسوسا ۽ خطرا لاحق ٿيڻ لڳا. يونيورسٽيون وڏي مان مريادي وارا ادارا جن ۾ ملڪ جا اعليٰ تعليم يافته پروفيسر اسڪالر ڊاڪٽر ڊين وينا آهن پوءِ به ڏڙا، گروپ، ذاتيات، ذاتي ويري بازيون اهو سڀ ڪجھ اتي موجود آهي، جيڪو عام ادارن ۾ آهي. مهيني اڌ گذرڻ کان پوءِ قادري صاحب سان ملاقات لاءِ ويندو هئس ته يونيورسٽي جي هوائن ۾ اهي هاواٽان پيا ٻڌجڻ ۾ ايندا هئا ته، سومري لاڙڪاڻي جي ادبي تاريخ لکي آ پر لاڙڪاڻي جو هڪ اسڪالر ته اڳ ۾ لکي چڪو آهي. بس اهڙي قسم جا شبهات پکيڙيا پئي ويا. ڪجھ اهڙيون ٻيون ڳالهيون منظر تي پکڙجڻ لڳيون. يونيورسٽين ۾ به ”يے تيرے پراسرار بندے“ رهن ٿا، جن جون ڳجهون پراسرار سرگرميون انهن جا پڙاڏا ۽ پاچولا در و ديوارن ۽ ڪاريڊورس جي وراڪن ۾ لهرا ڏيندا وتن ٿا. اهڙي قسم جي حملن کان مون کي سدائين خوف رهندو هو. بهرحال انڌوڪار لٿو ته خبر پئي ته وڏي مار جي جاءِ تي ننڍي مار ملي آ. اسان شاگردن غريبن کي پنهنجي ڪن ڪرتوتن جي سزا نٿي ملي پر اها جنگ، جهيڙو اصل ۾ سانن جي وچ ۾ هوندو آهي، جن جي ڊينگا مستي ۾ اسان جهڙا ٻوڙا پٽجي زمين تي ڪرن ٿا. منهنجي ٿيسز ايووليشن لاءِ هڪ اهڙي فقرائن جي فقرا صوفين جي سردار ڏي موڪلي وئي جنهن سنڌي ڊپارٽمينٽ

جي ڪيترن اسڪالرس کي پنهنجي شعبي ۾ پير کوڙڻ مشڪل سان ڏنا هئا.

ڇهه مهينا رکي سينڊيڪيٽ نوٽس جاري ڪيو ته جنهن ممتحن ڏي ٿيسز موڪلي وئي هئي تنهن وٽ وقت ڪونهي. تنهن ڪري هاڻي ايندڙ ميٽنگ ۾ ڪنهن ٻي پير ڏي تنهنجي ٿيسز موڪلي ويندي. سينڊيڪيٽ جي اجلاس ۽ اجلاسن جي ڪارروائن کي ڇهه ڇهه مهينا لڳي ويندا آهن. اهڙي طرح 1990ع ۾ جمع ڪيل ٿيسز اهڙي رولڙي واري پروسيس ۾ اچي وئي جو ان جي ٻئي امتحان جو وارو 1992ع ۾ آيو ۽ خير سان ساڳي سال مون کي ڊگري ايوارڊ ٿي.

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book


جيءُ جياريو جن
(شخصيتون) ڊاڪٽر غلام رسول سومرو
مرڪ پبليڪيشن ڪراچي
140
ڊاڪٽر غلام رسول سومري صاحب جو 2020ع ۾ ڇپيل ڪتاب ”ضلعي لاڙڪاڻي جي ادبي تاريخ ورهاڱي کان اڳ“ جيڪو اصل ۾ سندس پي ايڇ ڊي جو مقالو آهي. اهو مون ويهارو ورهيه کن اڳ مسودي جي صورت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري حيدرآباد جي لائبريريءَ ۾ پڙهيو هو ته جيئن ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر پاران 2002ع ۾ منعقد ٿيندڙ ”قنبر سيمينار“ ۾ پنهنجي مقالي لاءِ مددي مواد حاصل ڪري سگهان. ڊاڪٽر غلام رسول سومري جو اهو هڪ بهترين تحقيقي ڪتاب آهي. مون کي حيرت ٿيندي آهي ته ايڏو وقت گذري وڃڻ باوجود منهنجي ڊاڪٽر غلام رسول سومري صاحب سان روبرو ملاقات ناهي ٿي. جيتوڻيڪ لڳندو آهي ته اسان جون انيڪ ملاقاتون ۽ ڪچهريون ٿيل آهن. گهڻو ڪري ته اپڻ سڪ ۽ قرب سبب ٿي ٿيندو آهي. جيڪو اسان هڪ ٻئي لاءِ محسوس ڪندا آهيون. هڪ وڏيڪ سبب اهو به ٿي سگهي ٿو ته اسان ٻنهي سان تمام گهڻو سلهاڙيل ۽ سڪ جي سڳي ۾ پوئيل سائين ڊاڪٽر بشير احمد شاد ۽ پيارو ڊاڪٽر احسان دانش به آهن جن محبت پرٽي پل جيان اسان کي اڻ ملي ٿي ملائي رکيو آهي. اميد ته هڪ نه هڪ ڏينهن ضرور اسان جي ملاقات ٿيندي!
ڊاڪٽر غلام رسول سومري گذريل ٻن ٽن سالن ۾ تسلسل سان پنهنجين ساروڻين، پاڻ سان واسطي ۾ آيل شخصيتن ۽ ٻين سماجي ۽ ثقافتي موضوعن بابت لکيو آهي. ان سلسلي ۾ سندس ٻه ڪتاب ”سنڌوءَ ڪناري ساروڻيون“ ۽ ”ڳالهيون ڪتابا جي وڻ وڻڪار جون“ پڻ ڇپيل آهن. پهرئين ڪتاب ۾ هن پنهنجي جيون ڪتا جا ورق ورائيندي يادگيريون لکيون آهن ۽ ٻيو ڪتاب ڪتابا ۾ گذاريل ڏينهن جي واقعن ۽ مشاهدن تي مشتمل آهي. ٻئي ڪتاب پڙهندڙن لاءِ معلومات ۽ دلچسپيءَ جو باعث آهن.
ڊاڪٽر سومري جو لکيل ٽيون ڪتاب ”جيءُ جياريو جن“ سندس ساروڻين سميت خاص طور انهن شخصيتن بابت آهي جن جو سنڌس زندگيءَ ۾ اهم ڪردار رهيو آهي يا جن سان سندس گهڻي ويجهڙائي ۽ قربت رهي آهي. جڏهن ته ڪن ٻين عوامي ڪردارن جون وڻندڙ ڳالهيون پڻ هن ڪتاب ۾ محفوظ ڪيون آهن. انهن سمورين شخصيتن جي حياتين جي احوالن ۾ مختلف واقعن مان ويجهي دور جو تاريخي احوال پڻ معلوم ٿئي ٿو. جنهن سان هن ڪتاب جي اهميت گهڻي وڌي وڃي ٿي. ڊاڪٽر صاحب جي لکڻ جو انداز منفرد، سهڻو ۽ وڻندڙ آهي. مان ڊاڪٽر غلام رسول صاحب کي هن ادبي پورهئي تي دلي مبارڪون پيش ڪريان ٿو.
- ڊاڪٽر رياضت برڙو
ISBN# 978-969-7958-64-1
RS. 450/-